# مهراڻ



پير حسام الدين راشدي نمبر

١٩٨٣/١ع

Gulhayat Institute


Gul Hayat Institute

تارن ڀريو آسمان

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٣٢] جنوري، فيبروري، مارچ ١٩٨٣ع [نمبر ١

## پير حسام الدين راشدي نمبر

نگران

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

ناشر

غلام رباني آگرو

ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

پاڪستان

قرآن ڪريم جون مقدس آيتون ۽ نبي ڪريم ص
جون حديثون ديني معلومات لاءِ شايع ڪيون وڃن
ٿيون. انهن جو احترام اسان جو فرض آهي،
ان ڪري جن صفحن تي اهي آيتون يا حديثون
هجن، تن کي اسلامي طريقي مطابق، بيحرمتيءَ
کان محفوظ رکيو وڃي.

هي پرچو: ۱۵-۰۰ رپيا
ساليانو چندو: ۴۰-۰۰ رپيا

---

ملڻ جو هنڌ
سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال
سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس، ڄامشورو
جي-پي-او باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ

Gul Hayat Institute

فون نمبر:
مهراڻ آفيس ۽ بوڪ اسٽال 23888/6
هيڊ آفيس 71176
پريس 24264

Printed and Published by Ghulam Rabbani A. Agro, Secretary Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Tilak Incline, Hyderabad, Sind.

# گذارش

سنڌي ادبي بورڊ، وڏي احترام ۽ ادب سان، سنڌ جي مايہ ناز اهل قلم ۽ پنهنجي مربي ۽ محسن، پير حسام الدين راشدي (مرحوم) جي ياد ۾ ”مهراڻ“ جو هي ”خاص نمبر“ سندن پهرين ورسيءَ جي موقعي تي شايع ڪري رهيو آهي.

پير صاحب جن صديءَ جي تقريباً هڪ چوٿائيءَ جيترو عرصو سنڌي ادبي بورڊ جي پاليسي تشڪيل ڏيندڙ بورڊ آف گورنرس جا ميمبر رهيا. سنہ ١٩٥٤ع ۾ پاڻ پهريون دفعو بورڊ جا ميمبر مقرر ٿيا هئا ۽ وچ ۾ ڪن جزوي وقفن ڪان سواءِ، سنہ ١٩٧٦ع تائين مسلسل بورڊ جا ميمبر رهندا آيا. انهيءَ طويل وابستگي سبب بورڊ جي ڪم تي سندن سوچ جي گهري ڇاپ آهي. هوئنن تہ پاڻ ملڪ جي ٻين بہ متعدد ادارن سان بہ ٿوري يا گهڻي عرصي لاءِ وابستہ رهيا، پر سنڌي ادبي بورڊ سان سندن تعلق خاص الخاص هو. بلڪ حقيقت اها آهي تہ پير صاحب ۽ سنڌي ادبي بورڊ هڪ ئي ڳالهہ هئي. اهو ئي سبب آهي جو ڪن ٿورڙن ڪتابن کي ڇڏي، باقي سندن سمورا ڪتاب بہ بورڊ جا ئي شايع ٿيل آهن. پاڻ ڪجهہ عرصو بورڊ جا ”باضابطي اسڪالر“ بہ مقرر ٿيا هئا ۽ انهيءَ ئي زماني ۾ هن ئي مهراڻ رسالي جا اعزازي ايڊيٽر بہ رهيا هئا. بورڊ جي اڪثر ملازمن سان سندن شخصي قرب جا ناتا هئا. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي (موجوده چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ) جو چوڻ آهي تہ ”مان جڏهن ديوبند مان علم جي تحصيل ڪري گوٺ پهتس، تڏهن پهريون پهريون شخص، جيڪو مون کي مبارڪ ڏيڻ آيو، سو پير صاحب هو. سياري جي مند هئي، اسان ٻئي نوجوان هئاسون ۽ پهراڙي جي دستور موجب، بَنـدِ ٻاري، سچ جي پرسان رات جو دير دير تائين ڪچهري ڪئيسون، اها ڳالهہ اڃا سنهنجيءَ دل تي نقش آهي.“

ساڳيءَ ريت، مسٽر غلام ربانيءَ (بورڊ جي موجوده سيڪريٽري) سان پير صاحب جو قرب هڪ عالم آشڪار ڳالهہ آهي. جيڪڏهن ائين چئجي تہ رباني صاحب سان پير صاحب جو پنهنجي گهر جي ڀاتين وارو سلوڪ هو، تہ ان ۾ ڪو بہ وڌاءُ ڪونهي. رباني صاحب فخر سان چوندو آهي تہ منهنجي ذهني نشو و نما ۾ پير صاحب جو وڏو هٿ آهي.

اهڙيءَ ريت، مون کي بہ ان ڳالهہ تي فخر آهي تہ مون تي بہ پير صاحب جي مهر ۽ محبت واري نگاهہ هئي. ٻين ڪيترن ئي مهربانين کان علاوه منهنجي شاديءَ ۾ خاص طرح پاڻ جيڪا شفقت فرمايائون اها مون کان ڪڏهن بہ وسرڻ جي نہ آهي.

مهراڻ جو هي خاص نمبر محترم غلام رباني ۽ مون، سائين علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن جي دعا سان ترتيب ڏنو آهي. ان جي ڇپائيءَ جو ڪم محترم الله بچائي، مئنيجر سنڌي ادبي بورڊ پريس ۽ سندس رفيقن وڏي چاهہ سان سرانجام ڏنو آهي. نہ رڳو ان ڪري جو هو بورڊ جا فرض شناس ملازم آهن، پر ان ڪري بہ جو جيئن مٿي عرض ڪيو ويو آهي تہ پير صاحب جا بورڊ جي ملازمن سان براه راست قرب جا ناتا هوندا هئا. پاڻ مسٽر الله بچائي سان محبت ڪندا هئا ۽ کيس سڪ سان "ميان صاحب" ڪوٺيندا هئا.

اسان اهو ڇئي ڪونہ ٿا سگهون تہ اسان پير صاحب جي ياد ۾ هڪ شاهڪار نمبر شايع ڪيو آهي. پر اسان ان کي سٺي کان سٺو بنائڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي. عام لکندڙن کي اپيل ڪرڻ کان علاوه، اسان پير صاحب جي خاص دوستن ۽ احبابن کي خط پٽ لکيا ۽ باربار يادگيري ڏياري. انهن مڙني ڪوششن وسيلي جيڪو بہ مواد مليو، اهو سنواري، سينگاري، پڙهندڙن اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. اميد اٿئون تہ ان کي قبوليت جو شرف نصيب ٿيندو ۽ مستقبل جي محققن کي موجوده دؤر جي مشاهيرن ۽ پير صاحب جي شخصيت تي قلم کڻڻ ۾ هي خاص نمبر ڪم ايندو.

اسان محترم حسين شاهہ راشديءَ جا نهايت شڪرگذار آهيون، جنهن هن نمبر جي اشاعت ۾ اسان سان ڀرپور تعاون ڪيو ۽ مرحوم پير صاحب جي ڪاغذن مان گهربل خط ۽ تصويرون عنايت ڪيون.

—— نفيس احمد شيخ

Gul Hayat Institute

# فهرست

• ڪي يادگار تصويرون ۽ خط

• **مضمون**

| | | |
|---|---|---|
| ١. حسام الدين مرحوم، حسام الدين ڪيئن بڻيو! ... | پير علي محمد راشدي | ١ |
| ٢. حسام الدين راشدي — هڪ انسان، هڪ عالم ... | بيگم ممتاز راشدي | ٢٢ |
| ٣. پير سيد حسام الدين شاهه راشدي ولد سيد محمد حامد شاهه راشدي ... | سيد غلام مرتضيٰ شاهه | ٢٧ |
| ٤. آهه! حسام الدين ... | رئيس ڪريم بخش نظاماڻي | ٣٢ |
| ٥. آهه! راشدي ... | ڊاڪٽر سدارنگاڻي "خادم" | ٣٩ |
| ٦. علم جو عاشق — حسام الدين راشدي ... | جي. الانا | ٤٣ |
| ٧. سيد حسام الدين راشدي — بحيثيت محقق ۽ مورخ ... | قريشي حامد علي خانائي | ٤٦ |
| ٨. پير حسام الدين راشدي — هڪ سچاڻ محقق ... | ڊاڪٽر غلام علي الانا | ٥٩ |
| ٩. صاحبِ فضيلت — حسام الدين راشدي ... | ڊاڪٽر سيد عبدالله | ٦٥ |
| ١٠. پير حسام الدين راشدي بيت الضياء ڪان الحمرا تائين ... | ڊاڪٽر رياض الاسلام | ٦٩ |
| ١١. پير حسام الدين — منهنجو قدردان ... | اعجاز الحق قدوسي | ٧٨ |
| ١٢. بي تعصبي، محبت، صداقت، محنت، لياقت ۽ عظمت جي علامت ... | جميل الدين عالي | ٨٢ |
| ١٣. سچائيءَ جو سج — حسام الدين راشدي ... | پريشان خٽڪ | ٨٥ |
| ١٤. منهنجو محسن، منهنجو رهبر — راشدي صاحب ... | ڊاڪٽر نواز علي شوق | ٨٨ |
| ١٥. پيهي جن پروڙيو ... | رشيد ڀٽي | ١٠٢ |
| ١٦. منهنجو مهربان، سنڌ جو وڏو محقق ۽ مورخ پير حسام الدين راشدي ... | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | ١٠٧ |
| ١٧. پياري پير حسام الدين راشديءَ جي ياد ۾ ... | سيد صباح الدين عبدالرحمان | ١٢٣ |
| ١٨. پير حسام الدين، منهنجو دوست ... | حڪيم محمد سعيد | ١٣٨ |
| ١٩. اسان جو پير صاحب ... | ڊاڪٽر جميل جالبي | ١٤١ |
| ٢٠. پير حسام الدين راشدي — اسان جي قديم تهذيب جو نقيب ... | مرزا نظام الدين بيگ | ١٤٥ |
| ٢١. هالاري هليا ويا ... | الياس عشقي | ١٥٠ |




Gul Hayat Institute

نہ سي ۋڙُڻ وڻن ۾، نہ سي ڪاتياريون،
پسئو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي!

— ڀٽائي رح

نذرانہِ عقيدت

غلام رباني

Gul Hayat Institute

# بنام جهاندار جهان آفرين

هن ڌرتيءَ تي اسان جو هي ننڍڙو جهانُ، تارن ڀريي آسمانَ واري وڏي، ويڪري ۽ وسيع جهان َکان جدا ڪونهي ـــ بلڪ ان جو ئي هڪ ننڍڙو حصو، ذرو ۽ پرزو آهي.

اسلامي دنيا جو هاڪارو حڪيم، فلسفي، سائنسدان، مدبر ۽ موسيقار، ابن سينا ڪڏهن ڪڏهن شعر به چوندو هو. پنهنجي هڪ شعر ۾ تارن ڀريي آسمان کي خطاب ڪندي چيو اٿس:

"چمڪندڙ تارن سان جَڙيل نيرا گنبذ، اي آسمان!
خدا جي واسطي مون کي ٻڌاء ته سهي
ته تون پنهنجيءَ مرضيءَ سان هميشه متحرڪ آهين
يا، ڪنهن حڪم هيٺ دائمي گردش ۾ آهين!"

ابن سينا وارو اهو سوال انساني ذهن ۾ ابتدائي آفرينش کان اج ڏينهن تائين ڪيئي سوال اٿاريندو رهيو آهي.

اسان جي جهان ۾، هر روز، هزارين ۽ لکين انسان ڄمن ٿا ۽ مرن ٿا. پر انسان پيدا ڇو ٿو ٿئي ۽ مري ڇو ٿو؟

اهو سوال به روز ازل کان اج ڏينهن تائين انساني ذهن ۾ سوين سوال اٿاريندو رهيو آهي.

جيئن نيري تارن ڀريي آسمان ۾ هڪڙا تارا پنهنجي جمال ۽ جوت سببان ٻين کان وڌيڪ روشن آهن، تيئن هن جهان ۾ به هڪڙا انسان پنهنجي قول ۽ فعل جي سونهن سبب ٻين انسانن کان منفرد ۽ ممتاز آهن.

پير حسام الدين راشدي ويهين صدي سنڌ جي آسمان جو هڪ روشن تارو هو.

Gul Hayat Institute


Gul Hayat Institute

**تارن پریو آسمان**

هو سنڌونديءَ جي ساڄي ڪناري سان، ٻهمڻ ناليءَ هڪ ڳوٺڙي ۾، سڪيي سڪابي پيراڻي گهر ۾ پيدا ٿيو.

سندس ڏاڏو، سيد پير شاهه سنڌ جي مثالي بزرگن وانگر وڏيءَ ڏيا وارو ماڻهو هو. چون ٿا ته تر ۾ سندس حشمت ۽ هڪل جي ڌاڪ ويٺل هئي.

سيد پير شاهه سنڌ جي برگزيده شخصيت پير محمد راشد روضي ڌڻيءَ جو اولاد هو، جنهن جي ناليءَ پٺيان هاڻي سڄو خاندان ”راشدي“ سڏجي ٿو.

Gul Hayat Institute



پيرُ سيد پير شاهه

پانئجي ٿو تہ پير حسام الدين راشديءَ جي نند پڻ ۾ ڊاضابطي نموني ۾ تعليم ۽ تربيت ڪانہ ٿي سگهي. پر، هن پنهنجيءَ همت، حوصلي ۽ محنت سان علم جي جستجو ڪئي.

شروعاتي دور ۾ شعر، افسانا ۽ مضمون لکيائين. ڪجهہ وقت اخبار نويسي بہ ڪيائين. رفتي رفتي هو سنڌ جي تاريخ ڏانهن متوجهہ ٿيو. جڏهن زندگيءَ جا پنجاهہ ورهيہ پورا ڪري چڪو هو، تڏهن سنڌ جي تاريخ جو عالم تسليم ٿي چڪو هو.

حياتيءَ جي آخرين حصي ۾، سنڌ جي تاريخ تي پير صاحب جو قول سند جي حيثيت رکندو هو.

سنڌ، پاڪستان، افغانستان ۽ ايران بابت قومي ۽ بين الاقوامي مذاڪرن ۾ سندس نشست صف اول جي عالمن ۾ هوندي هئي. اهڙن ڪن اهم اجلاسن جي ملڪ جي اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر صدارت بہ ڪيائين.

ملڪي ۽ غير ملڪي حڪومتن، سندس علمي مرتبي کي تسليم ڪيو ۽ کيس تمغا، علمي اعزاز، انعام ۽ اڪرام ڏنا.

Gul Hayat Institute



سنڌ سيمينار ١٩٧٥ع ۾، آمريڪا جو نمائندو، مسٽر ڏنڪسٽن ويلر پنهنجو مقالو پڙهي رهيو آهي.
اجلاس جي صدارت پير حسام الدين راشديءَ ڪئي ۽ سيڪريٽريءَ جا فرائض ڊاڪٽر اسدالله شاهہ حسينيءَ سرانجام ڏنا.

پير صاحب هوندي نه مشرق ۽ مغرب ۾ سفر ڪيو ۽ نوان نوان ملڪ ڏٺا، پر ايران ڪيس گھڻو وڻيو. ايراني عالمن ۽ تاريخ نويسن سان سندس دوستانه تعلقات قائم ٿيا. خود شهنشاهه سندس معترف ٿيو ۽ ڪيس ايران جو وڏي ۾ وڏو اعزاز "نشان سپاس، درجه اول" ڏنائين.

پير صاحب جو ايراني حڪومت تي ايڏو اثر هو، جو پاڻ جيڪا سفارش ڪندو هو، ان تي ايراني حڪومت فوراً عمل ڪندي هئي.

ڪراچيءَ ۾ "ايراني خانه فرهنگ" ته ڪنهن زماني کان قائم ٿيل هو، پر حيدرآباد وارو مرڪز ايران جي وزير ثقافت آقاي پهل بد، پير صاحب جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ قائم ڪيو.

Gul Hayat Institute



خانه فرهنگ ۾ آقاي پهلبد جي پير صاحب سان گڏ آمد.
حسين شاه، نواب نوراحمد لغاري (مرحوم)، آقاي ڪيوان شڪوهي ۽ آقاي جوان به
تصوير ۾ نمايان آهن.

Gul Hayat Institute

پير حسام الدين راشدي يار ويس، مهمان نواز، مجلسي، محبتي ۽ مٺو ماڻهو هو. ڪاوڙبو هو ته پوءِ ”حسام بي نيام“ جي جهلڪ ڏيندو هو، نه ته هونئن سنڌي محاوري موجب، خالص مکڻ ماکيءَ مان ٺهيل هو. کل ڀوڳ جو ڪوڏيو، سٺي کاڌي ۽ سٺي لباس جو شوقين، وضعدار، بردبار ۽ با اخلاق، ڏکي نظر ۽ ڳڻ ڳوت ڪرڻ وارو دلنواز دوست هو.

پاڻ عالم هو ۽ عالمن جو قدردان هو. سندس گهڻو ٽڻو وقت ڪتبخاني ۾ گذرندو هو. پر سندس سمهڻ جي ڪمري ۾ به ڪتاب ئي ڪتاب هوندا هئا. ڪتابن کان پوءِ ٻئي نمبر تي جنهن ڳالهه جو کيس گهڻي ۾ گهڻو شوق هو، سا هئي فوٽوگرافي. زندگيءَ جي پوين سالن ۾ سنڌي راڳ به وڏي چاهه سان ٻڌندو هو.

انساني فطرت ڪمزورين کان خالي ڪانهي. پير صاحب ڪي به پنهنجا گڻ ۽ اوگڻ هوندا. پر ڪاٿو ڪبو ته پاڻ انسانذات جي انهيءَ گروه ۾ نظر ايندو، جنهن لاءِ ڀلاري ڀٽائيءَ فرمايو آهي:

”ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اڇي بوءِ بهار جي.“

Gul Hayat Institute



پير صاحب، عاشق جتوئي ۽ غلام رباني.

Gul Hayat Institute

پير صاحب جي خانگي زندگيءَ ۾ وڏو خلا هو، انڪري زندگيءَ ۾ ڪيس تنهائيءَ جو احساس ستائيندو رهيو. بيحد حساس طبيعت هو، سو سندس آجايل اکڙيون ڪڏهن ڪڏهن ڇلڪي به پونديون هيون. پر ڪيس غم برداشت ڪرڻ جو وڏو حوصلو هو!

اولاد جي نعمت کان محروم هو. وڏي ڀاءُ جي وڏي پُٽَ ۽ وڏيءَ نياڻيءَ کي گود وٺي پاليو هئائين ۽ پنهنجي حقيقي اولاد جون سڀ تمنائون ساڻن ئي وابسته ڪيون هئائين. جيڪي ماڻهو پير صاحب کي ويجهو هئا، تن کي معلوم آهي ته هو حسين شاهه ۽ حسنا بيبيءَ سان ڪيڏو نه پيار ڪندو هو!

هڪ دفعي، ڪنهن دوست سان ڪچهري ڪندي، پنهنجي تنهائيءَ جو ذڪر ڪيائين ۽ نياڻيءَ جي شاديءَ کان پوءِ پنهنجيءَ روزمره جي زندگيءَ ۾ درپيش ايندڙ مسئلن جي شڪايت ڪيائين. هن ڪيس ڪا چڱي صلاح ڏيندي چيو ”هن ريت اوهان پنهنجيءَ نياڻيءَ جي غير موجودگيءَ سببان پيدا ٿيل خلا کي پُرڻ جي ڪوشش ڪريو.“

اهو ٻڌي، هو خاموش ٿي ويو ۽ ڏک ۾ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين. ڪجهه دير کان پوءِ ٿڌو ساهه ڀري چيائين:

”ڀاءُ، اهي وڻ به ويا، واهيرا به ويا!“

جڏهن ڪنڌ مٿي ڪيائين، تڏهن سندس اکيون ڳوڙهن سان ڀرپور هيون.



پير صاحب پنھنجي والده ۽ نياڻيءَ سان

Gul Hayat Institute

پير صاحب، حياتيءَ جي پوين ڏينهن ۾، سنڌ جي مڃيل، متبرڪ، قداور شخصيت هو. سنڌ جو نوجوان نسل وڏيءَ عقيدت ۽ آڪير سان فقط پيار جا ٻه ٻول ٻڌڻ لاءِ ڏانهس واجهائيندو هو. پر، جڏهن پير صاحب پنهنجن ڌوڙي پراون ۾ عزت ۽ محبت جو ايڏو اعليٰ ۽ ارفع مقام حاصل ڪيو، عين انهيءَ وقت قسمت ڪيس زهر سان ڀريل هڪ پيالو پياريو — هو ڪينسر جي مرض ۾ مبتلا ٿيو!

هاڻ جڏهن حياتيءَ جو ساڻ پڄري آيو اٿس، ته دل غم ۽ گوندر ۾ ويڙهجي ويئي اٿس. ويهه ورهيه اڳ دل جي عارضي سبب جيڪا سگريٽ نوشي ڇڏي هئائين، سا ڊاڪٽرن جي منع جي باوجود وري شروع ڪئي اٿس.

ٻهراڙيءَ ۾ سنجها ويل جڏهن مايون پنهنجن گهرڙن ۾ چلهه ٻاريندڙيون آهن، تڏهن گهر گهر مان نڪرندڙ دونهين جي ڏار، جڻ ته سج لهڻ جو خاموش اعلان هوندي آهي. پير صاحب جي آڱرين ۾ جلندڙ سگريٽ مان نڪرندڙ دونهين جي ڏار به جڻ ڪنهن لهندڙ سج جو اطلاع آهي!

پير صاحب ڪينسر جي علاج لاءِ ماسڪو ۽ لنڊن به ويو. پر حياتيءَ جي گهڙيال ڪي چاٻي فقط هڪ دفعو ايندي آهي.

جڏهن هي جهان ڇڏيائين، تڏهن قومي ۽ بين الاقوامي علمي مرڪزن تي غم جا ڪڪر ڇانئجي ويا. پاڪستان جي صدر، سنڌ جي گورنر، ملڪي مشاهيرن ۽ اديبن سندس علمي خدمتن کي ساراهيو ۽ خراج عقيدت پيش ڪئي. سنڌي ادبي بورڊ هڪ ڏينهن لاءِ پنهنجون آفيسون بند ڪيون.

Gul Hayat Institute



پير صاحب ۽ عبدالله ورياه

پاڪستاني پريس، ٽي- وي- ۽ ريڊيو، بي- بي- سي، وائيس آف امريڪا، آل انڊيا ريڊيو، ايران ريڊيو، اولهه جرمني ريڊيو ۽ ماسڪو ريڊيو سندس ياد ۾ خصوصي پروگرام نشر ڪيا. روسي سفيرُ، غمزده خاندان سان همدرديءَ لاءِ، اسلام آباد کان ڪراچيءَ آيو، جتي بعد ۾ ”فرينڊشپ هائوس“ ۾ تعزيتي جلسو پڻ ٿيو. خيرپور ۾ ٿيل هڪ باوقار جلسي ۾، جسٽس سيد غوث علي شاهه، وزير تعليم ۽ ثقافت سنڌ، مرحوم پير صاحب جي علمي خدمتن جي اعتراف طور، سندس پوٽي، ننڍڙي علي رضا کي، گولڊ ميڊل گلي ۾ پارايو.

Gul Hayat Institute

قومون پنهنجن مشاهيرن سان سجاپنديون آهن. جنهن سنڌ قانع، قليچ ۽ گربخشاڻيءَ جهڙن عالمن ۽ اديبن کي جنم ڏنو، ان سنڌ جي ڪک خالي ڪيئن رهندي!

سنڌ ماضيءَ ۾ به وڏا ماڻهو پيدا ڪيا آهن ۽ مستقبل ۾ به وڏا ماڻهو پيدا ڪندي رهندي.

پير حسام الدين راشدي ايندڙ هر دور ۾ سنڌ جي علم ۽ عظمت جو يادگار رهندو. هو سونهاريءَ سنڌ جو صحيح معنيٰ ۾ عظيم فرزند هو. سنڌ جي نسل در نسل جو مٿس سلام رهندو!

Gul Hayat Institute



پير حسام الدين راشدي

پير صاحب تقريباً مني صدي هڪ ڀرپور زندگي گذاري. سندس شخصي ۽ علمي لاڳاپا تمام گهڻو ڦهليل ۽ چوڌس پکڙيل هئا.

سنڌ ۾، پاڪستان ۾، هندستان ۾، ايران ۾، افغانستان ۾ ۽ يورپ ۽ آمريڪا جي مشرقي علومن وارن مرڪزن ۾، سندس دوستن ۽ مداحن جو وڏو تعداد هو. تاهم، سندس قريبي حلقي جي ڪن مانوس چهرن جي آسانيءَ سان نشاندهي ڪري سگهجي ٿي. انهن ۾ سر فهرست غالباً، ممتاز حسن جو ئي نالو ايندو. پر پير صاحب بيڊ روم ۾ سندس سيرانديءَ کان پنهنجن گهر جي ڀاتين سان گڏ ٽن دوستن جون به تصويرون نظر ايندڙيون هيون. اُهي هئا آغا بدرالدين دراني، ڊاڪٽر شمل ۽ نواب نور احمد خان لغاري.

Gul Hayat Institute




پير صاحب ۽ ممتاز حسن

Gul Hayat Institute



پير صاحب ۽ ڊاڪٽر شمل



١. پير آفتاب جيلاني ٢. پير صاحب ٣. رحيم بخش سومرو ٤. لئبررين ٥. آغا صدرالدين



پیر صاحب ؑ گلشن خاکی



پیر صاحب ؑ مولانا اعجاز الحق قدوسی



ڊاڪٽر شمل، پروفيسر ايرج افشار، پير حسام الدين راشدي،
ڊاڪٽر علي اڪبر جعفري



ڊاڪٽر نواز علي شوق، پير صاحب، خان محمد پنهور ۽ نفيس احمد شيخ ناشاد



سنڌ سيمينار ۾ ورتل هڪ گروپ فوٽو

١. غلام رباني ٢. پير صاحب ٣. پيارعلي الانا ٤. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ



پنجاب جا ٻه عالم پير صاحب مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي



پير صاحب، عبدالڪريم گدائي، رئيس امروهي، مولانا گرامي، عنايت بلوچ ۽ منظور قريشي

Gul Hayat Institute



ڪراچيءَ ۾ خانهِ اوستاد العجم جي دعوت ۾



غلام رباني، هاشمي (؟) عبدالله چغتائي، غلام مصطفيٰ شاهه، ڊاڪٽر داني
پير صاحب ۽ ڊاڪٽر بلوچ.

Gul Hayat Institute



شاهِ ایران، شاہ بانو ئے پیر صاحب

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

پير صاحب جي ڪڏهن ڪيل تصوير

علامه آءِ. آءِ. قاضي، ايلسا قاضي ۽ پير غلام رباني.



پير صاحب سعديءَ جي مزار تي

Gul Hayat Institute

خيري کن، اي فلان و غنيمت شمار عمر
زان پيشتر که بانگ برآيد؛ فلان نماند

— سعدي

# ڪي يادگار خط

Gul Hayat Institute

١. علامه آءِ. آءِ. قاضي
٢. شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽه
٣. جناب جي. ايم. سيد
٤. جناب مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ"
٥. جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
٦. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب
٧. مولوي عبدالڪريم چشتي صاحب
٨. جناب آغا تاج محمد
٩. جناب لطف الله بدوي
١٠. جناب محمد ابراهيم جويو
١١. جناب عبدالڪريم سنديلو
١٢. نذير حسين جلالي جتوئي
١٣. جناب سيد علي انور شاهه راشدي
١٤. جناب غلام رباني آگرو
١٥. مسٽر جيٺامداس دولترام
١٦. جناب ممتاز حسن
١٧. راجا صاحب محمود آباد
١٨. بابائي اردو مولوي عبدالحق
١٩. علامه نياز فتحپوري
٢٠. جناب جوش مليح آبادی
٢١. مولانا غلام رسول مهر
٢٢. جناب فيض احمد فيض
٢٣. جناب حفيظ هوشيارپوری
٢٤. جناب حفيظ جالندري
٢٥. جناب ڊاڪٽر احمد حسن دانی
٢٦. جناب مرزا ظفر الحسن
٢٧. ڊاڪٽر مالڪ رام صاحب (هندستان)
٢٨. آقائي سعيد نفيسي (ايران)
٢٩. آقائي علي اڪبر جعفري (ايران)
٣٠. ڊاڪٽر انيمري شمل (اولهه جرمني)
٣١. پير حسام الدين راشدي جو مانڪو مان
جناب غضنفر مهديءَ ڏانهن لکيل خط

Gul Hayat Institute

حيدرآباد
٣٠ مئي ١٩٦٦

عاليجاه —

سفرنامو مونکي اڄ هٿ ڪري ٿيو —

نوازشنامه لکي ممنون ۽ مشڪور ڪيو — هر ڪنهن ڪندڙ ته

لائق دوست سو — وسارڻ ۽ ياد ڪرڻ ڪانه سولو آهي —

گهڻن قسمن جي گردش تنگ ڪئي آهي ۽ حافظ جي

چوڻ موجب — جيڪي ٿيو سو درگذر آهي تنهنجو آيت آهي —

بهرانش مست که خاطر خود را خوش دارم — سو اميد هميشه

انتظار رفع ٿي ويو هو — معلوم ڪري جو ڪس ٿئي تو ڪين خبر سان هندي

اچڻ وارا آهيو — اميد آ زيارت ٿيندي —

اسان جي سلام ۽ دعا آب ۽ سڀني ٻارن کي

۽ ڏينداه عنايت — زياده

خير انديش

---

علامه آء- آء- قاضي

آءُ جهڙو وڻان آهيان

ٻيون سڀ سگهڙ ساٿ سيئي

جا نيهن ڳنڍيندي ناڻُ

سامون جيئن ڀرنديءَ ماڙي

سريتي سهج ~~[illegible]~~ سلمان

جنهن هي ڪوتر ڳايا ڪيتا

تن هي منهنجي ماءُ

ٻي ٻهڻ آڇيا ٻيب جا

غلام رباني

2. 9. 61

---

جناب جي- ايم- سيد

NATIONAL ASSEMBLY OF PAKISTAN

ب

محترمي و مکرمي راشدي صاحب

اميد آهي ته بخير و خوبي هوندا. الحمدلله
هيڏانهن خير و عافيت آهي.
آئون ٢٠ اپريل ١٩٦٨ع تي ڪراچي ايندس
ڊاڪٽر عيسيٰ الله وٽ لهندس. اوهان سان
ڪجهه وقت اتي ملي سگهندس
احوال لکندا رهو، اميد ته انتظار ۾ هوندا
مخلص
الراقم
حميد سنڌي

١٢ اپريل ١٩٦٨ع

---

جناب مخدوم محمد زمان "طالب المولى"

برادر محترم حسام الدين سلمه الله

تسليم - جمعي ڏينهن آءٌ پنهنجي ماڻهن سميت حسام الدين شاهه
معلوم ٿيو اڄ ٿورن ڏينهن ۾ اچ. سڀ کان جلدي شام جو پهچندس. رات
جو ۱۰ بجي تائين انتظار ڪري پوءِ ماني کاڌي سين. اوهان
دستور موجب ڪين آيا!
حالا رات پئي صوفي سڀني تي اڄ انتظار رهيم
تيز بخار آيو. اوهان دستور موجب ڪين آيا. اڄ ڏينهن
رهيم. اوهان جا ماڻهو خبر چار ڪرڻ آيا. بيماري ڪجهه گهٽ ٿي آهي ۽
حالت حرارت ۾ بخار سڀاڻ اوهان لاهور ڪين اُسهيا
اميد ته طبيعت به خير هوندي.
مخدوم صاحب سڀاڻي اچي ٿو. هن ڏينهن ۱۹ تاريخ پوءِ جي
احمد ميان جي ڪل اچي. سعيد جي تقرير جو سوال آ
با العموم معاملا آهن - اوهان سڀاڻي شام جو تيز
پر هت اچڻ ۾ نقصان پوندو اوهان کي لاهور واپس اماڻيندس
واعظ محمد صاحب اوهان جي ڇپائڻ آڻي!
لوڪ ادب جي ڪتاب بابت سنڌين جي ضرورت آهي
منظوم ڪتاب جو ڪم جو موجب اوهان
ڪمال صفتي ڪتاب ۾ ٿورو ڪم - يادگيري لاءِ تاريخ شايع ڪئي

23-1-60

نيازمند نبي بخش

جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

Gul Hayat Institute

Estd 1929 PHONE

# THE NEW ERA HIGH SCHOOL

دی نیو ایرا هائی سکول - شکارپور

Head Office:- SHAHI BAGH ROAD. NEHS Branch:- KATCHERY ROAD.

Ref. Shikarpur ١٥- نومبر ١٩٦٠ع

السلام عليكم ورحمة الله وبركاته

پير سائين بادشاهه!

مهنجي [illegible] نامه در بابت [illegible] آهن جي به [illegible] جيڪو [illegible]

او [illegible] ڪيو هو [illegible]

١- [illegible] ٿيندي؟ [illegible] ٿيندي؟ [illegible] ١٩ [illegible]؟

٢- شال [illegible] پهچي

٣- [illegible] خدا [illegible]

٤- سفيد رنگ جي ڪشميري بر جي شال [illegible]

٥- جي [illegible] ڪو معتبر ماڻهو [illegible] ملي ته [illegible]

[illegible] ٢٠- آڪٽوبر [illegible] اڄ ١٥- نومبر [illegible] ١٨ [illegible]

[illegible] ڪو معتبر ماڻهو [illegible]

[illegible] وقت ملي [illegible]

حضرت [illegible] روزن [illegible] خدا [illegible]



مولوي عبدالکريم چشتي صاحب

Gul Hayat Institute

Khan Sahib
Agha Taj Mohamad Khan
B. A., B. T., M. R. S. T. (London)
Registrar,
UNIVERSITY OF SIND

Telephone: { Office : 2230 / Res 2246
HYDERABAD (SIND)
PAKISTAN.

Dated 31/

خانگي

سائين پير صاحب

مخدوم معظم و محترم

السلام عليكم و رحمة الله

ياد دهاني لاءِ عرض آهي ته

[illegible]

[illegible]

ادبي بورڊ جي مجلس

تاج محمد آغا

Gul Hayat Institute

Shikarpur
1.1.69

محترم حميد سڳورا،

سلام مسنون. اُميد اٿم ته اوهان پنهنجي مشغلي ۾ مصروف هوندا.
تنهن جي خلاف، تنهنجا دهل وڄائيندا رهيا. اوهان قريب هئا، اُن جي
يقيناً آواز ناپسند هوندو. بهرحال دهل جو قلع قمع ٿي ويو. اُميد
منهنجو ڪتاب "ڪليات خادم" بورڊ اوهان کي ڏسڻ لاءِ
ڏنو آهي، جنهن جو صاحب ڪيو آهي. اُميد ته نظر کان گذريو هوندو.
مهرباني سان لکندس، ته اوهان پنهنجي گرانقدر راءِ کان واقف فرمائيندا.
اُميد ته اوهان بفضله خوش هوندا. هت سردي ڏاڍي آهي. ڪراچي ۾
ضرور ڪم هوندو. سردي منهنجي لاءِ مضر ٿي پئي. پيري جو اثر ٿي ويو. عمل سهڻو
ڇڏيو آهي.
هي ڳالهه جڏهن جاڙ ڪيتوٽي: چوراهي جو ڳالهه ڏين -

اوهان جو خلوص ڀريو
لطف بدوي

جناب لطف الله بدوي

[illegible]

[illegible]

٣١ - ٣ - ١٩٦٨ء

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

جناب محمد ابراهيم جويو

ڪراچي
٧.١٢.١٩٥٥ع

دام سلامت
قمر الفضلا

السلام عليڪم - عريضو اوهان جو ڪالهه مليو
جو تڪليف ڏني، ڪتاب منظور ڪرائي
ڏنو. منهنجي هر وقت، اوهان صاحب جي
ڪريمانه اخلاقن ۽ حميده اطوارن ۾
اهڙي اميد وارا رهندا آهن. ڪاهه ۾؟
آهين ته ڪڏهن دولت خاني تي آئيس، ته ڪڏهن
ديدار نصيب ٿئي ته ڳالهه ڪجي. محترم جوڻي صاحب
جيڪو ته ضرور آئي ويا. لکي آهين ته ڏاڍو ڪريم
ملهايائين

فقط والسلام
خيرانديش
سنديلو

---

جناب عبد الكريم سنديلو

سنڌي ادبي سنگت (لاڙڪاڻو)

**SINDHI ADABI SANGAT (LARKANA)**

آفيس :-
تاج محمد ابڙو (وڪيل)
لاڙڪاڻو
تاريخ ٢٨ ڊسمبر ١٩٥٦ع

هو

بجناب محترم پير حسام الدين شاه صاحب

تسليم – مزاج شريف بخيريت باد – گذارش ته ڪافي عرصي کان ملاقات جي
شرف حاصل ڪونه ٿيو آهي نه وري اوهان جا حالات معلوم ٿي سگهيا آهن
محبتن ڪري ملاقات جي ضرورت ۽ خصوص ڪري صاحب جن جي
پرزور استدعا آهي ته صاحب جن ڪانفرنس ۾ ضرور ...
ٿيندڙ سنڌي اردو ادبي ڪانفرنس ۾ شموليت جو شرف بخشيندا
۽ ڪانفرنس جي ڪاميابي لاءِ صدارت جا فرائض بجا آڻيندا ...
قبول ڪندا – هن سان گڏ مخلص لاڙڪاڻي ۾ حاضر ...
ٿي ٻڌندو زياده حالات عند الملاقات – اميد ته بفضله تعاليٰ هر طرح
خوش و خرم هوندا – زياده خير خدا حافظ فقط

تنهنجو مخلص
نذير حسين جلالي
جتوئي

---

نذير حسين جلالي جتوئي

ڪم خوشي آهي ... جهڙن موجوده سنڌ حالت، اوڪاڻ محروم آهيون
تهڙن موقعي اهو صحيح ڳالهه تحقيق ... ته ڳالهه آهي ... ۾ خط ...
توهان جهڙن سڪرو ڪيو آهي جهڙنلاءِ ... اهڙي نوازش جو شڪريو ... ياد
ڪيو اٿو ... تعالیٰ جي ... عرض آهي توهان منهنجي احوال ... 
... البت ... جو ... جو ... شڪريو ... 

زياده نياز

نياز مند سيد حسام الدين راشدي

ابن نياز مند
سيد
علي انور راشدي

---

جناب سيد علي انور شاهه راشدي

Gul Hayat Institute

حيدرآباد
٢٦-٩-١٩٧٨ع

سائين،

اڄ ٽپال ۾ مون خط اوهان جي نالي آيو،
جو خدمت ۾ موڪلي رهيو آهيان.
گذريل ڇنڇر آچر ٽي ايڏانهن اچڻ
جو ارادو هو، پر ملاقات نصيب نه ٿي،
سو اچي نه سگهيس. شايد سج گرهڻ جو
اثر هجي. ياٿئي تو ته پنهنجي قسمت کي
سج گرهڻ جي ڇهڙ آهي. الائي ڪڏهن
آجي ٿيندي!

اکيون آسائتيون آهن، نيٺ نه واهوندا
ورندا ۾ ڪينجهر ڪٽوري ٿيندي!

سڪ سان
رباني

جناب غلام رباني آگرو

Gul Hayat Institute

14 Tughlak Road
New Delhi
26.1.58

پيارا دوست ممتاز،

اوهان جو ٢٠ تاريخ جو محبت نامو مليو. پڙهي گهڻي خوشي ٿي.
جيڪا خبر چار ڏني اٿو ان لاءِ احسان. دل گهرندي هئي
خبرون موڪليو ٿا اٿو. اوهين سڀ سنڌ جي ٻولي ۽ تاريخ لاءِ تمام
ڏاڍو ڪم ۽ گهڻي محنت ۽ اوهان جا احسان ڪري رهيا آهيو. مضمون
گهڻيون واڌايون ۽ مبارڪون.

سنڌي لغت ۽ فوڪلور ۽ مشهور تاريخ جا جلد ڇپائي اهڙو خزانو
تيار ڪيو جنهن مان ڀلا جاتو سنڌ لاءِ مال هٿ ڪري سگهندا
مان اوهان جي دانت ڪاريگري ڏسندس ته ڪڏهن تيار ٿيس
ڪڏهن مان پوري پوري مدد ضرور ڪندس. اوهان کي
سرڪار ڪراچي سنڌ جي مدد ملي آهي ۽ ڏاڍو چڱو آهي. اهو
اوهان جو ڪم ڪامياب ٿئي آهي پر اميد ته جهجهو آهي

اوهان منهنجي تصوير موڪلي آهي. اميد ته اوهان
کي ڪجهه ڏينهن بعد ڏيارڻ موڪليندس
شل اوهان سدا خوش هجو. اوهان جو

محترم ورندو ويچندڙ رهيو

پنهنجي دوست ۽ لکڻهار محمد ابراهيم جويو کي منهنجي

يارن گهڻو ويچو محبو ڪيترو ساڻس ۽ محبت سندس

وٽان سندس لاءِ صبر جار رسندي

اميد ته اهڙا موقعا پيدا ٿيندا يا اُتي. جيڪي

۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب ڳالهين ۾ لکڻي ڏيندو رهندو

جو ڪاميابو ٿيندو

سدا خوش رهو

شيدا مُ

جٿرامداس دولترام

---

مسٽر جٿرامداس دولترام

محبی - السلام۔ آپ کا دوپہر کا خط

گذشتہ شب ملا۔ میرے سیکرٹری [صوفی] کو

کل کی دعوت کے متعلق اطلاع دی جا چکی ہے۔ آپ

لنچ میں تشریف لا رہے ہیں۔ اگر آپ کل

ساڑھے بارہ بجے میرے دفتر میں تشریف

لے آئیں تو ہم اور آپ اکٹھے چلیں

ٹھیک ہے۔ اگر آپ مجھے ٹیلیفون کر

دیجئے گا۔

مخلص

ممتاز حسن

۱۲ اپریل

Gul Hayat Institute

جناب ممتاز حسن

RAJA OF MAHMUDABAD

راجا محمود آباد

۱۳ مارچ سنہ ۶۳

پیر صاحب تسلیم

گویا حج کے بارے میں مختلف کوششیں ہوئیں
لیکن نہ تو دعا میں اثر رہا ہے نہ سفارش
میں - اب ایک مرتبہ آپ کبھی ان کی سفارش
کر رہے ہوں - اور دو بورڈ میں دو جگہیں
خالی ہوئی ہیں - ایک جگہ پر تو ان کا
تعین کرا دیجئے
میں خود آپ کے ہاں یہ سفارش لیکر حاضر
ہوتا لیکن میں چند روز کیلئے لاہور
جا رہا ہوں - والسلام خیر ختام

مخلص

محمد امیر احمد

راجا صاحب محمود آباد

# انجمن ترقی اُردو (ہند)

**Anjuman-e-Taraqqi-e-Urdu (India)**

۱- دریا گنج، دہلی

مورخہ ۲۵ نومبر ۱۱ء

نشان (۸۹۹۶)

مکرم بندہ — تسلیم

آپ کا خط پہنچا۔ میں سفر سے اسی ہفتے واپس آیا ہوں۔

مشکور ہوں کہ آپ کا یہ خیال صحیح ہے کہ اردو کی ابتدا سندھ سے ہوئی

مجھے سندھ کا قدیم دستور؟ ایک کھڑی دستیاب ہوئی ہے جس سے میں

یہ نتیجہ اخذ کرتا ہوں۔ اگر آپ اس بارے میں قلمی نسخہ دینے سے

خاکسار

عبدالحق

بابائے اردو مولوی عبد الحق

Gul Hayat Institute

EDITOR: NIAZ FATEHPURI.

TELEGRAME NIGAR

# THE NIGAR

(AN ORGAN OF RATIONALISTS AND FREE THINKERS)

(Established 1922)

NIGAR BUILDING
LUCKNOW.

Ref. No. ..................

۵/دسمبر ۵۷ء

مکرمی ۔ تذکرۂ مقالات الشعراء ملا ۔ شکریہ

سندھی ادبی بورڈ جو گرانقدر خدمت علم و ادب کی انجام دے رہا ہے

یہ اسی کی یادگار ہے

مقالات الشعراء کی تدوین و ترتیب میں جناب نے

جس عالمانہ سعی و کاوش سے کام لیا ہے یقیناً تحسین و آفرین کا

مستحق ہے ۔ اور سندھی ادبی بورڈ کی طرف سے ایسے تذکروں

و مطبوعات کی اشاعت دراصل تمام پاکستان کے لئے موجب ناز ہے

خوشی ہے کہ میرے دیار کا شکریہ ۔

مارچ ۵۸ کے نگار میں اس پر

تبصرہ کیا جائے گا ۔

نیاز فتحپوری

علامہ نیاز فتحپوری

بھائی، مرے پیر اس کی دستگیری فرمائیے، اور مصیبت سے بچا لیجیے۔

جوش

٦/٢/٦٥

آج گیا ادھر سواری نہیں آ سکا۔

---

حضرت جوش مليح آبادي

Ghulam Rasul Mihr.
MUSLIM TOWN · LAHORE

11 · 6 · 56

باسمہ سبحانہ

بھائی!

مولانا صوفی نذیر احمد صاحب کراچی تشریف لا رہے ہیں۔ ایک ایسی ہستی ہیں جن سے آپ کو ضرور ملنا چاہیے۔ یہ دین، سیاست، تصوف اور شعر و ادب کا ایک عجیب و غریب مجموعہ ہیں۔ یقین ہے کہ آپ اطمینان سے ان کے ساتھ مذاکرہ کریں گے تو لطف اندوز ہوں گے۔ میرے متعلق کم و بیش ۲۰، ۲۲ سال سے ان کے تعلقات ہیں۔ اندازاً شاید ۹ سال کے بعد ملاقات ہوئی ہے۔ بھائی اگر کراچی میں ہوں ان سے بھی ضرور ملائیے۔ یقین ہے کہ بعض اہم معاملات کے متعلق یہ نہایت صحیح رائے پیش کریں گے۔ والسلام مخلص دیرینہ

آپ کا

مہر

مولانا غلام رسول مہر

Phone : 36662

**HAJI ABDULLAH HAROON ASSOCIATION**

*Shah Wallіullah Road, Khadda, Karachi-2.*

۱۱ اپریل ۷۶

مخدومی پیر و مرشد،

السلام علیکم،

۱۹ تاریخ کا آپ کا دعوت نامہ پہنچا،
شکر گزار ہوں، مجھے افسوس ہے کہ میں ملک سے چار دن کے لئے
کراچی سے غیر حاضر ہوں اس لئے شرکت نہ کر سکوں گا۔ حضور کا قول بجا
ارشاد سے مجھے بھی کئی دنوں سے آپکی تلاش تھی، ۲۷ اپریل کو پانچ بجے
ہارون حاجی عبداللہ ہارون کی یاد میں سالانہ Founder's Day کی
تقریب ہے آپ سے ملتمس ہوں کہ تھوڑا سا وقت نکال کے مرحوم کے بارے
میں مختصر سے ارشادات سے مستفید فرمائیے۔ ہمارا منیجر سہروردی
اس سلسلے میں حاضر خدمت ہو رہا ہے۔ کرم فرمائیں گے۔ جعفرا

جناب پیر حسام الدین راشدی

مخلص فیض احمد فیض

---

جناب فیض احمد فیض

۲۱- ... اسکیم
...
... روڈ
کراچی
۲۱ اکتوبر ۱۹۶۷ء

محترم سید صاحب

آپ کا خط مورخہ ۱۱ اکتوبر اور کتاب ... ملی

منتظر تھا۔ اور میں اب زیادہ انتظار نہیں کر سکتا

ان یادداشتوں میں میرا ... وقت صرف ہو رہا ہے

جس کی وجہ سے اور ضروری کام بھی رکے ہوئے ہیں

مجھے اپنی کتاب کی ایک اور جلد بھیج کر

مزید ممنون ... فرمائیں ... بھجوا دیں

حفیظ ہوشیارپوری

---

جناب حفیظ ہوشیارپوری

اس دوران جائزہ لیکر ایک مکمل رپورٹ پیش کرنے کی
کوشش کرونگا - اس رپورٹ کے مطابق آگے قدم اٹھایا جا
سکتا ہے -

چونکہ میری ایک بچی یہاں میڈیکل کالج میں پڑھ رہی ہے
فیملی مجھے یہیں رکھنا ہو گا - گرمیوں کی چھٹی میں کراچی جانے کا
خیال ہے - اس موضوع پر وہاں مکمل گفتگو ہوگی -

ہم لوگوں نے یہاں ایک Pakistan Research Society قائم کی ہے
آپکی اجازت کے بغیر ہم نے آپکو Executive Body میں شامل
کر لیا ہے - امید ہے آپ انکار نہیں کرینگے - اسکے سکریٹری
خود آپکو تفصیل لکھ کر بھیجینگے -

تابعدار

احمد حسن دانی

Gul Hayat Institute

ڈاکٹر احمد حسن داني صاحب

# ادارۂ یادگار غالب

فیض احمد فیض (صدر)
مرزا ظفر الحسن (معتمد عمومی)
بیگم آمنہ مجیبہ ملک (معتمد)
اے ۔ ممابجو (خازن)

اراکین عاملہ
افتخار احمد عدنی ، حمید نسیم
ممتاز حسین ، مسلم ضیائی ،
سبط حسن ، شان الحق حقی ،
شمس عارف ، خواجہ معین الدین

۳۰ نومبر ۱۹۶۸

مکرمی پیر صاحب

سلام مسنون۔

ضروری کام کی وجہ سے حاضر نہ ہو سکا۔ اگر وہ پرچہ مل گیا
جو حسینی [illegible] تصنیف شائع ہوا ہو تو حاصل [illegible]
زحمت۔ بہت شکریہ کا!

مخلص
ظفر [illegible]

جناب پیر حسام الدین راشدی صاحب

---

جناب مرزا ظفر الحسن

C-326 Defence Colony
New Delhi - 3

مالک رام

۷ نومبر ۱۹۷۸

برادرِ محترم آداب

[illegible] پہنچے، آپ کا گرامی نامہ ملا۔ آپ تصور

میں نہیں کر سکتے کہ اتنی مدت کے بعد آپ کا

سوادِ خط دیکھنے سے کتنی مسرت ہوئی۔ اللہ اللہ

اس قدر دشمنِ اربابِ وفا ہو جانا

[illegible] کتابیں مجھے موصول نہیں ہوئیں۔ خدا معلوم کیا

افتاد پڑی۔

خدا آپ کو ہر حال میں خوش و مسرور رکھے۔ آمین

ثم آمین۔ والسلام و الدعا [illegible]

نیازکیش دیرینہ خاکسار مالک رام

[illegible] طرح میں [illegible] [illegible] معلوم [illegible] [illegible]

ڈاکٹر مالک رام صاحب (هندستان)

۲ جون

بزرگوار پیر صاحب

السلام علیکم

یہ خط میں عابدہ زین العابدین صاحب کے ہاتھ سونپ رہا ہوں
تاکہ وہ اسے پوسٹ کریں۔ پاکستان اور ترکی سے لوٹنے کے بعد ہمارا سارا وقت
اس نمائش نقاشی جدید کی تیاریوں میں صرف ہوا۔ اس عرصہ میں آر سی ڈی
کا "سیمینار معماری اسلامی" بھی منعقد ہوا اور اسنے بھی کافی سے
زیادہ ہمارا وقت لے لیا۔ بہرحال دن رات کی مصروفیات کے بعد آج زین
العابدین کے جانے کے ساتھ میری ڈیوٹی ختم ہو رہی ہے۔ پیر صاحب بہت
ہی زیادہ تھکا ہوا ہوں۔ مگر نمائش بہت ہی اچھی اور بہت ہی کامیاب
ہوئی ہے۔ اسکا افتتاح شاہبانو فرح نے کیا۔ ججز (Guages) پاکستان
اور ترکی علاوہ فرانس اٹلی اور انگلینڈ سے بھی آئے تھے۔

کتابوں کے بارے میں تو اب آپکی طبیعت سے بات چیت
ہو سکتی ہے۔

آپ صاحبان ایران میں آقای شجاع الدین شفا کے مہمان
ہونگے لہذا ہم آپکے پروگرام میں کوئی دخالت نہیں کر سکتے ہیں۔ ہم
صرف ان وقتوں میں آپکی خدمت میں ہونگے جب آپکا کوئی پروگرام نہ
ہو۔ بہرحال میں اور ڈاکٹر شعاع کی یاد نے چند ایک چیزیں سوچی ہیں۔
آپکی تشریف آوری کا انتظار ہے۔

ڈاکٹر مشہور ... ایک وقت دو نئی کتاب لکھے

Gul Hayat Institute

یہ سمجھتے ہیں اور [illegible] کافی لکھ چکے ہیں۔ ایک کتاب تو تقریباً
تیار ہے

ہم اور بچے سب اچھے ہیں اور مصروف مشاغل ہیں۔ وہ
سب آپ جیسے پیارے افسر (جن کا ایک راج ہے)
جا رہے ہیں۔ البتہ میں ہوٹل کے سامنے والے سنگتروں کے باغ
میں ایک پرائیویٹ گھر میں ایک کمرہ کرائے پر لیا ہے
نوکر چاکر تو اب بھی وہاں ہیں۔ ہم زین العابدین صاحب کے
ساتھ وہاں گئے تھے۔ میں نے فرصت سے فائدہ اٹھا کر معاملہ طے کر دیا
بلکہ چونکہ زین العابدین صاحب کو ادھر جانا ہے
لہذا چند اور چھوٹی سطروں پر ہی اکتفا کرتا ہوں۔ انشاءاللہ
بعد میں تفصیل سے لکھونگا۔ آپ کا خط ڈاک سے حقیقتاً دہ ہوا

والسلام

---

آقاي علي اكبر جعفري (ايران)

Gul Hayat Institute

ماسکو ۱۶/۹

برادرم غضنفر مہدی!

میں ۲۲ اگست کو ماسکو پہنچ کر ۲۳ کو ہسپتال داخل
ہو گیا ہوں. غدود تو کراچی میں نکلوا لیا تھا لیکن [illegible]
[illegible] کینسر [illegible] ہو گیا ہے [illegible] مکمل تحقیق اور
امتحانات ہو رہے ہیں. [illegible] منگل [illegible] ۲ بجے
شروع ہو [illegible] آپریشن [illegible]
[illegible] کو [illegible] لیکن وہ [illegible]
[illegible] نہیں [illegible]
[illegible] دعا [illegible]
[illegible] دعا کریں [illegible]
کہ یہ دعا کا وقت ہے
اگر زندہ رہے تو اکتوبر کے وسط [illegible]
[illegible] انشاللہ واپس [illegible]
خوش [illegible]

والسلام

صبغت اللہ

پير صاحب جي دوستن ۽ احبابن جي وسيع حلقي ۾ ملتان جو اديب ۽ دانشور مسٽر غضنفر مهدي به شامل هو. پير صاحب هيءُ خط ڏانهس ماسڪو مان انهيءَ وقت لکيو هو، جڏهن پاڻ آپريشن ڪرائڻ لاءِ اسپتال ۾ داخل ٿي چڪا هئا. انهيءَ نسبت ۽ تاريخي اهميت جي لحاظ کان هيءُ خط هت شايع ڪجي ٿو.

# مضمون

Gul Hayat Institute

پير علي محمد راشدي

# حسام الدين مرحوم، حسام الدين ڪيئن بڻيو؟

”ما و مجنون هم سبق بوديم در ديوانِ عشق“

ڏينهن جو وقت هو ۽ گرميءَ جي مند. اسين ولائتي ميندين جي بوتي سان لڏ ”ڪوٽ“ جي پٽ جي ساپي ۾ ويٺا هئاسون — ڏاڏا مرحوم، آءٌ ۽ شيخ غلام محمد غلام علي مرحوم، جنهن کي گهوٽاٽا پيار وچان ”غلام محمد شيدي“ چوندا هئا (سندس ڪاري رنگ ۽ گهنڊيدار وارن جي ڪري).

اهو غلام محمد مرحوم، خانبهادر غلام علي نانا مرحوم جو وڏو پاٽ ۽ جسٽس فيروز نانا مرحوم جو چاچو هو. عجب ڪردار جو انسان هو. ڪنهن مردم شناس معاشري ۾ هجي ها ته هن وقت تائين سندس زندگيءَ بابت، سندس فلسفي ۽ ڪمالات تي ڪتاب سوين ڪتاب لکجي چڪا هجن ها. وڪالت سندس ڌنڌو هو ۽ پنهنجي وقت جو تمام وڏو وڪيل هو. علم جو اونهو سمنڊ، سياست ۾ انگريزن جو ڪٽر دشمن ۽ طبيعت جو قلندر. ڏاڏا مرحوم جو ويجهو يار ۽ ڏک سک جو ساٿي هو.

سندس عجب جهڙيون ڳالهيون هرهنڌ پيون ڳائبيون هيون. انگريز حڪومت وڪيلن تي پابندي هنئي ته ڪوٽ پتلون پائي پوءِ ڪورٽ ۾ حاضر ٿين. شيخ صاحب ڪوٽ پتلون ۽ ٽاءِ سان گڏ مٿي تي وڏو پڳڙ رکي ۽ پيرن ۾ گهيتلا پائي ڪورٽ ۾ وڃڻ لڳو. ڪيس اهڙيءَ حالت ۾ ڏسي انگريز جج ڪاوڙبا ته ضرور هئا، پر ڪجهه نه سگهندا هئا. شيخ صاحب ’رول‘ جي حدن اندر رهندو هو، البت مٿو ۽ پير ’رول‘ جي چوٽ کان ٻاهر رکندو هو. هر سياسي ڪيس ۾ بنا ڪنهن لوڀ لالچ ۽ فيءَ وٺڻ جي مفت، حڪومت جي خلاف، ڏوهاريءَ جي پاران پيش ٿيندو هو. سنڌ ۾ ڪٿي به ڪو اهڙو ڪيس ٿيو (خاص ڪري ڪانگريس ۽ خلافت تحريڪن جي زماني ۾) هيءُ صاحب پاڻمرادو پنهنجي خرچ تي اتي پهچي ويندو ۽ ڏوهاريءَ جي پاران ايڏي ته زوردار وڪالت ڪندو هو جو انگريز جج، انگريز حڪومت جي وڏي ۾ وڏي دشمن سان به انصاف ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا هئا. جيتري قدر مون کي ياد آهي ته هت ڪنهن به سياسي ڪيس ۾ ڪڏهن به ڪنهن کي سزا نه ملي. اهو سڀ شيخ صاحب جي محنت ۽ قانوندانيءَ



Gul Hayat Institute

دلچسپي وٺڻ لڳو، جنهن ۾ مون کي دلچسپي هئي. ماٺ سيٺ ۾ هرڪا ڇپيل شيءِ پڙهڻ لڳو. جيڪو به پڙهيل لکيل ماڻهو ملَيس، تنهن سان ڳالهه ٻولهه ڪري ڪانه ڪا ڪم جي شيءِ حاصل ڪرڻ لڳو. رات جي ماني کائڻ کان پوءِ لالٽين رکي ڪي نه ڪي پيو پڙهندو هو ۽ دير تائين پڙهندو رهندو هو. ڳوٺ ته ڇڏيو، سنڌ جي وڏن وڏن شهرن ۾ به اڃا بجلي ڪين آئي هئي. وري گرميءَ جي مند ۾ سخت گرمي، گهٽ ۽ مڇر. الامان والحفيظ. هن جي حال تي ترس کائي اسان جي والده مرحومه پکو کڻي ساڻس گڏ ويهندي هئي ۽ جيستائين هو پاڻ ننڊ ۾ نه رهندو هو، هوءَ آتان چرندي به نه هئي. گهڻو ڪري ٻئي صبح جو ٽين چئين بجي تائين وينا هوندا هئا.

حسام الدين جي تربيت ۾ منهنجو حصو ان کان وڌيڪ نه هو ته مون مٿس سخت ڊسپلن عائد ڪئي. اهو ڊسپلن جو مرض مون کي شروع کان لڳل هو. آءٌ Indiscipline کي ته بلڪل سمجهي نه ٿو سگهان. هڪ ڀيري سندس ڪنهن حرڪت تي ڪاوڙجي مون مٿس ايئرگن (هوائي بندوق) سان فائر ڪيو. بندوق ۾ ڇيرن جي بدران چڻن جا داڻا پريل هئا. ان هوندي به سندس پيٽ تي زخم ٿي پيو ۽ ان مان خون وهڻ لڳو. آخري عمر تائين مرحوم جي پيٽ تي اهو نشان هو. چوندو هو ته اها تنهنجي غلاميءَ جي مهر آهي. جيئن قلندر شهباز جا فقير گرم لوهه سان پنهنجي بازوءَ تي مهر هڻائيندا آهن.

پر منهنجي طبيعت جي انهيءَ تنديءَ ۽ تيزيءَ جي ڪري، هن تي ابترو اثر سو ضرور ٿيو جو سندس طبيعت ۾ ڪيتريون ئي نيون ڳالهيون پيدا ٿي ويون. مثال طور راند روند کان نفرت؛ حد کان وڌيڪ سيلف ڊسپلن ۽ ادب؛ دل، دماغ ۽ زبان تي بيحد ضابطو؛ پڙهڻ ۽ محنت مشقت کان دل نه لاهڻ؛ تجسس ۽ تحقيق جو شوق. اڃا ٻارهن ٽيرهن سالن جي عمر ٿي هيس، پر طبيعت ۾ ڪابه ٻاراڻي ڳالهه نه رهيس. طبيعت جو ڏاڍو حساس هو. هڪ اڌ اشاري ۾ ئي سندس طبيعت ۾ اهو فرق اچي ويو هو. منهنجي عمر به ارڙهن اوڻويهه سال ٿي ويئي هئي. اسان ٻنهين جي اهائي ڪوشش هئي ته جلد ۾ جلد وڏا ٿي ڪو ڪم ڪريون. انهن ڏينهين ڪلڪتي مان "بخشي" جنتري ڇپبي هئي، جنهن ۾ ڪن شين جا اشتهار به ايندا هئا. انهن مان هڪ اشتهار ڏسي اسان ٻنهين نقلي ڏاڙهيون گهرايون ۽ ڪي رعبدار معجون به. اهي هڻي اسين پنهنجي دل خوش ڪندا هئاسون ۽ سمجهڻ لڳاسون ته اسين جوان ٿي ويا آهيون ۽ هاڻي ڪنهن ڪم ڪرڻ جي لائق ٿيا آهيون.

اسان جو خانداني ڌنڌو زميندار هو؛ يعني اسين پير سان گڏ وڏيرا به هئاسون. چوطرف وڏيرڪو ماحول هو. ڳوٺاڻي زندگي، هر پاسي اڄاڻائي ۽ جهالت، سستي ۽ ڪاهلي، ڏاڍ ڏمر، ونڊر ورونهن، چوري چڪاري، ڇڪتاڻ، وڏن وڏن وڏيرن ۽ جاگيردارن کي ڏسبو هو ته اهي عيش عشرت ۽ اجاين ڳالهين ۾ ڪيئن نه پنهنجي زندگي وڃائيندا هئا. ميڙا ملاکڙا ڪرائيندا هئا، ڪڪڙ ويڙهائيندا هئا، سوئرن ۽ ڪتن جي ويڙهه ڏسندا هئا. پاڻ

ڪان ڏاڍن جي خوشامد ڪندا هئا ۽ پاڻ ڪان ڪمزورن جي نڙيءَ تي لت رکيو ويٺا هوندا هئا. اهي ئي ساڌو هئا، جن پوءِ سنڌ جي سياست ۾ گهڙي ايترو گند پکيڙيو. حسام الدين ۽ آءٌ اهڙن ساڌن ڪان سخت نفرت ڪندا هئاسون. اسين سنڌن ويجهو برابر هئاسون، پر انهن سان ٻنهي نہ هئاسون. سنڌن دنيا سان ذهني طرح اسان جو ڪوبہ واسطو ڪونہ رهيو هو. انهيءَ ذهني انقلاب آڻڻ ۾ اسان جي والده مرحومہ جو وڏو هٿ هو. پاڻ هر وقت اسان کي اهوئي سمجهائيندي رهندي هئي تہ "زمانو قرب وارو آهي. وڏيرڪي ۽ پيري جٺاءُ نہ ڪندي. جيڪڏهن علم حاصل ڪندؤ، محنت ڪندؤ ۽ پنهنجن پيرن تي بيهي سگهندؤ تہ ڪي ڪري سگهندؤ، ڪي تي سگهندؤ، نہ تہ ڌڪا پيا کائيندؤ." الله سائين آمڙ کي شل جنت ۾ جايون ڏئي. هوءَ پاڻ تہ پڙهيل لکيل نہ هئي، پر وڏي دانا ۽ دورانديش هئي.

•

سن ١٩٢٤ع تائين، جڏهن منهنجي عمر اٽويهن ورهين جي ٿي، مون ۾ ايتري لياقت پيدا ٿي ويئي هئي جو آءٌ ڪجهہ لکي سگهندو هوس. مون هڪ ماهوار "الراشد" جي نالي سان اتان ڳوٺ مان ڪڍڻ شروع ڪيو. ڇپائيندو سکر مان هوس، پر آفيس ڳوٺ ۾ ئي رکيم. حسام الدين ان ڪم ۾ منهنجو هٿ ونڊائڻ شروع ڪيو. خريدارن جي لسٽ اپ ٽو ڊيٽ رکڻ، ايڊريسن جون سلپون ۽ ٽڪليون هڻڻ، بنڊل ٺاهي پوسٽ آفيس ڪٺي وڃڻ، آمدني ۽ خرچ جو حساب رکڻ، اهي سڀئي ڪم هن جي ذمي هوندا هئا ۽ هو ڏاڍي سليقي سان اهي فرض پورا ڪندو هو. لکڻ ڏانهن اڃا ڌيان ڪونہ ويو هوس. البت لڪ ڇپ ۾ ٿوري گهڻي شاعري ڪندو هو. تخلص هوس "فدائي".

انهن ڏينهن اخبار ڪڍڻ قانوني طرح سولو ڪم هو. ڪنهن بہ ماجسٽريٽ جي اڳيان رڳو هڪ ڊڪليريشن ڏيڻو پوندو هو تہ آءٌ فلاڻي هنڌان فلاڻي اخبار ڪڍڻ گهران ٿو. ماجسٽريٽ ان جي تصديق ڪندو هو ۽ ان آڌار تي پوسٽ آفيس مان رعايت حاصل ٿي ويندي هئي. اجازت وجازت جو ڪوبہ مسئلو نہ ٿيندو هو. انگريز جي اها پاليسي هوندي هئي تہ جيتري قدر ٿي سگهي، ماڻهن کي آزادي ۽ سهوليت هجي، جيئن اهي پنهنجيءَ دل تان بار هلڪو ڪندا رهن ۽ اندرئي اندر پوساتجي نہ مرن، نہ باغي ٿي پيچ ڊاهہ جا رستا وٺن.

ان زماني ۾ مون سياست ڏانهن رڙهڻ شروع ڪيو. پهرين پنهنجي قبيلي جي تنظيم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس. ايتري ۾ هندو مسلم فساد شروع ٿي ويا (جن جي شروعات اسان جي ضلعي لاڙڪاڻي کان ٿي). آءٌ خانبهادر کهڙي مرحوم سان گڏجي مسلمانن جي طرفان ڪم ڪرڻ لڳس. ڳالهہ مان ڳالهہ نڪتي ۽ اسين جلدئي ان نتيجي تي پهتاسون تہ جيستائين سنڌ بمبئي کان جدا نہ ٿي ٿئي، هندن جي هٿان اهو مسلم آزاريءَ جو سلسلو ختم نہ ٿيندو. تنهنڪري کهڙي مرحوم ان تحريڪ جي اڳواڻي سنڀالي ۽ آءٌ سندس مددگار ٿيس. سنڌ جي جدا ٿيڻ لاءِ تہ ڪيترن ئي ورهين کان گهر ٿي رهي هئي، پر هاڻي ان کي هڪ نئين انداز



Gul Hayat Institute

سندن زور ٽوڙڻ جي لاءِ مسلمان سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ کان جدا پيا ڪرائين. تنهنڪري سنڌ جدا ٿي، ان کان اڳ ۾ ئي ساڻن وڙهي خود سندن زور ٽوڙيو وڃي. ياد هجي ته گڏيل سنڌ بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ مسلمان آبادي رڳو اٺ سيڪڙو هئي، پر سنڌ ۾ مسلم آبادي ٧٥ سيڪڙو هئي. اهوئي فرق هو جنهن جي ڪري هندن کي دپ هو. سندن خيال هو ته جيڪڏهن فرقيواريت جي بنيادن تي سنڌ ۾ اڳ ۾ ئي خونريزي ٿيندي رهندي ته هندستان جا هندو سنڌ کي هرگز جدا ٿيڻ نه ڏيندا.

انهيءَ مقصد کي پوري ڪرڻ خاطر سنڌ جي هندن هيٺيان طريقا اختيار ڪيا هئا:

(١) هنن وڏي انداز ۾ هٿيار گڏ ڪيا هئا ۽ پنهنجن نوجوانن کي انهن جي استعمال جي ٽريننگ ڏياري هئي (سنڌ کان ٻاهر موڪلي به).

(٢) ٿوري ٿوري ڳالهه تي فساد ۽ خونريزي ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويندا هئا.

(٣) عدالتي ڪارروائن جو چار پڪيڙيو ويو هو، جنهن کي وڌائيندا پئي ويا (وڪيل هنن جا، ماجسٽريٽ هنن جا، انگريز جي حڪومت سندن پشت پناهه، پئسا هنن وٽ، تنظيم هنن وٽ — مطلب ته ڪنهن به مسلمان قومي ڪارڪن کي ڦاسائڻ کان سواءِ ڪونه ڇڏيو هئائون) ڪيس سيئي ڪوڙا هوندا هئا.

(٤) اخبار ۾ هاءِ گهوڙا اٿيري ته ڪيائون جو سنڌ جي سڄي مسلمان قوم رڳو چور، ڌاڙيل ۽ قاتل پئي نظر آئي. مسلمانن جي مدد ڪرڻ کان خود مسلمان ٿي ڊنا.

(٥) هندن جي انهيءَ تحريڪ جو مرڪز سکر کي ڪيو ويو، ڇاڪاڻ ته ان دؤر جا وڏا هندو ليڊر، وڪيل، سرمائيدار، صحافي، سازشي ۽ فسادي سڀ اتي ئي رهندا هئا. هوئن به سکر اتر سنڌ جو سڀ کان وڏو ۽ اهم ضلعو هو. اتي جيڪي به ٿيندو هو ان جو اثر لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد تي به پوندو رهندو هو.

مطلب ته اهو هو جنگ جو ميدانِ، جنهن کي اوچتو (هڪ جذبي هيٺ) اسين ٻئي ڀائر ڇڏي گهر آيا هئاسون.

•

پر گهر ۾ ٿورن ڏينهن کان وڌيڪ رهيو نه ٿيو. حسام الدين ۽ مون فيصلو ڪيو ته ”در بلا باش، گردِ بلا مباش“ اسان کي واپس سکر هلي بخت کي آزمائڻ گهرجي. ڪو خاص پروگرام اڳيان نه هو، فقط اهو جذبو هو ته اتي هلي ڪو ڪم ڪجي. جهنگ ۾ بيڪار ۽ هٿ تي هٿ رکي ويهڻ اجايو ٿيندو. جيتريقدر ڪم جو تعلق هو ته اسين رڳو لکڻ پڙهڻ ۽ اخبار ڪيڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن به ڪم جا اهل نه هئاسون.

سکر اچي اسان چار رپيا مهينو مسواڙ تي نارائڻ داس موٽرن واري جي بلڊنگ ۾ هڪ ڪمرو ورتو. اها عمارت ليوڪس پارڪ جي سامهون هئي ۽ شايد اڄا تائين موجود آهي.

مثال طور:

(۱) سوئن جو ڏڙو کليو جنهن هتي جي تاريخ جي قدامت بابت سڄي دنيا جون اکيون کولي ڇڏيون.

(۲) هتي جي ڪن متعصب ۽ سرڦريل هندن اخبارن ۽ رسالن جي ذريعي سنڌي زبان ۽ سنڌ جي تاريخ سان هٿ چراند شروع ڪئي.

(۳) هندو مسلم فساد شروع ٿي ويا جن ۾ هر فرقي پنهنجي گهر کي صاف سٿرو رکڻ جي لاءِ پنهنجي ماضيءَ کان مدد ورتي.

(۴) ڪي سنڌي مسلم نوجوان اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ سنڌ جي تاريخ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳا. انهن تاريخ تي تحقيق جو ڪم شروع ڪيو، پراڻن علمي ذخيرن کي ڳولي هٿ ڪيو. ڪين جيڪي به پراڻا قلمي نسخا ملي سگهيا. انهن کي تباهه ٿيڻ کان بچايو. هنن سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي ۽ سنڌ نيچرل هسٽري سوسائٽي قائم ڪئي. ۽ پنهنجي قلمي پورهيي سان هتي جي ماڻهن ۾ تاريخ ۽ زبان جي اهميت بابت شعور ۽ احساس پيدا ڪيو.

(۵) انهن ڏينهن ۾ ئي آنجهاني ڊاڪٽر گربخشاڻي جو ڪلاسيڪل ڪتاب شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام تي ٽن جلدن ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هو ۽ ان جي ڪري تمام گهڻي سجاڳي ٿي.

جن صاحبن مسلمانن جي طرفان علمي ۽ تحقيقي ميدان ۾ شروعات ڪئي انهن جا نالا هي آهن: حڪيم فتح محمد سيوهاڻي مرحوم، مولانا دين محمد وفائي مرحوم، ڊاڪٽر محمد عمر دائود پوٽو مرحوم، مسٽر محمد حنيف صديقي مرحوم، محمد صديق ميمڻ مرحوم، عثمان علي انصاري مرحوم، سيد ميران محمدشاهه مرحوم (۽ به چار غير متعصب هندو ليکڪ).

پوءِ اهو حلقو ڪشادو ٿيندو ويو ۽ ڪيترائي ليکڪ ۽ عالم ان ۾ شريڪ ٿيندا ويا. ڏهن ورهين ۾ سنڌن ذاتي ڪوششون ايتري ته اهميت حاصل ڪري ويون جو جناب جي- ايم- سيد تعليم جو وزير ٿيندي ئي انهن سڀني کي هڪ سرڪاري علمي تحقيقي اداري ۾ شامل ڪرڻ ضروري سمجهيو. اهو ادارو اڳتي هلي سنڌي ادبي بورڊ سڏجڻ لڳو.

انهن صاحبن سان شروع کان ئي منهنجو تعلق رهيو هو جنهن جي ڪري حسام الدين مرحوم به انهيءَ حلقي ۾ داخل ٿي ويو هو، حقيقت ۾ اها اڃا رڳو شروعات هئي، حسام الدين جي علمي، ادبي ۽ تحقيقي زندگيءَ جي، وقت گذرڻ سان گڏ هو ان ميدان ۾ تمام گهڻو اڳتي وڌي ويو هو ۽ پنهنجن ڪيترن ئي ساٿين کي پٺتي ڇڏي ويو.

●

هن مضمون ۾ مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي ته اخبارن سان تعلق هجڻ جي ڪري اسين ڀئي ڀائر ان زماني ۾ سکر ۾ رهڻ لڳاسون. سکر پراڻي زماني ۾ سنڌ ۽ خاص ڪري اتر سنڌ

ممتاز راشدي

# حسام الدين راشدي ــ هڪ انسان، هڪ عالم

هاڻي جيئن تہ سنڌ کم پورو ٿيو آهي ۽ خيرخواهيءَ سان پورو ٿيو آهي ۽ سنڌ هيءَ خواهش بہ پوري ٿي آهي تہ اوير جي تاريخ ۽ ادب جا اهم دؤر نئين دنيا جي ڏيان تي آندا وڃن، حسام الدين راشدي جي زندگيءَ کي نيٺ آرام مليو ۽ سنڌ روح آڏامي وڃي پنهنجي پالڻهار جي حضور ۾ حاضر ٿيو.

سنڌ پڙهندڙ، سنڌ مداح، سنڌ دوست، سنڌ خاندان ۽ پڻ پيشہ ور نقاد ورهين تائين سنڌ موت تي ڏک ڪندا رهندا. هاڻي شايد کين وڌيڪ احساس ٿيندو تہ هن جي باري ۾ سنڌ جيتري جيڪا ڄاڻ هئي، ان کان بہ وڌيڪ ڄاڻ کين حاصل ٿئي. تنهنڪري اهي هن بابت جيڪي بہ پڙهندا يا جيڪي بہ ٻڌندا، ان سان هرهڪ ڏاڍو جهٽيندا ويندا تہ جيئن سنڌ زندگيءَ جو عاليشان تاجي پيتو آڻي سگهن ــ جنهن معلوم ڪري سگهن تہ آها ڪهڙي ڳالهہ هئي، جنهن کيس، ٻين جي ڀيٽ ۾، هڪ اهڙي خصوصيت بخشي ۽ شهرت ڏني، جو اسان جي هن فاني دنيا ۾ هن پاڻ کي هڪ جاودان حيات حاصل ڪرڻ جي لائق بڻايو.

حسام الدين کي آءٌ پنجويهن ورهين کان سڃاڻان ۽ آن سموري عرصي ۾ مون وٽس بي نيازيءَ ۽ خوداعتماديءَ جو هڪ اڻ کٽ ذخيرو ڏٺو. ظاهر آهي تہ آها خصوصيت هن پنهنجي زندگيءَ جي شروعات ۾ ئي حاصل ڪئي هوندي. ڪير ائين سمجهندو تہ چاڪاڻ تہ سنڌ علمي ڄاڻ تمام اونهي هئي ۽ هن پنهنجي تربيت پاڻ ڪئي هئي، تنهنڪري پنهنجي اوسي پاسي جي ماڻهن کان مولائيءَ سان متاثر نہ ٿيو هوندو. دنيا وارن جي لاءِ سنڌ طور طريقا ۽ عادتون نشاة الثانيہ جي اميرن ڪبيرن جهڙيون هيون، پوءِ ڪٿي اها نشاة الثانيہ يورپ جي هجي يا ٽائين صديءَ جي هسپانيہ ۽ اتر افريقہ جي عرب مسلمانن جي. هو نفاست پسند ۽ خوش خلق هو، ان هوندي بہ ماڻهن کان ٿورو پريرو رهڻ جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن غلطيءَ وچان کيس مخلص نہ سمجهيو ويو.

هو مهربان هو، خوش طبع هو، زندگيءَ جي سٺين شين سان لطف وٺي سگهندو هو. عمدين ۽ اعليٰ شين جي وٽس سچي پرک هئي. فن کي سمجهندو هو ۽ چٽي سگهجي ٿو تہ فن سان ازلي عشق هوندو هوس، چاڪاڻ تہ لکڻ، تحقيق ڪرڻ ۽ علمي فضيلت کي بہ فن

هوندي. دوراند يشي ۽ زمانه شناسي ساڻهن کي ابن‌الوقت بنجڻ طرف مائل ڪندي آهي؛ ليڪن هن جي طبعي صلاحيت کيس ان گپ کان آزاد پئي رکيو آهي. ڪجهه وقت کان ڪيترا اديب، مصلحتن جي ڪڙي ڪيل ٻتن اڳيان، مصلحت وقت، ملڪي تقاضائن، يا ساده فهميءَ ڪري، سربسجود پئي ٿيا آهن، پر هن جي پيشاني، باوجود حڪام وقت سان سٺا تعلقات هئڻ جي، پاڪ پئي رهي آهي.

اِنهيءَ مختصر تعارف کان پوءِ، سندس زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جو ذڪر ڪريان ٿو.

صحافت: هي اول ۾ اخبار ”جاڳڻ“ جا نواب، ميان خالقداد، پيو، جاڳڻ جي ڳوٺ نزديڪ شڪارپور مان ١٩٢٦ع ڌاري ڪيندو هو، ان جو نامه نگار ٿي رهيو. ان کان پوءِ ١٩٢٩ع ڌاري، هڪ ماهوار رسالي ”المنار“ جو ڪجهه وقت لاءِ ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيائين. ساڳئي وقت ۾ ماهوار اخبار ”پيغام“ جا مولانا عبدالڪريم چشتي ڪيندو هو، ان جو نامه نگار پڻ ٿي رهيو. ان کان پوءِ، خانبهادر کهڙي جي نظر هيٺ سکر مان هڪ اخبار ”سنڌ زميندار“ نالي نڪرندي هئي، جنهن جو مئنيجر آغا نظرعلي هوندو هو، ان اخبار جو هيءُ ١٩٣٠ع کان ١٩٣٤ع تائين ايڊيٽر ٿي رهيو. پوءِ سکر مان ميان علي محمد شاهه ۽ هن گڏجي، ١٩٣٤ع ۾، هڪ هفتيوار اخبار ”ستاره سنڌ“ جاري ڪئي، جنهن ۾ بهترين علمي، ادبي، تاريخي ۽ سياسي مضمون شايع ٿيندا هئا. ان جو ١٩٣٧ع تائين هيءُ ايڊيٽر ٿي رهيو. ١٩٤١ع ۾ ”الوحيد“ اخبار ۾، هن بنا نالي جي ڪيترائي مضمون لکيا. ١٩٤٥ع ۾ جڏهن اسان مسلم ليگ کان ٻاهر نڪتاسين، تڏهن قوم پرست مسلمانن جي نقطءِ نگاهه پيش ڪرڻ لاءِ ”قرباني“ اخبار جاري ڪئيسين. ان اخبار ۾ ڪيترو وقت بنا نالي جي ميان علي محمد شاهه مضمون ۽ ايڊيٽوريل لکندو رهيو. ان اخبار ۾ ڪيترن وقتن تي ميان حسام الدين به بنا نالي جي مضمون ۽ ايڊيٽوريل لکندو هو. جڏهن مسلم ليگ وارن پنهنجا مخصوص ذريعا استعمال ڪري، مون کي سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊ ۾ شڪست ڏياري، ته ان وقت هن جو ”قربانيءَ“ ۾ لکيل ايڊيٽوريل ادبي شهڪار ڪري ليکجي ته بجا ٿي سگهندو.

ادبي ادارن ۾ شموليت: ”سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ“ کي، تڏهوڪي وزير تعليم سنڌ، ميان غلام نبي خان پٺاڻ، ١٩٥٠ع ۾، نئين سر ناهي، سنڌي ادبي بورڊ جي نالي هلايو، تہ ان ۾ ٽن سالن کان پوءِ ١٩٥٣ع کان ميان حسام الدين کي ميمبر ڪري رکيو ويو، جنهن تي اجا تائين هلندو اچي. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ، جڏهن ”انجمن ترقي اردو“ جو دفتر دهلي کان مولوي عبدالحق صاحب ڪٺي ڪراچيءَ ۾ آيو، ته ان بورڊ تي پير صاحب کي شريڪ ڪار ڪيو ويو، جنهن تي اڄ تائين ڪم ڪري رهيو آهي. هي مولوي عبدالحق جي ويجهي ۾ ويجهن دوستن مان هڪ آهي. پاڪستان حڪومت، اردوءَ کي ملڪ جي قومي زبان ٺهرائي، ترقي ڏيارڻ لاءِ هڪ ”اردو ڊيولپمينٽ بورڊ“ ٺاهيو هو، جنهن تي

درجہ اول" جو تمغو ڏنو. ١٩٦٥ع ۾ کيس روس ڪلچرل اِئسوسئيشن جو نائب صدر چونڊيو ويو. ١٩٦٦ع ۾ پاڪستاني لکندڙن جي وفد ۾ چين جي دوري (٢٠ اپريل تا ١٥ مئي) تي ويو. مستشرقين جي عالمي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ روس، هندستان ۽ آمريڪا ۾ ٿيل اجلاسن ۾ شرڪت لاءِ کيس دعوت ڏني ويئي، ليڪن خانگي ڪمن سبب وڃي نہ سگهيو. ١٩٦٦ع ۾ شهنشاهہ ايران طرفان پهلوي ڪتبخاني جي تحت ٿيندڙ ايران شناس عالمن جي عالمي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ کيس خاص طرح مدعو ڪيو ويو (٦ سپٽمبر تا ١٦ سپٽمبر). هو ١٩٦٦ع ۾ افغان حڪومت جي دعوت تي افغانستان ويو، جتي هن سنڌ ۽ افغانستان جي مشترڪ تاريخ تي مواد هٿ ڪيو.

---

"...... سنڌ کي پنهنجي تهذيب، پنهنجو تمدن ۽ پنهنجو فڪر آهي، جنهن جي اظهار جا ادبي ذريعا بہ وٽس پنهنجا ۽ مخصوص آهن، جن کي ڪافي ۽ ڏوهيڙو چئجي ٿو. انهن جا استعارا، تشبيهون ۽ تلميحون پنهنجون ۽ نج ملڪي آهن. اهي، جيڪي هتان جو ماڻهو اکين سان ڏسي ٿو، جن سان صدين کان سندس سروڪار آهي ۽ پيڙهين کان سندس پيچ پيل آهي. مسلسل نظم جو بہ سنڌ کي پنهنجو نمونو آهي، جنهن ۾ داستان ۽ پنهنجي تاريخ جا ڪارناما بيان ٿيل آهن. تنهن کان سواءِ سُر ۽ ساز بہ پنهنجا تہ تَند ۽ تنوار بہ پنهنجي آهي، باوجود هن جي جو سنڌ تي صدين تائين ڌارين جي قبضي جي پهڙا رهي؛ غيرن جو تسلط ۽ تمدن قابض رهيو؛ ٻاهرين جون رسمون ۽ رواج حاڪمائي ڏاڍ ۽ ڏُڏَ تي نافذ رهيا، ليڪن سنڌ ۽ سنڌين جي پنهنجي فطرت ۽ فڪر تي نہ اثر انداز ٿي سگهيا ۽ انهيءَ کي زائل ڪري سگهيا. سنڌ جي حُسن جي پرک پنهنجي، عشق جو معيار جدا، محبوب جو تصور مخصوص ۽ انهيءَ سلسلي ۾ جذبن ۽ احساسن جو اظهار انتهائي نازڪ ۽ بازاري خواهہ اوباش طرز کان پاڪ ۽ صاف ٿئي ٿو. سنڌي شعر ۾ ڪڏهن بہ عاميانہ ۽ اخلاق کان ڪريل نہ خيال هوندو ۽ نہ تصور. ڳالهہ توڙي جو مجاز کان شروع ٿيندي ليڪن انت وڃي حقيقي عشق سان ٿيندس.

— سيد حسام الدين راشدي

[عنايت بلوچ جي شعري مجموعي "تند ڪنارو ڪند"
جي مهاڳ مان ڪنيل اقتباس.]

### رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي

# آه حسام الدين!

١- اپريل ١٩٨٢ع خميس جو ڏينهن، اسان سڀني لاءِ انتهائي منحوس، ڀيانڪ، ڏکدائڪ، اندوهناڪ ۽ المناڪ هو. جڏهن ريڊيو تان ١- بجي منجهند ڪان خبرن ۾ مسلسل حسام الدين جي لڳ ڪاندارينڌڙ موت بابت خبرون نشر ٿيڻ لڳيون. پهرين ته آنهيءَ کي اپريل فول April Fool جو مذاق سمجهي يقين ئي نه پي آيو، پر پوءِ جڏهن رات جو ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي خبرن ۾ صدر پاڪستان ۽ گورنر سنڌ طرفان سندس لاءِ تعزيتي پيغام نشر ٿيا، ته اکين اڳيان اونڌيرو ڇانئجي ويو. اکڙين مان بي اختيار لڙڪن جا ڇيڄ ڇٽي پيا ۽ نيڻن مان نير جون نديون وهڻ لڳيون. يقين اٿم ته اهو حال ادبي، علمي ۽ ثقافتي حلقن جي سڀني سڄڻن جو هوندو. آءٌ صرف هڪ ڏينهن اڳ ڪراچيءَ ۾ سندس وصال وڻن لاءِ واجهائيندو ترڦندو رهيس. پر افسوس! باوجود اڻٿڪ جدوجهد ۽ ڪوششن جي به، سندس وصال حاصل نه ڪندي ناڪام ۽ نراش ٿي واپس ماتلي پهتو هئس.

آه! حسام الدين هليو ويو!! اسان سڀني سان بيوفائي ڪري!!! اڃان ته سندس وڃڻ لاءِ سوچي ئي نه ٿي سگهياسين ته ڪيترا هٿ ۾ ڪنيل ڪم اڌورا ۽ اڌورا ڇڏي هن طرح بي وقت هليو ويندو؟ ڇا، قدرت کي اسان جي بيڪسي، بيوسي ۽ يتيميءَ جو احساس به ڪونه ٿيندو؟ پر اهو ڪڏهن ٿيو اٿس! ڪيئي غوث، قطب، عالم، عارف، ابدال، مست قلندر، ولي الله ۽ انبياءِ ڪرامن تي به رحم نه ڪندي، عزرائيل کي ساقي بڻائي اجل جي زهر جو پيالو پياريائين. اڃان به جيڪڏهن غور ڪندي سوچبو ته پنهنجن پيارن کي ڪشٽ ڪشالا ڪيارائي، قدم قدم تي تڪليفون اذيتون ڏيارائي، وقت ڪان اڳي بي موت مارايائين، جنهن جو تفصيل تمام ڊگهو ٿي پوندو، تنهن هوندي به مختصر ڪندي ڪي چند نالا هتي لکجن ٿا، جن ۾ انبياءِ ڪرام، عارف، اولياءَ ۽ امام اچي وڃن ٿا.

---

سنڌي ٻوليءَ جي منفرد اهل قلم، رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي ماتليءَ واري اهو مضمون پاڻ وڏي چاهه ۽ اتساهه سان، هن خاص نمبر جي اعلان ٿيڻ وقت سڀني کان پهرين موڪليو هو. افسوس جو اڄ رئيس اسان وٽ موجود ناهي! پاڻ ١- جنوري ١٩٨٢ع تي رحلت فرمايائون. ـــ ادارو

ذڪريا تي ڪرت وهارائي اڌو اڌ ڪرايائين، يونس کي مڇيءَ جي پيٽ ۾ گهڙڪايائين،
ايوب کي ڪيڙن کان کارايائين، يحيٰ کي ڪات ڪان ڪُهارايائين، يعقوب کي نابين بڻايائين،
يوسف کي سرِ بازار نيلام ڪرايائين. پيا به ڪيترائي انبياءِ ڪرام سندس شتاب عتاب ۽ زد ۾
اچي ويا هوندا، جيڪي هڪ لک چوويهه هزار ٻڌجن پيا. پر اسان جي پياري نبي آخرالزمان
ختم المرسلين احمدِ مجتبيٰ محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن کي به ڪيئي صعوبتون سٺارايائين،
پيو ته پيو پر سندس پيارن ڏوهٽن نواسن امامن سڳورن کي به نه بخشيائين.

”صادقن کي سور سختيون، فاسقن کي فرحتون،
تنهن سفل بخشيءَ جو سبب، سبحان کان گهرجي پڇڻ.“

اهڙيءَ طرح سان سچن صادقن، عارفن، ولي الله جو به وڏو تفصيل آهي، جن ۾ منصور کي دار ڪرايائين، شمس تبريز جي کلڙي لهرايائين، سرمد کي اڏيءَ تي آڻي سر قلم ڪرايائين، شاهه عنايت کي شهادت ڏيارايائين، بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙهايائين، دولهه دريا خان کي منافقن هٿان اجل جو شڪار بڻايائين. سندس قهاري ۽ جباريءَ جا ويهي ڪهڙا داستان دهرائجن. حتيٰ ڪه سڄي تواريخ بربريت ۽ ظلم وستم جي انهن داستانن سان ڀري پيئي آهي، جنهن لاءِ منڪر نڪير به لکي لکي ٿڪي پيا هوندا، ايتري قدر جو فلڪ ڪج رفتار جون اکيون به ڏسي ڏسي پنهنجي بصيرت وڃائي ويٺيون هونديون. تنهن هوندي به هٺ وڏائي غرور ۽ تڪبر سان سينو تاڻيو مٿان بيٺو آهي.

هونئن ته زندگيءَ جي بي بقا سفر ۾ اسان کان ڪيئي همسفر رفيق ۽ پيارا ساٿي وڇڙجي ويا، جن جا صدمن پٺيان ناگهاني صدما سهندي ٻٽ ۽ بي حس بڻجي ويا آهيون، پر اڄوڪي هن بي موقعي بي محل جانڪاهه صدمي، مثل زندگي کي صدمو ڏيئي ايڏو ته ايذاءُ رسايو، جنهن جي سهڻ جي طاقت نه هئي نه آهي. پر سواءِ صبر جي ٻيو ڪري به ته ڪري ڇا ٿو سگهجي. مگر اهو انتهائي دکدائڪ ۽ المناڪ صدمو، نه فقط مون هڪڙي لاءِ آهي، بلڪ اڄ ته انهيءَ کي بين الاقوامي تسليم ڪندي، صرف سنڌ، سنڌواسين، اديبن، عالمن، صحافين، شاعرن، محققن، فلاسافرن، تواريخ نويسن، دانشورن، پروفيسرن، اسڪالرن، هارين، مزدورن، شاگردن ۽ فنڪارن لاءِ به هڪ ناقابل تلافي صدمو سمجهان ٿو، جنهن جي پورائي ۽ جڳهه پُر ڪرڻ ناممڪن آهي.

اڄ اسان جا اهي ادارا — اسڪول، هاءِ اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون، انسٽيٽيوٽ، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي، عجائب گهر، ريڊيو، ٽيليويزن ۽ اهڙائي ٻيا جملي علمي ادبي، صحافتي ۽ ثقافتي مرڪز بيحد افسرده، ياس زده، غمزده ۽ مايوس آهن. سڀئي آه و فغان ڪندي گريه-زاران ٿي، انهيءَ فلڪ ڪج رفتار ناهنجار کان سواليه نگاهن سان پڇي رهيا آهن ته اسان کان هن طرح بي وقت حسام الدين کي ڇو کسي ورتئي؟ جنهن جي وڃڻ جو وقت، اڃا ڪونه آيو هو. ڇا! انهيءَ جاءِ تي ڪو ٻيو حسام الدين ڏيئي سگهين ٿو؟ جيڪو اسان جي دلجوئي

Gul Hayat Institute

ڪيس جنت الفردوس ۾ جڳهه ڏيئي، حُورن جي هنج ۾ رکي. اسين عبرت حاصل ڪندي، پاڻ کي صبر جي تلقين ڏيندي، إنا لله و إنا إليه راجعون چوندي تسڪين حاصل ڪريون ٿا.

آخر ۾ وري بہ آه! حسام الدين!! جيتوڻيڪ سندس لا تعداد انيڪ علمي ادبي ذخيرن سان گڏ، سندس هٿ اکر لکيل خطن جو دستاويزي فائيل "ڪيئي ڪتاب" جي افتتاح وقت سندس صدارتي حيثيت سان ڪيل تقرير جي ڪيسٽ، ٽيليويزن انٽرويو ۾ ساڻ گڏ هجڻ، ساڻس گڏ نڪتل ڪيترائي يادگار فوٽو ۽ مون بابت سندس رايا بہ محفوظ آهن. پاڻ دوستن کي هميشه چوندو هو تہ "رئيس صاحب پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن، ادارو ۽ إنسٽيٽيوٽ آهي." حالانڪ پاڻ جسماني طور تہ جدا ٿي ويو، پر روحانيت ۾ هردم ساڻ آهي.

---

سنڌوندي هن وقت ٺٽي کان ڇهہ ميل پري ڏکڻ ۾ وَهي ٿي. اڳئين زماني ۾ شهر جي پڪيڙ درياهہ تائين پهتل هئي، ۽ درياهہ تي سامان جي لاهڻ ۽ ڪٽڻ، پيڙن ٻيهارڻ ۽ مسافرن جي لاهڻ چاڙهڻ لاءِ وڏو بندر هوندو هو، جنهن کي گهاٽ سڏيو ويندو هو. ملتان بکر خواهہ حيدرآباد وغيره کان جيڪو مال ايندو هو، يا اوڏانهن ويندو هو، سو انهيءَ گهاٽ کان لهندو ۽ چڙهندو هو. ٺٽي تي جيڪي نواب درياهہ جي رستي ايندا هئا سي بہ انهيءَ گهاٽ وٽ اچي لهندا هئا. چنانچہ نواب مريد خان ٺٽي تي جڏهن مقرر ٿي آيو، تڏهن انهيءَ گهاٽ تي اچي لٿو. دارا شڪوه کي جڏهن قلعو پسند نہ آيو ۽ هن ان کي باهہ ڏيڻ جو حڪم ڪيو، تڏهن تعميل ارشاد خاطر انهيءَ گهاٽ جي چند پونگين کي باهہ ڏني ويئي، ۽ ان کان پوءِ اهو "سوختہ گهاٽ" جي نالي سان مشهور ٿيو. اهو گهاٽ نهايت سهڻو، پُر فضا ۽ نهايت رونق دار هو، شهر جا ماڻهو گهڻو ڪري تفريح لاءِ اتي وڃي ويهندا هئا. ڪيترن مشائخن جا تڪيا انهيءَ گهاٽ تي هوندا هئا، جن مان هڪ ۾ "موصول" نالي هڪ شاعر بہ ڪيترا ڏينهن اتي ٽڪيو.

ـــ سيد حسام الدين راشدي

مضمون: "ٺٽي شهر جي آڳاٽي جاگرافي"

(ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون ص ١٢٧)

ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي ”خادم“

# آه راشدي!

تازه خواهي داشتن گر داغهاي سينه را
گاهي گاهي بازخوان اين قصهٔ پارينه را

دل کي گهڻوئي سمجهايان، نصيحتون پيو ڏيان ته دنيا دارالفنا آهي، جيڪو ڄائو آهي سو مرندو، اڳ کي پوءِ لڏيندو، خاڪي جسم ڇڏيندو، پر پوءِ به:

دل هي تو هے نه سنگ و خشت، درد سے بهر نه آئے کيون

واقعي زندگيءَ جي دوران ڪن شخصن سان اهڙا تعلق ٿي وڃن ٿا، جو هُنن جو وڇوڙو، خاص ڪري دائمي وڇوڙو، دل کي گهاءُ ٿو رسائي. ملڪ جي ورهاڱي بعد، گذريل ۳۴-۳۵ سالن اندر، مون جيڪي سربي، مهربان ۽ اديب دوست وڃايا آهن، اُنهن مان خاص ۽ هرگز نه وسرڻ جا، پاڪستان مان آهن. استاد شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽو، علامه آءِ.آءِ قاضي، عثمان علي انصاري، مولوي دين محمد وفائي، حيدر بخش جتوئي، لطف الله بدوي، مرزا گل حسن ڪربلائي، همڪلاسي غلام محمد شهواڻي ۽ شاگرد پروفيسر محبوب علي چنو — ظالم زماني جي نظر ۾ شايد اهي هاڃا ڪافي نه هئا، جو هيئنر سيد حسام الدين راشديءَ جو داغ مفارقت ڏنو اٿس.

حسام الدين سان منهنجي پهرين گڏجاڻي اڄ کان ۴۱ سال اڳ سن ۱۹۴۱ع جي جُون مهيني ۾ سندس ڳوٺ بهمڻ ڪوٽ جي ٻاهران ڪُتل تنبن وٽ ٿي. هو مون کان عمر ۾ ۳-۴ سال وڏو هو. اُن زماني ۾ مان ڏيارام سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پارسي پڙهائيندو هوس ۽ سنڌ جي پارسي شاعرن تي ڊاڪٽري لاءِ رسالو جوڙڻ جي مراد سان، سنڌ جي دوري تي نڪري،

---

نوٽ: ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي ”خادم“، پير صاحب جي وفات تي، آل انڊيا ريڊيو تان هڪ خصوصي پروگرام نشر ڪيو هو. سندن تقرير جو متن شڪريي سان شايع ڪجي ٿو. ڊاڪٽر صاحب سان، پير صاحب جا عالمانه تعلقات هئا. ڊاڪٽر صاحب جو ڪتاب ”پرشن پوئيٽس آف سنڌ“ جي عنوان سان، سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب جو اِهو مضمون اداره مهراڻ کي مرحوم رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي وٽان دستياب ٿيو.



Gul Hayat Institute

جي. آلانا

# علم جو عاشق — حسام الدين راشدي

پير حسام الدين راشدي کي، جنهن کي مرحوم لکندي دل ٽڪر ٽڪر ٿي ٿئي، مان گذريل اڌ صديءَ کان سڃاڻان ۽ مون کي ڪيترائي ڀيرا ساڻس گڏ رهي، ڪم ڪرڻ جا موقعا پڻ مليا آهن. انهيءَ ڊگهي ساٿ جي نتيجي ۾، سندس باري ۾ منهنجا تاثرات هي آهن ته علم هُن جي زندگي، علم هُن جي محبت ۽ علم هُن جو عشق هو. هن دنيا ۾ اگر ڪا شيءِ هن کي سڀني کان وڌيڪ پياري هئي ته اها علم ۽ علم جي جستجو هئي، جنهن لاءِ هن پنهنجي سڄي ڄمار وقف ڪري ڇڏي هئي. اردو ۽ سنڌي ادب ۾ سندس وڏو مقام آهي ۽ ادب لاءِ ڪيل سندس گرانقدر خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو. منهنجيءَ نظر ۾ سنڌي ادب ۾ اڄ ڪان اڳي جيترا به اديب ٿي گذريا آهن، انهن ۾ پير حسام الدين راشدي جو نالو پهرينءَ صف جي چند اديبن ۾ اچي ٿو.

تاريخ ۽ تاريخ جو اڀياس ان جو خاص موضوع هو، ۽ انهيءَ مضمون تي سندس گهري نظر ۽ دسترس هئي. ۽ اهائي سندس خوبي هئي، جو نوجوانن جو هڪ وڏو طبقو کانئس فيض حاصل ڪرڻ لاءِ روزانو وٽس ايندو رهندو هو. انهن مان اڪثر اجنبي هوندا هئا، ليڪن پاڻ هميشه هر طالب علم جي حوصله افزائي ڪري کيس علم جي دولت سان مالامال ڪندا هئا.

هڪ خاص ڳالهه، جا مون کي پير صاحب جي زندگيءَ ۾ نمايان نظر آئي، ۽ جنهن کي مان ذاتي طرح گهڻو پسند ڪريان ٿو، اها هيءَ هئي ته پير صاحب هڪ متبحر عالم ۽ اسڪالر هجڻ جي باوجود نهايت حليم الطبع انسان هئا. هڪ زماني ۾ پير صاحب ۽ منهنجي مرحوم دوست ممتاز حسن، ٻنهي گڏجي، شهر ڪراچي ۽ سنڌ جي ميوزيم لاءِ وڏو ڪم ڪيو. انهن کي پراڻين شين، عجائب گهرن ۽ قديم طرز تعمير سان خاص دلچسپي هئي ۽ ان موضوع تي وڏي ڄاڻ رکندا هئا. انهن کي فارسي، سنڌي ۽ اردو قلمي نسخن سان پڻ گهرو لڳاءُ هو ۽ هو مخطوطن جي مشڪل کان مشڪل عبارتن کي پڻ پڙهي سگهندا هئا، ۽ انهن جو مفهوم سمجهائي سگهندا هئا. هن شهر ڪراچيءَ ۾ انهن سوَن عام ۽ ادبي جلسن جون صدارتون ڪيون ۽

---

نوٽ: محترم جي. آلانا، پير صاحب جي وفات واري ڏينهن تي اهي تاثرات، روزانه جنگ کي ڏنا هئا. هيٺ ان جو سنڌي ترجمو، شڪريي سان پيش ڪجي ٿو.

معرڪة آلارا تقريرون ڪيون. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هو هڪ وڏي مقصد (مشن) سان ويندا هئا ۽ سنڌي عوام کي علم ادب سان واقف ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. اهڙا انسان، هڪ زماني کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن. اڄ اهي اسان کان جسماني طرح الڳ ٿي چڪا آهن، ليڪن سندن ياد انهن ماڻهن جي دلين ۾ سدائين قائم رهندي، جن ساڻن ملاقاتون ڪيون، علمي فيض حاصل ڪيو ۽ جي سندن علمي مرتبي کان صحيح معنيٰ ۾ آگاهه هئا.

پير حسام الدين راشدي جي علمي وسعت ۽ شهرت پاڪستان تائين محدود نہ هئي، ڪيس پاڪستان کان ٻاهر متعدد ملڪن ۾ هڪ وڏي محقق ۽ ادبي اسڪالر جي حيثيت سان ڄاتو ويندو هو، خاص طرح مشرقي علمن جا ماهر ان جو گهڻو احترام ڪندا هئا. ڪيس ڪيترائي دفعا ٻاهرين ملڪن ۾ علمي ۽ ادبي سيمينارن ۽ ڪانفرنسن ۾ مدعو پڻ ڪيو ويو هو

سنڌ جي قديم تاريخ ۽ تهذيب تي پير صاحب جيڪا گرانقدر تحقيق ڪئي آهي، اها خاص طرح ٻڌائڻ جهڙي آهي ۽ ان شعبي ۾ سندس خدمتون سونهري لفظن ۾ لکيون وينديون. پير صاحب سڄي ڄمار سياست کان ڪناره ڪشي ۾ بسر ڪئي، حالانڪ سندس همعصر وڏي ڀاءُ پير علي محمد راشدي جواني کان پوءِ هميشه سياست ۾ حصو ورتو، ۽ وڏو نمايان ليڊر رهيو. ليڪن پير حسام الدين جي لڳن ٻي هئي ۽ پاڻ کي سياست کان علحده رکي فقط علم ادب سان واسطو رکيو.

اڄ مون کي، ساڻس گڏ گذاريل ڏينهن جو هڪ هڪ لمحو ياد اچي رهيو آهي. جڏهن هو ڪراچيءَ ۾ شڪارپور ڪالونيءَ ۾ پنهنجي گهر ۾ رهيل هوندا هئا. ان زماني ۾ آءٌ بار بار وٽس ويندو هوس ۽ اسان ٻئي ڪلاڪن جا ڪلاڪ علمي موضوعن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندا رهندا هئاسون. مون سندس گهر ۾ هزارن ناياب ۽ قيمتي ڪتابن جا انبار ڏٺا، جن ۾ هر موضوع تي مواد هوندو هو. اتي پڻ اسان علمي ڪچهري ڪندا هئاسين. مون سندس بيڊ روم ۾ ڏٺو تہ چئني طرفن کان ڪتاب هوندا هئا، جي سندس علم دوستي ۽ مطالع سان گهري شغف جي واضح نشاندهي هئا.

پير صاحب تنهائي پسند هئا ۽ گوشہ نشيني جي زندگي جا حامي ۽ عادي. هي هڪ عجيب اتفاق آهي تہ هڪ وڏي پير خاندان ۾ — جو لاڙڪاڻي جو وڏو زميندار گهراڻو پڻ آهي — هڪ اهڙو شخص پيدا ٿيو، جنهن کي علم کان سواءِ ٻي ڪابہ شئي پسند نہ هئي. علم سان سندس گهري ۽ مسلسل شغف جو هڪ عجيب ثبوت اهو آهي جو پير صاحب پنهنجي گهر ۾ ٽيليفون رکڻ پسند نہ ڪندو هو ۽ پاڻ چوندو هو تہ ٽيليفون هڪ مصيبت آهي، جا علمي ڪم ڪار ۾ رڪاوٽ بنجي، توجهه هٽائي ٿي. سندس چوڻ هوندو هو تہ جيڪو بہ ماڻهو مون سان ملڻ چاهيندو تہ مان ان کي گهر ۾ پليڪار چوندس. هو سدا اچي، ويهي، علمي موضوعن تي ڳالهيون ڪري، ڪجهہ مون کي سيکاري، ڪجهہ مون کان سکي.

پير صاحب ساده زندگي گذاري، نت نانگر ڪان پري. نيڪ انسان هئو. ڪيس پيسن ڪمائڻ يا جمع ڪرڻ جو ڪڏهن به شوق نه رهيو. پاڻ پنيان جيڪي ڪجهه ڇڏيو اٿس، سو مال دولت نه، پر علمي خزانو آهي، جيڪو ڪتابن، تحقيقي مقالن ۽ تقريرن جي شڪل ۾ ڇڏيو اٿس.

مان وڏي عاجزيءَ سان ڪراچيءَ جي شهرين کي اپيل ڪندس ته پير صاحب جي ياد ۾ هڪ پُر وقار ۽ يادگار تقريب جو بندوبست ڪن، جنهن ۾ هر زبان جو مقرر سندس زندگيءَ تي روشني وجهي، جيئن اگر ڪو سندس زندگي بابت لکڻ چاهي ته هن تقريب جو احوال ان لاءِ سرمايو ثابت ٿئي. جيئن ته سندس زندگيءَ جو وڏو حصو ڪراچيءَ ۾ گذريو آهي، ان ڪري ڪا معروف شاهراهه سندس نالي سان منسوب ڪئي وڃي ته اها ڳالهه شهرواسين طرفان پير صاحب کي خراج عقيدت تصور ڪئي ويندي.

— سنڌيڪار: ولي رام ولڀ

---

ٽالپرن جي ننڍين ننڍين بادشاهت قائم ٿي هئي. ڪلهوڙن جون درباريون، انهن جي علم پروري، داد و دهش، شاعرن، اديبن، عالمن ۽ اهل فن جو اجتماع اکين سان ڏٺو هئائون: انهيءَ دور جو پيدا ٿيل علمي ۽ ادبي ذخيرو سڀ سندن سامهون هو: تنهنڪري هنن لاءِ به لازمي هو ته گذشته دربار جون سڀئي روايتون قائم رکن، جيئن ملڪ جو علمي طبقو ڪانئن خوش رهي ۽ اڳينءَ سلطنت جي ختم ٿيڻ جو احساس ۽ افسوس سندن دلين مان نڪري وڃي.

ٽالپرن، پنهنجي دربار ۾، ملڪي خواهه غيرملڪي، شاعر، اديب ۽ عالم ڪيترا آڻي گڏ ڪيا. ازانسواءِ پاڻ به علم جا شوقين، ادب مان شناسا ۽ شعر وسخن جي ميدان جا شهسوار هئا. تنهنڪري نه فقط رسمي طرح قدرداني ڪندا هئا، بلڪ انهيءَ معزز طبقي تي حقيقي طرح داد و دهش جي ورکا ٿيندي هئي ۽ سندن جائز قدرداني ڪئي ويندي هئي.

— سيد حسام الدين راشدي

مضمون "مير مائل جي بياض ۾ سنڌ جي تاريخ جو مواد"

(ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون: ص ١٥٧)

قريشي حامد علي ”خانائي“

# سيد حسام الدين راشدي بحيثيت — محقق ۽ مورخ

سيد حسام الدين راشدي (سن ١٩١١ع = ١٣٢٩هه – سن ١٩٨٢ع = ١٤٠٢هه) برصغير هند و پاڪ جي هڪ مشهور بلند پايي جي عالم، محقق ۽ مؤرخ جي حيثيت سان مشهور آهي. سندس شخصيت خاص ڪري سرزمين سنڌ لاءِ فخر جو باعث آهي. سنڌي زبان، ادب ۽ تاريخ، سندس علمي ۽ ادبي ڪاوشن تي جيترو به ناز ڪري، اوترو گهٽ آهي. سيد صاحب پنهنجي عالمانه ۽ محققانه خدمتن ۽ ڪاوشن ڪري نه فقط سنڌ ۽ هند ۾، بلڪ ايران ۽ ٻين ڪيترن ڏورانهن ڏيهن ۾ پڻ نيڪنامي ۽ شهرت حاصل ڪري چڪو آهي. پاڻ پنهنجي انفرادي شخصيت جي لحاظ کان پنهنجي همعصر عالمن ۽ مؤرخن ۾ هڪ وڏي حيثيت جو مالڪ هو. سندس علمي، تحقيقي ۽ مؤرخانه لکڻيون هڪ فني ۽ انتقادي معيار تي پهتل هيون. پاڻ پنهنجي دلڪش اسلوب بيان ۽ سليس عبارت جي ڪري هڪ مثالي حيثيت جو حامل هو. سچ پچ ته سيد صاحب جي شخصيت کي پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ ”مستقل دور“ جي حيثيت حاصل هئي، ليڪن افسوس جو سندس وفات کان پوءِ اهو دور هميشه لاءِ ختم ٿي ويو.

سندس تحقيقي، تاريخي ۽ ادبي مقالن، تصنيفن ۽ تاليفن کي سنڌي ادب ۾ هڪ وڏو مقام حاصل آهي. پاڻ سنڌي زبان ۽ ادب ۾ انهن جو هڪ وڏو قيمتي ذخيرو ڇڏيو اٿن. اهي مقالا، تصنيفون ۽ تاليفون اڪثر سنڌ جي تاريخ، ثقافت، مشاهيرن، عالمن، شاعرن ۽ صوفي بزرگن جي حالات زندگي ۽ تذڪرن سان تعلق رکن ٿيون. سيد صاحب صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جو مؤرخ ۽ ترجمان هو. هن سنڌ جي قديم دؤر جي عوامي زندگيءَ جي حالتن، سماجي ۽ معاشرتي ڳالهين جو ذڪر پنهنجن مقالن ۽ تاريخ جي ڪتابن ۾ جابجا ڪيو آهي. سندس نظر ۾ ”تاريخ“ جو علم ٻين علمن کان وڌيڪ دلچسپ ۽ نفعي بخش هو. ان ڳالهه جي ثابتي سندس لکڻين مان ظاهر ٿئي ٿي.

هڪ محقق ۽ مؤرخ جي حيثيت ۾ سيد صاحب جو مرتبو نهايت بلند هو. کيس سنڌ جي تاريخ ۽ مشاهيرن جي حالات زندگيءَ جي ترتيب ۽ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ۾ وڏو درڪ حاصل هو. سندس تصنيفن ۽ تاليفن کي مطالعو ڪرڻ مان هرڪو اهل علم سندس تبحر علمي، وسعت نظري،

وسيع مطالعي، اصول انتقاد ۽ اصول تنقيد جو دل سان داد ڏني ٿو. پراڻن ۽ گمنام قلمي نسخن، ڪير م خورده ۽ بوسيده بياضن کي گولي هٿ ڪرڻ، انهن جي نئين سر تسويد ڪرڻ، عالمانا مقدما ۽ پيش لفظ لکڻ، منتشر ۽ غير مرتب ورقن کي اٿلائي پٿلائي نئين سر ترتيب ڏئي سينگارڻ ۽ سنوارڻ وغيره اهڙا ڪارناما آهن، جي سيد صاحب جي شخصيت ۽ فن کي هميشه لاءِ زنده ۽ قائم رکن ٿا. سندس عالمانه ۽ مورخانه انداز کان متاثر ٿي، برصغير جي هڪ وڏي محقق ۽ مؤرخ سيد سليمان ندويءَ کيس "مورخ سنڌ" ڪري سڏيو هو(۱).

سيد صاحب نه صرف اسلامي دور جي تاريخ جو ڄاڻو هو، بلڪ سنڌ جي تاريخ تي به کيس وڏو عبور حاصل هوس. پاڻ هڪ منفرد ۽ صاحب طرز عالم هو. سندس تاريخي ۽ تحقيقي ڪم، مختلف مرحلن ۽ منزلن سان گذرندي، اعليٰ مقام تي پهتو هو. پاڻ وطني محبت جي جذبي سان سرشار هو. پنهنجي وسيع مطالعي سان جيڪو به تحقيقي ڪم ڪيائون، ان ۾ سنڌ جي پيار ۽ محبت جو عنصر نظر اچي ٿو. سندس هر لکڻيءَ ۾ سنڌ شناسيءَ جو اهڃاڻ ملي ٿو، جنهن سان اسان پنهنجي ماضيءَ جي داستان کي پڙهي ۽ پروڙي سگهون ٿا. انهن مقالن ۽ تصنيفن ۾ سنڌ جي سوين سالن جي تاريخ ۽ تذڪرا بيان ڪيل آهن. اهو ٺي سگهي ٿو ته ان مواد ۾ سنڌ جو سمورو تاريخي سرمايو نه به سهيڙيل هجي، پر ان هوندي به انهن ۾ ڪن خاص اهم واقعن، حالتن ۽ شخصيتن جو احوال ۽ تذڪرو، قديم دور کان وٺي اڄ ڏينهن تائين وضاحت سان بيان ڪيل نظر ايندو. اهو داستان اسان لاءِ عبرت انگيز ۽ فڪرانگيز ضرور آهي. ازانسواءِ تاريخ جي روشنيءَ ۾ سنڌي سماج جو به ذڪر آهي ته سياسي ڪوتاهين، خامين ۽ سرد مهرين جو داستان پڻ.

سنڌ جي هن عظيم مورخ، پنهنجي سموري حياتي سنڌ جي ڇڙوڇڙ تاريخي ڪڙين کي پاڻ ۾ ملائڻ ۽ ان کان نئين ٽهي وارن لاءِ شناسائي پيدا ڪرڻ لاءِ پوري ڪئي. سيد صاحب سنڌي زبان ۾ تاريخي رنگ ۽ ڍنگ جي عبارت کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ ۾ وڏو نمايان حصو ورتو. سندس لکڻين ۾ مقامي رنگ جهلڪي ٿو. مقامي نج سنڌي محاورا، اصطلاح ۽ ترڪيبون استعمال ٿيون آهن. هر تحرير پنهنجي لکڻ واري جي شخصيت جو آئينو هوندي آهي. "بفن" (Buffon) جو قول آهي ته Style is the man. ليڪن

---

(۱) سن ۱۹۵۱ع ۾ خيرپورميرس ۾ هڪ وڏو يادگار علمي ۽ ادبي اجتماع ٿيو هو، جنهن جي صدارت جا فرائض برصغير جي وڏي عالم ۽ مورخ سيد سليمان ندويءَ سرانجام ڏنا هئا. ان محفل جو خاص مهمان، ان وقت جو مرڪزي وزير مرحوم عبدالستار پيرزادو هو. ان اجتماع ۾ مرحوم سيد حسام الدين راشديءَ پنهنجو قيمتي مقالو "سنڌ ۾ اردو" عالمانه انداز سان پڙهيو، جنهن کان ندوي صاحب ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ سيد صاحب کي "مورخ سنڌ" ڪري سڏيو هو.



Gul Hayat Institute

انگريزن جي دور حڪومت تائين انهيءَ مٿين قسم جي تاريخ ۽ تذڪره نويسيءَ جو رواج رائج رهيو. انگريزن جي دور ۾ نئين الف-ب تيار ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌي نثر جي باقاعدي شروعات ٿي. انگريزي علم ادب جي ذريعي جديد علمي ادبي طور طريقن کان سنڌ جا اهل علم واقف ٿيا ۽ سنڌ ۾ تحقيقي ۽ تنقيدي ڪتابن لکڻ جو رواج پيو. سنڌي زبان ۾ سڀ کان پهريائين ڊاڪٽر گربخشاڻي جديد نموني جي تحقيقي ۽ تنقيدي اصولن تي "شاهه جو رسالو" ايڊٽ ڪري انهيءَ فن جو آغاز ڪيو. ان ڪانپوءِ سنڌ ۾ علامه ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مولانا دين محمد وفائي، مولائي شيدائي ۽ سيد حسام الدين راشدي انهيءَ تاريخي فن ۽ تذڪره نويسيءَ کي عروج تي رسايو(۱).

(الف) سيد صاحب جا "تاريخي مقالا":

مرحوم سيد صاحب ۱۹ ورهين جي ڄمار ۾ يعني سن ۱۹۳۰ع کان وٺي "سنڌ زميندار" اخبار ذريعي صحافت جي رستي سنڌي علم ۽ ادب جي ميدان ۾ قدم ڌريو. پاڻ انهيءَ اخبار جي ذريعي سنڌي نثر جي لکڻ جي باقاعدي شروعات ڪيائين. هي اهو زمانو هو، جڏهن سنڌي ڪنڊ ۾ انگريز شاهيءَ جي خلاف آزاديءَ جي هلچل هلي رهي هئي ته ٻئي طرف افغانستان ۾ انگريز سامراج پنهنجي سياسي چالبازين ۽ مڪارين سان امير امان الله خان کي تخت و تاج کان محروم ڪري ڇڏيو. مولانا ظفر علي لاهور سان "زميندار" اخبار وسيلي جوشيلا مضمون ۽ تقريرون شايع ڪري، انگريز سلطنت جي ڪوٽ جي ڪنگرن کي لوڏي وڌو هو. ساڳئي دور ۾ مولانا غلام رسول مهر جي اخبار "انقلاب" کان به سيد صاحب متاثر هو. مولانا مهر جا سنجيده ۽ پرمغز ايڊيٽوريل سندس خيالن ۾ وسعت ۽ ڪشادگي پيدا ڪئي هئي. انهيءَ ساڳئي اخبار ۾ مولانا سالڪ جا "افڪار و حوادث" جي عنوان سان به مضمون پوندا هئا، جي ڏاڍا روح پرور هوندا هئا.

تاريخي ۽ ادبي مضمونن ۽ مقالن لکڻ جي شروعات مرحوم سيد صاحب انهيءَ دور کان ڪئي. ان ڪانپوءِ سن ۱۹۳۴ع ۾ سيد صاحب "ستاره سنڌ" ۾ تاريخي مضمون ڏيڻ شروع ڪيا، جن ۾ ڪافي علمي پختگي پيدا ٿي چڪي هئي. ازانسواءِ "الوحيد" ۽ "توحيد" اخبارن ۾ سندس بهترين مضمون پوڻ لڳا. انهيءَ زماني ۾ اهي ٻئي اخبارون سنڌي زبان جي آسمان تي پوري آب و تاب سان چمڪي رهيون هيون. شڪارپور سنڌ سان نڪرندڙ سنڌي رسالي "سنڌو" ۾ به سندس بهترين مضمون ڇپجندا هئا.

سيد صاحب سنڌ جي تاريخ ۽ ادب تي اٽڪل ۳۰۰ تحقيقي مضمون ۽ مقالا لکيا آهن. "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" سندس مختلف تحقيقي ۽ علمي مضمونن ۽ مقالن جو مجموعو آهي.

(۱) مرزا قليچ بيگ پڻ سنڌ جي تاريخ تي ڪافي ڪجهه لکيو آهي، ليڪن اهو فارسيءَ جي ترجمن تائين محدود آهي.

Gul Hayat Institute

هن مجموعي جا اڪثر سڀ ئي مقالا پنهنجي پنهنجي جاءِ تي قيمتي آهن. سيد صاحب مقالن کي مستند ۽ جاندار بنائڻ لاءِ پنهنجي وسيع مطالعي جي بنياد تي ڪيترن ناياب قلمي ۽ ڇاپي ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن. هن پنهنجن قيمتي مقالن ۾ پنهنجي پيش رو مورخن جي بيانن سان اتفاق ڪرڻ سان گڏ ڪيترن هنڌن تي پنهنجي وسيع مطالعي ۽ مشاهدي جي زور تي تنقيد ۽ جرح پڻ ڪئي آهي. انهيءَ ڏس ۾ اصلي ماخذن تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن. "ڳالهيون ڳوٺ وٿن جون" مجموعي ۾ تاريخي مضمون نهايت ئي قيمتي چيزون آهن. تاريخي مقالن ۾ سنڌ جي تاريخ، تمدن، تهذيب ۽ ثقافت، معاشرت ۽ معاشي حيثيت سان گڏ بي بہ ڪافي قيمتي ۽ ناياب معلومات پيش ڪيل آهي. سنڌ بابت ڪيترن اهم ڳالهين تي مورخانہ ۽ محققانہ انداز ۾ سير حاصل بحث ڪري ڪيترين غلطين جو ازالو ڪيو ويو آهي.

هن مجموعي جي تاريخ واري حصي ۾ "مير سائل جي بياض ۾ سنڌ جي تاريخ جو مواد"، "شاهہ شهيد جا ماخذ"، "سنڌ جي تاريخ جا چند واقعا"، "سنڌ ۾ يوناني طب" وغيره ۽ ان قسم جا ٻيا ڪيترائي تاريخي مقالا سيد مرحوم ڪافي محنت ۽ تحقيق سان لکيا آهن. انهيءَ اهم تاريخي مواد ۾ ان قدير دؤر جو نقشو چٽيو ويو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي وڏن انقلابن ۽ مهمن سان گڏ پنهنجن ۽ پراون جي هٿان جيڪي ڪجهہ وهيو ۽ واپريو، تنهن جو عبرت انگيز داستان آهي.

## (ب) سيد صاحب جا "تاريخي ڪتاب"

(i) مڪلي نامہ: سنڌ جي اها بدقسمتي آهي جو هن وقت تائين ڪابہ جامع، مستند ۽ مرتب تاريخ لکي نہ ويئي آهي. اردو، سنڌي، عربي، فارسي ۽ انگريزيءَ ۾ جيڪي بہ لکيل تاريخون ملن ٿيون، تن ۾ صرف ڪن حاڪمن، گهراڻن يا ڪنهن خاص دؤر جو مختصر احوال ڏنو ويو آهي، جيڪو فن تاريخ جي سراسر خلاف آهي. ان سان اسان جي خاص تعريف، شناخت ۽ "من الحيث القوم" جي ڪابہ شاهدي ڪانہ ٿي ملي. انهن تاريخن ۾ صرف اجايون ۽ بيسود ڳالهيون، ڪرامتن ۽ بدعتن جو ذڪر ٿيل آهي. بهرحال، انهيءَ بدبختيءَ کي ڪنهن حد تائين دور ڪرڻ لاءِ تاريخ نويسيءَ جي فني تقاضائن کي پوري ڪرڻ لاءِ سيد صاحب قلم ڪنيو ۽ پنهنجي مقصد ۾ خوب ڪامياب ٿيو.

"مڪلي نامہ" اصل ۾ فارسيءَ ۾ سنڌ جي مشهور مورخ ۽ تذڪره نگار مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو اصل تاريخي نالو "بوستان بهار" آهي. مير صاحب هيءُ رسالو سن ١١٧٤هہ ۾ لکيو، جيڪو هن پنهنجي زور بيان ۽ شاعرائي ڪمال ڏيکارڻ لاءِ تصنيف ڪيو آهي. هيءَ چيز اسان سنڌ وارن لاءِ ڏاڍي قيمتي وٿ آهي. هن مان ٺٽي جي معاشرت، تهذيب ۽ تمدن متعلق هڪ واضح تصوير سامهون اچي ٿي. هن ۾ مڪليءَ

جي درگاهن ۽ مزارن جو مفصل بيان آهي، ليڪن ان ۾ اهڙيون تاريخي حقيقتون بہ اچي ويون آهن، جن کي پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ الڳ مستقل حيثيت حاصل آهي.

انهيءَ فارسي متن جو حاشيو سنڌ جي هن عظيم مورخ عالمائي رنگ ۾ لکيو آهي. سيد صاحب جو اهو حاشيو پنهنجيءَ جاءِ تي اصل متن کان وڌيڪ اهميت جو حامل آهي. مڪلي نامہ جي حاشيي ۾ سيد صاحب ان دور جي ٺٽي جي تمدني ۽ معاشرتي احوال، مشاهيرن، بزرگن، حاڪمن، خاندانن ۽ سياسي مدبرن جو ذڪر ڪيو آهي. گويا صدين جي تاريخ جو احوال ۽ ان جو صحيح نقشو اکين اڳيان ڦري اچي ٿو. سنڌ جي تاريخ جو ڪافي ذخيرو هڪ هنڌ ڪٺو ڪيو ويو آهي. ديبل ۽ ٺٽي جي تاريخ، سمن جو نسب نامو ۽ ان تي سير حاصل حاشيو، گجراتي سلطانن سان سنڌ جي سمن جون سڱابنديون — پنهي ملڪن جي حڪمرانن جي هڪ ٻئي سان نہ فقط دوستي هئي، بلڪ پاڻ ۾ عزيز ۽ خويش هئا. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو رعايا خوشحال ۽ آسودي ٿي پئي. گجرات جي ماڻهن جي سنڌ جي عوام سان دوستيءَ جي ناتي سبب آمدرفت وڌي ويئي، انهن سڀني ڳالهين جو هن ڪتاب ۾ وضاحت سان بيان ڪيو اٿس.

ازانسواءِ داراشڪوه جو سنڌ ۾ اچڻ ۽ ان جو آخرين انجام، ترخانن جا مقبرا، ارغون ۽ ترخان گهراڻي جي اهم شخصيتن جو ذڪر، احوال ۽ ڪتبا وغيره نهايت ئي سليقي ۽ سادگيءَ سان بيان ڪيا ويا آهن. هن کان اڳ ۾ انهيءَ دور تي جيڪو ڪجهہ مواد ملي ٿو، سو ناڪافي آهي. ڪنهن بہ مورخ ۽ محقق ايترو مفصل ۽ سلسليوار احوال بيان نہ ڪيو آهي.

مرحوم سيد صاحب وڏي جاکوڙ سان مختلف ڪتابن، قلمي نسخن، رسالن ۽ منتشر ٿيل مواد تان مٿين قسم جو تاريخي مواد چونڊ ڪري چنڊي ڇاڻي هڪ مڪمل تاريخي احوال بيان ڪيو آهي. اهو حاشيو پنهنجي سر هڪ مڪمل تاريخي ڪتاب جي حيثيت رکي ٿو.

هن کان اڳ ۾ تاريخي قبرستانن تائين پهچي ۽ انهن جي ڪتبن کي صحيح طرح پڙهي، تاريخ جي لکڻ ۾ ڪتب آڻي، تاريخي مواد ڪٺي ڪرڻ جو ڪم ڪنهن نہ ڪيو آهي. پر سيد صاحب انهيءَ ڏس ۾ ڪامياب ويو ۽ ڪنهن حد تائين سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر تاريخي مواد کي بہ نظر ۾ رکيائين. اها حقيقت آهي تہ ڪنهن ملڪ جي تاريخ لکڻ ڪو آسان ڪم نہ آهي. ان ڏس ۾ وڏي محنت ۽ کوجنا جي ضرورت درپيش اچي ٿي. مڪلي نامہ ۾ سيد صاحب تاريخي مواد کي تاريخي اصول واري نقطہ نگاهہ کان ڪٺو ڪيو آهي(١).

(ii) هو ڏوٿي هو ڏينهن: هڪ راست باز مورخ جو ڪم هوندو آهي تہ هو گذريل دور جو احوال صحيح احوالن ۽ بيانن سان تنقيد ڪري چنڊي ڇاڻي پيش ڪري. ازان سواءِ

(١) اهو ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سن ١٩٦٧ع ۾ شايع ڪيو آهي. سيد مرحوم جو حاشيو ٣٤٣ صفحن تي مشتمل آهي.

ان دور جي سياسي، سماجي، معاشرتي ۽ جاگرافيائي حالتن جو باريڪ بينيءَ سان جائزو وٺي تجزيو پيش ڪري، جنهن جو اثر پڙهندڙن جي ذهنن تي عرصي تائين ڇانيل رهي ٿو. انهيءَ ڪري هڪ صحيح مورخ ۽ محقق جي اها خوبي هئڻ گهرجي ته منجهس حق گوئي ۽ راست بازيءَ جو گڻ هجي. پنهنجي تخليق ۾ سچائي سمايل هجيس. تاريخ نويسيءَ ۾ ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته مورخ ڪنهن به واقعي يا ڳالهه کي ڪُليءَ دل سان بيان ڪرڻ کان گريز ڪندو آهي، پر پوءِ به پنهنجن جذبن ۽ احساسن کي اشارن ۽ ڪناين جي ذريعي پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪري سچائي ۽ حق گوئي جو حق ادا ڪندو آهي. "هو ڏوٿي هو ڏينهن" ڪتاب ۾ مرحوم سيد صاحب انهن مٿين بيان ڪيل اصولن کي حق ۽ صداقت سان ڪتب آندو آهي.

سيد حسام الدين راشديءَ هي ڪتاب ٢٨- آگسٽ ١٩٦٠ع تي پنهنجي وطن کان هزارين ميل دور منيلا ۾ لکيو. نوازعلي خان "نياز" لاڙڪاڻويءَ جي وفات حسرت آيات جو خط پهچڻ هن ڪتاب جي لکڻ جو ڪارڻ بڻيو. زندگيءَ جي تقريباً ٥٠ سالن ۾ جيڪي ڪجهه وهيو واپريو، تنهن کي سيد صاحب تنقيدي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. "هو ڏوٿي هو ڏينهن" مصنف جي ذاتي احساسن ۽ تاثرن جو آئينو آهي. سندس زندگيءَ ۾ جيڪي ڪجهه سندس اکيان تي گذريو آهي يا جيڪي ڳالهيون سندس مشاهدي ۾ آيون آهن، انهن ذهن تي، ماحول تي، عام ماڻهن تي نتيجي طور ڇا ڇڏيو، انهن سڀني ڳالهين کي لفظن جي سهڻي ۽ مؤثر روپ ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

مصنف هن تاريخي ڪتاب ۾ ڪوبه تصوراتي ۽ جزئو واقعو پيش نه ڪيو آهي. ذاتي تعصب يا عقيدي کي به هن ڪتاب ۾ دخل نه ڏنو ويو آهي. باقي ايترو سو ضرور نظر اچي ٿو ته ماحول جي تاثر ۽ عمل جي رد عمل ۽ احساس کي شخصي راءِ مٿان مقدم رکيو ويو آهي. دراصل هيءُ ڪتاب سنڌي معاشري ۽ سماجي تاريخ جو هڪ مختصر مقدمو آهي. هن ۾ سنڌ جي انهن سڀني ڪمزورين، ڪوتاهين ۽ خامين جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪي سنڌ جي تباهي ۽ بربادي جا ڪارڻ بڻيا آهن. هتان جي رهندڙن تي سستي، ڪاهلي ۽ نااهليت جا الزام ڌريا ويا آهن، تن جو هن ڪتاب ۾ ازالو ۽ اصلاح ڪئي ويئي آهي. ڪيترن واقعن جا ڪردار جيئرا جاڳندا مثال آهن. سنڌ جي ڏکن، سکن ۽ مظلوميت جو المناڪ داستان پيش ڪيو ويو آهي. مطلب ته هن ڪتاب ۾ معاشري جي تاريخ جي سڀني پهلوئن تي تنقيدي بحث ڪيو ويو آهي.

(٢) سيد حسام الدين راشديءَ جي تذڪره نويسي ۽ سوانح نگاري:

تذڪره نگاري، "علم تاريخ" جو هڪ اهم شعبو آهي، جنهن کي يونانيءَ ۾ "بيوگرافي" انگريزيءَ ۾ "لائيف"، عربيءَ ۾ "سيرت" ۽ سنڌيءَ ۾ "سوانح عمري" ڪري چوندا آهن جيتوڻيڪ تذڪري لکڻ جو رواج قديم زماني کان وٺي هلندو پيو اچي، ليڪن يهودين، يونانين

۽ رومين کان پوءِ جنهن انهيءَ فن ۾ ترقي ڪئي، سي مسلمان هئا. سترهين صديءَ ۾ انهيءَ فن جي اصول ۽ ترقيءَ تي ڪافي غور ۽ فڪر ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح يورپ وارن ان کي عظيم الشان فن بڻايو. شروع ۾ هن فن مذهبي ۽ افسانوي رنگ اختيار ڪيو، ليڪن موجوده دور ۾ سيرت نگاري هڪ بلند درجو رکي ٿي. مسلمانن انهيءَ فن تي سڀ کان زياده توجهه ڏنو ۽ انهيءَ فن جي تحقيق ۽ تدقيق ۾ زياده نمايان ڪم ڪيو آهي. هن دور ۾ به مشاهيرن جون سوانح عمريون لکيون ويون آهن، جن تي تحقيق ۽ تنقيد جي روءِ ۾ روشني وڌي ويئي آهي. انهن جي زندگيءَ جو ڪوبه اهڙو ڪارنامو نه آهي جن تي عالمن جرح نه ڪئي هجي ۽ انهن تي منطقي دليلن ۽ تاريخ جي نقطه نگاهه سان ڪو نتيجو ڪڍيو هجي!

تذڪره نگاري دنيا جي مهذب ملڪن ۽ قومن ۾ رائج رهي آهي. ڪارلائل جو قول آهي ته "معزز طبقي جي اسلاف جي تاريخ بنسبت دنياوي تاريخ کان زياده ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته قومي زندگي جي طرز معاشرت ان مان چڱي طرح ظاهر ٿئي ٿي. گويا ان جو عمل، ان جي زماني جو نتيجو آهي." ڊاڪٽر اسمائلس جو چوڻ آهي ته "مشهور ماڻهن جي سوانح عمري انسان ذات جي ترقيءَ جو مفيد ذريعو آهي، جنهن جي روشني چئن طرفن کان ڦهلجي ٿي. اهڙيءَ طرح انهن جي روحاني روشني ايندڙ نسلن لاءِ پنهنجي روشني جاري رکي ٿي." جيڪي قومون علمي ترقيءَ کان پوءِ وري پوئتي پئجي وڃن ٿيون ۽ تنزل طرف ڌڪبيون وڃن ٿيون، انهن لاءِ سندن گذري ويل اڪابرن، مدبرن، عالمن، شاعرن ۽ مشاهيرن جا ڪارناما وڏو درجو رکن ٿا. انهن کي پڙهي ۽ ڏسي قوم جي غيرت جوش کائي ٿي ۽ پنهنجي وڃايل عزت ۽ برتري حاصل ڪرڻ ۾ ڪوشان رهي ٿي. بهرحال انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته قوم جي مدبرن ۽ اڪابرن جا تذڪرا آئينده نسلن لاءِ اهم ۽ ضروري آهن، جن جي نقش قدم تي هلي ترقيءَ جي منزل ماڻي سگهجي ٿي.

اسان جي سنڌي مورخ ۽ تذڪره نگار سيد حسام الدين راشدي انهيءَ مٿين تذڪره نويسيءَ جي نظريي ۽ اصول کي آڏو رکي سنڌيءَ ۾ تذڪره نويسيءَ تي قلم کنيو آهي. انهيءَ موضوع تي سيد صاحب ڪيترائي اعليٰ مقالا، مضمون ۽ ڪتاب تصنيف ڪيا آهن.

## (الف) سيد صاحب جا سوانح حيات تي "مقالا":

مير علي شير "قانع" ٺٽوي جي سوانح حيات تي سيد حسام الدين راشديءَ نهايت ئي قيمتي مقالو لکيو آهي. هيءُ پُرمغز تحقيقي ۽ معلومات‌افزا مقالو، ڪيترن ئي مفيد حاشين، اضافن، تشريحي ۽ مستند نوٽن تي مشتمل آهي، جيڪو ٧٣ صفحن تي لکيو ويو آهي. هيءُ مقالو فن سوانح نگاري جو هڪ بهترين مثال آهي ۽ سنڌي زبان جو هڪ لافاني شاهڪار آهي. انهيءَ مقالي جو قدر اهي ئي اهل علم ڪري سگهن ٿا، جن ڪنهن شخصيت متعلق، مختلف ۽ منتشر مواد کي پرکيو ۽ مرتب ڪيو هوندو. هن مقالي ۾ مير "قانع" جو خانداني پس منظر



Gul Hayat Institute

۽ ولادت جي احوال کان وٺي تعليم، تربيت، ملازمت، معاش، سير و سفر، مطالعي جو شوق ۽ سياسي پس منظر، تصنيف و تاليف ۽ شاعريءَ متعلق نهايت محنت ۽ محبت سان تذڪرو لکيو ويو آهي. ان کان پوءِ مير صاحب جي طريقت ۽ مشرب، اولاد ۽ شاگردن جي حلقي جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

اهڙيءَ طرح سان سيد صاحب سوانح حيات جي فني اصولن تي تاريخ جي روشنيءَ ۾ ٻيا به ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکيا آهن. مرحوم سيد صاحب پنهنجي ادبي زندگيءَ جي اوائل ۾ 'ميان محمد عارف "صنعت"' (١٩٣٤)، 'عشق جو آوتار حضرت بيدل پوتار' (١٩٣٣)، 'بيدل جي دل جو ڏٺي' (١٩٣٥) وغيره لکيا، جي ان دور جي مشهور علمي رسالن جهڙوڪ "ستاره سنڌ"، "سنڌو" ۽ "توحيد" ۾ ڇپيل آهن. ان کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ جي مشهور علمي رسالي "مهراڻ" جي ٻئي دور ۾ آخوند محمد بچل "انور" (١٩٥٥)، 'مولانا محب علي سنڌي' (١٩٦٧) ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا لکيل مضمون ۽ مقالا، سوانح نگاريءَ جي فن جا بي مثال ۽ لازوال سنڌي ادب جا زيور آهن.

(ب) سيد صاحب جا تذڪره نگاريءَ تي "ڪتاب":

(i) تذڪره اميرخاني: هيءُ ڪتاب سنڌ جي تاريخ تي هڪ اهم ڪتاب آهي. 'تحفةالڪرام' کان پوءِ هيءُ سنڌ جو ٻيو تذڪرو آهي. جيتوڻيڪ انهن ٻنهي تذڪرن جي وچ ۾ ڪافي ورهين جي وٿي آهي ۽ ڪيترين ئي تاريخي ڪڙين انهيءَ وچ ۾ گم ٿي ويون آهن. انهن ڳالهين کي محسوس ڪندي سيد صاحب سنڌ جي گمان تاريخ جي اثاثي کي گڏ ڪري نهايت ئي محنت سان مرتب ڪيو آهي. هيءُ تذڪرو طبعزاد تصنيف آهي.

تذڪره نگاري، سوانح حيات جو هڪ نمونو آهي ۽ ان جو تاريخ سان گهڻو تعلق آهي. هيءُ ڪتاب سنڌ جي نامور اميرخاني گهراڻي جو سنڌي زبان ۾ سڀ کان پهريون تذڪرو آهي. هيءُ خاندان نه صرف ورهين جا ورهيه سنڌ جي سياسي اُفق تي چمڪندو رهيو، پر سنڌ جي تاريخ ۾ لازوال خزانو پڻ ڇڏيو آهي. سنڌن ڪيترين عمارتون اڄ به سنڌ ۾ يادگار جي حيثيت رکن ٿيون. هن تذڪري ۾ اميرخاني گهراڻي جا حالات، سياسي ۽ علمي ڪمن جو احوال ۽ ڪيترين ئي تاريخي گم ٿيل ڳالهين تي مفصل روشني وڌل آهي.

هن تذڪري کي مرتب ڪرڻ وقت مصنف جيڪي به ماخذ ڪتب آندا آهن، سي سڀئي اڪثر مستند آهن. انهن مڙني ناياب ماخذن مان ضروري مواد وٺي، سيد صاحب اميرخاني سيدن جو هي سير حاصل تذڪرو لکيو آهي. تاريخ "مظهر شاهجهاني" پڻ مصنف جي پيش نظر رهي آهي. اها به حقيقت آهي ته اڳين دور جي مصنفن ۽ محققن تاريخي گهربل ضرورتن کي ايترو واضح نموني ۾ پورو نه ڪيو آهي ۽ گهڻي ڀاڱي نقل نويسيءَ کان ڪم ورتو آهي.

تن جو احوال تاريخ جي نقط نگاهہ کان حاشيي ۾ ڏنو ويو آهي، جنھنڪري ڪتاب جي اهميت ۾ هيڪاري اضافو ٿي ويو آهي. بھرحال هيءُ ڪتاب بہ سنڌي زبان ۽ سنڌ وارن لاءِ هڪ املھہ وٿ آهي*.

---

احمد بيگ ڪڏهن ڪڏهن رات جو حويليءَ مان نڪري ٻاهر اچي ڪچهري ڪندو هو، جنھن ۾ بہ زيادهہ وقت وينو پياءُ سان ڳالهائيندو هو: سرڪاري ڪچهري هميشه يوسف جي گهر ۾ ٿيندي هئي. جيڪي ظلم، راڄ ۽ رعيت، اربابن ۽ شريفن تي ٿيندا هئا، انهن جي نہ خبر احمد بيگ تائين پهچندي هئي، نہ وري مظلوم ئي خوف کان ڪا دانھن ڪوڪ ڪندا هئا. ميرزا يوسف جي طريقہ ڪار ۽ مظالمن جو جيڪو تفصيل ميرڪ يوسف ڏنو آهي، سو نهايت دردناڪ آهي.

...... روزانو ماڻهن کي گهرائي خوامخواهہ دُرا هڻائيندو هو. ان وقت سراز موجود رهندو هو تہ جيئن جيڪو درو چڪي پوي، هو ان کي ڳڻيندي، آئي جو آتي سچو ڪري ڇڏي. ڪنھن کي سؤ درا، ڪنھن کي ٻہ سؤ درا هڻائيندو هو. حق ناحق جو پتو ڪونہ هو.

...... رات جو، جڏهن احمد بيگ اچي ڪچهري ڪندو هو، تڏهن ان جي سامهون بہ ماڻهن سان اها عقوبت پيئي ٿيندي هئي.

...... دُرن لڳندي جيڪو ماڻهو مري ويو، اهو ڇڻي پنھنجن پاڳن کي. ميرزا يوسف کي ان جي ڪا پرواهہ نہ هئي، تہ ڪير ٿو مري ۽ ڪير ٿو بچي.

...... جنھن ماڻهوءَ لاءِ ٻڌندو هو تہ مالدار آهي، ان تي ڪوڙو الزام رکي، پاڻ وٽ گهرائي، دُرا هڻائي، سندس سمورو مال ضبط ڪندو هو. انهيءَ سلسلي ۾ مرد تہ نهيو، پر جيڪڏهن ڪنھن عورت لاءِ اهڙي خبر پوندي هيس، تہ ان کي بہ گهرائي، ساڳي سزا ڏيئي، سندس ڳهہ ٽپڙ ضبط ڪرڻ ۾ شرم يا حياءُ محسوس نہ ڪندو هو.

— سيد حسام الدين راشدي

(تذڪرهٔ اميرخاني ۱۴۳-۱۴۴)

---

* مرحوم سيد حسام الدين راشدي صاحب جي فارسي ۽ اردو ايڊٽ ڪيل ڪتابن جي مقدمن ۽ تقريظن تي ڪنھن ٻيءَ صحبت ۾ سير حاصل مضمون لکي عرض ڪندس. —(ق- ح- خ)

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر غلام علي الانا

# پير حسام الدين شاهه راشدي – هڪ سُجاڳ محقق

سنڌ جو علائقو هر دور ۾ علم ادب جو گهوارو رهيو آهي. هت سدائين سورهيه ۽ سرويچ، عالم ۽ فاضل، سخنور ۽ سياڻا، عاقل ۽ اڪابر پيدا ٿيندا رهيا آهن، جن جي ڪري هر دور جو اديب ۽ شاعر، هر دؤر جو مؤرخ ۽ ماهر پنهنجي پنهنجي دور تي هميشه نازان رهيو آهي.

عربن جي آمد کان اڳ جا احوال لکت ۾ نه، ته به کنڊرن جي کوٽائيءَ مان حاصل ٿيل شين جي اڀياس جي مدد سان معلوم ڪري سگهجن ٿا. عرب دور ۽ ان کان پوءِ جي دور جي باري ۾ ڪتابن ۾ احوال درج ٿيل آهن. اهو احوال گڏ ڪري، تاريخدانن سنڌ جي تاريخ جا مختلف باب بيان ڪيا آهن.

سنڌ جي تاريخ جو هردور علم ادب ۽ فن جي مختلف شعبن جي ماهرن جي احوال مان پريو پيو آهي. وقت جو مورخ، وقت جو سجاڳ اديب، پنهنجن پنهنجن لکيتن ۾ انهن ماهرن جي نالن ۽ سندن ڪارنامن جي داخلا شعوري طور يا لاشعوري طور ڪندو رهيو آهي ۽ پوءِ جي زماني جا محقق، انهن کي ماضيءَ جو سرمايو سمجهي، انهن تي تحقيق ڪندا رهيا آهن ۽ پنهنجا نتيجا پڙهندڙن جي سامهون پيش ڪندا رهيا آهن.

چوکنڊي، مڪلي، سونڊا، سيوهڻ، بدين، روهڙي ۽ ٻين شهرن ۽ قبرستانن جي زيارت ڪرڻ وقت ڏسبو آهي ته ڪٿي ڪٿين ڪُونڊر پنهنجا ڪنڌ ڪپائي، ابدي ننڊ ۾ آرامي آهن ته ڪٿي عالم ۽ فاضل، صوفي ۽ سالڪ، دلاور ۽ درويش پنهنجا گهر ڪنيو اچيا آهن.

تازو پير حسام الدين شاهه راشدي صاحب جي وفات کان پوءِ مڪليءَ تي سنهنجو ٻ - تي دفعا وڃڻ ٿيو آهي. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ واري قبرستان، مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جي مزار، مخدوم آدم جي تربت ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي قبر جي زيارت کان پوءِ ائين ٿو محسوس ٿئي ته اهي درويش ۽ بزرگ مُئا ئي نه آهن؛ اهي جيئرا جاڳندا لڳن ٿا، انهن جا ڇڏيل املهه خزانا، يعني ڪتاب، اڄ به کين زندهه رکيو اچن.

مڪليءَ تي بادشاهن، اميرن، وزيرن، شهزادن ۽ شهزادين واري حصي ۾ ائين محسوس ڪبو آهي ته ڄڻ ته آنهن جون مزارون، آنهن جا قبا ۽ قبرون زيارتين کي ڪو پيغام ڏيئي

ڪيدي اکيون آگهڻ لڳا. اهڙيءَ طرح شانگهائيءَ ۾ Children's Palace ۾ ءُ آتي هڪ ڪي. جي. اسڪول ۾ ننڍڙن ٻارڙن جا ڪرتب ڏسي، سندن حب الوطنيءَ وارا نغما ٻڌي، جيڪا ڪيفيت مٿن طاري ٿي، تنهن جو بيان لفظن ۾ لکڻ مون لاءِ آسان نه آهي.

ڪراچيءَ ۾ ان وقت اسين ”سنڌ صدين کان سيمينار“ جي تياري ڪري رهيا هئاسين. پير سائينءَ مون کي چين واري سفر ۾ هر وقت پاڻ سان گڏ رکيو. اسان جي وفد ۾ پاڪستان جا مشهور ليکڪ، شاعر ۽ صحافي به موجود هئا، جن ۾ عطا شاد، خالد سعيد بٽ، طارق عزيز ۽ احمد فراز جا نالا ذڪر ڪرڻ جي لائق آهن. پير صاحب نهايت گهڻي فراخدليءَ ۽ فخر سان منهنجو انهن سان تعارف ڪرايو. مون کي گهڻي شفقت سان سمجهائيندو رهيو ته تنهنجو هيءُ سفر انهيءَ ڪري به فائدي وارو آهي ته تون اهو سکڻ جي ڪوشش ڪرين ته سنڌ صدين کان سيمينار جي وقت اسان کي ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي. مهمانن کي ايئرپورٽ تي لاهڻ وقت ڪهڙا جتن ڪرڻ گهرجن. انهن جي رهائش، ٽرانسپورٽ وغيره لاءِ ڪيئن آساني پيدا ڪجي.

پيڪنگ ۾ Institute of Nationalities گهمڻ وقت مون کي بار بار اهو جتائيندا رهيا ته سنڌالاجيءَ کي هن طرز تي ناهڻو اٿيئي ۽ ڊايوراما هن نموني جا هجن. اهڙيءَ طرح شانگهائيءَ ۾ قومي لائبريريءَ ۾ خاص ڪري قلمي نسخن واري شعبي ۾ هدايتون ڏيندا رهيا ته ڏس ته هنن قلمي نسخن جي ڪيئن حفاظت ڪئي آهي. آنهن لاءِ Fumigation Chambers ناهيا اٿن. مطلب ته آن سفر ۾ هڪ طرف هڪ رهنما وانگر مون کي سمجهائيندا هليا ته ٻئي طرف آت به ڪين سنڌ ۽ سنڌالاجيءَ جو اونو هو، درد هو، جذبو هو.

پير صاحب جي ذهن، طبيعت ۽ دل ۾ سنڌ ۽ ماتر، موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي قديم تهذيب لاءِ احترام ۽ جذبو هو. هن واديءَ سنڌ جي سيپتا کي، تاج محل ۽ لال قلعي کان وڌيڪ ترجيح ٿي ڏني.

پير صاحب سان منهنجي ملاقات ١٩٦٤ع ۾، ”سنڌي اڪيڊمي“، جنهن کي هاڻ ”انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي“ سڏجي ٿو، ان جي ائڊوائزري ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ ٿي. آءٌ تازو انگلنڊ کان موٽيو هوس. دماغ ۾ اجا اتي جي هوا هئي. مون مذڪور گڏجاڻيءَ ۾ جناب پير صاحب ۽ ان وقت جي وائيس چانسيلر جناب ڊاڪٽر رضي الدين صديقيءَ تي، لنڊن مان موڪليل پنهنجي خط تي ڪوبه قدم نه کڻڻ ڪري، سخت تنقيد ڪئي. جناب پير صاحب ۽ ڊاڪٽر صديقي صاحب جي ڪشاده دلي، سهڻ شڪتيءَ ۽ اعليٰ ڪردار جو هن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو اعليٰ مثال ٿي ٿو سگهي، جو ان ئي ڏينهن شام جو سنڌي شعبي ڏانهن ويندي، مون کي پير صاحب ريڊيو اسٽيشن وٽ مليا ۽ فرمايائون ته ”بابا! تو اسان کي چئلينج ڏنو هو ۽ ان جي جواب ۾ هاڻ توکي چئلينج ڏيئي رهيا آهيون، سڀاڻي ڊاڪٽر صديقي توکي گهرائيندو ۽ مڙس ماڻهو ٿي منهن ڏجانءِ.“

مقالات الشعراء، مظهر شاهجهاني تذڪره اميرخاني، ترخان نامه، مير معصوم بکري ۽ مرزا غازي بيگ ڪتاب سندس علم، حڪمت ۽ سخنوريءَ جي ساک پرين ٿا. اهوئي وڏو ڪارڻ هو جو اڳوڻي ايران سرڪار طرفان تهران يونيورسٽيءَ کيس ڊاڪٽر آف لٽريچر جي آنرري ڊگري عطا ڪئي.

پير صاحب جي سڄي زندگي ڪمال سان پريل آهي. هو نه ڪنهن اسڪول ۾ باقاعدي پڙهيو ۽ نه ڪنهن ڪاليج ۾ داخلا ورتائين، نه مئٽرڪ پاس ڪيائين ۽ نه وري ڪنهن ٻئي امتحان ۾ ويٺو. منهنجي نظر ۾ هن جهڙا مثالي انسان ڳوليا لڀندا. هو هڪ Self-made اديب، عالم ۽ فاضل هو. هن پنهنجي ذاتي دلچسپيءَ سان محنت ڪري، بناڪنهن استاد جي عالمن، فاضلن، اديبن ۽ مورخن جي دوستيءَ ۽ ساٿ مان فائدو ورتو، سنڌ جي سماجي تاريخ، معاشي تاريخ، سياسي تاريخ، علم ادب، راڳ فن ۽ ثقافت جو ايترو ته گهرو مطالعو ڪيو، ان تي ايترو ته لکيو جو ان جي ميڙتي پنهنجن ۾ ته خير پر ڌارين عالمن به ڪئي آهي.

راشدي صاحب جي هاڪ ۽ ڌاڪ برصغير پاڪ-هند کان سواءِ ايران، افغانستان، چين روس، امريڪا، برطانيه، آفريڪا، آسٽريليا، هانگ ڪانگ ۽ سلون تائين پکڙيل هئي. انهن ملڪن جا ڪئين عالم ۽ فاضل سندن گهڻو احترام ڪندا هئا. اها سعادت هرڪنهن پاڪستاني عالم کي نصيب ڪانه ٿي هئي.

راشدي صاحب جهڙي عظيم شخصيت تي نه فقط اسان کي فخر آهي، نه فقط سنڌ وارن کي فخر آهي، پر مشرقي علوم جو هرعالم سندن احترام ڪندو هو. هو هڪ شخص نه پر هڪ ادارو هئا.

اڄ سندن مزار تي ٻه ٽي دفعا ويو آهيان. مون کي پاڻ ڏاڍو سڪون ۽ آرام سان سمل نظر آيو. حقيقت ته هيءَ آهي ته پير حسام الدين مئو نه آهي. هو هن وقت به زنده آهي. سندس لکڻيون زنده آهن، سندس پيغام، سندس ڪتاب، سندس تقريرون ۽ سندس تحريرون اسان وٽ زنده آهن، اهي سڀ اسان جي سامهون آهن، پير صاحب اڄ به اسان وٽ موجود آهي.

هاڻ اسان سڀني جو اهو فرض آهي انهن کي سميٽيون، انهن کي سنڀاليون ۽ نئين نسل جي اطلاع ۽ اڀياس لاءِ انهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪريون. اهوئي سندس سرمايو آهي، جنهن تي اسين هڪ زنده قوم وانگر ناز ڪري سگهون ٿا. انسان وڃڻي وٽ آهي. ڪو به ڪونه رهيو، پير پيغمبر هليا ويا، رهندو نالو الله جو، پر بزرگن جا ڪارناما ۽ سندس ڇڏيل سرمايو، سندن همعصرن ۽ نئين نسل لاءِ مشعل راهه بڻجي سگهجن ٿا. اسان سان هرهڪ جو فرض آهي ته سندن ٻاريل مشعل کي اجهامڻ نه ڏيون. پاڻ جنهن طريقي سان، جنهن نموني سان، جنهن رنگ ۽ ڍنگ سان، سنڌ جي تاريخ کي بدلائي قومي رنگ ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي، هئائون، ان کي جاري رکون. جيڪڏهن اسان ائين ڪيو ته يقيناً سندس روح کي راحت ايندي، سنڌ جا سچا هڏڏوکي خرش ٿيندا ۽ سنڌ سرهي ٿيندي.

پير صاحب جي گذريل سال سچل واري ادبي ڪانفرنس ۾ ڪيل تقرير ۽ ان ۾ ڏنل پيغام هنئين سان هنڊائڻ جهڙو آهي. اسان کي سنڌ ن اهو پيغام سامهون رکي اڳتي وڌڻو آهي. سنڌ ن طرفان ڏسيل مقصد ۽ منزل تي پهچڻ جي ڪوشش جاري رکڻي آهي. پر ائين ڪرڻ جي بدران فقط ٻه لفظ واڪاڻ جا ڳالهائڻ ڪان پوءِ سڄو سال خاموش ويهي رهڻ سان پير صاحب جي ڏنل پيغام جي پوئواري نه ٿي سگهندي، پر ان جي بدران سنڌن مشن کي جاري رکڻ گهرجي. پير حسام الدين شاهه راشدي يادگار ڪائونسل يا اڪيڊمي ئاهي اهو ڪم ان جي حوالي ڪريون ته جيئن هرڪم ڪنهن رٿا ۽ ترتيب سان ٿي سگهي.

---

انهيءَ قسم جون بي معنيٰ ڪرامتون ۽ اهڙيءَ ريت عقل ۽ دانش ۾ نه ايندڙ داستان ۽ هيبتناڪ افسانا، ڪتاب ۾ عام جام موجود آهن، جن جو حقيقت ۾ بزرگن سان ڪو تعلق ڪونه آهي، بلڪ ڳالهه ڪي ڳالهوڙو بنائڻ لاءِ عوام ويهي انهن قصن کي گهڙيو آهي.

ولي سڳورا ۽ خدا جا اهي برگزيدا ٻانها، عام مخلوق جي سڌاري واڌاري ۽ انهن کي الله سان لئون لڳائڻ لاءِ هوندا آهن. حسن عمل، حسن ڪردار، مٺ محبت، ٻاجهه ۽ سهاجهائي جو مظهر ٿيندا آهن. غلط رستي تي هلندڙ کي، هو پنهنجي روحانيت جي رحماني اثر سان، سنئين راهه تي لائيندا آهن. نوڙت، نهٺائي، حسن سلوڪ، مٺو ڳالهائڻ، سنو هلڻ، زندگيءَ جي رهت سهت ۾ سنوت ۽ سڌائي، صبر خواهه تحمل، سنڌن طريقہ تبليغ جا عام ۽ بنيادي اصول آهن. انهيءَ جي مخالف، حديقة الاوليا جي مؤلف پنهنجي تقريباً هر ڪردار کي غير معمولي بلڪ زياده تر خوفناڪ نوعيت جي ڪرامتن ذريعي زوردار ۽ ماوراءِ بشريت ثابت ڪري ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ـــ جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو اجوڪي دور جو انسان وڌيڪ ذهني ڪشمڪش ۾ مبتلا ٿي، دورِدراز ڳالهين سوچڻ تي مجبور ٿيو پوي ٿو.

ـــ سيد حسام الدين راشدي
(حديقة الاولياء ص ٨٢-٨٣)

پروفيسر ڊاڪٽر سيد عبدالله

# صاحبِ فضيلت ـــ حسام الدين راشدي

پير حسام الدين راشدي، هن صديءَ جي انهن فضلاء مان هو، جن کي ڪثير الفضائل چئي سگهجي ٿو. عربي، فارسي، سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ هن ادب جو جهجهو سرمايو پيدا ڪيو آهي ۽ ان ڳالهه ۾ خاص توجهه جي لائق اهو نقطو آهي جو پيرصاحب زماني جي مروجه رسمي تعليم جي حاصلات لاءِ ڪنهن به مدرسي يا ڪاليج سان باضابطه رابطو پيدا نه ڪيو. هُن جيڪي ڪجهه حاصل ڪيو اهو گهر ۾ ۽ بزرگن جي فيض وارين نظرن کان حاصل ڪيو. تعليم و تربيت جي اهڙي نجي انتظام جي باوجود سندس ملڻ وارن کي ڪڏهن به اهو محسوس نه ٿيو ته هو اڪتساب کان محروم آهي، جيڪو ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پڙهيل ماڻهو پنهنجي لاءِ مخصوص ۽ لازم سمجهندا آهن. ان ڪمال ۾، انهيءَ اهتمام يقيناً حصو ورتو هوندو، جيڪو سندس تعليم و تربيت لاءِ خاص طرح ڪيو ويو هوندو ۽ سندس فطري ذهانت و استعداد ۽ محنت به ان ۾ جڳهي انداز ۾ حصيدار رهي هوندي.

مون کي هن مضمون جي شروع ۾ مرحوم سان پنهنجي ذاتي رابطي جو ذڪر ڪري پوءِ پين پهلوئن طرف ڌيان ڏيڻ کپي.

پير صاحب مرحوم جو ذڪر ته مون ان زماني ۾ ٻڌو هو، جڏهن هو ١٩٣٠ع ۾ "سنڌ زميندار" سکر جو ايڊيٽر مقرر ٿيو هو. انهيءَ زماني ۾ مرحوم شيخ عبدالمجيد سنڌي، مولانا غلام رسول مهر ۽ مولانا عبدالمجيد سالڪ سان اخبار "انقلاب" جي آفيس ۾ ملڻ ايندو رهندو هو ۽ ڳالهين دوران فهميدي ۽ صلاحيتمند نوجوان حسام الدين راشدي جو ذڪر ڪندو رهندو هو. انهن مجلسن ۾ ان اختلاف جو پڻ ڪجهه تذڪرو ٿيندو رهندو هو، جو ان وقت سنڌ جي سياست ۾ بحث و مناظره جو موضوع هو. ليڪن شيخ عبدالمجيد، هن نوجوان جي ذهانت ۽ لياقت جو وڏو معترف ۽ مداح هو.

---

نوٽ: محترم ڊاڪٽر سيد عبدالله، اداري جي گذارش تي، خاص طرح سان اهو مضمون لکي موڪليو آهي، جنهن جو سنڌي ترجمو پيش ڪجي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جي تقاضا تي ڪيس بورڊ طرفان پير صاحب جا شايع ڪيل ڪتاب پڻ موڪليل هئا. ڊاڪٽر صاحب جو اهو مضمون رسالي 'قومي زبان' اردو جي "پير حسام الدين راشدي نمبر" ۾ پڻ شامل آهي.

محبت هجي تہ اهڙي، قدر افزائي هجي تہ اهڙي ۽ علمدوستي هجي تہ اهڙي. هي شائستگي انهن جو ئي خاصو هوندو آهي، جن کي ڪريم ابن ڪريم ابن ڪريم هجڻ جو شرف حاصل هجي. ۽ ان شرف جو اظهار انهن واسطن ۽ لاڳاپن سان ۽ ان سلوڪ سان پڻ ٿيندو رهيو آهي، جو پير صاحب طرفان انجمن ترقيءِ اردو ڪراچيءَ جي مسئلن ۽ معاملن ۾ باباي اردو مولوي عبدالحق جي تائيد ۽ حمايت جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو رهيو.

مرحوم پير صاحب، باباي اردو جو دست راست ۽ انجمن ترقيءِ اردو ڪراچي جو مضبوط حامي هو. حالانڪ مقامي ۽ صوبائي مسئلن جي حوالي سان پير صاحب سنڌي زبان جي سياسي حقن جي بنيادي علمبردارن ۾ شمار ڪيو ويندو هو ۽ بعض سرڪاري يا غير سرڪاري ميٽنگن ۾ پاڪستانيت ۽ قوميتن جي باري ۾ سنڌس خيالن جي اظهار سان ڪجھ ماڻهن کي شڪايتون پڻ رهنديون هيون، ليڪن هُن انجمن ترقيءِ اردو ڪراچيءَ جي تائيد ۽ حمايت جاري رکي. چنانچہ هُو رسالہ ”اردو“ ڪراچي جي مجلس ادارت ۾ آخري وقت تائين شريڪ رهيو ۽ انجمن جي انتظاميہ جي هڪ اهم رڪن هجڻ جو شرف پڻ پڇاڙيءَ تائين حاصل رهيس. ان کان علاوه پاڪستان جي تقريباً هر مکيہ تحقيقي ۽ علمي اداري جو رڪن رهيو. سنڌس گفتگو کي هرهنڌ قدر جي نظر سان ڏٺو ويندو هو، اهوئي سبب هو جو هر حڪومت جي دور ۾ ڪيس اعتراف جي سَنَد ملندي رهي.

پير صاحب جا تحقيقي ڪم بہ گهڻا آهن ۽ علمي مسافرين جي روداد پڻ ڪافي ڏگهي آهي. پاڻ پاڪستان جي هر مکيہ ۽ وڏي علمي ۽ تهذيبي وفد ۾ شامل رهيا ۽ بعض وفدن جي تشڪيل ۾ سندن موجودگي نهايت ضروري تصور ڪئي ويندي هئي. انهيءَ ڳالھ سان سندس اثر و رسوخ، تدبير و تدبر ۽ علم و فضل جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. مگر ان موضوع تي اهوئي ماڻهو بهتر خيال آرائي ڪري سگهي ٿو، جنهن اهڙا موقعا اکين سان ڏٺا هجن، هي عاجز ان معاملي ۾ هميشه صيغهء غائب ۾ رهيو آهي.

منهنجيءَ نظر ۾، پير صاحب مرحوم جي زندگيءَ جا اهي ذاتي تعلقات جي روداد وارا پهلو ثانوي حيثيت رکن ٿا ۽ پڻ سندس سفارتي ۽ سياحتي ڪارناما منهنجي ضمني معلومات آهن. اصل ڪم، جنهن پير صاحب کي دائمي حيات بخشي ڇڏي آهي، اهو سندس علمي ۽ تحقيقي ڪمال آهي، جنهن جو ڳائيتو اسان سڀني لاءِ قابل فخر بہ آهي ۽ قابل رشڪ پڻ.

پير صاحب مقالا بہ لکيا، طبعزاد ڪتاب پڻ تيار ڪيا ۽ قديم قلمي نسخن کي ايڊٽ ڪري حواشي ۽ تعليقات، مقدمن ۽ اضافن سان معياري ۽ مايہ دار بنائي شايع ڪيا. سندس گهڻو ڪم فارسيءَ ۾ ۽ سنڌ جي تاريخ ۽ زبان و ادب متعلق آهي.

مير علي شير ’قانع‘ ٺٽويءَ جو مقالات الشعراء، ۽ ان جو تڪملہ (مرتب خليل ٺٽوي)، ان کان سواءِ ميرڪ يوسف جي تاريخ مظهر شاهجهاني، تذڪره روضة السلاطين مرتب فخري هروي ۽ ساڳئي مصنف جو تذڪرو جواهر العجائب نهايت قيمتي ڪتاب آهن، جي راشدي صاحب جي

تصحيح ۽ تحقيق ڪان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيا آهن. انهن سان ميرڪ يوسف جي تاريخ مظهر شاهجهاني (جنهن جو هڪ قلمي نسخو پنجاب يونيورسٽي لئبرريءَ ۾ آهي) نهايت اهم ڪتاب آهي، جنهن ۾ شاهجهان جي عهد بابت گهڻو قيمتي مواد سمايل آهي. پير صاحب ان ڪتاب کي وڏي عرقريزي ۽ محنت سان شايع ڪيو آهي.

پين فارسي ڪتابن ۾ ٺٽي جي عالمن ۽ مشاهيرن ۽ ٺٽي بابت تاريخي معلومات جا بيش بها ذخيرا موجود آهن. هي اهو شهر آهي، جيڪو مسلم حڪومت جي زماني جي شروعات کان ئي وڏي علمي ۽ تهذيبي اهميت جو مالڪ رهيو آهي. راشدي صاحب، انهيءَ سبب سان، ٺٽي کي پنهنجي توجهه جو مرڪز بڻايو ۽ هتي جي فاضلن ۽ انهن جي ڪتابن تي ڪم ڪيو. قانع ٺٽوي جو قصائد و مثنويات، عطا ٺٽوي جو مثنويات هشت بهشت، مير محمد ٺٽوي جو تاريخ ترخان نامه، عبدالقادر ٺٽوي جو حديقة الاولياء، تذڪره مشاهير سيوستان، فارسي زبان ۾ انهن ڪتابن کان سواءِ تذڪره شعراء ڪشمير چئن جلدن ۾، اردوءَ ۾ هفت مقالي، دود چراغ محفل، ميرزا غازي بيگ ترخان اور اس کي بزم ادب، تذڪره مولانا محب علي سنڌي وغيره ۽ سنڌيءَ ۾ تذڪرهٔ اميرخاني، مڪلي نامه، سنڌي ادب ۽ پيا ڪيترائي ڪتاب ۽ مقالا پير صاحب مرحوم جو قيمتي ورثو آهن، جو هاڻي اسان وٽ ڇپيل موجود آهي.

پير صاحب مجلسي زندگيءَ ۾ باغ و بهار شخص هو ۽ سندس قومي ۽ اجتماعي مصروفيتن جي گهڻائي هئي. انهن حالتن ۾، حيرت ٿئي ٿي ته پير صاحب ايترو وسيع علمي ۽ تحقيقي ڪم ڪيئن ڪيو آهي! ان ڳالهه سان سندس سليقي ۽ شائستگيءَ جو پتو پوي ٿو ته هو زندگيءَ کي ڪامياب بڻائڻ جو فن ڄاڻندو هو. پاڻ تقرير پڻ بهترين ڪري سگهندو هو، سندس تقرير ۾ برجستگي، اثر ۽ علم جو پندار هوندو هو. هو قديم تهذيب جو دلداده هو. وضعداري، تعلقات نباهڻ ۽ انهن جي رکوالي ڪرڻ هڪ اهڙي وصف هئي، جنهن سندس شخصيت کي اڃا به وڌيڪ محبوب ۽ هردلعزيز بڻائي ڇڏيو هو.

خدا بخشے بيشمار خوبيان تهين مرنے والے مين.

—(سنڌيڪار: نفيس احمد شيخ)

Gul Hayat Institute

اٿين ٿيو، جو يونيورسٽيءَ جي لئبرريءَ ۾ ڳولا ڦولا ڪرڻ کان پوءِ بہ گهربل ڪتاب ميسر نہ ٿيا تہ پير صاحب جي علم ڪده تي حاضر ٿيڻ جي دير هوندي هئي ۽ ضرورت جي پورائي ٿي ويئي.

بيت‌الضياء ۾ پير صاحب جي ويهڻ جي جاءِ ۽ ڪم ڪرڻ جي سيٽ هڪ ڪمرو هو، جنهن جون ديوارون، ڪتابن سان پريل ڪٻٽن سان ڍڪيل هونديون هيون. فرش کان وٺي ڇت تائين ڪاٺ جا ڪٻٽ هوندا هئا ۽ ڪٻٽن جي مٿين حصن مان ڪتاب ڪڍڻ لاءِ هڪ ننڍي ڪاٺائين ڏاڪڻ، ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ رکي پئي هوندي هئي. پير صاحب کي هر ڪتاب جي جاءِ معلوم هئي. اٿين تمام گهٽ ٿيو آهي، جو ڪائنس ڪو ڪتاب گهرڻ کان پوءِ ياڻ فوراً اشاري سان اٿين نہ ٻڌايو هجي تہ فلاڻي ڪٻٽ ۾، فلاڻي خاني ۾، فلاڻي طرف رکيل آهي. ڪمرو ڪو خاص وڏو ڪونہ هوندو هو ۽ ان ڪي هڪ تمام وڏي ميز اڇا بہ. ننڍو بنائي ڇڏيو هو. ان وڏيءَ ميز تي هڪ پاسي اهڙا ڪتاب رکيل هوندا هئا، جن جي، لکڻ دوران، حوالن خاطر ضرورت پوندي هئي. ميز جي هڪ پاسي پير صاحب جي ويهڻ جي ڪرسي هوندي هئي ۽ سامهون ملاقاتين لاءِ چند ننڍيون ڪرسيون. بس، سڄي ڪمري ۾ايتري گنجائش هوندي هئي. ڪمري جو هڪڙو دروازو رستي طرف کلندو هو، جتان بسن ۽ گاڏين جو گوڙ گهمسان هوندو هو، انڪري اهو عموماً بند رکيو ويندو هو ۽ فقط اچڻ وڃڻ وارن لاءِ کوليو ويندو هو ۽ پوءِ بند ڪيو ويندو هو. ٻيو دروازو پير صاحب جي خواب گاهہ ڏانهن کلندو هو. سندن سمهڻ جو ڪمرو پڻ چڱو خاصو ڪتب خانو هوندو هو. پلنگ تي ڪتاب، پلنگ جي هيٺ ڪتاب، وهاڻي تي ڪتاب، وهاڻي جي هيٺان رسالا ۽ اخبارون، ميز تي ڪتاب، مطلب تہ انهيءَ ڪمري ۾ پڻ ڪتابن جو راڄ هوندو هو. اتي ئي ڪمري ۾ ميز تي مائڪرو فلم ريڊر رکيل هوندو هو، جنهن وسيلي پير صاحب قلمي نسخن جو مطالعو ڪندو هو. پير صاحب جي مطالع واري ڪمري جو ٽيون دروازو گهر جي حصي طرف هوندو هو. انهيءَ ننڍي ڪمري پنجويهن سالن دوران ڇا ڇا نہ ڏٺو؟ شايد ئي اهڙو ڪو محقق هجي، جنهن جي ڪراچي اچڻ کان پوءِ، انهيءَ ڪمري ۾ پذيرائي نہ ٿي هجي. انهن مان جيڪي نالا هينئر ياد اچن ٿا، تن ۾: پنڊت برج موهن دتاتريہ ڪيفي (ڀارت)، پروفيسر زڪي وليدي طوفان (ترڪي)، پروفيسر گنڪووسڪي (روس)، مولانا صباح الدين عبدالرحمان (اعظم ڳڙهہ)، پروفيسر ڊاڪٽر اينمري شمل (اولهہ جرمني)، پروفيسر بائيل (مئنيچيسٽر)، پروفيسر عبدالغني مرزا يوف، پروفيسر بابا جان غفوران (ماسڪو)، جناب قاضي عبدالودود (پٽنہ)، آقاي باقرزاده (ايران)، پروفيسر عبدالقادر تاراخان (استنبول)، پروفيسر لطفي صورت گر (ايران)، پروفيسر خليق احمد نظامي (علي ڳڙهہ) جهڙا مشاهير شامل آهن. وري جڏهن اهڙن ڪمال جي صاحبن جي اعزاز ۾ پير صاحب طرفان دعوتون ڪيون وينديون هيون تہ شهر جي علم دوست بزرگن ۽ عالمن کي پڻ مدعو ڪيو ويندو هو. ان طرح سان پير صاحب جي گهر کي علمي ۽ تحقيقي رابطي جي هڪ عظيم

۾ ضرور ڪندا هئا، جنهن ۾ ڪاڏي ڪان پوءِ بهترين قسم جا انب مهمانن کي نهايت ڪشاده دليءَ سان پيش ڪيا ويندا هئا. الحمرا واري بنگلي جي دعوتن جي خاص مهمانن ۾ پروفيسر سعيد احمد اڪبرآبادي (علي ڳڙه)، ڊاڪٽر ضياءالدين ڊيسائي (ناگپور)، پروفيسر اي. ايل بيشم (آسٽريليا)، پروفيسر سائمن ڊگبي (لنڊن) ۽ پروفيسر لطف‌الله هنرفر (اصفهان) قابل ذڪر آهن.

پاڪستان ۾ اهڙا ماڻهو تمام گهٽ هوندا، جن کي فارسي زبان تي اهڙي دسترس حاصل هجي، جهڙي پير صاحب کي هئي. پاڻ قديم فارسي، وچولي فارسي ۽ جديد فارسي سان هڪ جهڙا واقف هئا. فارسيءَ ۾ نه صرف رواني ۽ ڪاميابيءَ سان گفتگو ڪري سگهندا هئا، پر عمديون تقريرون پڻ ڪري ڄاڻندا هئا. ايران ۽ ايران جي رهواسين سان کين عشق هو ۽ حقيقت اها آهي ته ايران جا عالم ۽ دانشور پڻ پير صاحب سان گهڻي محبت ڪندا هئا ۽ سندن ڳالهه ۽ راءِ جو وڏو احترام ڪندا هئا. ايران ۾ اهڙا تمام گهٽ نامور عالم هوندا، جن سان سندن ذاتي تعلقات نه هجن. پاڪستان مان ڪوئي اسڪالر ايران ويندو هو ته هرهنڌ پير صاحب جي خيروعافيت پڇندا هئا. ايران جي ادبي بنياد ن (فائونڊيشنس) ۽ تعليم ۽ ثقافت (فرهنگ و هنر) جي وزارتن ۾ پير صاحب جي وڏي مڃتا هئي. جنهن به تجويز کي پير صاحب قبول ڪندا هئا، ته متعلق ڊائريڪٽر يا ايڊيٽر، اڪيون پوري، اها ڳالهه مڃي وٺندا هئا. ايران وارا، پير صاحب کي وڏي شوق ۽ احترام سان دعوتون ڏيئي پاڻ وٽ سڏيندا هئا ۽ پاڻ به اهڙي ئي ذوق و شوق سان وٽن ايران ويندا هئا. هر سال، ٻئي سال، ايران ڏي سندن سفر رهندو هو. کين مشهد جو شهر گهڻو پسند هو ۽ اتي وڃي گهڻو خوش ٿيندا هئا. پاڻ، ايران مان تازه دم ٿي، وڏيڪ ڪم ڪرڻ جو نئون جذبو ۽ ولولو وٺي ايندا هئا. ايران جي علمي صحبتن ۽ ادبي مجلسن جو ذڪر پاڻ وڏي چاهه ۽ آتساهه سان ٻڌائيندا هئا. ايران جي حاليه واقعن کين گهڻو ڏکويو هو. آخري زماني جي غمن ۾ هڪ غم اهو پڻ هو ته سندس اهي ايراني عالم دوست، جن سان پنجويهن ٽيهن ورهين کان گهاٽا دوستانه ناتا قائم ٿيل هئا، تن سان سندن رابطو ڪٽجي ويو ۽ انهن جي خير خبر کان به محروم رهجي ويا.

پير صاحب نهايت خليق انسان هئا. هُو ملڻ وارن سان محبت سان پيش ايندا هئا. ليڪن ائين ڪڏهن به نه ٿيو ته پاڻ ڪنهن کي خوش ڪرڻ لاءِ اهڙي ڳالهه چئي هجي، جنهن کي هو صحيح نه سمجهندا هجن. پاڻ نهايت سچا، بااصول، بي باڪ ۽ منهن تي چئي ڏيڻ وارا هئا: چاهي نجي محفل هجي، چاهي پبلڪ جلسو هجي، پير صاحب اهائي ڳالهه چوندا هئا، جا سندن سوچ ۽ فڪر جي لحاظ کان درست هوندي هئي. اهو نقطو هڪ مثال جي وسيلي واضح ڪري سگهجي ٿو. پير صاحب مير حسن کي امير خسرو کان وڏو شاعر سمجهندا هئا، ان ڪري صرف خسرو جي طرفدارن (مداحن) کي خوش ڪرڻ لاءِ پاڻ خسرو جي تعريف و توصيف ڪرڻ لاءِ آماده نه هئا. پاڻ نه وقت جي لهر سان گڏ لُڙهڻ پسند ڪندا هئا ۽ نه وري حاڪمن ۽ صاحب اقتدار ماڻهن جي ويجهڙائي کين پسند هئي.

اعجازالحق قدوسي

# پير حسام الدين راشدي ــ منهنجو قدردان

١٠- اپريل ١٩٥٤ع منهنجي زندگيءَ جو نهايت اُداس ۽ غمگين ڏينهن هو، جو ان ڏينهن تي منهنجي والده رحلت ڪئي. پوءِ پهرين اپريل ١٩٨٢ع هڪ اُداس ۽ غمگين ڏينهن وري منهنجي سامهون آيو، ان ڏينهن منهنجي عزيز ترين دوست پير حسام الدين راشديءَ انتقال ڪيو. هي ٻيو صدمو بہ منهنجي سهپ کان ٻاهر هو. ٢٥ سالن جي دوستيءَ ۽ خلوص مون کي 'يڪ جان دو قالب' بنائي ڇڏيو هو. اسان جي دوستي سڄي پاڪستان ۾ مشهور هئي. منهنجي راءِ تي ڪيس وڏو اعتماد حاصل هو. پاڻ هميشه مون سان اهم مسئلن دوران مشورو ڪندا هئا. آءٌ ڪين نهايت خلوص سان راءِ ڏيندو هوس. پاڻ فرمائيندا هئا تہ "قدوسي! آءٌ صرف توسان مشورو ڪريان ٿو، تون صائب الراءِ آهين، آءٌ پنهنجي ڀاءُ سان بہ مشورو نہ ڪندو آهيان." پاڻ مون کي عزيزن کان وڌيڪ گهرندا هئا ۽ مان پڻ ساڻس بي پناهہ محبت ۽ عقيدت رکندو هوس.

تم مين هم اور هم مين تم گم هوگئے،
رفته رفته ايک هم تم هوگئے.

منهنجي ساڻس پهرين ملاقات ١٩٥١ع ۾ ٿي. ملاقات کان اڳ، مون پاڪستان ۾ شروعاتي ملازمت مولانا احتشام الحق ٿانوي رح وٽ ڪئي، جا ويهہ پنجويهہ ڏينهن هئي. اُتي منهنجو رفيق ڪار مولانا عبدالحليم چشتي هو. هُو اڪثر راشدي صاحب جي مشهور ڪتبخاني جو ذڪر ڪندو رهندو هو ۽ چوندو هو تہ فلاڻو ڪتاب مون پير صاحب جي لئبريءَ ۾ ڏٺو هو، وغيره.

منهنجي ذهن ۾ ان وقت پير صاحب جو جيڪو تصوراتي خاڪو جُڙيو، تنهن ۾ جبہ و دستار، عبا ۽ قبا ۽ مريدن جي فوج ظفر موج جي بنياد تي، مگر ساڻس ملاقات کان پوءِ هي

---

نوٽ: پير صاحب جي دلي دوست ۽ معمر اهل قلم جناب مولانا اعجازالحق قدوسي، باوجود پيرسني ۽ علالت جي، اسان جي گذارش تي، اهو مضمون، خاص طرح سان هن خصوصي نمبر لاءِ لکي موڪليو، جنهن جو ترجمو ڪيو آهي.

راشدي صاحب سائس معذرت ڪئي ته مون ڏٺو ته ان ڪان پوءِ هُو پيڻي پاڻ ۾ هميشه واڱر ڪير ڪندا ٿي ويا. بحيثيت اديب ۽ شاعر، جوش صاحب جو پيرصاحب وڏو قدر ڪندو هو.

فيبروري ۱۹۸۲ع جي پهرئين هفتي ۾ مون کيس هڪ خط لکيو هو: ”هاڻي جسم تي ڇالا پئجي ويا، ڪيترن ئي ماهر ڊاڪٽرن کي ڏيکاريو اٿم، مگر تقدير ۾ ناڪامي لکيل آهي.

”تن همه داغ داغ شد، پنبه ڪجا ڪجا نهم.“ خدا ڄاڻي، هي خط کين مليو يا نه، مان پنهنجي بيماريءَ ۾ پريشان هوس. مون کي خبر ناهي ته هن يار عزيز تي ڇا گذري؟

آخر پهرين اپريل ۱۹۸۲ع تي اهو قيامت خيز ڏينهن اچي ويو، جڏهن منهنجو محسن، منهنجو قدردان، منهنجو شفيق ۽ عزيز دوست پير حسام الدين راشدي، مون کي ۽ پنهنجن لاتعداد دوستن کي ڇڏي، الهيءَ ڏورانهين ڏيهه آسهيو، جتان ڪوبه واڳي وريو ناهي.

(سنڌيڪار: انور هالائي)

ٻارهين صدي هجري سنڌ لاءِ سياڳي به هئي ۽ نياڳي به. سياڳي هن لاءِ ته مغلن جي ڏيڍ سئو ورهين واري غلاميءَ کان سنڌ کي نجات ملي، جنهن جي پيڙا سنڌين جو ست ۽ رت سڪائي ڇڏيو هو. نياڳي هن ڪري جو غيرن جي بالادستيءَ سنڌي ذهن، فڪر، معاشري ۽ معيشت ۾ جيڪي ناسور پيدا ڪيا ۽ نقصان رسايا، تن جي ڇيٽ ٽيڻ اڃا مس شروع ٿي ته مٿان اچي نادر افشار جو ڪوپ ڪڙڪيو، جنهن آزاديءَ جي نئين اڏاوت جون سڀئي چوڙون هڪ دفعو وري ڏوڏي ڇڏيون.

ڪلهوڙن جي صاحبيءَ جو اهو وڏي ۾ وڏو الميو آهي، جيڪو ميان نور محمد جي دور ۾ ٿيو، ۽ جنهن ميان صاحب جي سڀني عزائمن کي ختم ۽ سندس همت جي سڀني بلندين کي پست ڪري ڇڏيو. ”وصيت“ اندر نهايت دردناڪ لهجي ۾ انهيءَ واقعي جا اشارا موجود آهن.

—سيد حسام الدين راشدي

(منشور الوصيت و دستور الحڪومت ص ۱۱)

جميل الدين عالي

# بي تعصبي، محبت، صداقت، محنت، لياقت ۽ عظمت جي علامت

گذريل ٽورن ڏينهن ۾ متحده عرب امارات ۾ چار مشاعرا منعقد ٿيا. واپسيءَ ۾ پڙهيم ته پير حسام الدين راشدي انتقال ڪري ويو! هو هونءَ به هڪ قابل فخر پاڪستاني هو، مگر ويهن - ٻاويهن سالن کان وٺي آءٌ سندس نيازمند هوس. ذاتي تعلقات نه به هجن ها، تڏهن به ڪيس خراج عقيدت پيش ڪرڻ فرض هو. هاڻي ته دل ۾ هڪ ذاتي سرپرست کان محرومي جو درد پڻ اظهار گهُري ٿو.

ڪجهه ڏينهن ٿيا ته هن اخبار جنگ، جي خاص ايڊيشن ۾ پير صاحب مرحوم جي مختصر سوانح سان گڏ تصنيفات جا تقريباً سڄا تفصيل شايع ٿي چڪا آهن. آءٌ سندس علمي حيثيت کان واقف آهيان ۽ سندس تازه ڪتابن کان پڻ باخبر رهندو پئي آيس. مگر سچ ته اهو آهي ته هاڻي جو سندس ڪتابن جي فهرست پڙهيم ته ڏندين آڱريون اچي ويون!

ليڪن سندس علمي حيثيت بابت ڪا سير حاصل گفتگو انهن ڪالمن ۾ سمڪن ڪونهي. پير صاحب جا ڪيترائي علمي ڪارناما اهڙا آهن، جو ان جي محنت، لياقت ۽ ڏکهي نظر تي هڪ چڱو ضخيم ڪتاب لکي سگهجي ٿو ۽ انشاء الله اهڙو ڪتاب لکيو ويندو. سندس شخصيت، زندگيءَ ۾ ئي هڪ پي- ايچ- ڊي مقالي جي مستحق بنجي چڪي هئي، ليڪن سياسي ۽ مالي طور تي ناطاقت وڏن ماڻهن کي انهن جي زندگيءَ ۾ ئي خراج عقيدت پيش ڪرڻ اسان جي موجوده معاشري جو دستور ڪونهي. ڇو؟ اهو معاشرو ئي ٻڌائي سگهندو.

## ڪجهه واقعا

ممتازحسن مرحوم پير صاحب کي ۽ پير صاحب ممتازحسن کي گهڻو گهُرندا هئا — هڪ پنجابي ۽ ٻيو سنڌي. ڪيترن ئي سالن کان، جيڪي حالتون اسان سياست ۽ حڪومت کان وٺي ادب تائين ڏسندا رهون ٿا، انهن جي لحاظ کان هي ڳالهه ناممڪن نظر ايندي، مگر نوان نسل

---

نوٽ: محترم جميل الدين عالي جي، پير صاحب بابت اها والهانه گفتگو، جنگ ۾، سندس ڪالم ۾ شايع ٿي. هيٺ، شڪريي سان، ان جو سنڌي ترجمو پيش ڪجي ٿو.



Gul Hayat Institute

يقين ڪن تہ اهو سچ آهي. هو پيئي نہ هر سبق هئا ۽ نہ هر پيشہ، ليڪن بہ ڳالهيون مشترڪ هُيون: پاڪستان سان محبت ۽ پاڪستان ۾ علم ادب جي فروغ جو شوق. مون انهن ٻنهي کي مختلف سرڪاري ڪاتن ۾ جنهن همخياليءَ ۽ يڪ زبانيءَ سان لڙندي ڏٺو، اهي منظر اڄ بہ وحدت پاڪستان تي منهنجي ايمان کي تازو ڪن ٿا.

۽ باباءِ اردو مولوي عبدالحق کي انجمن [انجمن ترقي اردو پاڪستان] جي موجوده آفيس ڏيارڻ ۾ ڪنهن رات ڏينهن جاڪوڙ ڪئي؟ انجمن جي انهن محسنن جا نالا ڳهٽا هوندا، جن انجمن کي ترقي وٺرائي، ليڪن ان جي ڏکين ڏينهن ۾ جن ماڻهن، انجمن جي رڳن ۾ رت اوتيو، تن ۾ پير حسام الدين راشدي سر فهرست آهي. اها ڪهاڻي خود مولوي صاحب جي زباني آهي.

ٻارنهن سال اڳ، جنهن شام، جوش صاحب جي ملازمت يا اردو بورڊ سان معاهدي جي خاتمي بابت مجلس منتظمہ غور ڪري رهي آهي، انهيءَ شام، منهنجي ذهن تي پير صاحب جي شرافت، بي تعصبي ۽ علم ادب لاءِ انتهائي دردمنديءَ جا عجيب و غريب نقش چٽي ڇڏيا آهن. ممتاز حسن صاحب پنهنجي نازڪ سرڪاري حيثيت سبب پنهنجو اختلافي ووٽ رڪارڊ ڪرائي نٿي سگهيو. بيگم شائستہ اڪرام الله بفضل تعاليٰ حيات آهي، اها شاهدي ڏيئي سگهي ٿي تہ ممتاز صاحب، جوش صاحب جي معاهده مشيري ۾ هر صورت ۾ توسيع جو خواهشمند هو. بيگم صاحبہ خود اردو جي ناتي سان جوش صاحب جي حفاظت جي حق ۾ پرجوش حامي هئي. ليڪن سڀ کان وڌيڪ زوردار ۽ غم انگيز وڪالت پير صاحب ڪري رهيو هو. سڄو قصو وري ڪنهن ٻئي موقعي تي.

پير حسام الدين صاحب کي فارسي ۽ سنڌيءَ جو فاضل چيو ويندو آهي، ليڪن جا خدمت هن اردوءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪئي، اردو ڳالهائڻ وارا بي شڪرا ٿيندا، جيڪڏهن ان کي وساري ويهن. تصنيفي ۽ مشاورتي ڪارناما پنهنجيءَ جاءِ تي، انهن جو مقام واقعي تمام وڏو ٿيندو آهي، ليڪن اديب عموماً عملي ڪم گهٽ ڪندا آهن. پير صاحب مرحوم اردوءَ جي خدمت هڪ عام ڪارڪن، هڪ خاص ڪارڪن، هڪ عاشقِ اردو جي حيثيت ۾ پڻ ڪئي، ۽ جيئن ۽ جيڪا ڪئي، ان جو ثبوت ڪيترن ئي علمي ادارن جي رڪارڊ تي تہ هوندو ئي، پر انجمن ترقيءِ اردو پاڪستان ۽ اردو ڪاليج جي رڪارڊ تي يقيناً موجود آهي. جيڪڏهن اهي سمورا داستان ڇپجي منظر عام تي اچن تہ پير صاحب جي شخصيت اردوءَ جي ايڏيءَ وڏي روشن ڪائنات ۾ سج وانگر تابناڪ ۽ نمايان نظر ايندي. جي ها، انهيءَ سج جي عمل جي گرمي ٻاويهہ سال تہ مون عاجز خود محسوس ڪئي آهي.

ايترين گهٽين ۽ مسلسل علمي مصروفيتن سان گڏوگڏ پير صاحب، سماجي فرض جي ادائگيءَ لاءِ پڻ وقت ڪيئن سگهندا هئا. هو 'ٻارن' وارو تہ ڪونہ هو، مگر 'گهڻن دوستن' وارو هو. بيمارن جي مزاج پرسي ڪراچيءَ ۾ هڪ وڏو مشڪل ڪم آهي. لاڳاپي وارن تائين

رسڻ لاءِ مفاصلا ڏکيا ۽ بعض اوقات بيمار دوستن ۽ ان جي بيمار اهل عيال جو تعداد پڻ وڏي ويندو آهي. پير صاحب کنهن شاديءَ جي مجلس ۾ نظر اچن يا نه اچن، پر هر بيمار دوست جي بستر وٽ وينل ضرور نظر ايندا هئا. ڪيترن ئي موقعن تي مون ڏٺو هو ته سندس اچڻ سان بيمارن جي چهرن تي رونق اچي ويندي هئي. الله تعاليٰ پير صاحب کان ڪيڏو نه خوش ٿيندو هوندو!

يارن دوستن، بلڪ پنهنجن بعض بي تدبر مخالفن جي ڏک سک ۾ ڀرپور نموني ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ پير صاحب جي هڪ بي صفت هئي. اهڙي صفت، جنهن ڪري بعض گهٽ نظر وارا ماڻهو غلط بخشيءَ جو نالو ڏيئي ٿا ڇڏين. اهي اهو نٿا ڄاڻن ته جيڪو انسان هڪ گداز دل جو مالڪ آهي، اهو ڪنهن به تڪليف وقت دوستيءَ ۽ دشمنيءَ جو حساب نٿو رکي سگهي. پير صاحب ڪنهن به گهرجائو لاءِ، ڪنهن وٽ لنگهي وڃڻ کي پنهنجي وقار ۽ ’اصولن‘ جو مسئلو نه بنائيندو هو. هن کي خدمت لاءِ هڪ لگن رهندي هئي. اها صفت ممتازحسن صاحب ۾ به هئي. اهو ممتازحسن، جنهن کان لکين فيضياب ٿيا، ۽ جنهن کي چند سوَ به ياد نٿا ڪن، مگر ان ڪري ممتازحسن جي عظمت ۾ ڪو به فرق نٿو پوي. پير صاحب جو ڪردار پڻ تقريباً اهڙوئي هو. اهي ماڻهو جن تي پير صاحب جا احسان ٿيل آهن، ڪيس ياد رکن نه رکن، پير صاحب جي عظمت ۾ به فرق نه پوندو.

عظمت جي پهرين صفت اها ناهي ته ڪو تاريخ ۾ ضرور محفوظ رهي. عظمت هڪ عظيم نيڪي هوندي آهي، پنهنجو ڪم ڪندي آهي ۽ الله طرفان مقرره وقت تي بظاهر ختم ٿي، ان جي حڪم سان معاشرن جي جسمن ۾ روح وانگيان جاري ۽ ساري رهندي آهي. اها اسان توهان جي ظاهري تاريخ جي رڪارڊ تي اچي وڃي ته ڀلا ۽ اسان توهان جي تاريخ ڪيترن اصلي وڏن ماڻهن جا نالا رڪارڊ تي آندا آهن؟

پير حسام الدين راشدي، ممتازحسن وانگيان منهنجو هڪ مستقل موضوع آهي ۽ رهندو. الله تعاليٰ کيس پنهنجي جوار رحمت ۾ جاءِ ڏئي. آمين.

—(سنڌيڪار: ولي رام ولڀ)

Gul Hayat Institute

پريشان خٽڪ

# سچائيءَ جو سج ـــ حسام الدين راشدي

عمر ننڍي هئي. الله تعاليٰ بزرگن سان گڏ اٿڻ ويهڻ جا ڪيئي موقعا ميسر ڪري ڏنا. ١٩٦٩ع جي ڳالهه آهي، اسلام آباد ۾ قومي تعليمي ڪانفرنس منعقد ٿي. جناب آء. ايچ. عثماني انهن ڏينهن ۾ وزارت تعليم جو سيڪريٽري هو. سندس صدارت ۾ وزارت تعليم جي ڪميٽي روم ۾ اوپر ۽ اوله، پاڪستان جا، چوٽيءَ جا عالم ۽ فاضل پنهنجي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري رهيا هئا. ڪهڙن ڪهڙن جا نالا ٻڌايان؟ جسٽس ايس. اي. رحمان، پروفيسر حميد احمد خان، مولانا عبدالقادر، ڊاڪٽر اشتياق حسين قريشي...، قلم ڪي طاقت ناهي جو وڌيڪ ڪجهه اظهار ڪري سگهي! ڇا ماڻهو هئا ۽ ڪٿي غائب ٿي ويا؟ هرهڪ پنهنجي ذات ۾ انجمن هو. هرهڪ جي تقرير ٻڌڻ سان مون جهڙي نوآموز کي اهو محسوس ٿيڻ لازمي امر هو ته معلومات ۾ تمام گهڻو واڌارو ٿي رهيو آهي. قومي زبان جي باري ۾ ڪجهه ڳالهيون اهڙيون ٿيون، جي مون کي ناگوار لڳيون. ڪنهن ڪيون؟ ڪٿان ٿيون؟ ان جو اندازو توهان خود ئي لڳايو ۽ جنهن جو نتيجو اسان ۽ آهي، سڀ ڀوڳي رهيا آهيون. مون کي جوش اچي ويو، نوعمريءَ جي به تقاضا هئي، آتيس ۽ هڪ جذباتي تقرير ڪري وڌم. جيڪي چيم، دليلن سان چيم. اڄ جڏهن آهي سمورا نوراني چهرا خاڪ جي هيٺان محو خواب آهن، مون کي رکي رکي اهو احساس ٿي رهيو آهي ته انهن جي سامهون مون کي مُنهن نه کولڻ گهرجندو هو. مگر ٿيو ائين جو، جيئن خداي عزوجل مون تي هميشه عنايتون ڪيون آهن، ان موقعي تي به مون محسوس ڪيو ته سمورن بزرگن جا چهرا خوشيءَ مان ٻهڪي رهيا هئا ۽ هرهڪ مون کي داد ڏنو. ڪانفرنس ختم ٿيڻ کان پوءِ سيني مون کي ڀاڪرن پاتيون.

چوڻ اهو پئي چاهيم ته منهنجي تقرير کان فوراً پوءِ، منهنجي سامهون ويٺل هڪ نهايت بارعب قسم جو بزرگ ـــ جيڪو خوبصورت مغربي سوٽ ۾ ملبوس هو ۽ شڪل شبيهه مان تمام سنجيده لڳي رهيو هو ـــ اُٿيو، ۽ منهنجيءَ تائيد ۾، تمام جذباتي انداز سان پرجوش تقرير ڪرڻ شروع ڪيائين. آءٌ مرحوم عبدالقادر جي پرسان ويٺل هوس. ان کان سرگوشيءَ ۾ پڇيم

---

نوٽ: اداري جي گذارش تي خٽڪ صاحب اهو مضمون، هن خصوصي نمبر لاءِ لکي موڪليو.

سندن مالي مشڪلون دور ڪيائون: تہ ڪن کي سٺيون نوڪريون وٺرائي ڏنائون. مطلب تہ هر ڪنهن سان نيڪي ۽ڀلائي ڪيائون ۽ فائدو ئي فائدو پهچايائون. ڪنهن کي بہ نقصان نہ پهچايائون.

بامقصد تقريرون.

علمي ۽ ادبي جلسن ۾ اڪثر ڪين صدارت جا فرائض سونپيا ويندا هئا. اهي تقريرون اسان جو املهہ خزانو آهن. ڪاش اهي سڀ محفوظ هجن. پنهنجي تقريرن ۾ سهڻيون صلاحون، مفيد مشورا ۽ بامقصد پروگرام ڏاهڻ ۽ علمي ادبي ڪمن ڪرڻ جون صلاحون ڏيندا رهندا هئا، جي وڏي رهبري ۽ رهنمائي جو باعث بڻجنديون هيون.

۱۹۷۸ع ۾ سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي يونيورسٽي پاران شاهہ لطيف جو ڏينهن ملهايو ويو هو. ان جلسي جي صدارت سائينجن ڪئي هئي. ان موقعي تي شاهہ لطيف جي فڪر ۽ پيغام بابت تقرير ڪندي ڪراچي يونيورسٽي ۾ شاهہ لطيف ريسرچ انسٽيٽيوٽ قائم ڪرڻ ۽ شاهہ جي رسالي جي "ڏسٽي" تيار ڪرڻ جون سهڻيون صلاحون ڏنيون هئائون. سندن ذاتي دلچسپي سبب شاهہ لطيف ريسرچ انسٽيٽيوٽ جا ڪاغذي مرحلا جلدئي طئي ٿي ويا. هڪ بہ گڏجاڻيون پڻ ٿيون. عمارت جا نقشا ٺهي ويا، تخمينا بہ تيار ٿي ويا، پر افسوس جو انتظاميہ جي بي توجهي ۽ مالي مشڪلاتن سبب اهو ادارو سندن حياتيءَ ۾ باقاعدہ وجود ۾ نہ اچي سگهيو. بهرحال، سنڌي شعبي جي استادن ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شاگردن جون ڪوششون جاري آهن، انشاءالله سائينجن جو اهو رٿيل پروگرام هڪ ڏينهن ضرور سندن اميدن مطابق عمل ۾ ايندو.

سائينجن جي ان ڏينهن واري تقرير کان متاثر ٿي هڪ دوست محترم لطف الله اڃڻ شاهہ سائينءَ جي مختلف رسالن جي "ڏسٽي" تيار ڪرڻ شروع ڪئي. ان سلسلي ۾ مون سان صلاح مشورو ڪرڻ آيو. مون ڪيس صلاح ڏني تہ ان بابت سائين حسام الدين راشدي صاحب سان صلاح مشورو ڪرڻ گهرجي.

نيٺ ۲ جنوري ۱۹۸۱ع جمع ڏينهن لطف الله اڃڻ ۽ آءٌ سائينجن جي خدمت ۾ حاضر ٿياسون. اڃڻ "ڏسٽي" متعلق ان وقت تائين تيار ٿيل ڪم سندن آڏو رکيو. پاڻ بيحد خوش ٿيا. ڪيس صلاح ڏنائون تہ في الحال وچي مختلف ڪتابن جي "ڏسٽي" ڏس. ڪجهہ ڏينهن بعد پنهنجي گهر ماهرن جي ميٽنگ سڏارايائون. ان گڏجاڻيءَ ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جو لائبريرين، محترم محمدابراهيم جويو صاحب، محترم سراج الحق ميمڻ، محترم حميد آخوند، محترم ممتازمرزا ۽ بندہ راقم الحروف شامل هئا. گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ هڪ بهترين نمونو رٿيو ويو. اڃڻ هڪدم ڪم شروع ڪري ڏنو. ڪجهہ وقت کان پوءِ سائينجن جي ارشاد موجب محمدابراهيم جويي صاحب ۽ راقم الحروف لطف الله اڃڻ جي گهر وڃي، سندس ڪم جي چڪاس ڪئي.

۽ محبت سان تعميري تنقيد پڻ ڪندا هئا. پاڻ ڪيترين ئي علمي ادبي انجمنن جا باني ۽ روح روان هئا. بيحد زورڀار ۽ منٿ ميڙ ڪرڻ جي باوجود ڪڏهن به ڪو وڏو عهدو قبول نه ڪيائون. سندن خداداد صلاحيتن، محبت ۽ دلچسپيءَ سبب انهن ادارن ۾ گهڻائي اهم ۽ تاريخي علمي ادبي ڪارناما مڪمل ٿيا.

وفا ۽ همدردي

مرحوم جهڙو وفادار دوست مون ڪٿي نه ڏٺو. جنهن سان سندن دوستي ٿي، تنهن سان توڙ تائين نڀايائون. حڪيم قائم الدين مرحوم سان سندن گهري دوستي هئي. جڏهن حڪيم صاحب فوت ٿي ويو، ته سندس نينگر غلام محي الدين کي سائين جن پاڻ وٽ رهايو. کيس تعليم ڏياريائون. هو ايم- بي- بي- ايس ڪري ڊاڪٽر بڻيو. غلام محي الدين کين پنهنجي اولاد وانگر عزيز هو. سائس پوڳ چرچا به ڪندا هئا. افسوس! سندن وفات کان ڪجهه مهينا پوءِ غلام محي الدين به لاڏاڻو ڪري ويو.

هڪ ڀيري مون کي ٿورو سيني ۾ سور محسوس ٿيو. وهم ويئو ته شايد دل ۾ درد آهي. ان ڏينهن سائينجن ڏي ڪونه وڃي سگهيس. ٻئي ڏينهن وٽن حاضر ٿيس ته ڪالهه واري غير حاضريءَ جو کين سبب ٻڌايم. فرمايائون ته ”سڀاڻي صبح جو سوير اچ ته ’ڪارڊيو وسڪيولر‘ هلي تنهنجي چڪاس ڪرايان.“ مون کين گهڻوئي چيو ته ”اهو وهم هو، هينئر آءٌ چڱو ڀلو آهيان.“ پر منهنجي ڳالهه نه مڃيائون ۽ صبح سوير اچڻ تي زور ڀريائون. نيٺ ٻئي ڏينهن صبح جو سوير مون کي اسپتال وٺي هليا. حميد ڪاشميري به ساڻ هو. هڪدم منهنجي پوري ريت چڪاس ڪئي ويئي. الله تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان آءٌ چڱو ڀلو هوس. ڊاڪٽرن جي رپورٽ کان پوءِ پير صاحب کي اطمينان ٿيو. کين انسانن سان محبت هئي، هرڪنهن سان پيار ڪندا هئا. پر ڪي ماڻهو کين ڪن سببن ڪري پسند نه ايندا هئا، تنهنڪري اهي جڏهن وٽن ايندا هئا، تڏهن طبيعت تي بار محسوس ڪندا هئا. خاص طور اهڙا ماڻهو جيڪي ادب جي ميدان ۾ هجن، ۽ پوءِ به ڪو لکڻ پڙهڻ جو ڪم نه ڪن. ڪي هلڪي ۽ ترڙي طبيعت وارا ماڻهو فضول گفتگو ڪري، سندن قيمتي وقت وڃائيندا هئا، ته انهن تي به کين ڪاوڙ ايندي هئي. ٻڌائو، خوشامدي ۽ گلاخور ماڻهن سان به سندن نه پوندي هئي. اهڙن ماڻهن کان هڪدم بيزار ٿي ويندا هئا، ۽ منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيندا هئا، اها سندن بيزاريءَ جي نشاني هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪاوڙ ۾ اچي ان قسم جي ماڻهن کي اهڙين ڳالهين کان سخت تنبيهه پڻ ڪندا هئا.

عبدالله خان ورياهه سان ملاقات

منهنجي دوست عبدالله خان ورياهه هڪ ڏينهن پير صاحب سان ملڻ جو شوق ڏيکاريو. چيائين ته ”ڇا پير صاحب سان ملاقات ٿي سگهندي؟“ مون کيس چيو ته ”توهان اهڙي طريقي

انهن پنهي نوجوانن جي ڪم ڪرڻ واري جذبي ۽ سندن اعليٰ صلاحيتن جي گهڻي تعريف ڪندا هئا. هڪ ڏينهن محترم ناصر بروهي ايڊيٽر هلال پاڪستان جي آفيس ۾ جڏهن انهن دوستن سان مهينن کان پوءِ ملاقات ٿي، ته هڪ ٻئي کي ڏوراپا ڏناسون. تنهن تي ممتاز مرزا صاحب چيو ته "پنهنجي ملاقات جو مرڪز "علي رضا هائوس" هو، پير صاحب جن جي شخصيت هئي، جن جي سڪ، محبت ۽ عقيدت ۾ اتي اچي ڪٺا ٿيندا هئاسون. هينئر اهڙين ملاقاتن لاءِ پيا سڪون". ائين ٿنهي جي دلين مان هڪ ٿڌي آهه نڪتي. مون جڏهن ٿورو ويچار ڪيو ته ڏٺم ته واقعي اڄ ادبي فضا مايوس آهي. شهرن ۽ بازارين ۾ ماڻهن جي اهائي پيهه آهي، پر جن جي دم سان ادب جي دنيا ۾ رونق هئي، سي ڏورانهين ڏيهه هليا ويا، ته ڇڻ هر هنڌ سيج پئي نظر اچي:

نه سي ووڻ وڻن ۾، نه سي ڪاتياريون؟
پسو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.

## ڪتابن گڏ ڪرڻ جو شوق.

پير صاحب کي ڪتابن گڏ ڪرڻ جو جيڪو شوق هو، سو بيان ڪري نه ٿو سگهجي. سندن ڪتب خانو پاڪستان جي وڏن ڪتب خانن سان هڪ هو، جنهن جو هڪ حصو قائدِ اعظم يونيورسٽي اسلام آباد وارن کي وڪڻي ڏنائون ۽ باقي ڪتابن لاءِ وصيت ڪري ويا آهن ته "اهي سنڌ الاجي لائبريءَ کي ڏنا وڃن،" جي سندن وفات بعد سائين حسين شاهه راشدي، سنڌ الاجي وارن جي حوالي ڪري ڇڏيا.

سائين جن حياتيءَ جي آخري دم تائين ڪتاب خريد ڪندا رهيا. لنڊن وڃڻ کان ٻه ٽي ڏينهن اڳ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن سندن طبع پُرسيءَ لاءِ آيل هئا. پير صاحب ان ئي ڏينهن ڪجهه ڪتاب خريد ڪري آيا هئا. جڏهن سائين جن ٿوري دير لاءِ ڪنهن ٻئي ڪمري ۾ ويا، ته مولانا صاحب حيرت مان چوڻ لڳو ته "پير صاحب پنهنجو موت اکين سان ڏسي رهيو آهي، پر ان هوندي به ڪتاب خريد ڪندو رهي ٿو!"

پير صاحب جن بيحد صفائي پسند هئا. سٺا ڪپڙا پائڻ ۽ سٺا ڪاڏا کائڻ سندن روز جو معمول هوندو هو. مون کين سدائين خوش اخلاق ۽ خوش پوشاڪ ڏٺو. جيئن ته کين خوبصورت شيون وڻنديون هيون، تنهڪري ڪتابن جو به سٺو ايڊيشن خريد ڪندا هئا ۽ ڪتابن کي سهڻا جلد ٻڌرائي نهايت ئي خوبصورت بنائي ڇڏيندا هئا. لنڊن وڃڻ کان اڳ هڪ جلد ساز کي پنهنجا ڪي ڪتاب جلد بنديءَ لاءِ ڏنا هئائون. کين ڪتابن سان ايڏو عشق هو جو لنڊن کان موٽي اچڻ بعد سخت بيماريءَ جي حالت ۾ به روزانو پنهنجن انهن ڪتابن لاءِ پڇندا رهندا هئا، تان جو پهرين اپريل ١٩٨٢ع صبح جو جيئن ئي سندن خاڪي جسم گهر آندو ويو، ته ان ئي وير جلدساز به سندن ڪتاب کڻي اچي پهتو. عاشق ۽ معشوق جو اهڙي نموني آخري ميلاپ ٿيو.

---

ويو آهي. هر واقعو چڻ ڪا ڪهاڻي آهي. سارو ڪتاب نہ رڳو ان دور جي سماجي، سياسي ۽ ثقافتي زندگيءَ جي تصوير آهي، پر انيڪ افسانن ۽ ڪردارنگارين جو مجموعو آهي.

اسٽار هوٽل پهچڻ تہ ذهني ۽ اعصابي ڪيفيت ٻيٽي ٿي ويئي. يڪ نہ شُد، دو شُد! راشدي صاحب سان گڏ ملڪ جو هڪ ٻيو عظيم مورخ ۽ محقق مولانا غلام رسول مهر بہ آيل هو. سارو ڏينهن اروڙ جي خاڪ ڇاڻي، جڏهين شام جو ماڳ موٽياسين، تہ پنهنجي اندر ۾ دل تي راشدي صاحب جا اهڙا پائيدار اثر ۽ نقش ڇڏيا، جن جي ڇاپ اڄ بہ زندگيءَ تي محسوس ڪريان پيو. مون سمجهيو هو تہ مورخ ۽ محقق خشڪ، بي چسا ۽ ررزرود هوندا آهن، پر پير صاحب ان جي ابتڙ خوش مزاج، دلچسپ، زنده دل ۽ پٽَل ۾ پنهنجو ڪنڌ پيارو ماڻهو هو. مهر صاحب جي تاريخ ڏانهن پهچ روايتي مورخ ۽ محقق واري هئي، پر پير صاحب جي تاريخ ڏانهن روش قوميت ۽ قومي فڪر واري هئي. اروڙ جي پس منظر ۾ جنهن نموني راشدي صاحب سنڌ جي تاريخ جو آپٽار ڪيو، تنهن تاريخ بابت منهنجو فڪر ۽ خيال ئي ڦيرائي ڇڏيو. هن مهل تائين اسان کي اسان جي تاريخ کان اڻ ڄاڻ پئي رکيو ويو. اسان جي تاريخ فاتحن جي تاريخ هئي، اسان جي نہ. تڏهين پهريون دفعو مون سنڌ ۽ سنڌيت بابت سوچ جو سفر شروع ڪيو هو. گذريل قومي ۽ ادبي جدوجهد دوران، جڏهن اياز پنهنجو هڪ ڪتاب، پير صاحب ڏانهن منسوب ڪندي، هن لاءِ لکيو هو، ”جنهن جي روح مان مون کي اروڙ جي مٽيءَ جي ڀني ڀني خوشبوءِ ايندي آهي،“ تہ منهنجو خيال راشدي صاحب سان اروڙ واري ملاقات ڏانهن هليو ويو هو. پير صاحب بيشڪ سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌ ۾ تاريخ نويسيءَ کي نئون ۽ صحيح موڙ ڏنو. ان کان اڳ اسان وٽ تاريخ فاتحن جي نظرين ۽ طرفن جي ترجماني ڪندي هئي. راشدي صاحب پهريون پيرو سنڌ جي تاريخ جو صحيح ۽ سچو تجزيو پيش ڪيو. مفتوحن جي نظرين ۽ خيالن جي ترجماني ڪئي، ان انداز ۽ اصول تي تاريخ جو مطالعو ڪيو ۽ تاريخ نويسيءَ جو بنياد وڌو. هن مرد ڪوهہ ڪن جو ئي ڪارنامو ۽ ڪاوش آهي، جو اڄ اسان وٽ اسان جي ماضي ۽ تاريخ جي صحيح صورت پيش ٿي چڪي ۽ ٿي رهي آهي. اڄ سنڌ ۾ تاريخ جي تحقيق ۽ تحرير فاتحن جي فرسوده ۽ روايتي بنيادن تي نہ، پر قوميت جي اٽل اصول، عوامي پس منظر ۽ سائنسي بنيادن تي ٿي رهي آهي.

Gul Hayat Institute

پير صاحب نہ رڳو اسان جي تاريخ کي نئون رخ ۽ موڙ ڏنو، پر هن تاريخ نويسيءَ جي فن کي ڪماليت بہ بخشي. هن صاحب تاريخ تي جو بہ ڪم ڪيو، سو نهايت ئي خوبيءَ ۽ ڪمال جي حد تائين ڪيو. جيستائين هو پنهنجي تحرير کي تڪميليت (Perfection) نہ ڏيندو هو، تيستائين مطمئن نہ ٿيندو هو ۽ ڪتاب ڇپائيءَ لاءِ نہ موڪليندو هو، پوءِ ڀل ڇو نہ سال پنجي وڃن. سطحي ڄاڻ يا اُتاچري مطالعي مان هو ڪڏهين بہ راضي نہ ٿيو. هر مضمون ۽ ڪتاب لکڻ لاءِ هن ڳوڙهو ۽ لامحدود مطالعو ڪيو، ان لاءِ هن سنڌ تہ ڇا، پر ڏيهہ پرڏيهہ جي ڪتبخانن جا چڪر بہ ڪاٽيا. رڳو ان تي اڪتفا نہ ڪئي، پر تاريخ سان

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# منهنجو مهربان، سنڌ جو وڏو محقق ۽ مورخ پير حسام الدين راشدي

## ذاتي تاثرات ۽ تعلقات

ملازمت توڙي تعليم جي ڪري سکر ۾ تمام وڏو عرصو گذاريو اٿم. انهيءَ سموري عرصي دوران جيستائين مولائي شيدائي مرحوم جيئرو هو، تيستائين سائس وقت بوقت ملندو رهندو هوس. مولائي شيدائي مرحوم عجيب غريب شخصيت جو مالڪ هو. ڏاڍي بي تڪلفيءَ سان ڳالهائيندو هو، ۽ هر موضوع تي بحث ڪندو هو. انهيءَ ڪري سندس صحبت سان دل کي سڪون ملندو هو، ۽ ماضي قريب جي تاريخ واتي ويٺي ٻڌبي هئي. راشدي ڀائرن سان رهاڻيون ته ڏاڍي مزيدار نموني ٻڌائيندو هو. انهن ڏينهن ۾ پير حسام الدين راشدي مرحوم جا تاريخي مقالا به ماهي مهراڻ ۾ پڙهندو رهندو هوس، ۽ سندس مؤرخانه ۽ محققانه حيثيت کان ڏاڍو متاثر هوس. انهيءَ ڪري مولائي شيدائي مرحوم کان سندس ڳالهيون ور ور ڪري پڇندو هوس، ۽ هو به ڏاڍي شوق ۽ ذوق سان مختلف رهاڻين جا واقعا ٻڌائيندو هو. هڪ ڀيري جو وٽس ويس، ته ڏاڍي خوشيءَ سان پريان ئي رڙ ڪري ڪيڪاريائين، چيائين: تازو پير صاحب سان ملاقات ٿي آهي. ملاقات دوران پير صاحب چوڻ لڳو: "مولائي! تئون تارو ڪيڏيو آهي، تو اهو ڏٺو آهي." مولائي صاحب وڏيڪ ٻڌايو ته "تئين تاري مان پير صاحب جو مطلب تون آهن. پير صاحب تنهنجا نئي ۽ ساموئيءَ بابت تاريخي مضمون عبرت جي ماهوار ايڊيشن ۾ پڙهيا آهن. پير صاحب ڏاڍو خوش پئي نظر آيو، ته سنڌ جي تاريخ تي تحقيقي انداز ۾ لکڻ وارن ۾ هڪ لکندڙ جو واڌارو ٿي رهيو آهي."

هن واقعي کان پوءِ منهنجيءَ دل ۾ پير صاحب لاءِ اڃا به وڌيڪ محبت ۽ عزت پيدا ٿي. ان کان سواءِ پرپٺ قدرداني ۽ همت افزائي طور جيڪا گفتگو ڪيائون، انهيءَ مون ۾ اعتماد پيدا ڪيو، ۽ سنڌ جي تاريخي مقالن لکڻ ۾ مصروف ٿي ويس. ڪجهه وقت کان پوءِ پير صاحب سان ملاقات ٿي. ڏاڍي محبت سان پيش آيا، ۽ سنڌ جي تاريخ تي لکڻ لاءِ آڀاريائون. منهنجا تاريخي مقالا ۽ ڪتاب شايع ٿيندا رهيا. اهو ڏسي پير صاحب ڏاڍو خوش ٿيندو هو، ۽ همت افزائي

هڪ قلمي نسخو هو، جيڪو مون کي پنهنجي پي- ايچ- ڊي- جي مقالي لاءِ ڏسڻو هو. ان سلسلي ۾ جڏهن به وٽن وڃڻ ٿيو، ته فراخدليءَ سان اهو قلمي نسخو ڪڍي ڏنائون.

سائين پير صاحب جي قدرداني ۽ پرخلوص دوستيءَ جو هڪ جيئرو جاڳندو مثال به منهنجي سامهون آهي. اهو آهي: ميان غلام مصطفيٰ ڀيو (وينل ڪرن، لڳ شڪارپور). هو منهنجو تمام پيارو دوست آهي ۽ هن جي مون سان بيانتها محبت آهي. هو علم دوست، عالمن ۽ محققن جو قدردان ۽ تاريخي ڪتابن جي وسيع مطالعي جو صاحب آهي. بلڪ ائين چئجي، ته بيجا نه ٿيندو، ته هو سنڌ، هند ۽ اسلامي تاريخ جي چرندڙ پرندڙ انسائيڪلوپيڊيا ۽ تاريخي ماخذن جي ببلوگرافي آهي. ڪو تاريخي عنوان گفتگو ۾ ايندو ته هڪدم ان سان تعلق رکندڙ ڪتاب ٻڌائي، ٻڌندڙن کي حيران ڪري ڇڏيندو. نه فقط ايترو، پر اهو به ٻڌائي ڇڏيندو، ته انهيءَ موضوع تي فلاڻا فلاڻا ماڻهو لکن پيا، يا فلاڻا ڪتاب ڇپائيءَ هيٺ آهن. هن جي انهن سيني اردو ۽ سنڌي تاريخي ڪتابن تي نظر هوندي آهي، جيڪي تازو ڇپيا آهن، يا ڇپائيءَ هيٺ آهن، مارڪيٽ ۾ ڪٿي موجود آهن، يا ناياب ٿي چڪا آهن. هو اهو به ٻڌائي ويندو آهي، ته ڪنهن مورخ ۽ محقق ڪهڙا ۽ ڪيترا ڪتاب لکيا آهن. انهن خوبين ۽ خصوصيتن جي ڪري پير صاحب جي ساڻس ذاتي محبت هئي ۽ ڪيس وقت بوقت خط لکندو رهندو هو. هن کي به پير صاحب سان بيانتها محبت هئي. پير صاحب سان ملڻ لاءِ سيڙجي به ڪراچيءَ ويندو هو ۽ پير صاحب سان رهائيون ڪندي دل ڍاپندي ئي نه هئس. هينئر جڏهن پير صاحب جو ذڪر نڪرندو آهي، ته سندس اکين ۾ پاڻي ڀرجي ايندو آهي!

## تحقيقي ڪم جو جائزو

پير صاحب جي تاريخي ۽ تحقيقي ڪم جو جائزو ورتو ويندو، ته ان جا مختلف پهلو نظر ايندا، جن کي هيٺين ريت بيان ڪري سگهجي ٿو.

١- سنڌ جي تاريخي ڪتابن جي ترتيب، تصحيح ۽ اشاعت:

هن سلسلي ۾ پير صاحب بنيادي ۽ اهم ڪم ڪيو آهي ۽ سنڌ جي تاريخ تي لکندڙن کي بنيادي ماخذ سنواري سڌاري مهيا ڪري ڏنا آهن. اهوئي سبب آهي، جو سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ علم ادب جا ڪيترائي اڻلکل پهلو روشن ٿيا آهن. اهڙن ڪتابن جو مختصر تعارف هيٺ ڏجي ٿو:

تحفةالڪرام، ج ٣، حصو پهريون: تحفةالڪرام (ج ٣) کي سنڌ جي تاريخ جي سلسلي ۾ بنيادي حيثيت حاصل آهي. ان ۾ سنڌ جي تاريخ به بيان ٿيل آهي، ته ان ۾ اهم شخصيتن ۽ شهرن جو ذڪر موجود آهي. انهيءَ ڪري ان کي جيڪڏهن سنڌ جي انسائيڪلوپيڊيا چئجي ته بيجا نه ٿيندو. ان جو سنڌي ترجمو شايع ٿي چڪو آهي. پير صاحب جي دلي خواهش



Gul Hayat Institute

هئي، تہ ان جي فارسي متن کي نئين سر سنواري سڌاري شايع ڪيو وڃي. اهو اهم ڪم هٿ ۾ ڪنيائين ۽ ان جو پهريون حصو حاشين سان سينگاري شايع ڪيائين. افسوس جو ان جا باقي رهيل ٻہ حصا شايع نہ ٿي سگهيا. سنڌي ادبي بورڊ کي جڳائي، تہ معلوم ڪري تہ جيڪڏهن پير صاحب اهي ٻئي حصا بہ مڪمل ڪري ويو آهي، تہ اهي هٿ ڪري شايع ڪري، ڇاڪاڻ تہ هي حصو سنڌي ادبي بورڊ ئي ڇپايو آهي.

مقالات‌الشعراء: هي سنڌ جي فارسي شاعرن جو تذڪرو آهي، جيڪو تحفةالڪرام جي صاحب مير علي شير قانع جو لکيل آهي. هي ڪتاب بہ پيرصاحب ايڊٽ ڪري شايع ڪرايو آهي. ڪتاب جي متن جي تصحيح سان گڏ، حاشيا بہ لکيا اٿس، جن ۾ مختلف شاعرن بابت ٻين ڪتابن سان معلومات حاصل ڪري، وڌيڪ معلومات ڏني اٿس. ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڇپايو آهي.

مڪلي‌نامه: هي بہ مير علي شير قانع جو لکيل ڪتاب آهي، جنهن ۾ ٺٽي ۽ مڪليءَ جي رنگين محفلن جو ذڪر ٿيل آهي. ان سان ٺٽي جي ثقافت، رنگينين رعنائين ۽ خوشحاليءَ جو پتو پوي ٿو. ان سان گڏ انهيءَ ڪتاب ۾ ٺٽي ۽ مڪليءَ جي بزرگن جي درگاهن جو ذڪر بہ ملي ٿو. پير صاحب هن ڪتاب جي فارسي متن کي ايڊٽ ڪيو آهي ۽ ان تي طويل ۽ مفصل حاشيا بہ لکيا اٿس. حاشين ۾ انهن بزرگن، عالمن، حڪمرانن ۽ تاريخي جاين جو مفصل ۽ مستند احوال ڏنو ويو آهي، جن جو ذڪر مڪلي‌نامه جي متن ۾ آيو آهي. اهڙيءَ طرح هي ڪتاب نہ فقط ٺٽي، بلڪ سنڌ جي انسائيڪلوپيڊيا بڻجي پيو آهي. هي ڪتاب بہ سنڌي ادبي بورڊ ڇپايو آهي.

تڪمله مقالات‌الشعراء: هي ڪتاب خليل ٺٽويءَ جو لکيل آهي ۽ ان ۾ پوئين دور جي فارسي شاعرن جو تذڪرو بيان ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب بہ پير صاحب اهڙي ئي نموني محنت سان ايڊٽ ڪيو آهي، جهڙي نموني مقالات‌الشعراء ايڊٽ ڪيو اٿس. ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايل آهي.

تاريخ مظهر شاهجهاني: هي ڪتاب يوسف ميرڪ بن مير ابوالقاسم نمڪين بکريءَ جو لکيل آهي. سنڌ جي تاريخ جو هي نادر ۽ ناياب نسخو پهريون ڀيرو پير صاحب جي ڪوشش ۽ محنت سان منظر عام تي آيو. ڪتاب جي مقدمہ ۾ پير صاحب پاڻ لکيو آهي:

”جنهن (تاريخ مظهر شاهجهاني) جو پتو گذريل ٽن سون سالن ۾ ڪنهن بہ عالم کي پئجي نہ سگهيو هو، خود سر هينري ايليٽ جهڙو باوسائل مستشرق بہ ان جي زيارت کان محروم رهيو، جنهن پنهنجي ”تاريخ هند“ جي تاليف جي سلسلي ۾ ڪتاب هٿ ڪرڻ لاءِ هندستان ۽ يورپ جي ڪنڊڪڙڇ جي جاکوڙ ڪئي هئي. (ص ٣-٤)

ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت جو ذڪر ڪندي پير صاحب لکيو آهي:

”خاص مغل دور بابت هن وقت تائين اسان کي ڪابہ اهڙي تاريخ نہ ملي هئي، جنهن مان ان زماني جي سياسي ۽ اندروني روئداد معلوم ٿي سگهي. انهيءَ ڪري لاچار اسان کي مغليہ دور جي انهن عام تاريخن مان معلومات حاصل ڪرڻي پوندي هئي، جن ۾ سنڌ بابت اٽي ۾ لوڻ برابر احوال آيل آهي. مظهر شاهجهاني پهريون ڪتاب آهي، جيڪو مغليہ دور جي پهرين اڌ صدي جي حالتن تي تفصيل سان روشني وجهي ٿو.“

هن ڪتاب ۾ اهڙو احوال آيل آهي، جيڪو اڳ ڪنهن بہ تاريخي ڪتاب ۾ نہ آيو آهي. هي پهريون تاريخي ڪتاب آهي، جنهن ۾ سنڌ جي حالتن جو تفصيلي احوال ملي ٿو. اهڙو اهم ۽ قيمتي ڪتاب سنڌ وارن جي اکين کان اوجهل هو. پير صاحب جو اهو وڏو ڪارنامو آهي، جو اهو ناياب ڪتاب هٿ ڪري، مرتب ڪري شايع ڪرايائين.

ڪتاب جي منڍ ۾ پير صاحب اردو زبان ۾ مؤلف جا حالات بيان ڪيا آهن ۽ ڪتاب جو تعارف ڏنو اٿس. آخر ۾ فارسي ۾ تعليقات آهي، جنهن ۾ ٻين تاريخي ڪتابن جي مدد سان انهن شخصيتن جو احوال بيان ڪيو اٿس، جن جا نالا ”مظهر شاهجهاني“ ۾ آيا آهن. اهڙيءَ طرح ڪتاب کي هر طرح جامع بنايو اٿس. هيءَ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي منظر عام تي آندو آهي.

هفت مقالہ: هي اردو ڪتاب آهي، جنهن ۾ فارسي زبان ۽ ادب بابت ست مقالا آهن. هي مقالا پهريائين انجمن ترقي اردو پاڪستان جي ٽہ ماهي رسالي ”اردو“ ۾ شايع ٿيا. ٽہ ماهي اردو ۾ ڇپيل مقالن مان هي مقالا پير صاحب منتخب ڪري، انهن تي مقدمو لکيو ۽ ڪتاب ايران جي اڳوڻي بادشاهہ جي تاجپوشي جي موقعي تي شايع ڪيو ويو.

تذڪره شعراء ڪشمير: هي فارسي زبان ۾ ڪشمير جي فارسي شاعرن جو تذڪرو آهي، جيڪو پير صاحب ڏاڍي محنت سان مرتب ڪيو. ان تي مقدمو بہ لکيو اٿس ۽ حاشيا بہ لکيا اٿس. ڪتاب اقبال اڪيڊمي طرفان شايع ڪيل آهي.

تذڪره مشائخ سيوستان: هي پارسي زبان ۾ سيوهڻ جي بزرگن جو تذڪرو آهي، جيڪو سنہ ۱۰۳۹هہ ۾ عبدالغفور بن حيدر سيوستاني لکيو. پير صاحب اهو تذڪرو هٿ ڪري، ايڊٽ ڪري، تعارف سان ٽہ ماهي مهراڻ جي سال ۱۹۷۴ع جي نمبر ۳-۴ ۾ شايع ڪرايو. ان کان پوءِ ان جو سنڌي ترجمو ڪرايائين، جيڪو مهراڻ جي ايندڙ پرچي ۾ شايع ٿيو. پير صاحب ترجمي سان گڏ هن تذڪري جي اهميت کي واضح ڪيو آهي ۽ ان ۾ جيڪو تاريخي مواد آهي. هن تذڪري ۾ سيوهڻ جي بزرگن جهڙوڪ: حضرت قلندر شهباز، ڇُتو امراڻي وغيره جو احوال آهي. ان سان گڏ هن ۾ ڪي تاريخي ڳالهيون بہ درج ٿيل آهن. سنڌي ادبي بورڊ کي گهرجي تہ هي تذڪرو جدا ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرائي.

ترخان نامہ: هي ڪتاب سيد ميرمحمد بن سيد جلال ٺٽوي جو لکيل آهي، ۽ منجهس ترخاني دور جو احوال آيل آهي. هن ڪتاب کي بہ سنڌ جي تاريخ جي هڪ بنيادي ماخذ جي حيثيت حاصل آهي. هي ڪتاب بہ پير صاحب محققاڻي انداز ۾ مرتب ڪري شايع ڪرايو آهي. شروع ۾ پير صاحب جي طرفان پارسي زبان ۾ "پيش گفتار" جي عنوان هيٺ مهاڳ آهي، ان ۾ انهن مڙني تاريخن جو تعارف ڏنو اٿس، جن ۾ ترخانن جو احوال آيل آهي. ان کان سواءِ مؤلف ۽ ان جي خاندان جو احوال بہ آندو اٿس. آخر ۾ وڏي محنت سان ترخانن جا نسب ناما تيار ڪري ڏنا اٿس.

حديقة الاولياء: هي سنڌ جي صوفياء ڪرام ۽ بزرگان دين جو تذڪرو آهي، سيد عبدالقادر بن سيد هاشم بن سيد محمد ٺٽوي جو لکيل آهي. منجهس ۱۴۱ بزرگن جو احوال آيل آهي. ڪتاب سان گڏ ساڳي مصنف جو لکيل رسالو بہ آهي، جنهن ۾ سيد عبدالهادي معروف بہ جميل شاهہ گرناري جو احوال آيل آهي. سنڌ جي بزرگن جي احوال جي سلسلي ۾ هن ڪتاب کي وڏي اهميت حاصل آهي. هي ڪتاب بہ پير صاحب وڏي محنت سان مرتب ڪري شايع ڪرايو آهي. شروع ۾ پير صاحب طرفان سنڌي زبان ۾ طويل ۽ تفصيلي مقدمو آهي، جنهن ۾ انهن سمورن تذڪرن ۽ تاريخن جو تعارف ڏنو اٿس، جن ۾ سنڌ جي بزرگن جو ٿورو ڪي گهڻو احوال آيل آهي. نہ فقط ايترو، پر انهن ڪتابن ۾ جيڪو مکيہ مواد آيل آهي، ان جي بہ نشاندهي ڪئي اٿس. اهڙن تذڪرن جي اهميت واضح ڪندي ڄاڻايو اٿس:

"سنڌ جي انهيءَ صوفياني لٽريچر کي نہ فقط ديني سلسلي ۾ وڏي اهميت حاصل آهي، بلڪ سياسي، سماجي ۽ ادبي تاريخ ۾ پڻ اهو لٽريچر اهم ترين مواد جي حيثيت رکي ٿو. تذڪرن، ملفوظات ۽ مڪتوبات ۾ سنڌ جي ڪيترن معاصر سياسي واقعن جا اشارا ٿيل آهن. ڪيترن ڳوٺن جي جاگرافي ڄاڻائي ويئي آهي، سماجي صورتحال جا حوالا ملي وڃن ٿا ۽ سنڌ جي ادبي تاريخ جي سلسلي لاءِ بيشمار غير معروف شاعرن جا بيت پڻ آيل آهن، جيڪي ادبي ذخيري جي ڪيترن گمنام گوشن کي روشن ڪن ٿا." (ص۴۴)

ان کان پوءِ اهڙن تاريخي ۽ سماجي واقعن جي نشاندهي بہ ڪئي اٿس، جيڪي بزرگن جي تذڪرن ۾ بيان ٿيل آهن. شاهہ شجاع ۽ سنڌ، مددخان جي گهل، شجاع جي گهل، ڪرڙيءَ واري جنگ، گهوٽڪيءَ واري جنگ وغيره.

منشورالوصيت، دستورالحڪومت: هي ميان نورمحمد ڪلهوڙي جو وصيت نامو آهي، جيڪو پير صاحب مرتب ڪري شايع ڪرايو آهي. شروع ۾ سنڌي زبان ۾ پير صاحب جي طرفان تعارف آهي، جنهن ۾ وصيتنامي جو تعارف ڏنو اٿس، ۽ ان جي تاريخي اهميت واضح ڪئي اٿس. اهميت واضح ڪندي ڄاڻايو اٿس:

"هن وصيتنامي کي تاريخي نقطہ نگاهہ کان وڏي اهميت آهي. پڙهندڙ کي انهيءَ منشور مان هيٺيون مسالو مهيا ٿئي ٿو:

ٽين ضميمي ۾ انندرام مخلص جي ڪتاب ”وقايع بدايع“ مان اهي اقتباس ڏنا ويا آهن، جن جو تعلق سنڌ سان آهي. چوٿين ضميمي ۾ ”نادرنامہ“ يا ”شاهنامۀ نادري“ (تاليف ۱۱۷۲هه) جو اهو اقتباس ڏنو اٿس، جيڪو نادرشاهه جو سنڌ جي ڪاهه بابت آهي. نادرنامہ جو قلمي نسخو ڪراچيءَ جي قومي ميوزم ۾ رکيل آهي. ان بابت پير صاحب ڄاڻايو آهي:

”نادرشاهه بابت ڪم ڪندڙن مان ڪنهن کي بہ انهيءَ ڪتاب جو ڏس پتو ڪونہ پيو آهي ۽ سنڌ سان تعلق رکندڙ حصو پهريون دفعو هن ضميمي جي ذريعي عام اڳيان آندو پيو وڃي.“

پنجين ضميمي ۾ باغ علي جي لکيل ڪتاب ”نامۀ نغز“ مان نادرشاهه جي سنڌ ۾ آمد بابت آيل احوال ڏنو ويو آهي. ڇهين ضميمي ۾ سيد مير محمد جي ڪتاب ”تبصرة الناظرين“ ۾ ڪلهوڙن بابت آيل احوال ڏنو ويو آهي. سيد مير محمد ۽ سندس والد مير عبدالجليل بلگرامي مغلن طرفان سنڌ ۾ وقايع نويس ٿي رهيا. ڪلهوڙن سان سندن گهاٽو تعلق هو. تبصرة الناظرين ۾ روزنامچي وانگر ۱۱۰۱هه کان ۱۱۸۵هه تائين جا واقعا ڏنا ويا آهن. هن ضميمي ۾ ۱۱۱۷هه کان ۱۱۵۶هه تائين فقط ڪلهوڙن سان تعلق رکندڙ واقعا ڏنا ويا آهن.

ستين ضميمي ۾ سنڌ جي هڪ عالم شيخ رحمت‌الله جو خط آهي، جيڪو پهريائين ميان عبدالنبي جي پٽ محمد عارف جو خانِ سامان هو. ڪلهوڙن جي حڪومت جي زوال کان پوءِ هو جوڌپور جي راجا وٽ وڃي منشي ٿيو. هن اهو خط جوڌپور مان ميرزا علي بخت بهادر، محمد ظهيرالدين، ”اظفري“ گورگاني ڏانهن لکيو. اٺين ضميمي ۾ صمصام‌الدولہ شاهنواز خان جي ڪتاب ”ماثرالامراء“ جي پهرين جلد ۾ آيل اهو احوال ڏنو ويو آهي، جيڪو ميان نور محمد ۽ سندس خاندان بابت آهي.

اهڙيءَ طرح پير صاحب ڪلهوڙن جي تاريخ بابت نهايت اهم ۽ نئون مواد مختلف هنڌن تان هٿ ڪري هن ڪتاب ۾ ڏنو آهي.

هشت بهشت: هن ۾ سنڌ جي باڪمال پارسي شاعر ملا عبدالحڪيم عطا ٺٽويءَ جون اٺ مثنويون آيل آهن، جن کي پير صاحب مرتب ڪري شايع ڪرايو آهي. شروع ۾ پير صاحب طرفان سنڌي زبان ۾ مقدمو آهي، جنهن ۾ مثنوين جو تعارف آهي ۽ شاعر جو احوال آيل آهي. ان کان سواءِ ان دور جي سياسي ۽ سماجي حالتن جو ذڪر آندو اٿس. لکيو اٿس:

”عطا پنهنجي شهر آشوب ۾ ٺٽي جي تباهہ حاليءَ جو جيڪو نقشو چٽيو آهي، اهو فقط هڪ شهر جو نہ بلڪ سڄي سنڌ جو صورتحال سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ دارالحڪومت جي حالت کان ملڪ جي روئداد ڪهڙيءَ ريت مخفي ٿي سگهي ٿي؟“ (ص ۱۲۷)

مثنوي چنيسرنامه: هي پارسي مثنوي ادارکي بيگلار جي لکيل آهي ۽ ان ۾ ليلا چنيسر جو قصو منظوم ٿيل آهي. پير صاحب جي تصحيح ۽ مقدمي سان مثنوي شايع ٿيل آهي. شروع ۾ پير صاحب جو ٦٧ صفحن تي مشتمل طويل ۽ تفصيلي مقدمو آهي، جنهن ۾ مثنويءَ جي اهميت ۽ ادبي مقام تي روشني وڌي ويئي آهي. ان کان سواءِ مثنويءَ جي مصنف ادارڪيءَ جي ممدوحن ۽ محسنن جو ذڪر به ڪيو ويو آهي.

مثنويات و قصائد: هن ۾ مير علي شير قانع جون پارسي مثنويون ۽ قصيدا آهن. هي ڪتاب پير صاحب جي ترتيب ۽ مقدمه سان شايع ٿيو آهي. مقدمه سنڌي زبان ۾ آهي ۽ چاليهن صفحن تي مشتمل آهي. ان ۾ مثنوين ۽ قصيدن جو تعارف ڏنو ويو آهي ۽ انهن جون خوبيون ۽ خصوصيتون نروار ڪيون ويئون آهن. لکي ٿو:

"قانع نعت ۽ منقبت ۾ جيڪي قصيدا چيا آهن، انهن ۾ ڪٿي ڪٿي پنهنجي دور جي زبون حاليءَ تي به اکر چوندو ويو آهي، مثلاً

روزگاريست شهاکز اثر گردش چرخ - اوفتاده عجب آهنگ تماشائي طبـاع

قانع پنهنجي ڪلام ۾ "ديبل" جو نالو به آندو آهي. پير صاحب ان تي تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"سنڌ جي قديم تاريخي شهر "ديبل" جي برباد ٿي وڃڻ بعد اڪثر مورخن ٺٽي جي شهر کي "ديول ٺٽو" ڪري لکيو آهي. هتي پنهنجي قصيدي ۾ مير قانع پڻ ٺٽي لاءِ "ديول" جو نالو استعمال ڪيو آهي.

"قانع آن به که دگر راه مناجات رود - بدعا ختم کند منقبت در "ديـول"

حاشيءَ ۾ پير صاحب لکيو آهي:

"راقم الحروف جي خيال ۾ پيرپٺي جو ويرانو دراصل ديبل بندر آهي. پير پٺي کي خود تاريخ ۾ پيرپٺو ديولي لکيو ويو آهي. جڏهن ديبل بندر تباهه ٿيو، ان وقت اتان جا ماڻهو لڏي اچي ٺٽي ۾ وينا ۽ اهو نئون شهر ديبل بندر جي بجاءِ آباد ڪيو ويو. انهيءَ مناسبت ۽ ساڳئي وقت، قديم آبادي جي ويجهڙائيءَ ۾ هجڻ سبب، قدرتي طرح ٺٽي سان ديبل جي نالي جو الحاق رهندو آيو. ازانسواءِ تاريخ ۾ ديبل جي ويران ٿيڻ کان سٽت پوءِ ٺٽي جو نالو داخل آهي."

مثنوي مظهر ال آثار: هيءَ مثنوي سيد جهانگير هاشمي ڪرماني بکري (متوفي سنه ٩٤٦ هه) جي لکيل آهي، ۽ پير صاحب جي تصحيح ۽ مقدمي سان شايع ٿي آهي. مقدمو پارسيءَ ۾ آهي، جنهن ۾ جهانگير هاشميءَ جي زندگيءَ جو احوال آيل آهي. ان کان سواءِ سنڌس ادبي خدمتن، ۽ ان دور جي سياسي حالات تي روشني وڌي ويئي آهي.

ان دور ۾ ٺٽي کي جيڪا حيثيت حاصل هئي، ان بابت پير صاحب ڄاڻايو آهي:

”ٺٽو هميشه کان سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ رهندو ٿي آيو. تنهنڪري سياسي، سماجي خواهه ثقافتي ورثي جي لحاظ کان سنڌ جي مملڪت ۽ ملڪ جو ٺٽو نگر گويا نڪ هو. هر فن ۽ هر شعبي جا نامآور ماڻهو، اندريان خواهه ٻاهريان اتي رهيا ٿي. شعر و سخن ۽ علم و هنر جو شهر مرڪز هو.“ (ص ۴۰۲)

سيوهڻ بابت لکيو اٿس:

”سيوهڻ سنڌس (مير معصوم جي) ناناڻڪي آکهه جو پاسو هو. هيءُ شهر به علم ۽ فن جي لحاظ کان پنهنجي اقبالمندي جي انتها تي پهتل هو.“ (ص ۴۰۳)

نوٽ: مٿي ڏيکاريل سمورا ڪتاب (تذڪره شعراءِ ڪشمير ۽ هفت مقاله کان سواءِ) سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايل آهن.

ميرزا غازي بيگ ترخان اور اس کي بزم ادب: هي ڪتاب اردوءَ ۾ سنڌ جي حاڪم مرزا جاني بيگ ترخان جي پٽ مرزا غازي بيگ بابت آهي، جنهن اڪبر ۽ جهانگير جي دور ۾ سنڌ کان سواءِ قنڌار تي به حڪمراني ڪئي. هن نه فقط اميرانه ٺاٺ ۽ عياشيءَ سان زندگي گذاري، پر شعر و سخن جون محفلون به مچايون. هن ڪتاب ۾ انهن محفلن جو ذڪر آهي، جن جي مرزا غازي بيگ سرپرستي ۽ قدرداني ڪئي. اهڙيءَ طرح هن ڪتاب ۾ ان دور جي سياسي حالتن جو به ذڪر آهي، ته علمي ۽ ادبي فضا تي به ڀرپور روشني وڌي ويئي آهي. مطلب ته ان دور جي هڪ سياسي ۽ ثقافتي، علمي ۽ ادبي تاريخ آهي.

مرزا غازي بيگ جڏهن مغل حڪومت طرفان قنڌار جو حاڪم هو، ته ٺٽي جي رياست خسرو خان چرڪس جي حوالي هئي. هو وڏو ظالم هو. پير صاحب ان بابت لکيو آهي:

”خسرو خان پنهنجي واسطيدارن کي مملڪت جي مختلف حصن تي مسلط ڪيو، جن گجهن وانگر ماڻهن جو ماس پٽي، پنهنجو پيٽ ڀرڻ شروع ڪيو.“

مطلب ته خسرو خان چرڪس ۽ ان جي چاڙتن کان ملڪ بيزار ٿي چڪو هو. ملڪ ۾ روزانو اڻ سونهائيندڙ واقعا ظاهر ٿيندا ٿي رهيا. ڪجهه ماڻهو ٺٽي مان قنڌار پهتا، ته جيئن مرزا غازي بيگ کي داد ڏين. انهن ۾ مرشد خان به هو، جنهن جي مرزا غازي بيگ ان جي علم ۽ فضل جي ڪري تمام گهڻي عزت ڪندو هو، ايتريقدر جو فتح الله جي پائرن ۽ پيءُ کان به ان کي وڏيڪ گهرندو هو. ان جي آڏو مرزا صاحب ڪڏهن به ڪو ناشائسته لفظ زبان مان نه ڪڍندو هو. هڪ ڀيري عيد جي ڏينهن فتح الله خان ڪيس پنهنجي جاگير تان گهرايو. جڏهن هو ٺٽي پهتو ته ان سان اهڙو برو برتاءُ ڪيائين، جو سنڌس دل کي سخت صدمو پهتو. جڏهن فتح الله خان هاٿيءَ تي چڙهي عيدگاهه طرف ويو ته مرشد خان ڏاڍو شرمندو ٿي پنهنجي

جاگير ڏانهن موٽيو، اتان قنڌار روانو ٿيو. جڏهن مرزا غازي بيگ ڪانئس سنڌ جو حال احوال پڇيو، ته هن جواب ۾ هڪ شعر پڙهيو، جنهن ۾ ان وقت جي حالتن جي ترجماني ڪيل آهي. شعر هن طرح آهي:

”لب شيرين بڪام خسرو شد، جانِ بي هوده مي ڪند فرهاد.“
(ص ٩٦-٩٧)

## ٢- يادگيريون

هو ڏوٽي هو ڏينهن: هن ڪتاب ۾ پير صاحب ماضيءَ جا واقعات ۽ ذاتي تاثرات بيان ڪيا آهن. پير صاحب منيلا ۾ هو، ته ڪيس محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ٣٠ جنوري ١٩٦٠ع تي ڍاڪا مان لکيل خط ٥ فيبروري تي منيلا ۾ مليو. ان ۾ لاڙڪاڻي جي بلند پايه شاعر نواز علي نياز جي وفات جي خبر هئي. ان کان متاثر ٿي پير صاحب ان دور جا حالات، ذاتي مشاهدا ۽ تاثرات لکيا، ۽ ان دور جي لاڙڪاڻي جي ادبي ڪچهرين ۽ مشاعرن جو ذڪر ڪيو. اهڙيءَ طرح هي ڪتاب وجود ۾ آيو، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ ١٩٧٧ع ۾ شايع ڪيو. پير صاحب سموريون حقيقتون نهايت سچائي، خلوص ۽ ديانتداريءَ سان ۽ حقيقت پسندانه نوع ۾ لکيون آهن. عبارت ۾ وڏو اثر ۽ رواني آهي، ۽ پڙهڻ سان سمورا واقعا ۽ نظارا اکين آڏو اچيو وڃن. لاڙڪاڻي بابت ڪهڙو نه صحيح لکيو اٿس:

”جنهن دور جو ”نياز“ نمائندو هو، انهيءَ دور ۾ لاڙڪاڻو سڄيءَ سنڌ ۾ برک هو. اهوئي زمانو هو، جو لاڙڪاڻي کي ”لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو“ چيو ويو ۽ اهو به مشهور آهي ته ”هجيئي ناڻو ته گهم لاڙڪاڻو“.

”لاڙڪاڻي ۾ سنڌي زبان جي ادب ۽ شعر و سخن جو به ڏاڍو چرچو هوندو هو. گويا ان وقت، جيستائين مسلمانن جو تعلق آهي، لاڙڪاڻي کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي. سانگهي، گدا ۽ قليچ جي دور ۾ اهو شرف حيدرآباد کي هو، اتي اهو چهچٽو هو. جڏهن اتي مجلسان منتشر ٿيون ۽ جڏهن اها راند ڦٽي، تڏهن لاڙڪاڻي جو وارو وريو. حيدرآباد تي جنهن وقت اها خزان آئي، ان وقت لاڙڪاڻي ۾ ادبي بهار جي آمد ٿي. سنڌي ادب ۽ سنڌ جي ادبي تحريڪن جو سمورو معاملو ۽ مرڪز لاڙڪاڻي منتقل ٿي ويو.“

## ٣- مقدما، تعليقات ۽ حواشي

مٿي ذڪر اچي چڪو آهي، ته پير صاحب جيڪي ڪتاب ايڊٽ ڪيا آهن، انهن جي شروع ۾ مفصل مقدما لکيا اٿس، ۽ انهن تي مفيد حاشيا ۽ تعليقات لکيا اٿس. خاص طرح سان مڪلي نامه جي حواشي ۽ حديقة الاولياء جو مقدمو قابل ذڪر آهن؛ جن ۾ سنڌ جي تاريخ بابت ڪيترو ئي قيمتي مواد آندو ويو آهي. ان کان سواءِ منشورالوصيت جي ضميمن ۾ ڪلهوڙن جي دور بابت ڪيترو ئي نئون مواد هڪ هنڌ جمع ڪيو ويو آهي.

سنڌ ۽ ايران جا تعلقات: هي مقالو دراصل پير صاحب سيپٽمبر ١٩٦٦ع ۾ تهران ۾ منعقد ٿيل ايران شناسن جي بين الاقوامي ڪانگريس ۾ پڙهيو. ان جو اردو ترجمو نقوش لاهور ۾ ڇپيو. مقالي ۾ ايران ۽ سنڌ جا سياسي ۽ ثقافتي تعلقات نهايت تفصيل سان بيان ڪيا ويا آهن. ان مان ڪن ٽڪرن جو سنڌي ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

”هي عجيب اتفاق آهي ۽ فخر جي ڳالهه آهي، ته فارسي شاعرن جو سڀ ڪان پهريون تذڪرو، جنهن کي ديوان چيو ويو آهي، سرزمين سنڌ ۾ ترتيب ڏنو ويو. ان ڪان سواء پڻ قديم ترين تذڪره لب اللباب جي تڪميل جو شرف به سنڌ کي ئي حاصل هيو. ان دور جي فارسي شاعريءَ جا نمونا اسان کي لُب اللباب ۾ ملن ٿا. خود عوفيءَ جو اهو قصيدو، جيڪو هن بکر جي قلعي جي فتح تي لکيو آهي، اسان جي آڏو هڪ قيمتي ادبي نشان آهي.

ايران مان آيل خاندانن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

”اٺين صدي هجري يا ان ڪان پوءِ اسان کي ڪيترائي شرفا ۽ علمي خاندان اهڙا ملن ٿا، جن ايران کي ڇڏي سنڌ ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪئي .... انهيءَ سلسلي ۾ شيراز جي انجوي سادات جي هڪ شاخ جي مورث سيد محمد جو نالو وٺي سگهجي ٿو، جيڪو ٧٨٦ هه ۾ شيراز ڪان سنڌ ۾ اچي رهيو.

”مولانا عبدالعزيز ابهري پنهنجي خاندان کي ساڻ ڪري انهيءَ دور (ڄام نندي جي حڪومت جو دور) ۾ سنڌ ۾ اچي مستقل طرح رهيو. ... ٩٠١هه ۾ مشهد مقدس مان سيد يعقوب ۽ سيد اسحاق سنڌ ۾ آيا. سنڌ ن خاندان مشهدي سادات جي نالي سان ٺٽي ۾ اڄ به موجود آهي. مشهدين جو ٻيو خاندان، جيڪو ٻن ڀائرن سيد احمد ۽ سيد محمد (سيد محمد عابد مشهدي جا فرزند) تي مشتمل هو، ٩٠٦هه ۾ سنڌ ۾ آيو.

”اهوئي دور آهي (ارغون دور) جنهن ۾ غياث الدين منصور دشتڪي شيرازي جي خاندان مان سيد شڪرالله شيرازي سنڌ ۾ آيو، جنهن جي خاندان مان ڪيترائي عالم، فاضل ۽ فارسي شاعر پيدا ٿيا. شيرازي سيدن جو ٻيو خاندان سيد ڪمال ۽ سيد جمال نالي ٻن ڀائرن تي مشتمل انهيءَ ئي سيد شڪرالله سان گڏجي ئي پهتو. انهن جي خاندان مان به ڪيترين ئي شخصيتن وجود ورتو.

مولانا جامي جي دوست ۽ روحاني رفيق شيخ جلال الدين بايزيد پورانيءَ ڪان هر اهو پڙهيل لکيل واقف آهي، جنهن ”نفحات الانس“ پڙهيو آهي. انهيءَ پوراني بزرگ جو ڏوهٽو ميرڪ شيخ محمود وغيره انهيءَ دور (ارغون دور) ۾ سنڌ ۾ آيا، ٻن سون ورهين تائين اهو خاندان سنڌ ۾ عالم، فاضل، شاعر ۽ مصنف پيدا ڪندو رهيو. سنڌ ۾ هي خاندان ميرڪي سبزواري عرب شاهي جي نالي سان مشهور آهي، ۽ پوراني ساداتن جي نالي سان به سڏيو وڃي ٿو.“

جيڪڏهن پير صاحب جي تاريخي، علمي ۽ تحقيقي خدمتن تي تفصيل سان لکيو ويندو، ته ڪيترا ئي دفتر درڪار ٿيندا. انهيءَ ڪري اتي ئي اڪتفا ڪجي ٿي.

سيد صباح الدين عبدالرحمان

# پياري پير حسام الدين راشديءَ جي ياد ۾

ٻهرين اپريل ١٩٨٢ع جي رات جو ريڊيو پاڪستان تان هيءَ دردناڪ خبر ٻڌم ته جناب سيد حسام الدين راشدي پنهنجي پالڻهار ڏانهن روانو ٿي ويو. اها خبر ٻڌي دل کي ڏاڍو ڏڪو رسيو. سڄي رات هنڌ تي پاسا ورائيندي گذري. هن جون سموريون يادگيريون ۽ ملاقاتون سئنيما جي چرندڙ تصويرن وانگر اکين اڳيان ڦرڻ لڳيون.

هن سان منهنجي پهرين ملاقات سال ١٩٥٥ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڏاڍي رواداريءَ ۾ ٿي. ان کان پوءِ هيتان اعظم ڳڙهه سان ساڻس خط و ڪتابت جاري رهي. پر جڏهن پاڪستان جي ڪن ناشرن دارالمصنفين جي ڪتابن کي ڇپڻ شروع ڪيو ته دارالمصنفين جي مالي حالت تمام خراب ٿي ويئي. ان باري ۾ پهرين ته هندستان ۾ ان وقت جي پاڪستان جي هاءِ ڪمشنر کي دانهن ڏني ويئي؛ پر اتان ڪوبه خاطريءَ جهڙو جواب ڪونه مليو، ڇوته هن کي به شڪايت هئي ته پاڪستان جا ڪتاب هندستان ۾ به ڇپبا رهن ٿا. ڪراچيءَ ۾ جناب سيد حسام الدين راشدي صاحب دارالمصنفين جو وڏو قدردان هو. پاڻ چوندو هو ته "خدا جو سڱهن، مون دارالمصنفين جي ڪتابن مان ئي لکڻ سکيو." پاڻ علامه شبلي ۽ مولانا سيد سلمان ندوي پنهين جو وڏو مداح هو. پاڻ ان وقت تائين هڪ وڏي درجي جو مصنف به ٿي ويو هو، تنهنڪري پاڪستان جي علمي دنيا ۾ کيس عزت ۽ احترام جي نظرن سان ڏٺو ويندو هو. مون سندس ڏيان پاڪستان جي ڪن ناشرن جي انهيءَ هٽ ڇراند ڏانهن ڇڪايو. دارالمصنفين سان انهيءَ زياديتيءَ جو کيس ڏاڍو ڏک ٿيو. پاڪستان جي وڏين اخبارن مثلاً جنگ، حريت، مشرق، امروز ۽ نواءِ وقت وغيره ۾ هڪ مضمون ڇپائي هن دارالمصنفين کي تباهيءَ کان بچائڻ جي اپيل ڪيائين: ان سلسلي ۾ اتي جي سيٺي وڏن وڏن ليکڪن کي مدد ڪرڻ لاءِ به چيائين. سندس انهيءَ اپيل جي ڪري دارالمصنفين جي حق ۾ تمام سٺو اثر پيدا ٿيو. اخبارن اداريا لکي سندس اپيل جي پٺڀرائي ڪئي. وري انهيءَ ڪم سانگي فيبروري ١٩٧٠ع ۾ ڪراچي وڃڻ ٿيو. اتي پهچي جناب راشدي صاحب

---

نوٽ: ڀارت جي نامور عالم ۽ محقق مولانا سيد صباح الدين عبدالرحمان، ناظم دارالمصنفين شبلي اڪيڊمي، اعظم ڳڙهه، يو. پي، ادارهٔ مهراڻ جي گذارش تي، اهو مضمون خاص طرح سان هن نمبر لاءِ لکي موڪليو آهي.

تي قابض نظر اچي ٿو. روضة السلاطين سال ٩٥٣ھ کان پوءِ لکيو ويو ۽ جواهر العجائب سال ٩٦٢ھ ۾ قلمبند ڪيو ويو. اهي ٻئي تذڪرا سنڌ جي پراڻي گاديءَ واري شهر ٺٽي ۾ تصنيف ٿيا. راشدي صاحب پنهنجي مقدمي ۾ اهو به ٻڌايو آهي ته فارسي زبان ۾ سڀ کان پهريون تذڪرو تذڪرهٔ شعراء آهي، جيڪو ملتان ۾ سال ٦٠٠ھ کان اڳ لکيو ويو هو. ان کان پوءِ عوفيءَ جو لُبّ الالباب آهي جيڪو سنڌ ۾ ئي سال ٦٢٥ھ ۾ مرتب ڪيو ويو. ان لحاظ کان راشدي صاحب کي اهو فخر ڪرڻ بلڪل جڳائي ٿو ته فارسي زبان ۾ تذڪرن لکڻ جي شروعات سنڌ مان ٿي. وري علي شير نوائي جو ڪتاب مجالس النفايس (سال ٨٩٢ھ) ۽ فخري هروي جا روضة السلاطين ۽ جواهر العجائب سنڌ ۾ ئي لکيا ويا، جن مان ظاهر ٿئي ٿو ته فارسي زبان ۽ ادب جي تاريخ ۾ سنڌ جي اها خدمت ڪا معمولي خدمت ڪانهي. انهيءَ خدمت جي ذڪر ڪرڻ ۾ راشدي صاحب جو قلم ڏاڍي رواني‌ءَ سان هليو آهي. هن روضة السلاطين ۽ جواهر العجائب جو مقدمو ته وڏي ماڻائتي اردو ۾ لکيو آهي، پر تعليقات فارسيءَ ۾ لکيون اٿس، جن کي پڙهڻ سان ٻنهي زبانن تي سندس مهارت جي خبر پوي ٿي.

هن جي مادري زبان سنڌي هئي، تنهنڪري سنڌي زبان ۾ به علمي خدمت ڪندو رهيو. ان زبان ۾ هن جا هيٺ ڄاڻايل ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا آهن:

١- مولانا محب علي سنڌي (سال ١٩٤٢ع)، ٢- مهراڻ جون موجون (سال ١٩٥٥ع)، ٣- تذڪرهٔ اميرخاني (سال ١٩٦١ع)، ٤- ماڪ ڦڙا رابيل (سال ١٩٦٥ع)، ٥- مڪلي نامه (سال ١٩٦٧ع). آخري ڄاڻايل ڪتاب اٺ سؤ صفحن تي پکڙيل آهي. اردو ۾ هن جا ٻه ڪتاب "هفت مقالہ" ۽ "دودِ چراغ محفل" ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. ان ئي زماني ۾ اهو معلوم ڪري حيرت لڳي ته هن وٽ فارسي، سنڌي ۽ اردو ڪتابن جا ٢٩ مسودا تيار رکيا آهن، جيڪي جلد ئي ڇپجي پڌرا ٿيندا. انهن ۾ تاريخ رشيدي از ميرزا حيدر دوغلت، تاريخ فرامين سلاسل تيموريان ۽ سلسله نورجهان بيگم زن جهانگير بادشاه، سنڌ ۾ اردو، تذڪرهٔ مير معصوم بکري، غازي ترخان اور اس کي بزم ادب وغيره شامل هئا. فارسي ادب جي خدمتن جي صلي ۾ ايران جي حڪومت جي طرفان هن کي سال ١٩٦٢ع ۽ سال ١٩٦٦ع ۾ ٻه ڀيرا "نشان سپاس" جا تمغا مليا. پاڪستان جي حڪومت کيس "ستارهٔ امتياز" ڏئي سندس علمي خدمتن جي قدر افزائي ڪئي. ۽ پوءِ خبر ڪانهي ته ڪيترين اخبارن ۽ رسالن جو به ايڊيٽر رهي چڪو هو. سال ١٩٣٠ع ۾ سکر مان المنار نالي هڪ ماهوار رسالو نڪتو ته ان جو ايڊيٽر ٿيو. وري سال ١٩٣٠ع کان سال ١٩٣٤ع تائين "سنڌ زميندار" جو ايڊيٽر ٿيو. "ستارهٔ سنڌ" (٣٤-١٩٣٧ع)، "الوحيد" ڪراچي (٤٠-١٩٤٢ع)، "قرباني" (٤٥-١٩٤٦ع) سندس ئي ادارت ۾ ڇپيون. تماهي رسالن ۾ "مهراڻ" حيدرآباد (١٩٥٧ع)، "اردو" ڪراچي ۽ "پارس" ڪراچي جو به ايڊيٽر ٿي رهيو. طهران مان هڪ رسالو سال ١٩٦٧ع ۾ "ايران شناسي" نڪرندو هو، ان جو به ايڊيٽر ٿيو. پاڪستان جي شايد ئي ڪا علمي يا ادبي مجلس هوندي جنهن جو هو اهم رڪن نه ٿيو هجي.

هڪ تقرير ڪئي ۽ پاڪستان جا ڪي ناشر ان اداري جا ڪتاب ڇاپي، ان کي جنهن وڏي نقصان ۾ وجهي رهيا هئا، ان مسئلي ڏانهن انهن صاحبن جو ڌيان ڇڪايو. ان ميڙ ۾ مون کي به ڳالهائڻ جو موقعو مليو. پاڪستان جي ان اهم علمي ميڙ کي عرض ڪيم ته ”اڄ هت دارالمصنفين جي خيرخواهن ۽ همدردن کان اخلاقي امداد وٺڻ جي لاءِ آيو آهيان. جيڪڏهن ان اداري جا ڪتاب هت ڇپبا رهيا ته هتي جي ناشرن کي ٿوري وقت لاءِ ڪي فائدا ضرور حاصل ٿيندا، پر دارالمصنفين جهڙو پراڻو ۽ خدمت ڪندڙ ادارو مري کپي ختم ٿي ويندو. اهو هڪ تمام وڏو علمي حادثو ٿيندو، جنهن جو ماتم پاڪستان جا ماڻهو به وڏي ڏک ۽ افسوس سان ڪرڻ تي مجبور ٿيندا؛ ڇو ته ان اداري جو خرچ پکو، ان اداري جي ڇپيل ڪتابن جي وڪري مان ٿئي ٿو.“ هتي جي ماڻهن، جنهن خدمت ۽ قربانيءَ کان ڪم ورتو آهي، ان جو تفصيل به ٻڌايم. منهنجين ڳالهين کي تمام ڌيان سان ٻڌو ويو. هنن دارالمصنفين سان همدردي ڏيکاري ۽ پوءِ ان تي بحث شروع ٿي ويو ته انهيءَ اداري جي ڪتابن کي هٿ چراند کان ڪئن بچائي سگهجي ٿو. آخرڪار فيصلو ٿيو ته وڌيڪ سوچ ويچار ڪرڻ جي لاءِ هڪ ڪاميٽي ٺاهي وڃي، جنهن جا ميمبر جناب ممتاز حسن، جناب حسام الدين راشدي، جناب جميل الدين عالي، جناب ابن انشاء ۽ جناب ابن الحسن چونڊيا ويا. ان مجلس جي مُنهن ۽ راحت ڏيندڙ يادن جا ڏيئا اڃان تائين منهنجي اکين جي آڏو روشن آهن ۽ ان ۾ جناب راشدي صاحب جيڪو ڪم ڪيو، انهيءَ جي ياد سدائين تازي رهندي.

ان ڪاميٽيءَ جي گڏجاڻي جناب ممتاز حسن صاحب جي آفيس نيشنل بئنڪ ۾ ٿي، جتي راشدي صاحب مون کي پنهنجي گاڏيءَ ۾ وٺي ويو. ان ۾ فيصلو ٿيو ته دارالمصنفين کان باقاعده اختيار وٺي، اهڙن ناشرن جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، جيڪي ان جا ڇاپيل ڪتاب اجازت کان سواءِ ڇاپي، ان کي ڇيهو پهچائين ٿا. مون اهي اختيار ڪاميٽيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيا. انهيءَ گڏجاڻيءَ ۾ جناب راشدي صاحب جي تجويز تي ان ڪاميٽيءَ جي ميمبرن پاڻ هڪ سوسائٽيءَ جو به بنياد رکيو، جنهن جو نالو ”شبلي-سليمان يادگار سوسائٽي“ رکيو ويو. ان جو مقصد هيءُ هو ته مولانا شبلي ۽ مولانا سيد سليمان ندويءَ جي تحقيقي ۽ علمي ڪم جو پرچار ڪيو وڃي. ان جو صدر جناب ممتاز حسن صاحب، سيڪريٽري جناب ابن الحسن صاحب ۽ خزانچي جناب جميل الدين عالي صاحب مقرر ٿيا. راشدي صاحب پنهنجو نالو ان جي ميمبرن ۾ نه رکڻ مناسب سمجهيو. ان سوسائٽيءَ کي اهو به حق ڏنو ويو ته شبلي ۽ سليمان جي اداري جي ڪتابن جي حقن جي پاڪستان ۾ نظرداري ڪري.

منهنجي اتي رهڻ واري زماني ۾ جناب راشدي صاحب جي زور ڀرڻ تي جناب جميل الدين عالي صاحب هڪ رات پاڻ وٽ ماني کائڻ کان پوءِ هڪ خاص گڏجاڻي ڪئي، جنهن ۾ جناب ممتاز حسن صاحب، جناب راشدي صاحب، جناب ابن انشاءُ ۽ جناب محمود قاسم صاحب هئا. اها وندرائيندڙ صحبت ٻارهين بجي رات تائين هلندي رهي. موضوع گهڻو ڪري علم، ادب

۽ اتي هو منهنجي اچڻ جو انتظار ڪري پيو. انهيءَ دعوت تي ٩- سيپٽمبر ١٩٧٥ع تي شام جو ڪراچيءَ کان اسلام آباد پهتس. اتي مولانا ڪوثر نيازيءَ منهنجو وڏو آدرڀاءُ ڪيو، انٽرڪانٽيننٽل هوٽل ۾ ترسايو ۽ پوءِ پنهنجيءَ وزارت جي خاص ڪمري ۾ گهرائي دارالمصنفين جي ڇپائيءَ جي حق جي وڪري جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ پڪ ڏياري ته اهو ڪم ضرور ٿيندو. ان کان پوءِ هن منهنجي لاءِ هڪ آدرڀائي دعوت جو انتظام اسلام آباد جي مشهور ڪلب "اسلام آباد ڪلب" ۾ ڪيو. رمضان شريف جا ڏينهن هئا، تنهنڪري افطار جو زبردست انتظام ڪيو ويو، جنهن ۾ اسلامڪ ريسرچ انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر جناب عبدالواحد هاليپوٽو ۽ سنڌ جو سمورو عملو شريڪ ٿيو. وري اخبارن جا ايڊيٽر ۽ خاطو به هئا، جن دارالمصنفين بابت طرح طرح جا سوال پڇيا. ان جي ڪري به دارالمصنفين جي حمايت لاءِ جوڳو بندوبست ٿيو. وري منهنجو آدرڀاءُ خاص ڪري اسلامڪ ريسرچ انسٽيٽيوٽ ۾ ڪيو ويو. ان موقعي تي دارالمصنفين جي لاءِ ان جا ڇپايل سڀئي ڪتاب نذر ڪيا ويا.

اتي دارالمصنفين جي ڪتابن جي وڪري جي لاءِ تعليم جي وزارت جي بالا عملدارن سان به ملندو رهيس. جڏهن واپس ڪراچي آيس ته مون جناب راشدي صاحب جا ٿورا مڃيا ته اهو سڀڪجهه سندس ئي مهربانين جي ڪري ٿيو. مون کي اعظم ڳڙهه واپس اچڻ جي تڪڙ هئي پر راشدي صاحب ترسايو ته اڃا ته دارالمصنفين جي ڇپايل ڪتابن جي وڪري جي ڳالهه اڃا نه وڌي آهي؛ جيستائين حڪومت سان اهو معاملو چڱيءَ طرح نه نبري، تيستائين منهنجو واپس وڃڻ مناسب نه ٿيندو. انهيءَ زماني ۾ امير خسرو رح جو ٧٠٠ سئو ساله جشن اسلام آباد ۾ ٿيڻ وارو هو. راشدي صاحب زور رکيو ته آءٌ انهيءَ ۾ ضرور شريڪ ٿيان. اهو جشن ٻن قسمن جو هو: هڪ قومي ۽ ٻيو بين الاقوامي. قومي جشن ته اسلام آباد يونيورسٽيءَ جي طرفان ٿيڻ وارو هو ۽ بين الاقوامي جشن جو بندوبست حڪومت جي طرفان ڪيو ويو. هڪڙي ڏينهن ٻنهين منتظمين جي طرفان مون وٽ هوائي جهاز جا ٽڪيٽ ۽ دعوت ناما پهتا. اهو سڀڪجهه راشدي صاحب جي ڪري ٿيو. مون کي دارالمصنفين جي ڪتابن جي وڪري جي ڪم ڪي اڳتي وڌائڻو هو، تنهنڪري دعوت نامي ملڻ تي خوشي ٿي. جنهن هوائي جهاز ۾ راشدي صاحب اسلام آباد وڃڻ وارو هو، انهيءَ ۾ منهنجي سفر ڪرڻ جو به انتظام ڪيل هو. اتفاق سان هارورڊ يونيورسٽيءَ جي مشهور اسڪالر ڊاڪٽر اينمري شميل به انهيءَ هوائي جهاز ۾ اسلام آباد انهيءَ جشن جي لاءِ پئي ويئي. هوائي اڏي تي هن جي نظر راشدي صاحب تي پئي ته وڏيءَ آڪير سان هن ڏانهن هلي آئي ۽ پوءِ ٻنهين ۾ اهڙي بي تڪلفيءَ سان ڳالهيون ٿيڻ لڳيون جو معلوم ٿيو ٿي ته ٻنهين جي دلين ۾ هڪ ٻئي جي علم جو وڏو قدر آهي. اسين اسلام آباد جي انٽرڪانٽيننٽل هوٽل ۾ پهتاسون ته راشدي صاحب سان ملڻ لاءِ ميڙا لڳي ويا: ماڻهو ڪيس چوڌاري گهيري ويٺا. هو هنن سان پنهنجن ٽهڪڙن ۽ مٺڙي آواز سان ڳالهيون ڪندو ۽ پنهنجي خوش طبعيءَ سان هنن کي وندرائيندو رهيو. انهيءَ سان سندس مقبوليت ۽ محبوبيت

جنهن ڏينهن سان هندستان روانو ٿي ٿيس، ان کان هڪ رات پهرين منهنجي ڌيءَ جي بسم الله خواني ٿيڻي هئي. ان گڏجاڻيءَ ۾ راشدي صاحب پاڻ آيو. ڊاڪٽر ابوالليث صديقي، ابوالخير ڪشفي، راز مرادآبادي، مولانا عبدالقدوس هاشمي ندوي، ڊاڪٽر عبداللطيف، جناب مشفق خواجہ، جناب ظفراحمد انصاري ۽ ٻيا ڪيترائي معزز ماڻهو ان گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيا. راشدي صاحب جي هجڻ ڪري اها مجلس ادبي مجلس ٿي پئي. جناب راز مرادآبادي پنهنجو ڪلام ترنم سان پڙهيو، پوءِ مولانا عبدالقدوس هاشمي، پروفيسر ابوالخير ڪشفي ۽ جناب مشفق خواجہ پنهنجو ڪلام ٻڌايو ۽ سڀني جو مخاطب جناب راشدي صاحب ئي هو. ڪيس پنهنجو ڪلام ٻڌائڻ وقت هنن کي احساس هو ته اهي هڪ تمام وڏي صاحبِ نظر ۽ صاحبِ فن جي اڳيان پنهنجو ڪلام پڙهن پيا. راشدي صاحب جي طرفان هنن کي جيڪو داد پئي مليو تنهن کي هنن پنهنجي ڪلام جو اصل صلو پئي سمجهيو. انهيءَ گڏجاڻيءَ مان راشدي صاحب آسهڻ وقت منهنجي ڌيءَ کي پنهنجيءَ هنج ۾ کنيو ۽ هن جي هٿ ۾ هڪ وڏي رقم جو لفافو ڏنو. مون سندس هٿ جهلي کيس روڪڻ گهريو ٿي ته هن هڪدم چيو ته منهنجي زندگيءَ جي هڪ تمام وڏي خوشيءَ کي ظاهر ڪرڻ ۾ تون رنڊڪ ڇو ٿو وجهين؟ اهو ٻڌي آءٌ ماٺ ٿي ويس. پوءِ ڪنهن ان وقت هڪ فوٽو ڪڍي ورتو، جيڪو اسان پنهين جو آخري فوٽو آهي. خدا ڄاڻي ٿو ته هن جا ڪڍيل ڪيترا فوٽا منهنجي زندگيءَ جي سرمايي ۾ شامل آهن. پر ان آخري فوٽي کي هرهر ڏسان ٿو ۽ هن جي يادن جا ڏيئا ذهن ۾ روشن ٿين ٿا. ويندي وقت هن ڏاڍي ڏک ۽ غم وچان چيو ته سندس هڪ خطرناڪ آپريشن ٿيڻ وارو آهي. جيڪڏهن سڀني جي دعا سان ان مان ڇڙهي پار ٿيس ته وري ملاقات ٿي سگهندي. ٢٤- مارچ ١٩٨٠ع تي اها منهنجي آخري ملاقات هئي. اعظم ڳڙهہ ۾ سندس خط ايندا رهيا. خيال هو ته سندس آپريشن ضرور ڪامياب ٿيندو، ۽ هو چاڪ چڱو ڀلو ٿي ويندو ۽ ساڻس تمام جلد ملاقات ٿيندي. پر ١- اپريل ١٩٨٢ع تي ريڊيو تان سندس رحلت جي خبر ٻڌم ته ڇرڪ نڪري لڳس، افسوس! پاڪستان جو هڪ "پرنس اسڪالر" گذاري ويو. هن ننڍي کنڊ جي علم جو هڪ سرچشمو، فن جو مرڪز ۽ تحقيق جو ماهر هليو ويو. علم وارن ۽ فن وارن جي مجلس جي شمع گل ٿي وئي. علم دوستي، علم نوازي ۽ علم پروريءَ جي شمع جو پروانو اڏامي ويو. هو اتي پهچي ويو جتي سڀني کي هڪڙي ڏينهن وڃڻو آهي. پر پنهنجي پٺيان پنهنجي اخلاق جي زينت، پنهنجي علم دوستيءَ جي رنگيني ۽ پنهنجي علم نوازيءَ جا داستان ڇڏي ويو. سندس وس ۾ هجي ها ته پنهنجي وقت جو عبدالرحيم خانخانان هجي ها ۽ پنهنجي سرپرستيءَ ۽ سخاوت سان اديبن، شاعرن، محققن ۽ دانشورن کي پنهنجي چوڌاري ميڙيو ويٺو هجي ها. وٽس ايتري دولت هجي ها جيتري عبدالرحيم خانخانان وٽ هئي ته سخاوت جا مثال قائم ڪري ها. هاڻي ته رڳو دعا آهي ته الله تبارڪ تعاليٰ کيس جنت ۾ جايون ڏي. آمين ثم آمين.

—(ترجمو: مُراد علي مرزا)

**حڪيم محمد سعيد**

# پير حسام الدين ــ منهنجو دوست

جينيات (Genetics) جو علم وڌندو ۽ ويجهندو پيو وڃي ۽ تخليق ۽ خلقت جا ڳجها راز انسان تي ظاهر ٿيندا پيا وڃن. پر اڃا تائين اها ڳالهه هڪ ڳجهه آهي ته ڇا هر انسان ذهين ۽ سچاڻ پيدا ٿئي ٿو؟ جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ هر انسان هميشه ذهين ڇو نه ٿو ٿئي ۽ رهي؟ پر هن ڌرتيءَ تي آدم ڪان وٺي هن دم تائين ذهني تفاوت ۽ فرق قائم آهن ۽ شايد آئينده به اهائي صورتحال هجي.

جناب پير علي محمد راشدي صاحب پنهنجي ننڍي ڀاءُ جناب پير حسام الدين راشدي مرحوم جي زندگيءَ جون جيڪي ڳالهيون لکيون آهن، انهن مان اهو نتيجو ڪڍڻ ۾ ڪابه ڏکيائي نٿي ٿئي ته منهنجي پياري دوست حسام الدين راشديءَ ذهني اعتبار ڪان هڪ غير معمولي انسان هجڻ جو ڪڏهن به ڏيکاءُ نه ڏنو هو. تنهنڪري لازمي طرح ذهن ۾ اهو سوال آئي ٿو ته پوءِ هو ذهني اصولن جي خيال ڪان غير معمولي انسان ڪيئن ٿيو؟

منهنجو مطالعو ۽ مشاهدو موجوده دؤر جي سائنس جي روشنيءَ ۾ هيءُ آهي ته جيتوڻيڪ ذهانت ۽ عقلمندي هر سبب ڪان ورثي ۾ ملي ٿي، انهيءَ هوندي به ذهن جي ٺاهه جوڙ ۽ ان جي رسائيءَ ۽ تيزيءَ ۾ ذهني تربيت کي وڏي اهميت حاصل آهي. جيڪي قومون ۽ ملتون ان حقيقت کي چڱيءَ ريت معلوم ڪن ٿيون ۽ ان جو سچيءَ دل سان احساس ڪن ٿيون، اهي پنهنجي تعليمي سرشتي ۾ انقلابي سڌارا آڻين ٿيون ۽ تعليم ۽ معلم جي ڪوشش ۾ تربيت کي تمام مٿانهون بلڪ پهريون درجو ڏينديون آهن.

پاڪستاني ملت جي حيثيت ۾ جيڪڏهن اسان ۾ اها صلاحيت هجي ته اسين پنهنجي ماضيءَ ۾ وڃي حقيقتن جي ڳولا ڦولها ڪري سگهون ته معلوم ٿيندو ته آست مسلمه جي هر زماني ۾ تعليم جو بڻ بنياد تربيت ئي رهي آهي ۽ هر اسلامي دؤر جي تعليمي ماهرن ان سنت جي پيروي ڪئي آهي، جنهن جو مظاهرو صفه تي ٿيو هو. اهوئي سبب هو جو مسلمانن پنهنجي عروج جي هر دؤر ۾ عظيم انسانن کي جنم ڏنو. انهيءَ بلنديءَ ۽ برتريءَ کي

---

نوٽ: حڪيم صاحب، اهو قيمتي مضمون، اداري جي گذارش تي، خاص طرح سان هن نمبر لاءِ لکي موڪليو آهي. ــ ادارو

سمجهڻ جي لاءِ انهن ٽيهه لک مخطوطن (قلمي ڪتابن) تي غور ڪرڻ گهرجي، جيڪي اڄ به دنيا جي جدا جدا ۽ ڪيترن ئي ڪتبخانن ۾ موجود آهن. پر انهن ٽيهه لک علمي عظمتن جي عظيم الشان مصنفن جي اڄ به اسان کي ڄاڻ ڪانهي.

ڇا ان ڪان وڏي بدقسمتي ڪنهن ملت ۽ آمت جي ٿي سگهي ٿي؟ پير حسام الدين راشدي جي زندگيءَ جو هر دؤر بقا جي جدوجهد جو تفسير آهي ۽ هيءَ آها منزل آهي، جتي حالتن جو وڏي همت ۽ دليريءَ سان مقابلو ڪرڻ وارو انسان پنهنجي پختي ارادي جي ڪري تڪليفن ۽ مشڪلاتن مان لنگهي پار ٿئي ٿو. اول ڪان وٺي آخر تائين پير حسام الدين راشدي ان جو بهترين مثال رهيو. ان لحاظ سان هن جي زندگي هڪ سبق آهي.

آءٌ اها دعويٰ ڪري نٿو سگهان تہ مون پنهنجي هن عزيز دوست کي تمام ويجهو وجي ڏٺو آهي، پر آءٌ جيتريقدر سندس ويجهو وڃي سگهيس، اوترو ئي هن کي بہ منهنجي ويجهو اچڻ ۾ نہ تڪليف ٿي ۽ نہ خوف. هن جي اها خوبي قدر جوڳي ۽ تقليد لائق آهي.

پير حسام الدين راشدي شروع ڪان وٺي آخر تائين مسلمان هو، پر هو هڪ اهڙو مسلمان هو جنهن ڪڏهن بہ پنهنجين عبادتن کي نہ مشهور ڪيو ۽ نہ وري پنهنجين ذاتي اسلامي روايتن کي ظاهر ڪيو. دين ۽ دنيا ۾ عدل ۽ توازن هن جي وڏي ۾ وڏي خواهش هئي. دنيا جي لاءِ دين کي هٿيار بڻائڻ جي هن ڪڏهن بہ گستاخي نہ ڪئي آهي ۽ هن ڪڏهن بہ انهن ماڻهن جو ساٿ نہ ڏنو جيڪي اسلام جي سستي وڪري جا گنهگار آهن ۽ جن جي وجود ڪان پاڪستان جي سرزمين ڪنبي پئي.

پير حسام الدين سياست ڪان ڪونہ ڀڄندو هو، ان جي آبتڙ ڪيس سياست جي هنج ۾ ئي ڏنو ويو. پر هن پنهنجي لاءِ عمل جو ميدان علم ۽ ادب کي ٺاهيو ۽ ادب مان سياست کي ريج ڏيڻ جي لاءِ ساري ڄمار ڪوشش ڪندو رهيو. سندس اهو سهڻو سپاءُ سندس لکڻين ۽ سندس تاليف ۽ تصنيف ڪيل ڪتابن مان ظاهر آهي.

سنڌ جي سرزمين سان تہ ڪيس ڪا وڏي حُب هئي، ۽ سنڌ جو پاڪستان جي هڪ حصي هجڻ جي ڪري هن کي پاڪستان سان بيپناهہ عشق هو، جيئن هر پاڪستانيءَ کي هجڻ گهرجي. سنڌي سندس زبان هئي ۽ هو ان زبان سان ان ڪري بہ محبت ڪندو هو جو ان ۾ شاهہ لطيف جو ڪلام آهي، جنهن کي هر مذهب ۽ ملت وارن وٽ عام مقبوليت حاصل آهي. انهيءَ هوندي بہ اردو زبان سان سندس گهاٽو لاڳاپو هوندو هو، ايتريقدر جو مرڪزي اردو بورڊ سان سندس تعلق ۽ واسطو آخري وقت تائين رهيو.

پير حسام الدين راشديءَ جي سوچ ۽ سڀاءَ تي بہ ٿي جملا مجبوراً قلم سان نڪري ويا آهن، پر آءٌ جنهن ڳالهہ کي هن جي لاءِ وڏي فضيلت سمجهان ٿو اها آهي انسان سان سندس محبت. انسان جي لاءِ عزت ۽ احترام ڪو سندس خصلت ۾ ويٺل هو. هو هر انسان سان محبت ڪندو هو ۽ سخت تنقيد ڪرڻ وقت بہ انساني مرتبي کي وساريندو ڪونہ هو.

مون کي ذاتي طرح ڄاڻ آهي ته بيماريءَ جي سختيءَ ۾ سندس خواهش هئي ته ملڪ کان ٻاهر وڃي شفا حاصل ڪري. پر هن کي اها سهولت ملي نه سگهي. ان جو سبب شايد اهو هجي ته پير حسام الدين راشدي علم جو صاحب هو ۽ هن پاڪ وطن ۾ علم جو صاحب ٿيڻ ئي سڀ کان وڏو ڏوهه آهي!

پير حسام الدين راشدي هڪ عظيم انسان هو. پير ته هو رڳو نالي جو هو، پر هزار پيرن کان برتر ۽ بزرگ هو. شال الله تعاليٰ کانئس خوش هجي ۽ کيس جنت ۾ جايون ملن.

—(ترجمو: مراد علي مرزا)

---

اڄ پوري سنڌ، پاڪستان بلڪ دنيا جو انسان نهايت غمزده ۽ ڏک ڀريل آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي علم و ادب جي هڪ روشن شمع گل ٿي ويئي آهي.

اڄ هزارين محفلون ۽ ڪچهريون اجڙيل ۽ ويران نظر اچي رهيون آهن، جن ۾ سنڌ جي ثقافت، تهذيب و تمدن، تاريخ ۽ قديم روايتن جي تحقيق ۽ تاليف جا روح کي راحت ڏيندڙ تذڪرا ۽ بحث مباحثا ٿيندا رهندا هئا.

اڄ اهي قيمتي ڪتاب يا ناياب نسخا، نسورا نيڻ وهائي رهيا آهن، جن کي پڙهڻ ۽ نور نچوڙي، انهن جي وسيع ورقن مان حقيقت ۽ اصليت جي پرک ڪرڻ وارو پارکو، کانئن هميشه لاءِ جدا ٿي ويو آهي. دراصل پير صاحب جو موت سنڌي ٻوليءَ ۽ تاريخ جو وڏو نقصان آهي.

—[روزنامه "عبرت"، حيدرآباد، ٣- اپريل ١٩٨٢ع، ايڊيٽوريل ان اقتباس.]

ڊاڪٽر جميل جالبي

# اسان جو پير صاحب

معلوم ائين ٿئي ٿو تہ موت، گهر ڏسي ورتو آهي! جوش ويو، فراق ويو، احسان دانش ويو، ۽ اڃا هنن جو غم تازوئي هو، تہ هڪ ٻي ڏينهن تي ٻہ هستيون - حضرت جعفرشاهہ قلواري ۽ پير حسام الدين راشدي - ٻہ اسان کان هميشه هميشه موڪلائي ويون!

هي اهي ماڻهو هئا، جيڪي صدين دوران، ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن ۽ پنهنجي نظر ڪيميا اثر سان خاڪ کي سون بنائي ڇڏيندا آهن. سيد حسام الدين راشدي - جنهن کي اسان سڀ "پير صاحب" جي نالي سان ڪوٺيندا هئاسين، ڪراچي شهر جي علمي زندگيءَ جي آبرو هئا. هڪ سٺا انسان، هڪ متواضع مهمان نواز، ڪشاده دل، بي باڪ دوست، صاحبِ علم، صاحبِ نظر، ڪم جي گهرائيءَ ۾ پهچي ڪم ڪرڻ وارا، ۽ ڪشادگيءَ سان تحقيق جو داد ڏيڻ وارا! منهنجي ١٩٥٢ع ۾ ساڻس پهرين ملاقات ٿي هئي. آءٌ ۽ شاهد احمد دهلوي مرحوم گڏجي، صبح جي وقت سندس گهر ويا هئاسون. پاڻ هڪ نسبتاً ننڍي ڪمري ۾، جيڪو زمين کان وٺي ڇت تائين ڪتابن سان سٿيل هو، هڪ وڏي ميز جي سامهون رکيل ڪرسيءَ تي چانهہ پي رهيا هئا. ڊگهو قد، صحتمند ۽ سڊول جسم، چمڪدار ڪڻڪائون رنگ، شگفته چهرو، گرمجوشيءَ سان مليا. چانهہ پيش ڪيائون ۽ ڪافي دير تائين علم و ادب جون ڳالهيون ڪندا رهيا. ۽ پوءِ ڊسمبر ١٩٨١ع ۾ منهنجي ساڻس آخري ملاقات ٿي. پاڻ علاج لاءِ لنڊن وڃڻ جي تياري ڪري رهيا هئا. چهري جي رونق اڳين ڪانہ رهي هئي. آواز ڳرو ۽ ويٺل محسوس ٿي رهيو هو، ليڪن مزاج جي مردانگي ساڳي طرح قائم هئي. ڪيترائي آپريشن ٿي چڪا هئا، ليڪن، ان جي باوجود سندن همت ساڳي طرح سلامت هئي ۽ جيئري رهڻ جو حوصلو ساڳي طرح زنده هو. پوءِ، پاڻ علاج لاءِ انگلينڊ هليا هئا ۽ مارچ ١٩٨٢ع ۾ جڏهن واپس وريا تہ حالت خراب ٿي چڪي هئي. ڪينسر، جسم جي مختلف حصن ۾ ڦهلجي چڪو هو، انڪري پاڻ وڏيءَ پيڙا ۾ هئا. ميل ملاقات جي اجازت ڪانہ هئي. آءٌ ڪجهہ دير ويهي، موٽي آيس. ٻن ڏينهن کان پوءِ دل جو دورو پيس ۽ کين اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو،

---

نوٽ: محترم جميل جالبي، اداري جي گذارش تي، اهو مضمون، خاص طرح سان هن نمبر لاءِ لکي موڪليو آهي.



Gul Hayat Institute

مرزا نظام الدين بيگ

# پير حسام الدين راشدي — اسان جي قديم ثقافت جو نقيب

پير حسام الدين راشدي جي شخصيت نهايت پهلودار هئي. پاڻ مختلف النوع صلاحيتن جا صاحب هئا. آءٌ سندس شخصيت ۽ ڪارنامن ڪي تفصيلي بيان ڪونه ڪري رهيو آهيان. سندن ذات جي مختلف پهلوئن تي سندس دوستن ۽ مداحن ڪافي گفتگو ڪئي آهي ۽ ڪندا رهندا. بلاشبہ، پاڻ هڪ عظيم انسان هئا ۽ اهڙي ڪمال جا صاحب هئا، جنهن جي ذات جو ترورو، قومن جي مقدر جو تارو بڻجي اڀري ٿو. مان سندن صلاحيتن جي هڪ اهڙي پهلو تي روشني وجهڻ چاهيان ٿو، جيڪو عام طور تي ڄاڻن کان لڪل آهي، ليڪن نهايت اهم آهي ۽ نادر پڻ. اهم ان خيال سان، ته پير صاحب جي انهيءَ صلاحيت جي ڪري علم جو هڪ وڏو خزانو حاصل ٿيو ۽ نادر ان خيال سان، ته اهڙي خوبي وارو انسان هاڻي مشڪل سان ئي پيدا ٿي سگهندو.

پير صاحب فارسي زبان جا عاشق هئا، ان زبان ۾ پنهنجي عالمانه ۽ محققانه ڪارنامن — جن جو دائرو نهايت وسيع آهي — جي قطع نظر، پير صاحب فارسي شاعريءَ جي عشوه طرازين جا اسير پڻ هئا؛ جنهن جو سبب شايد سندن مزاج جي لطافت ۽ طبيعت جي نفاست هئي. اهوئي سبب هو، جو پاڻ فارسي شاعريءَ جي محبوبه جي خم ابرو جو شڪار ٿي ويا هئا. بهرحال، اها ڳالهه ته ائين ئي وچ ۾ اچي ويئي، دراصل پير صاحب جي شخصيت جو اهو جوهر، جنهن جي وضاحت آءٌ هن مضمون ۾ ڪري رهيو آهيان، فارسي زبان ۽ ان جي ادب جي حوالي سان ئي تعلق رکي ٿو.

پير صاحب مزاجاً اسان جي مشرقي تهذيب ۽ تمدن جا آئينه دار هئا. سندن ذهني تعلق اسان جي قديم تهذيب و ثقافت سان نهايت گهرو رهيو آهي. ايترو ئي نه، پر اهو تعلق عملي طرح سندن ذات جو هڪ فعال عنصر هو. انهيءَ تعلق جي نسبت سان پاڻ ملڪ جي مختلف علمي ۽ ادبي ادارن جا رڪن رکين رهيا آهن. اهڙن علمي ۽ ثقافتي ادارن ۾ هڪ سرڪاري ادارو ”قومي عجائب گهر“ ڪراچي به آهي، جنهن جي مشاورتي ڪائونسل جا پير صاحب بنيادي رڪن هئا ۽ ممتاز حسن صاحب جي وفات کان پوءِ صدر مقرر ٿيا. مٿين اداري طرفان قومي نوادرات خريد ڪيا ويندا آهن ۽ ان جي مشاورتي ڪائونسل نادر تاريخي شين جي پرک ڪري، قومي عجائب گهر لاءِ خريد ڪرڻ جو مشورو ڏيندي آهي. انهيءَ عجائب گهر ۾ هڪ

قلمي نسخن جو شعبو پڻ آهي، جتي قديم خطي نسخن جو وڏو ذخيرو موجود آهي. انهيءَ شعبي جا چار حصا آهن: هڪ حصو خطي ڪتابن جو، ٻيو قلمي تصويرن جو، ٽيون خطاطيءَ جو ۽ چوٿون حصو مشتمل آهي پراڻن تاريخي فرمانن ۽ اهم دستاويزن تي. مخطوطا فارسي، عربي، اردو، سنڌي، پنجابي ۽ پشتو زبانن ۾ آهن، ليڪن انهن ۾ ججهو حصو فارسي ۽ عربي زبان جي ڪتابن جو آهي. راقم جو انهيءَ شعبي سان هڪ وڏي عرصي تائين واسطو رهيو آهي ۽ اتي ئي پير صاحب مرحوم — جنهن کي مرحوم چوندي هڪ عجيب بيچارگيءَ جو احساس ٿئي ٿو. هو مرحوم ناهي، زنده آهي ۽ زنده رهندو ۽ حافظ جي:

هرگز نہ میرد آنکہ دلش زندہ شد بعشق،

ثبت است بر جریدۂ عالم دوام ما.

چوڻ مطابق آهن — کي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ جا موقعا مليا، ۽ اتي ئي سندس اها صفت مون تي آشڪار ٿي.

پير صاحب کي پنهنجي تاريخي ورثي سان بي پناهه دلچسپي هئي. جيئن تہ قديم قلمي ڪتاب اسان جي تاريخ جو اهم ورثو آهن ۽ انهيءَ ورثي جي ئي وسيلي اسان صحيح رُخ تي پنهنجو ارتقائي سفر ڪاميابيءَ سان جاري رکي سگهون ٿا، لهٰذا پير صاحب کي ان ورثي جي حفاظت جو گهڻو اونو رهندو هو. اهوئي سبب آهي، جو پاڻ قلمي نسخن جا عاشق هئا. قديم قلمي ڪتابن کي پرکڻ ۾ کين وڏو ملڪو حاصل هو. پاڻ اهڙن نسخن کي هڪ ماهر نقاد وانگر پرکيندا هئا ۽ انهن جي افاديت اجاگر ڪري سگهندا هئا. اگرچہ مشاورتي ڪائونسل جي سيني ميمبرن جي راءِ تي ئي فيصلا ٿيندا هئا، ليڪن مخطوطن جي خريداريءَ جي معاملي ۾ عام طرح سان پير صاحب جي راءِ ئي فيصلہ ڪن هوندي هئي. ممتازحسن صاحب، جيڪو پاڻ قلمي نوادرات جي معاملي ۾ صاحب نظر هو، پير صاحب جي راءِ کي ترجيح ڏيندو هو.

پير صاحب کي قديم قلمي ڪتابن جي معنوي شناخت ۾ وڏي مهارت حاصل هئي. سندن دلچسپي زياده تر فارسي زبان جي ڪتابن سان رهندي هئي. عربي ۽ ٻين ٻولين جا نسخا عام طرح سان، پاڻ ٻين ميمبرن جي حوالي ڪندا هئا. اگرچہ ان ڳالهہ ۾ پڻ نسخي جي قدامت ۽ ان جي ظاهري خد و خال جي پرک جو فيصلو، سيئي ميمبر، متفقہ طور تي پير صاحب جي ئي حوالي ڪندا هئا ۽ پاڻ هميشہ صحيح فيصلو ڏيندا هئا. ان سلسلي ۾ سندن نگاهون نهايت حقيقت بين هيون. ڪنهن بہ نسخي جو ڪوبہ پهلو سندن نظرن کان پوشيده نہ رهندو هو. جن نسخن ۾ ڪتابت جي تاريخ لکيل نہ هوندي هئي تہ پاڻ پنهنجي تجربي ۽ مهارت جي آڌار تي ان جو عهد طئہ ڪري سگهندا هئا، ۽ سنهنجو تجربو آهي تہ سندن تعين درست هوندو هو. تاريخي نوادرات جي خريد ڪرڻ جو طريقو اهو هوندو هو تہ انفرادي طرح جمع ٿيل شيون جڏهن وڏي تعداد ۾ عجائب گهر ۾ گڏ ٿي وينديون هيون تہ مشاورتي ڪائونسل جي اڳيان پيش ڪيون وينديون هيون. جمع ٿيل قلمي نسخن تي، مخطوطات جي شعبي جو

Gul Hayat Institute

زينت بنجي ويو. انهيءَ نسخي تي، اڪبر ۽ ٻين مغل بادشاهن جي زماني جي مشهور شخصيتن جون مهرون لڳل آهن، يعني اهو ڪتاب انهن جي مطالع هيٺ رهيو. چنانچہ اهو نسخو ڏسي پير صاحب پڙڪي اٿيا ۽ مشاورتي ڪائونسل جي ٻين ميمبرن کي چوڻ لڳا: "اگر مون کان پڇيو وڃي تہ اِنهيءَ ناياب نسخي جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت پنجاهہ هزار رپيا لڳائي ڇڏيان."
پير صاحب کي پنهنجي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي سان ڪيتريقدر شغف ۽ دلچسپي هئي، سا انهيءَ ڳالهہ مان بخوبي سمجهي سگهجي ٿي.

پير صاحب جي ڪوشش سان پاڪستان جي قومي عجائب گهر، ڪراچي، ۾ قلمي ڪتابن جو هڪ اهڙو مايدار ڪتبخانو برپا ٿي چڪو آهي، جتي متعدد نسخا اهڙا آهن، جن جو ڪو ٻيو نسخو دنيا جي ڪنهن بہ ڪتبخاني ۾ موجود ناهي؛ حتاڪ يورپ جا ممتاز قلمي ڪتبخانا پڻ انهن نسخن جي وجود کان خالي آهن. پير صاحب پنهنجي صدارت جي آخري زماني ۾ هڪ عظيم تاريخي ۽ يادگار ڪارنامو سرانجام ڏنو. سنڌ جي هڪ مشهور روحاني شخصيت سيد محب‌الله شاهہ راشدي المعروف بہ "پير جهنڊو" جو خانداني ڪتبخانو، هڪ زماني کان وٺي پنهنجي عظمت کان گهڻو مشهور هو، ليڪن زماني جي دستبرد سبب ان جو وڏو حصو ضايع ٿي چڪو هو ۽ باقي بچيل حصو بہ پنهنجي افاديت جي لحاظ کان نهايت پُرمايہ هو. پيرصاحب جي اڻٿڪ ڪوشش سان پير جهنڊي جو اهو سمورو ڪتبخانو، قومي عجائب گهر لاءِ خريد ڪيو ويو ۽ هاڻي اهو مشهور زمانہ ڪتبخانو هن اداري جي ملڪيت آهي. پير جهنڊي واري ڪتابن جي ذخيري ۾ قلمي نسخن سان گڏ ڇپيل ڪتاب پڻ آهن، جن مان ڪيترائي نهايت نادر ۽ ناياب آهن. انهيءَ ذخيري جا سمورا ڪتاب اسلامي علوم بابت آهن ۽ منهنجو پنهنجو خيال آهي تہ پوري پاڪستان ۾ ڪنهن بہ هنڌ هڪ ئي موضوع تي ڪتابن جو ايترو وڏو تعداد يڪجا ٿيل نہ هوندو. انهن ڪتابن ۾ علم تفسير، حديث، فقه، علم ڪلام، تجويد، منطق ۽ فلسفي وغيره، سڀني موضوعن تي ڪتاب آهن. سمورا ڪتاب عربي زبان ۾ آهن. اسلامي علوم تي تحقيقي ڪم ڪرڻ وارن لاءِ وڏي سهوليت آهي تہ هو هڪ ئي هنڌ تي ويهي پنهنجو ڪم ڪري سگهن ٿا ۽ انهن کي حوالي جي ڪتابن لاءِ ٻين هنڌن ڏانهن سرگردان ٿيڻو نہ پوندو.

محترم پير حسام‌الدين راشدي صاحب جي بهترين ڪوشش جي وسيلي ئي قومي عجائب گهر ڪراچيءَ ۾ علم جو هڪ اهڙو بيش بها خزانو جمع ٿي ويو آهي، جيڪو پاڪستان جي لاءِ عزت جو باعث آهي. پير صاحب جي ذوق، علمي آچايلن جي سيرابيءَ لاءِ اهڙو سامان مهيا ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو اسان جي ملي روايتن جو امين بہ آهي ۽ ايندڙ نسلن جو رهنما پڻ. اسان جي ملي روايتن ۾ علم جي حاصلات کي وڏي فوقيت رهي آهي. پير حسام‌الدين راشدي جو زير احسان اهو قومي سرمايو، اسان جي قوم جي مُردہ احساسن لاءِ هڪ تازيانو آهي. افسوس، جو قوم جي ذهني تعطل ۽ عزائم جي بي‌حسيءَ جو اهو عالم آهي، جو انهيءَ

الياس عشقي

# هالاري هليا ويا

رڇي جي ريشمو ٿئا، ڪين آياڻجن اوءِ،
ڪنهن نہ ڪاري، تنہ ڪي، جو هالاري هوءِ،
توٽي ڏوري ڏوءِ، تہ لالي تهين نہ لهي!

اهڙن ماڻهن مان، جي رڇي ريٽا ٿيندا آهن، جي هالاري هوندا آهن ۽ جنين جي لالي ڪو ڏوري، ڪوڪٽي، ڏوئي نہ سگهندو آهي، پير حسام الدين راشدي صاحب بہ هو.

۱۹۴۹ع جي ڳالهہ آهي: هڪڙي ڏينهن مان مولانا ماهرالقادريءَ جي رسالي "فاران" جي دفتر ۾ ويٺو هوس. دفتر جي فرش تي الاهي ناياب ڪتاب پکڙيا پيا هئا ۽ مولانا پنهنجي خاص انداز ۾ ٻڌائي رهيو هو تہ "هيءَ ڪتاب ڪنهن رئيس جي ملڪيت آهن. ڏس تہ ڪهڙا نہ شاندار ۽ مهانگا جلد آهن. اهڙا جلد ڪو معمولي ماڻهو ايترن ڪتابن تي ٻڌرائي سگهي ٿو؟" ڏسڻ شرط معلوم ٿي ويو تہ انهيءَ شخص کي ڪتابن سان ڪيترو نہ عشق آهي! هڪڙو هڪڙو ڪتاب ڏيکاري، مولانا، ڪتابن جي مالڪ جي ذوق ۽ ڪتابن جي چونڊ جي تعريف ڪري رهيو هو ۽ سچ تہ وڏي تعداد ۾ ڪتابن جا خاص ۽ مهانگا ايڊيشن هئا. مولانا پوءِ ڏاڍي افسوس سان چوڻ لڳو تہ نتيجو هيءُ نڪتو! پڇيومانس تہ ڪتاب ڪنهن جا آهن ۽ اوهان وٽ اهڙي انداز ۾ فرش تي پکڙيل ڇو پيا آهن، تہ مولانا ٻڌايو تہ هو ماڻهو پاڻ سان ڪتابن ڪان سواءِ ڪجهہ بہ آڻي نہ سگهيو ۽ هينئر آن جي حالت اهڙي تہ خراب آهي جو ڪو يقين بہ ورلي ڪندو تہ هي شخص رئيس ماڻهو هوندو هو ۽ هاڻي ايتري قدر مفلس ٿي پيو آهي جو ڪتاب وڪڻڻ لاءِ تيار ٿيو آهي. پر اڄڪلهہ ماڻهو سڀ پريشان آهن، ڪتابن جي شوقينن وٽ پئسو ڪونهي ۽ جن وٽ پئسو آهي، انهن کي ڪتابن جو شوق ڪونهي. جوش ۾ اچي مولانا چوڻ لڳو: پر مان هڪڙو ڪتاب بہ وڪڻڻ لاءِ تيار نہ آهيان، جيستائين انهيءَ بدبخت انسان کي ڪتابن جي مناسب قيمت نہ ملندي. مون پڇيس، مولانا صاحب، هيل تائين ڪو ڪتاب وڪاميو بہ آهي يا نہ؟ مولانا چوڻ لڳو: اهڙي ڳالهہ بہ ڪونهي، اهڙين حالتن ۾ بہ ڪتابن جا قدردان پيا آهن، جن ڪتاب خود بہ خريد ڪيا آهن ۽ ٻين علم دوست

جيئن جيئن پير صاحب سان ملاقاتون وڌنديون رهيون، سندن خوبيون مون تي وڌيڪ ظاهر ٿينديون رهيون. راءِ جي اظهار ۾ پير صاحب بيباڪ ۽ صاف گو هو. جنهن ڳالهه کي سچ سمجهندو هو، بنا ڪنهن لحاظ ۽ خوف جي چئي ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن لفظن جي چونڊ ۾ بي احتياطي ڪري ويندو هو ۽ خيال نہ ڪندو هو تہ انهيءَ ڳالهه جو اثر هن ماڻهوءَ تي ڇا ٿيندو، پر دل جو صاف هو. سندن دل ۾ ڪوٽ ۽ ڪپٽ نہ هئا. پير صاحب جي صاف گوئي سبب ڪيترن دوستن کي شڪايت بہ ٿي ويندي هئي، پر پير صاحب جي خيال ۾ اهڙي ڪا ڳالهہ نہ هوندي هئي. هو ساڳئي ئي خلوص سان ملندو رهندو هو، پر جڏهن ڪنهن دوست جو ڪيس علم ٿي ويندو هو تہ ان جي رنج ۽ ڪاوڙ جي تلافي پنهنجي نموني ۾ ڪندو هو. دوستيءَ جو قدردان هو ۽ دوستن سان پيار ڪندو هو.

جنهن زماني ۾ ڪراچيءَ ۾ ”مجلس يادگار غالب“ قائم ٿي تہ پين علم دوست ماڻهن سان گڏ پير صاحب بہ ان ۾ شريڪ هو. هن اداري غالب تي ڪيترائي ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪيا، جنهن ۾ هڪڙو ڪتاب ”دود چراغ محفل“ پير صاحب جن پاڻ مرتب ڪيو هو. هڪڙي دوست جي ڪتاب جي سلسلي ۾ منهنجو پير صاحب سان اختلاف ٿي ويو ۽ پير صاحب تمام سخت لفظن ۾ ڳالهايو. الائي مان بہ ڪهڙي خيال ۾ وينو هوس، منهنجي واتان بہ ڪي سخت لفظ نڪري ويا. پوءِ تہ پير صاحب سچ پچ ڪاوڙ ۾ اچي ويا. چوڻ لڳا: ”مان تہ توکي لائق ماڻهو سمجهندو هوس، پر تون تہ ڪو صفا چٽ ماڻهو آهين. تون پاڻ کي سمجهين ڇا ٿو- توکي اچي ڇا ٿو؟“ چيومانس: ”سائين پنهنجو پنهنجو خيال آهي، اوهان ائين سمجهندا آهيو. اوهان کي اختيار آهي ۽ شايد اوهان ئي ٺيڪ هجو“. ”مان سڀ سمجهان ٿو“، پير صاحب ورجايو. شايد ڪاوڙ وڌي وئي هئس، چوڻ لڳو: ”يار اوهان سرحد پار ڪان آيل ماڻهو پاڻ کي سمجهو ڇا ٿا؟ خبر ڪنهن کي ڪک جيتري بہ نہ هوندي پر پاڻ کي افلاطون سمجهندو“- مون چيو ”سائين، اوهان جي ان ڳالهہ جو مون کي ڏاڍو ارمان آهي. اوهين عالم ٿي سگهو ٿا، پر پين کي جاهل چوڻ جو اوهان کي ڪو حق ڪونهي“. پير صاحب تي منهنجي ڳالهہ جو ڪو اثر نہ ٿيو ۽ ٿوري دير ڪان پوءِ مان اٿي گهر هليو ويس ۽ پنجن ڇهن مهينن تائين پير صاحب سان ملاقات نہ ٿي. انهن ڏينهن ۾ پير صاحب حيدرآباد ۾ رٽز هوٽل ۾ ترسندو هو ۽ دوست وٽس هوٽل جي ڪمري ۾ ڪيس ملندا هئا. مان بہ هميشہ ائين ڪندو هوس، پر هاڻي مون کي تہ پير صاحب سان شڪايت هئي. ڪيترا پيرا مون کي معلوم بہ ٿيو تہ پير صاحب جن رٽز ۾ ترسيل آهن، پر مان نہ ويس.

ڪراچي ويس تہ انهيءَ دوست سان مليس، جنهن جي ڪتاب جي سلسلي ۾ پير صاحب سان اختلاف ٿيو هو ۽ ان کي سڄو قصو ٻڌايم، پر تاڪيد ڪيم تہ پير صاحب کي نہ ٻڌائجو، ۽ مون کي پڪ آهي تہ هن پير صاحب کي اصل نہ ٻڌايو هوندو. هڪڙي ڏينهن پنهنجي دفتر ۾ وينو هوس تہ پير صاحب جو ٽيليفون آيو. ڏاڍي سنجيدگيءَ سان ڳالهائي رهيو هو.

”عشقي صاحب! الاهي ڏينهن ٿيا آهن، اوهان سان ملاقات نه ٿي آهي، دفتر جو وقت ته آهي پر اوهين مون سان ملي سگهو ٿا. مان رٽز هوٽل ۾ آهيان، نه اچي سگهو ته مان اچان.“ جواب ڏنو مانس ”سائين، مان پهچي رهيو آهيان.“ هوٽل دفتر جي تمام ويجهو هو. ڏهن منٽن ۾ مان پير صاحب جي ڪمري ۾ هوس. مون کي ڏسڻ شرط کلي فرمايائون: ”عشقي صاحب! اسان سنڌي ڏاڍا مڙس هوندا آهيون، جنهن کي جهلّيندا آهيون ته ڇڏيندا نه آهيون.“ پوءِ تمام سنجيده ٿي چيائين: ”يار! تنهجو مغز ڪجهه قريل ٿو ڏسجي. ايترن ڏينهن کان غائب ڇو آهين؟ ڇا انهيءَ ڏينهن واري ڳالهه کي دل ۾ رکي ويٺو آهين؟“ چيومانس ته ”سائين، اوهان جو هڪدم بدليل انداز ڏسي مون کي ڏاڍو ارمان ٿيو هو، پر اوهان جي محبت ڏسي هينئر شرمندو آهيان.“ پير صاحب چيو ته ”يار، وري لکنؤ جي تهذيب ۾ اچي ويو آهين. ميان! اسان جي دل ۾ ڪجهه به نه هوندو آهي. دل کي صاف رکندا آهيون. جو گند ڪچرو جمع هوندو آهي، انهيءَ کي ڪڍي ڇڏيندا آهيون. دوستن جي برخلاف ڳالهه ڪرڻ جو خيال به اسان کي نه ايندو آهي. پر دوستن سان احتياط سان ڳالهه ڪرڻ اسان کي اچيئي نٿو. يار! توکي شرم اچڻ گهرجي. ڇا تون چاهين ٿو ته مان توکان معافي گهران؟ هي ڪا شرافت آهي؟ ٻڌي ڇڏ جان، ائين جيڪي ڪچ وٺندو چوندس ۽ توکي ٻُڌڻي پوندي.“ مون چيو ”سائين، حاضر“ ۽ پير صاحب پاڻ نه بدليو ۽ مون کي بدلائي ڇڏيائون. هي هو پير صاحب جو پنهنجن دوستن ۽ عقيدتمندن سان سچائيءَ وارو ڪشاده قلبيءَ ۽ خلوص سان سلوڪ، جنهن کي مان اڄ ياد ڪري رهيو آهيان.

ڪڏهن ڪڏهن پير صاحب اهڙيون ڳالهيون به ڪندو هو، جنهن تي سياسي ۽ ثقافتي تعصب جو گمان گذرندو هو. اردوءَ جي برخلاف بظاهر ڳالهائيندو هو، پر ڪن ماڻهن جي رويي جي خلاف اهو ان جو رد عمل هوندو هو، نه ته انجمن ترقي اردو، ترقي اردو بورڊ، اقبال اڪيڊمي ۽ ٻين اردو ادارن ۾ پير صاحب ڪنهن کان گهٽ خدمت ڪئي آهي؟ جڏهن دارالمصنفين جا ڪتاب غير قانوني طور ڇاپي ڪن پاڪستاني ناشرن فائدو ڪمائڻ شروع ڪيو ته سڀ کان وڌيڪ تڪليف پير صاحب کي ٿي ۽ هن ڪن باا ثر دوستن کي گڏ ڪري هڪ سٺي مقصد لاءِ ڪم ڪيو ۽ آخرڪار دارالمصنفين جي ڪتابن جو حق واسطو حڪومت کان خريد ڪري دارالمصنفين جي مدد ڪيائون. ڪڏهن ڪڏهن وات جو جيترو ڪؤڙو هوندو هو، اوترو ئي دل جو نرم ۽ مٺو هوندو هو. ذاتي طور مون کي چوندو هو: ”عشقي! توکي ڪا تڪليف هجي ته ٻڌاءِ، ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ مان شايد تنهنجي مدد ڪري سگهان.“ ۽ مون کي پڪ آهي ته پير صاحب رڳو مون کي خوش ڪرڻ لاءِ ائين نه چوندو هو. ڪوڙ ڳالهائڻ ان جي فطرت جي برخلاف هو. اڪثر چوندو هو ته ”عشقي! شاعر ته ٻيا به آهن، تون سيريس ڪم ڪر. تاريخ، ڪلچر، آرٽ ۽ سنڌي موسيقيءَ تي مفصل لک.“ ڪڏهن چوندو هو ”سنڌيءَ ۾ لک، انهيءَ ٻوليءَ ۾ لکڻ جي وڌيڪ ضرورت آهي. جنهن سرزمين ۾ ماڻهو رهي

ان جو حق ادا ڪرڻ گهرجي." ڪڏهن ڪڏهن مون کي پير صاحب جون اهڙيون ڳالهيون بي موقع به لڳنديون هيون، پر هينئر سمجهان ٿو ته پير صاحب ٺيڪ ئي هو. سوچيان ٿو ته پير صاحب ۽ گرامي صاحب کان پوءِ اهڙيءَ محبت، پنهنجائپ ۽ حق سان ڳالهه ڪرڻ وارا هينئر ڪٿي ملندا؟

شروعات ۾ پير صاحب مون سان اردوءَ ۾ ڳالهائيندو هو، منهنجي حيدرآباد ۾ اچڻ کان پوءِ سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيائين. مان اردو ۾ ڳالهائيندو هوس ۽ پاڻ سنڌيءَ ۾ جواب ڏيندا هئا. اڪثر چوندا هئا ته سنڌيءَ ۾ ڇو نٿو ڳالهائين؟ ان ڪري مان ڪوشش ڪري پير صاحب سان سدائين سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو هوس.

منهنجي ملتان ۾ هوندي ٽن سالن ۾ چار پنج ڀيرا پير صاحب هتي آيا ۽ مان هميشه ڪافي وقت پير صاحب سان گڏ گذاريندو هوس. مون کي اڄ اهي ڪچهريون به ياد اچي رهيون آهن. هڪڙي ڏينهن جڏهن پير صاحب ملتان ۾ هو، ڪجهه دوست مون وٽ آيا ۽ چيائون ته گورنمينٽ ڪاليج ۾ پير صاحب سان گڏجاڻي ٿئي ته چڱو. مون چيو تمام سٺو. سڀاڻي شام جو جلسو رکو، مون کي پڪ آهي ته پير صاحب مون سان انڪار نه ڪندو. پوءِ اسين پير صاحب وٽ وياسين. سس وينا هئاسين ته پيرصاحب ڪنهن کي چئي رهيو هو ته سڀاڻي صبح جي گاڏيءَ ۾ منهنجي سيٽ بڪ ڪرائي اچ. مون عرض ڪيو ته سائين ائين نه ڪريو، سڀاڻي اوهان سان ڪجهه دوست ملڻ ٿا چاهين ۽ اسين انهيءَ سلسلي ۾ اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيا آهيون. پير صاحب منهنجي ڳالهه ٻڌي خاموش ٿيو ۽ پوءِ چيائون ته ائين ٿي نٿو سگهي. مون کي ڪراچيءَ ۾ ضروري ڪم آهي، هر صورت ۾ پرهينءَ پهچڻو آهي، هتي رهي نٿو سگهان. مون چيو سائين اسين ته دوستن کي به گهرائي چڪا آهيون. "انهيءَ ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه آهي، پڇو ها ته اڳواٽ ٻڌائي ڇڏيان ها"، پير صاحب چيو. مان اصل نااميد ٿي چڪو هوس ۽ اهڙي حالت ۾ چيو ماس ته سائين منهنجي پوزيشن ڏاڍي خراب ٿي ويندي. پير صاحب ڪو به جواب نه ڏنو، خاموش ٿي ويو. ان کان پوءِ چيائون ته هڪڙي ڳالهه ٿي سگهي ٿي جيڪڏهن اوهان پنهنجو جلسو شام جي بدران ٻنپهرن جو رکي ڇڏيو ته مان سڀاڻي شام جو هليو وڃان. جيڪڏهن ائين ممڪن نه آهي ته معافي، يار زنده صحبت باقي، وري ڪڏهن اچڻو هوندو ته ڏسنداسين. يارن چيو ته بلڪل ٺيڪ آهي ۽ پير صاحب پنهنجي بڪنگ صبح جي بدران شام جو ڪرائي ڇڏي ۽ ٻپهريءَ جو اسان جي گڏجاڻي تمام شاندار نموني ۾ ٿي ۽ ملتان جا يار سڀيئي خوش ٿيا ۽ تڪڙ ۾ جيڪو جلسو ڪيوسين، اڄ تائين ملتان جا دوست ياد ڪندا آهن. اهڙيءَ ئي نموني ۾ دوستن سان ڳالهه هلي رهي هئي ۽ اسان پيرصاحب کي چيو ته اسين چاهيون ٿا ته ملتان ۾ سچل سرمست جو ڏينهن ملهايون. پير صاحب تمام خوش ٿيو ۽ چيائين ته جيڪڏهن اوهان سچل جو ڏينهن ملهايو ته مان پنهنجي وڏي ڀاءُ پير علي محمد راشديءَ کي به اچڻ لاءِ مجبور ڪندس ۽ ٿيو به ائين. جلسو شاندار نموني ۾ ٿيو. پير سائين صدارت ڪئي

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر محمد ايوب قادري

# اردوءَ جو پير

جناب پير حسام الدين راشدي تاريخ ۽ ادب تي محققانه نظر رکندا هئا. پاڻ سنڌي، فارسي ۽ اردو ۾ تصنيف ۽ تحقيق جي اعتبار کان يادگار ڪارناما ڇڏيا آهن. هن مضمون ۾ مان، سندس اردو زبان سان تعلق جي خيال کان سندس علمي ۽ ادبي خدمتن جو ذڪر ڪندس.

پير صاحب جي تعليم حسب رواج فارسي ۽ عربي ۾ رهي ۽ اها ئي تعليم ۽ تربيت اردو زبان ۽ ادب جي لاءِ اساس بنجي ويئي. پوءِ سندس مسلسل مطالع ۽ فطري ذوق ان کي اجاڳر ۽ وڌيڪ چمڪايو. پاڻ اردو ادب جي اهم ۽ صاحب طرز مصنفن ۽ شاعرن جو باقاعده مطالع ڪيائون. غالب، حالي، اڪبر الهه آبادي ۽ اقبال جي ڪلام تي سندن گهري نظر هئي. پاڻ فرمائيندا هئا ته عبدالحليم شرر جي ناولن، خواجه حسن نظامي جي ڪتابن، ملا واحدي جي مقدمن وغيره جي مطالع دوران راتين کي مون ڏينهن بنائي ڇڏيو. اردو جا علمي ۽ تحقيقي رسالا پابنديءَ سان سندن اڀياس هيٺ رهيا. معارف، برهان، نگار، اورينٽل ڪاليج مخزن، نظام المشائخ، پيشوا، مدينه (بجنور) وغيره جو مطالع سندن معمول هو ۽ انهن مان ڪيترن ئي رسالن جا فائيل سندن ڪتب خاني ۾ موجود هئا. انهن رسالن جي حاصلات لاءِ پاڻ ڪتب فروشن سان دوستي رکندا هئا. معارف (اعظم ڳڙهه) ۾ سندن مضمون پڻ ڇپيا آهن. نواب صدر يار جنگ، مولانا حبيب الرحمان خان شيرواني ۽ باباي اردو مولوي عبدالحق مرحوم سان، پاڪستان ٺهڻ کان اڳ سندن خط و ڪتابت هوندي هئي. پير صاحب جي نالي مولانا شيروانيءَ جا خط، سون رسالي ”العلم“ ۾ شايع ڪيا هئا. ۴۱-۱۹۴۲ع ۾ پير صاحب، پنهنجي وڏي ڀاءُ محترم پير علي محمد راشدي صاحب سان گڏ دهلي، نيني تال، پيلي ڀيت ۽ ناگپور وغيره ويا. شڪار وغيره سان گڏ علم ۽ فضل جي صاحبن سان ملاقاتون پڻ ڪيائون. مولوي عبدالحق وٽ خاص مهمان طور رهيا.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ مولوي عبدالحق جي لاءِ هندستان ۾ حالتون ناسازگار ٿي پيون. ڪيس مجبورا پاڪستان اچڻو پيو. پراڻن تعلقات جي ڪري پير صاحب سندس آڌرڀاءُ ڪيو. مولوي صاحب خود لکن ٿا(۱):

---

(۱) تاريخ انجمن ترقيءِ اردو، از سيد هاشمي فريدآبادي، ڪراچي، ۱۹۵۳ع، صفحو ۲۲۸.

”جهاز سادي ٻارهين بجي ڪراچي پهتو. هوائي اڏي تي شعيب قريشي، خان عبداللطيف خان ۽ پير حسام الدين راشدي صاحب موجود هئا. خدا جو شڪر بجا آندم، جو خيرعافيت سان ڪراچي پُهچي ويس، هاڻي هتي نئين مهم جي شروعات ٿيندي.“

مٿين سٽن جي وضاحت انجمن ترقيءِ اردو پاڪستان جي هڪ رپورٽ ۾ هن طرح سان بيان ڪئي ويئي آهي(۱).

”جڏهن هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ مولوي عبدالحق صاحب اهو محسوس ڪيو ته ڪيس دهلي يا دهليءَ کان ٻاهر هندستان ۾ ڪٿي به ڪم ڪرڻ جو موقعو ڪونه ملندو، تڏهن پاڻ شروع ۾ نومبر ۱۹۴۷ع ۾ پاڪستان آيا ۽ پوءِ هميشه لاءِ ۲۸- جنوري ۱۹۴۹ع تي هتي اچي ويا. ڪراچيءَ ۾ پاڻ پير الاهي بخش جي گهر رهيا. ڪراچيءَ ۾ صاحب موصوف کان سواءِ حڪيم محمد احسن صاحب، پير حسام الدين راشدي ۽ حاتم علوي صاحبان ۽ ٻين دوستن کيس خوش آمديد چيو. طئه ڪيو ويو ته انجمن ترقيءِ اردو جو پاڪستان لاءِ هڪ الڳ دفتر ڪراچيءَ ۾ قائم ڪيو وڃي، جو ته ڪراچيءَ ۾ دارالسلطنت هجڻ ڪري، ڪم ڪرڻ لاءِ گهڻيون سهوليتون هيون.“

پير الاهي بخش صاحب جي سفارش سان جناب هاشم رضا، گجراتي ايجيوڪيشن سوسائٽيءَ جي هڪ عمارت انجمن کي ڏني، ليڪن حڪيم محمد احسن صاحب - جيڪو ان وقت ڪراچي شهر جو ميئر هو - آن کان بہ هڪ وڌيڪ سٺي جاءِ جي نشاندهي ڪئي ۽ ڪوشش وٺي آها (موجوده) عمارت (سرسوتي مندر) انجمن کي الاٽ ڪرائي ڏني. ان طرح مولوي صاحب پنهنجي دوستن ۽ اردو جي سڄڻن جي خاص مدد ۽ تعاون سان پاڪستان ۾ انجمن ترقيءِ اردو جي تنظيم ڪري سگهيو. انهن صاحبن مان ڪيترا هن وقت انجمن ترقيءِ اردو جي انتظامي بورڊ جا ميمبر آهن.

پير صاحب شروع کان وٺي انجمن جي ڪمن ۾ مددگار رهيا. ان جي انتظامي بورڊ جا ميمبر رهيا. انجمن جي رسالي ”اردو“ جي ايڊيٽوريل ڪميٽيءَ جا رڪن رهيا. انجمن جي عملي منصوبن جا مشير رهيا. باباءِ اردو ۽ پير صاحب جي تعلقات جو اندازو انهن خطن مان لڳائي سگهجي ٿو، جيڪي مولوي صاحب کيس لکيا آهن.

پير صاحب اردو ڪاليج ڪراچيءَ جي باني مان هئا. اڄ اهو ڪاليج پاڪستان جي هڪ ممتاز درسگاهه آهي. انجمن ترقي اردو ۽ اردو ڪاليج کان سواءِ پاڪستان جي ٻين علمي ۽ تحقيقي ادارن، خاص طرح سان اردو زبان جي ادارن جي قيام ۽ ترقيءَ ۾ پير صاحب ڀرپور حصو ورتو. ترقيءِ اردو بورڊ ڪراچي، جيڪو اردو زبان جي عظيم لغت جي تاليف ۽ اشاعت

---

(۱) اها رپورٽ مون ڏني آهي ۽ اهو ٽڪرو فائيل مان مون پاڻ ورتو آهي.

لاءِ قائم ٿيو، پير صاحب شروع کان وٺي ان جي مجلس انتظاميه جا ميمبر چونڊبيا. پاڻ بورڊ جي ڪمن ۾ پوري دلچسپيءَ سان حصو وٺندا هئا.

جڏهن مرڪزي اردو بورڊ لاهور ٺهيو، ته پير صاحب بحيثيت ايڊيٽر مقرر ٿيا. پاڻ بورڊ جي اشاعتي منصوبن ۾ رهنمائي ڪيائون. ماثرالامراء از صمصام الدوله شاهنوازخان، سيرالعارفين از جمالي دهلوي ۽ طبقات اڪبري از خواجه نظام الدين احمد بخشي جي اردو ترجمن جا منصوبا پير صاحب جي تجويز ۽ تائيد سان ئي عمل ۾ اچي سگهيا ۽ راقم الحروف اهي ڪم سرانجام ڏنا. مولانا اعجازالحق قدوسيءَ جا ڪتاب تذڪرهٔ صوفياي بنگال، تذڪرهٔ صوفياي سرحد ۽ سيرالاولياء اردو ترجمو، پير صاحب جي ڪوشش ۽ توجهه سان ڇپجي شايع ٿيا.

مولانا غلام رسول مهر مرحوم طبقات ناصريءَ جو اردو ترجمو ڪيو هو. پير صاحب ان تي نظرثاني ڪئي آهي ۽ آخر ۾ تعليقات جو ترجمو سندس ئي نظرداريءَ هيٺ ٿيو. تعليقات جي هڪ حصي جو ترجمو خاڪسار راقم الحروف ڪيو آهي. تزڪ جهانگيري جو اردو ترجمو مجلس ترقيءَ ادب لاهور شايع ڪيو هو، جيڪو موجوده زماني جي تحقيقي انداز مطابق نه هو. ان جو ازسرنو ترجمو پير صاحب جي نگرانيءَ هيٺ ٿيو. پير صاحب برصغير جي اولين تاريخ تاج الماثر (نظامي) جي اردو ترجمي لاءِ خواهشمند هئا. پروفيسر عبدالمجيد صديقيءَ سان ڳالهه ٻولهه به ٿي هئي، مگر افسوس جو اهو منصوبو عمل ۾ اچي نه سگهيو. غرض ته مرڪزي اردو بورڊ لاهور جي اشاعتي منصوبن ۽ اردو ترجمن ۾ پير صاحب جا مشورا ۽ دلچسپيون برابر شامل هيون.

پير صاحب پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي مجلس عامله جا ميمبر رهيا. سوسائٽيءَ جي ڪمن ۾ گهڻي دلچسپي وٺندا هئا. ۱۹۶۰ع ۾ جڏهن ڪراچيءَ ۾ هسٽري ڪانفرنس منعقد ٿي ته پير صاحب ڪانفرنس جي مندوبين کي ٺٽي سير و تفريح لاءِ وٺي ويا. رهائش ۽ مهمانداري جي ذميداري پير صاحب پاڻ کنئي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ پاڻ جهانگيري دور جي گورنر غيرت خان تي اردوءَ ۾ هڪ تحقيقي مقالو پڙهيو هو، جيڪا تاريخدانن لاءِ هڪ نئين دريافت هئي. پير صاحب جي تحريڪ تي تاريخ فيروزشاهي (برني) جو اردو ترجمو مرڪزي اردو بورڊ لاهور شايع ڪيو.

رساله ”سب رس“ ڪراچيءَ جي ايڊيٽر خواجه حميدالدين شاهد جڏهن ”ايوان اردو“ قائم ڪيو ته پير صاحب آن جا نائب صدر ۽ ان جي ادبي محفلن جا شمع فروزان بنيا.

ادارهٔ يادگار غالب ڪراچي جا پڻ پاڻ نائب صدر هئا ۽ اداري جي ترقيءَ لاءِ گهڻي دلچسپي ورتائون. جڏهن ۱۹۶۹ع ۾ اداري جي پاران غالب جون سؤ ساله جشن تقريبات منعقد ٿيون ته پير صاحب، مرزا ظفرالحسن جا رفيق ۽ صلاحڪار، معين و مددگار ٿيا. ڪتابن جي ڇپائي ۽ انهن متعلق سيني ڪمن جي ذميواري پير صاحب کنئي. مرزا ظفرالحسن، عبدالرئوف عروج ۽ پير صاحب جي نشست روزانه رات جو ڏهين بجي کان هڪ بجي تائين هوندي هئي.

ان دوران مولانا غلام رسول مهر (لاهور) مولانا عبدالقادر (پشاور) ۽ پروفيسر حميد احمد خان (لاهور) سان علمي مذاڪرا ٿيندا رهيا. دعوتون ٿينديون رهيون ۽ استقباليه ڏنا پئي ويا. انهن مجلسن ۾ پير صاحب کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي. انهيءَ موقعي تي پير صاحب جو ڪتاب "دودِ چراغِ محفل" اداره يادگار غالب طرفان شايع ٿيو.

اقبال اڪيڊمي ڪراچي سان پڻ پير صاحب جو گهرو واسطو رهيو. جنهن اداري سان مرحوم ممتاز حسن جون دلچسپيون هجن، تنهن سان پير صاحب جون ڪيئن نه هونديون؟ بشير احمد ڊار مرحوم ڊائريڪٽر مقرر ٿيو ۽ تذڪره شعراء ڪشمير جو منصوبو پير صاحب جي حوالي ٿيو، جيڪو پاڻ پنجن جلدن ۾ شايع ڪري مڪمل ڪيو. ان جي پهرين جلد جو خلاصو خاڪسار راقم الحروف پير صاحب کي پيش ڪيو، ۽ ان مخطوطي جي نشاندهي پڻ ڪئي هئي. هن عظيم منصوبي جي ترتيب ۽ تدوين ۾ پير صاحب جي دوستن مولوي نسيم امروهوي ۽ مرحوم مسلم ضيائي خاص طور تي سندس مدد ڪئي هئي.

پير صاحب سنڌي ادبي بورڊ جي بانين مان هئا. ان اداري جي وسيلي سنڌ جي تاريخ، ادب، ثقافت ۽ مشاهير جي خوب ڪم ٿيو. سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنڌ جي تاريخ جا ٽي بنيادي ڪتاب چچنامه، معصومي ۽ تحفة الڪرام اردو ۾ ترجمو ٿيا ۽ انهن جي اشاعت ۾ پير صاحب جي مشورن کي دخل آهي.

انهن کان سواءِ ٻيا ڪيترائي ادارا هئا، جن سان پير صاحب جون دلچسپيون وابسته هيون، ۽ جن جي وسيلي علم ادب جي خدمت ٿيندي رهي. اردو جي گهڻن ئي اديبن ۽ شاعرن، مصنفن ۽ صحافين سان پير صاحب جا گهاٽا دوستانه ناتا هئا. پير صاحب انهن جي ڪمن ۾ دلچسپي وٺي سندن رهنمائي ۽ سرپرستي ڪندا هئا. سندن خيال هو ته سندس دوستن مان ڪم ڪندڙ اديب ۽ مصنف بيڪار نه هجن ۽ ڪو معياري ڪم ڪندا رهن.

پاڪستان کان علاوه هندستان جا نامور عالم ۽ محقق مثلاً ڊاڪٽر مالڪ رام، مولانا امتياز علي عرشي، قاضي عبدالودود، ڊاڪٽر نذير احمد، پروفيسر خليق احمد نظامي، سعيد احمد اڪبرآبادي، مولانا سيد صباح الدين عبدالرحمان، ڊاڪٽر ضياءُالدين احمد ڊيسائي سندس دوستيءَ جي دائري ۾ هئا. انهن مان جڏهن به ڪو عالم پاڪستان ايندو هو ته پاڻ انهن جي مان ۾ شاندار دعوتون ڪندا هئا، جن ۾ مقامي اهل علم پڻ شريڪ ٿيندا هئا.

هڪ ڀيرو ڊاڪٽر نظام الدين (حيدرآباد دکن) ۽ ٻيا اديب مشرق وسطيٰ کان واپسيءَ دوران ڪراچيءَ پهتا. ان موقعي تي پير صاحب پنهنجي ڀاءُ محترم پير علي محمد راشديءَ جي بنگلي (لارينس روڊ، گارڊن ويسٽ) ۾ هڪ علمي مجلس منعقد ڪئي، جنهن ۾ ڪراچيءَ جا سمورا ممتاز شاعر شريڪ ٿيا. جوش مليح آبادي مير مجلس هو، نياز فتحپوري به آيل هو.

مرحومه نورالصباح بيگم وقت سالانه مشاعرو ٿيندو هو، جيڪو صبح جو پورو ٿيندو هو. ڪراچيءَ جي شاعرن ۽ اديبن جو وڏو تعداد شريڪ ٿيندو هو. ڪڏهن جسٽس محبوب مرشد

حيدرآبادي سندن ذهني تربيت ڪئي هئي. مون شيخ عبدالمجيد صاحب ڪان سندن مشرف باسلام ٿيڻ واري موضوع تي هڪ تفصيلي انٽرويو ورتو هو، جيڪو شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد جي رسالي "الولي" (اردو) ۾ شايع ٿيو هو. ان مضمون پڙهڻ کان پوءِ محترم راشدي صاحب هن خاڪسار جي غريب خاني تي تشريف فرما ٿيا ۽ مضمون کي پسند ڪرڻ جو اظهار فرمايائون. پاڻ فرمايائون ته "تو اهو مضمون لکي اسان جون اکيون کولي ڇڏيون آهن. شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جهڙي عظيم شخصيت تي تحقيقي ڪم ٿيڻ کپي. ان کان پوءِ حيدرآباد مان هڪ سنڌي رسالي "شيخ عبدالمجيد سنڌي نمبر" ڪڍيو [ ؟ ] ۽ هر سال سندس ڏينهن ملهائجڻ لڳا*. ان ڏس ۾ جيڪو پهريون جلسو منعقد ٿيو، تنهن جي صدارت محترم پير صاحب ڪئي هئي. خاڪسار کي پڻ خيالن جي اظهار جو موقعو مليو. پير صاحب کي شيخ صاحب مرحوم سان ڪيڏي نه دلي ۽ روحاني وابستگي هئي، جو وفات کان پوءِ پاڻ مڪليءَ تي شيخ صاحب جي مزار جي پرسان آرامي آهن.

اردو ڪاليج جي رسالي "برگ گل" جي نگرانيءَ جو ڪم اڪثر هن خاڪسار جي سپرد هوندو هو، ۽ ان جا خاص نمبر پڻ شايع ٿيا آهن. جڏهن به پير صاحب کي خاص نمبر لاءِ مضمون واسطي عرض ڪيم ته اها خواهش پوري ڪيائون. هن رسالي جو "تعليمي پاليسي نمبر" پير صاحب خاص طرح پسند فرمايو هو.

لاهور جا اڪثر دانشور ۽ عالم پير صاحب وٽ ئي ترسندا هئا. ڊاڪٽر محمد عبدالله چغتائي، مولانا غلام رسول مهر، ڊاڪٽر وحيد قريشي ۽ اي. ڊي. اظهر ته سدائين پير صاحب وٽ ئي ٽڪندا هئا.

هن خاڪسار هڪ ڪتاب "تبليغي جماعت جو تاريخي جائزو" عنوان سان لکيو هو. اهو ڪتاب پير صاحب جي خدمت ۾ ان ڪري پيش ڪونه ڪيو هوم، جو اها هڪ مذهبي جماعت جي تبليغي سرگرمين جي روداد هئي، جنهن سان پير صاحب جي ڪهڙي دلچسپي؟ مگر وٽانئن هڪ ڏينهن ان ڪتاب جي تقاضا جو خط پهتو. جڏهن اهو ڪتاب کڻي مان سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس ته پاڻ ان کي پسند فرمايائون. ڪتاب پيش ڪرڻ وقت مون هڪ شعر لکيو:

بخدمت مقدس معلي جناب،
نذر هے ادب سے مختصر کتاب.

---

*شيخ صاحب جي هڪ عاشق ۽ عقيدتمند محترم خان محمد پنهور، شيخ صاحب جي حياتيءَ دوران، پوين سالن ۾، اول سندس سالگره تقريبات منعقد ڪيون ۽ سندن وفات کان پوءِ هر سال پابنديءَ سان، سندس ورسيون ملهائڻ جو بندوبست ڪيو. پاڻ شيخ عبدالمجيد سنڌي اڪيڊمي قائم ڪئي اٿس ۽ سندس سوانح تي هڪ ڪتاب "هوندا سي حيات" پڻ ڇپايو آهي.
— ادارو

پير صاحب جا اردو زبان ۾ لکيل چار ڪتاب يادگار آهن.
۱- مولانا محب علي سنڌي
۲- هفت مقاله
۳- دود چراغ محفل
۴- مرزا غازي بيگ ترخان اور اس کي بزم ادب.
پهريون ڪتاب ۱۹۵۰ع ۾ ادبي پريس ڪراچيءَ مان پير صاحب پاڻ شايع ڪرايو. ٻيو ڪتاب انجمن ترقيءَ اردو پاڪستان، ڪراچي، ۱۹۶۷ع ۾، شهنشاهه ايران جي تاجپوشيءَ جي موقعي تي شايع ڪيو. ٽيون ڪتاب، غالب جي سؤ ساله جشن تقريبات جي موقعي تي غالب اڪيڊمي، ڪراچي، شايع ڪيو. چوٿون ڪتاب ۱۹۷۰ع ۾ انجمن ترقيءَ اردو پاڪستان، ڪراچي، شايع ڪيو آهي.

(ترجمو: پروين شيخ)

---

ايران هجي توڙي خراسان، عرب هجي توڙي عجم، سنڌ هجي يا هند، مشرق ۾ جتي به گذريل زماني ڏاري جيڪي تاريخون لکيون ويون آهن، اهي گهڻو ڪري شاهن، شهزادن، وزيرن توڙي اميرن جي سراهه سان ڀريون پيون آهن. يعني انهن جو مرڪزي نقطو ڪنهن نه ڪنهن شخصيت تي مبني هو ۽ سيئي واقعا انهيءَ نقطي جي چوڌاري گردش ڪندا تي رهيا. جنگ جا داستان، بهادريءَ جا افسانا، ملڪ گيريءَ جا قصا، سخا ۽ عدل انصاف جون حڪايتون، موافق جي تعريف، مخالف جي مذمت وغيره، اهي ئي اسان وٽ تاريخ نويسيءَ جا اسلوب ٿي رهيا آهن. اسان جي تاريخن ۾ واقعن ۽ شخصيتن کي مصلحتن ۽ عاقبت انديشن جي پيش نظر لحافن ۽ غلافن ۾ ويڙهي اهڙيءَ ريت بيان ڪيو ويو آهي، جو نه ته ڪا حقيقي شخصيت ظاهر ٿئي ٿي، نه ان جا اصل ڪردار سامهون اچن ٿا ۽ نه وري واقعات پنهنجي صحيح شڪل صورت ۾ اجاگر ٿين ٿا.

—سيد حسام الدين راشدي
(تاريخ مظهر شاهجهاني: ص ۴۷)



Gul Hayat Institute

شان‌الحق حقي

# پير روشن ضمير

پيرصاحب جيتوڻيڪ رڳو نالي جو پير هو ۽ پنهنجو پاڻ کي ’پير‘ سڏائڻ کين پسند نه هو. ”ترقيءِ اردو بورڊ“ جن ڪارروائين ۽ انهن خطن ۾، جيڪي کين لکيا ويندا هئا، تن ۾ سيد حسام‌الدين راشدي لکيو ويندو هو ــــ پر حقيقت ۾ سندن درجو اسان جي لاءِ ”پير“ جو ئي هوندو هو. منهنجي ۽ سون جهڙن پين مخلصن جي دل ۾ هن جي لاءِ ڪجھ اهڙو ئي جذبو هو، جيڪو ڪنهن مريد جو پنهنجي پير جي لاءِ هوندو آهي. ان هوندي به اسان جي لاءِ سندن ورتاءُ نه رڳو شفقت پريو پر دوستن جهڙو رهيو. اها هڪ وڏي عجيب ۽ مزيدار صورتحال آهي، جنهن کي سون پنهنجي هن شعر ۾ ظاهر ڪيو هو:

اس بت ساده سے ليجئے بندگي کي داد کيا،
جو مرا ايمان ہے وه اس کا دعويٰ هي نهيں.

چون ٿا ته ڪنهن جي وڃڻ جي ڪري دنيا ۾ ڪا گھٽتائي ڪين ٿيندي آهي، پر حقيقت هيءَ آهي ته هر شخص جي دنيا جدا ٿيندي آهي. انهن ماڻهن کان پڇو جيڪي محترم پير حسام‌الدين راشدي جا فرمانبردار رهيا، ته سندن وڃڻ کان پوءِ هنن جي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيتري نه وڏي کوٽ پيدا ٿي ويئي آهي، جنهن جو پورائو ٿيڻ مشڪل آهي. سندن گهر هڪ اهڙو آستانو هو، جتي وڃي اسان کي پنهنجا ڏک سور وسري ويندا هئا. ڪهڙي نه وندرائيندڙ صحبت هئي، جنهن جو ڪو به پل مزي کان خالي نه هو. جيڪي گهڙيون ساڻس رهياسون، اهي زندگيءَ جون تمام سٺيون گهڙيون هيون. هو وڏي خلق وارو ۽ نياز نئڙت ڪندڙ انسان هو: اسان جي ڪلچر جو اعليٰ نمونو. پر سڀ کان وڏي نئڙت سندن ڳالهيون هيون. اهي سدائين رڳو علمي ڳالهيون نه هونديون هيون: انهن ۾ هر قسم جا چرچا گهبا به هوندا هئا. سياسي ڳالهيون به ضرور ٿينديون هيون، پر هو سياسي ماڻهو نه هو ۽ نه وري سندن دوستن ۾ ڪو سياست جي اثر هيٺ هو. ڪيس جيڪڏهن سياست سان دلچسپي هجي ها ته

نوٽ: اهو مضمون، محترم حقي صاحب، اسان جي گذارش تي، خاص طرح سان هن نمبر لاءِ لکي موڪليو آهي. ـ ادارو.



Gul Hayat Institute

هن جي لاءِ عزت ۽ مرتبي جي ڪا ڪمي نہ هئي، پر هو هر ڳالهہ کان بي نياز هو ۽ رڳو علم، ادب ۽ جماليات سان سندس دلچسپي هوندي هئي. ڏاڍو اعليٰ ۽ سٺو مذاق هئس. نظر پاڪ هئس ۽ پاڻ بہ پاڪباز. هرخيال کان هيري جهڙي سهڻائيءَ سان گهڙيل شخصيت- انسان هو، فرشتو نہ هو. روشن خيال، آزاد مرد هو.

چون ٿا تہ مرڻ کان پوءِ ماڻهوءَ ۾ رڳو خوبيون ۽ چڱايون ئي ڏسڻ ۾ اينديون آهن؛ پر منهنجي ۽ اسان جن ٻين هم صحبت دوستن جي راءِ هن جي باري ۾ اهائي آهي جيڪا هن جي زندگيءَ ۾ هئي. سندس وفات جي ڪري ان ۾ ڪوبہ واڌارو ڪونہ آيو آهي، سواءِ ان جي تہ محروميءَ جو هڪڙو احساس پيدا ٿي ويو آهي. هاڻي نگاهون ڪنهن اهڙي ٽڪاڻي کي پيون ڳولين، جتي بلڪل ان جهڙي لطف ڀري ۽ ڪرامت واري صحبت ملي سگهي ۽ انسان ان مان ڪي فيض حاصل ڪري آئي. هو عالم هو پر رڳو عالم نہ هو جو اوهان تي هر وقت سندس علميت جو رعب وينو هجي. وڏو باذوق ۽ خوش گفتار انسان هو ۽ سڀ کان وڌيڪ رحمدلي ۽ اهو پيار هو جيڪو هو اوهان مان ۽ اوهين سندس ذات مان محسوس ڪندا آهيو.

جيتريقدر مون کي ياد پوي ٿو تہ منهنجي ساڻن پهرين ملاقات سال ١٩٥٣ع ڌاري ٿي هئي. آءٌ پنهنجي آفيس (ادارهٔ مطبوعاتِ پاڪستان) جي طرفان ڪنهن رسمي ڪم سانگي وٽس ويو هوس. ان پهرينءَ ئي ملاقات ۾ ڪم جي ڳالهہ کان سواءِ هن مون کان جيڪو ذاتي حال احوال ورتو، ان منهنجيءَ دل تي تمام وڏو اثر ڇڏيو. انهيءَ ڏينهن کان هڪ محبت قائم ٿي ويئي. وري آءٌ بہ ٿي پيرا پنهنجي دوست حفيظ هوشيار پوري مرحوم سان گڏ هن وٽ ويس. وري جناب ممتاز حسن مرحوم جي گهر تي ۽ آفيس ۾ ملاقاتون ٿينديون رهيون. وري اردو بورڊ ۾ ساڻس اڪثر ڪري ملڻ ٿيندو هو، جو سندس گهر بورڊ جي ويجهو ئي هو. اهڙيءَ ريت منجهس جيڪي جوهر هئا تن جي مون کي ڄاڻ ٿيندي ويئي. انهن مان هڪڙو جوهر "سچ ڳالهائڻ" جو بہ هو. هو پاسداري يا طرفداري ڪرڻ وارو ماڻهو ئي ڪونہ هو. جيڪا ڳالهہ نہ وڻندي هيس اها منهن تي ڦهڪائي ڏيندو هو. ڪڏهن ڪنهن ڳالهہ تي ڪاوڙجي پوندو هو، جنهن تي ممتاز حسن صاحب چوندو هو تہ پير صاحب هميشہ پنهنجي جلالي شان ۾ آهن. اهڙن موقعن تي هو حسام بي نيام (اگهاڙي ترار) هوندو هو. هونئن بہ سندس ظاهر باطن هڪ هو. ڪن ماڻهن کي ڏکي لڳندي هئي، ڪي ماڻهو خفي ٿي ويندا هئا، پر اِهي ماڻهو آهي هوندا هئا جن کي پير صاحب جي مزاج جي خبر نہ هئي. سندس جلال ڪن گهڙين کان مٿي نہ هلندو هو ۽ ان ۾ سختي يا ساڙ نہ هوندو هو. وڏي وات بہ نہ ڳالهائيندو هو. منجهس فضيلت ۽ شرافت ايتري تہ هوندي هئي جو ڪڏهن بہ ان کان خالي نہ ٿيو. ٻن ٽن ملاقاتن ۾ ئي اوهان کي سندس خلوص تي ڀروسو ٿي ويندو. جهڙيءَ ريت پنهنجيءَ ڳالهہ کي چوڻ ۾ بيپرواهہ هو، ساڳيءَ ريت اوهان جي ڳالهہ کي بہ سهي سگهندو هو، پوءِ ڀلي ان کي قبول نہ ڪري. آءٌ نٿو سمجهان تہ پير صاحب ڪنهن سان ڪڏهن جهيڙو

ڊاڪٽر محمودالحسن صديقي

# حيات حسام — معنيٰ ۽ مقصد

پهرين اپريل سال ١٩٨٢ع تي پير حسام الدين شاهه راشدي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. پاڪستان جي علمي ۽ ادبي حلقن ۾ ۽ خاص ڪري سنڌ ۽ ڪراچي ۾ ان واقعي تي وڏي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ويو. مشهور معروف شخصيتن، دانشورن، علم ۽ ادب جي ٻارڪن، محققن ۽ مصنفن جا تعزيتي پيغام ۽ تعريفي مقالا ڇپيا. ادبي ۽ علمي انجمنن ۽ ادارن تعزيتي گڏجاڻيون ڪيون. اخبارن ۽ رسالن ايڊيٽوريل ۽ خاص ڪالم لکيا. راشدي صاحب جي علمي ۽ ادبي ڪارنامن ۽ محنتن، مشرقي علمن جي بين الاقوامي حلقن ۾ سندس مان مرتبي تي روشني وڌي ويئي ۽ سندس لکيل ڪتابن جون تمام ڊگهيون فهرستون ڇپجي پڌريون ٿيون. ائين پئي احساس ٿيو ۽ اهو تاثر پئي مليو تہ علمي ۽ ادبي ۽ ثقافتي ڪوشش جو هڪ بامعنيٰ باب پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهچي ويو ۽ هڪ تمام وڏو تعميري ۽ تخليقي عمل ختم ٿي ويو ۽ روشنيءَ ۽ هدايت جي هڪ شمع وسامي ويئي.

انهيءَ هوندي بہ اهو خيال درست نہ هو. پير حسام الدين راشديءَ جي زندگي ۽ سندس وجود جي هڪ معنيٰ ۽ مقصد هو. هن قومي تعمير جي اعليٰ ۽ شاندار گهُرجن جو پورائو ڪيو ۽ پنهنجي دؤر جي لاءِ ۽ ايندڙ ٽهيءَ جي لاءِ علم، ادب ۽ فن جي ميدان ۾ نيون راهون مقرر ڪيون، تحقيق ۽ تاليف جو شعور پيدا ڪيو ۽ ڪوشش ۽ عمل جو جذبو پيدا ڪيو. اهڙيءَ ريت سندس زندگي هڪ مقصد جو تعبير ۽ هڪ معنيٰ جي تڪميل هئي، جنهن فڪر، نظر، ڪوشش ۽ عمل جون شاندار روايتون قائم ڪيون.

پير صاحب جي زندگيءَ جي معنيٰ ۽ مقصد کي غور سان پڙهڻ کان پوءِ سندس زندگيءَ جا ٽي دؤر چٽيءَ طرح ابري اچن ٿا. شروعاتي زندگيءَ جو دؤر، جنهن ۾ هن پنهنجي وڏي ڀاءُ پير علي محمد راشدي صاحب جي صحبت ۾ علم حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ صحافت ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو ۽ سنڌ جي سماجي ۽ سياسي معاملن تي بيخوفيءَ سان آواز بلند ڪري، مسلمانن جي شعور کي سجاڳ ڪيو. اهو عمل پاڪستان جي ٺهڻ تائين هلندو رهيو. ان باري ۾ پنهنجن ٻائرن جي ڪوششن ۽ ڪارنامن جي ڪٿ ۽ قدر ڪرڻ جو ڪم آئيندي جي مورخ جو آهي.

پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ سياسي ۽ سماجي حالتن ۾ تبديلي تي ۽ ڪوشش ۽ عمل جون نيون راهون مقرر ٿيون، تڏهن پير صاحب، جنهن ان عرصي ۾ پنهنجين صحافتي مصروفيتن سان گڏوگڏ علمي ۽ ادبي حلقن ۾ هڪ خاص مرتبو حاصل ڪيو هو، ملڪي ۽ قومي تعمير ۾ پنهنجو سمورو ڌيان بنيادي ڪمن ڏانهن ڏنو. اهي ڪم علم، فن، تاريخ ۽ ثقافت جي مطالعي ۽ واڌاري بابت هئا، ته جئن قومي تشخص جا صحيح بنياد هٿ اچن ۽ آئيندي جي اڏاوت صحيح طريقي تي ٿئي. آزمائش ۽ انتشار جي انهيءَ دؤر ۾، جڏهن رڳو ذاتي ۽ گروهي معاملن جي باري ۾ ئي پيچ ٻڪ ٿيندي هجي، تڏهن اهڙن اعليٰ ۽ شاندار مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هٿ پير هڻڻ، وڏي همت ۽ حوصلي جو ڪم آهي. علمي جاڳرتا جي تحريڪ، جيڪا پير صاحب پاڪستان جي شروعاتي ڏينهن ۾ شروع ڪئي، ان جي ڪري اهڙا فڪري ۽ نظرياتي بنياد پئجي ويا، جن ملڪي ۽ قومي ترقيءَ ۾ پاڻ چڱو موڪيو. انهيءَ تحريڪ جي اڳواڻي پير صاحب ساڳئي جوش ۽ جذبي سان آخري وقت تائين ڪندو رهيو، جڏهن ته انهيءَ آخري دؤر ۾ هو هڪ پير طريقت، هڪ معلم ۽ هڪ رهنما جي حيثيت سان سڃاتو ويندو هو.

حقيقت ۾ پير حسام الدين راشديءَ جي زندگيءَ جو وچون دؤر هڪ خاص معنيٰ ۽ مفهوم وارو دؤر آهي، جنهن ۾ هن علم ۽ فن جي جاڳرتا جي لاءِ تمام گهڻيون ڪوششون ڪيون. هيءُ اهو ئي وقت هو، جڏهن پاڪستان کي حاصل ڪرڻ جي تحريڪ ڪاميابيءَ سان پنهنجي منزل تي پهچي، تعمير ۽ ترقيءَ جي دور ۾ داخل ٿي چڪي هئي. سياسي، سماجي ۽ اقتصادي معاملن کي حل ڪرڻ سان گڏوگڏ، هڪ نئين نظام جي تعمير، نظري ۽ فڪري اصولن کي مقرر ڪرڻ، علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين کي نئين سر شروع ڪرڻ ۽ اڳتي وڌائڻ وقت جون اهم ضرورتون هيون. قومي، ملڪي ۽ علائقائي معاملن جي ناهه جوڙ جي انهن اوائلي ڏينهن ۾ ئي رکيل پيڙهن تي آئيندي جي تعمير ٿيڻي هئي. فڪر ۽ عمل جي وڇايل ڪڙين کي نئين سر ترتيب ڏيڻو هو. انهن ڳالهين کان غفلت يا ڪوتاهي ڪرڻ جي ڪري قومي ۽ ملڪي نقصان ٿئي ها. فڪر ۽ نظر، علم ۽ دانش ۽ عزم ۽ حوصلي وارن کي اڳتي وڌي، انهن ذميدارين کي سنڀالڻو هو. پير صاحب جي دورانديشيءَ انهن حالتن جو چڱيءَ طرح سان جائزو ورتو ۽ انهن ضرورتن کي محسوس ڪيو، تنهن ڪري هو هڪ عظيم قومي خدمت ۾ مصروف ٿي ويو.

زبان، ادب، فلسفو ۽ تصوف، تاريخ، لطيف فن، آثار قديمه، لوڪ ورثو، تحقيق ۽ مطالعي جا اهي شعبا آهن، جن کي ملڪي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ بنيادي حيثيت حاصل آهي. پير صاحب علم، تحقيق ۽ مطالعي جي انهن سڀني صنفن ڏانهن چڱيءَ ريت ڌيان ڏنو. هڪ طرف ته سنڌ جي سرزمين کي ان جي اصلي روپ ۾ ۽ سنڌ جي صوفين جي تعليم کي

جيڪا وقت گذرڻ جي ڪري، تاريخ جي لڙاٽ ۾ اچي ويئي هئي، واقف ڪرائڻو هو، پئي پاسي ان علائقي کي ملڪ جي ٻين علائقن سان هم آهنگ ڪرڻو هو. انهيءَ لاءِ هن نوجوان اديبن، مورخن، دانشورن ۽ اڀرندڙ ليکڪن ۽ محققن کي پنهنجي ڪم ۾ شريڪ ڪيو ۽ انهن ۾ جوش، جذبو ۽ شعور پيدا ڪيو؛ انهن ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيو؛ انهن جي لاءِ هڪ نئين راهه ناهي ۽ اهڙيءَ طرح علمي ۽ فني جاڳرتا جي هڪ رهنما ۽ استاد جي حيثيت حاصل ڪيائين.

ان باري ۾ هن ڪتابن ۽ دستاويزن، قلمي ڪتابن ۽ پراڻين قيمتي شين کي ڳولي هٿ ڪرڻ جي ڪم جي شروعات ڪئي. هن ڪراچي ۽ سنڌ جي ڪتبخانن ۽ ذاتي ذخيرن مان ڪيترائي قيمتي ۽ اڻلڀ ڪتاب هٿ ڪري پنهنجي ذاتي ڪتبخاني کان سواءِ ٻين قومي ڪتبخانن ۾ محفوظ ڪرائي ڇڏيا. ڪتابن کي هٿ ڪرڻ سان گڏوگڏ لائبريرين ۽ تحقيقي مرڪزن کي قائم ڪرڻ ۾ بہ پير صاحب پاڻ پتوڙيو. خود هن جو پنهنجو گهر علمي ۽ ادبي سرگرمين جو هڪ تمام وڏو مرڪز هو، جتي تحقيق ۽ تصنيف ۽ تاليف جون رٿون ۽ پروگرام ٺهندا هئا. سندس گهر هڪ اهڙو مرڪز هو، جتي مکاني اديب، دانشور، محقق، ٻاهرين ملڪن جا ماهر ۽ مشرقي علمن جا ڄاڻو سدائين گڏجاڻيون ڪندا هئا. آهستي آهستي ٻيا علمي، ادبي، تاريخي ادارا ۽ انجمنون ۽ تخليقي مرڪز قائم ٿيندا ويا. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ علم ۽ ادب جي واڌاري جي لاءِ هڪ اهڙو ماحول ٺهيو، جنهن ۾ اڳتي هلي سنڌي زبان، ادب، تاريخ ۽ ٻين فنن ۾ سڌارو ۽ واڌارو آيو ۽ ماضيءَ ۾ ان ڪم کان جيڪا بي پرواهي ڪئي ويئي هئي، ان جو پورائو ٿوري ئي وقت ۾ ٿي ويو. سنڌ جو قديم ورثو هٿ اچي ويو ۽ آئينديءَ جي اڏاوت ۽ واڌاري جون نيون راهون ملي ويون.

پير صاحب جون خدمتون رڳو سنڌي ادب ۽ علم جي واڌاري ۽ سڌاري تائين محدود نہ هيون، پر سندس سوچ ۽ فڪر ملڪي ۽ قومي تعمير جي بنيادي مسئلن ڏانهن بہ هو. جتي هن سنڌي زبان، ادب ۽ تاريخ ۽ ثقافت کي ان جي صحيح جاءِ تي آڻڻ ۽ ان کي ترقي وٺائڻ جي لاءِ وڏيون خدمتون ڪيون، اُتي هن قومي زبان جي ترقيءَ ۽ واڌاري جي ڪم ۾ بہ پاڻ موکيو. پاڪستان جي ٺهڻ وقت جيڪا پيچ داهه ٿي هئي ۽ جڏهن سيني ڳالهين ۾ افراتفري لڳي پئي هئي، تڏهن هڪ ضروري معاملو انجمن ترقيءَ اردو جي لاءِ هڪ مناسب مرڪز هٿ ڪرڻ ۽ ان جي اڳوڻي ڪردار کي بحال ڪرڻ جو بہ آهيو. قومي معاملن ۾ ان جي اهميت کي نظر ۾ رکندي، پير صاحب شروع کان وٺي آخر تائين ان سلسلي ۾ پاڻ پتوڙيو. ان جي موجوده مرڪز ۽ ٻين وسيلن کي هٿ ڪرڻ سان گڏوگڏ پاڪستان ۾ انجمن ترقي اردو جي هڪ اثرائتي اداري جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ ۾ پير صاحب پنهنجن ڪن مخلص ساٿين سان گڏجي جيڪي بي مثال خدمتون ڪيون آهن، اهي سچ پچ تہ نہ وسارڻ جوڳيون آهن. انهيءَ کان سواءِ انجمن جي هڪ رڪن، هڪ لاثاني اديب ۽ لسانيات جي هڪ ماهر جي



Gul Hayat Institute

حيثيت ۾ علمي ۽ ادبي ذخيرن کي هٿ ڪرڻ، لغتن، ڪتابن ۽ رسالن جي تصنيف، تاليف ۽ اشاعت جي ڪم ۾ به هن جو قدر جوڳو حصو آهي.

انجمن ترقي اردو جي سرگرمين کان سواءِ هڪ قومي عنصر جي حيثيت ۾ اردو جي سرگرمين جي ٻين پاسن تي به پير صاحب جو هڪ خاص ۽ مثالي حصو رهيو آهي. هڪ پاسي ته هو اردو جي واڌاري ۽ سڌاري جي سلسلي ۾ هر ڪم ۽ ادارن جي ٺاهڻ ۾ هڪ بانيءَ جي حيثيت سان شريڪ ٿيو (اردو ترقي بورڊ، اقبال اڪيڊمي وغيره) ۽ ان ۾ پاڻ موکيائين ۽ ٻئي طرف پنهنجن وڏن علمي ۽ ادبي لاڳاپن جي ڪري اردو ۽ ملڪ جي ٻين زبانن خاص ڪري سنڌيءَ جي وچ ۾ هن هڪ بي مثال ڳانڍاپي جو ڪم ڪيو. اهڙيءَ ريت ملڪ جي جدا جدا ٻولين ۽ انهن جي هڪ ٻئي سان سهڪار سبب انهن ۾ واڌارو آيو، انهن ۾ نوان اسلوب آيا ۽ سيئي هڪ ٻئي انداز سان اڳتي وڌيا.

علم ۽ فن جي بنيادي صنفن جي ترقيءَ ۽ واڌاري ۾ پير صاحب جي خدمتن جو هڪ رخ جيڪو پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان وڏي اهميت وارو آهي، اهو سنڌ پراڻن دستاويزن، قيمتي تاريخي شين، آثار قديمه، ڪتبن ۽ آثارن وغيره جو هٿ ڪرڻ ۽ انهن جي حفاظت آهي. هونءَ ته اهو مختصر ۽ محدود ڪم هو، پر قومي ترقيءَ ۾ انهن جي بنيادي اهميت جي پير صاحب کي چڱيءَ طرح پروڙ هئي. جيتوڻيڪ ڏٺو وڃي ته شروع کان ئي ننڍي کنڊ جي مسلمانن انهيءَ قيمتي ورثي سان ڏاڍي غفلت ۽ بي پرواهيءَ وارو سلوڪ ڪيو هو. ان کانسواءِ اهي شيون زماني جي لٽ مار سان گڏ ماڻهن جي لٽ مار ۾ به برباد ٿيون هيون. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ماهرن جي آڻاٽ ۽ ٻين وسيلن جي نه هجڻ جي ڪري به انهن شعبن جي ڪم جي رفتار ڏاڍي سست ۽ ناڪافي هئي. جيتوڻيڪ انهن شعبن ۾ پير صاحب ڪڏهن به ماهر هجڻ جي دعوى نه ڪئي هئي، نه ئي وري هن اهڙي ڪا تربيت حاصل ڪئي هئي ۽ نه ئي ڪيس اڳي ڪو ان جو تجربو هو، ان هوندي به هن کي ان ڳالهه جو پورو پورو احساس هو ته پاڪستان جا علائقا عام طور تي ۽ خاص ڪري سنڌ تاريخي شين ۽ ٻين آثارن وغيره جي ڪري شاهوڪار آهي ۽ انهيءَ ۾ ملڪ ۽ علائقن جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن جا ڪيترائي خزانا لڪل آهن. انهن جي باري ۾ به ڪو خاطرخواهه ڪم نه ٿيو هو، تنهنڪري وڏيڪ دير پوڻ جي سبب قومي تعمير ۽ ان جي تخليقي عمل ۾ وڏيون رنڊڪون پيدا ٿين ها. ملڪ جي انهن تاريخي ۽ ثقافتي ورثن جي سڃاڻپ ۽ انهن کي ڳولي هڪ هنڌ ڪٺي ڪرڻ جو ڪم وقت جي تمام اهم ضرورت هئي. تنهنڪري پير صاحب ان سلسلي ۾ آثار قديمه جي کاتي، ڪتبخانن ۽ يونيورسٽين ۽ ٻين واسطيدار ادارن کي تمام ڪارائتيون صلاحون ڏنيون. پنهنجي ذاتي ڪوشش سان هن ماڻهن جو ڌيان ان پاسي ڇڪائي منجهن هڪ نئين جوش ۽ جذبي کي آياريو ۽ هڪ جامع رٿابنديءَ هيٺ دستاويزن، قلمي ڪتابن ۽ پراڻين تاريخي شين کي هٿ ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو. پراڻن آثارن کي ڳولي ڪڍيو ۽ پاڻ خود آثار قديمه جي ڏڪين

محمد ابراهيم جويو

# حسام الدين راشدي — منهنجو دوست، منهنجو بزرگ

## (۱)

پير حسام الدين راشدي منهنجو بزرگ، دوست ۽ ساٿي رهيو آهي. اسان جي سنگت لڳ ڀڳ پنجويھ سال پراڻي آهي. اسان سنگت شروع به ڪئي سواءِ ڪنهن ذاتي غرض جي، ۽ اها هيستائين قائم پڻ سواءِ ڪنهن شخصي غرض جي رهي آهي. بي غرض ساٿ، بنا لوڀ ۽ لالچ جي ٻن يا ٽِنِ، پنجن يا اٺن ماڻهن جي هڪٻئي سان سنگت، هڪ عجيب نعمت آهي، جنهن لاءِ هو پنهنجي نصيب جا جيترا ٿورا مڃين اوترو ڇڱو. اڄوڪي ماحول ۾، جڏهن سواءِ غرض جي ڪوبه ڪنهن سان گهڙي گڏجي ويهڻ لاءِ تيار نه آهي، اهڙي دوستي، جنهن ۾ ڪابه ذاتي طمع وچ ۾ گنڍيندڙ نه هجي، اڻلڀ ڀلي نه به هجي، پر هڪ بيمثل ۽ املهه دولت ضرور آهي.

جڏهن مان چوان ٿو ته پيرصاحب ۽ اسان جي سنگت بي غرض بنيادن تي قائم ٿي ۽ بي غرض نيتن سان هيستائين هلندي آئي آهي، تڏهن اهو منهنجو مطلب نه آهي ته اسان جي سنگت بي مقصد هئي ۽ بي مقصد آهي. اسان جو ساٿ، جو هيتري مدت ايترو پيار ڀريو، پروسي وارو ۽ ايتري ڪم وارو رهيو آهي، سو بلڪل اِنهيءَ سبب، جو اهو هڪ بامقصد ساٿ هو. اسين شروع ۾ هڪٻئي جي ويجهو به هڪ گڏيل مقصد سان آيا هئاسون، ۽ هيءَ پوري چوٿائي صديءَ جي مدت خالص انهيءَ ئي گڏيل مقصد جي پورائيءَ لاءِ پنهنجي سنگت هلائيندا ۽ قائم رکندا آيا آهيون. ان مان اسان کي وڏا فائدا ٿيا آهن. ذاتي فائدا به ۽ ان مقصد جي پورائيءَ جي سلسلي جا پڻ، جيڪو اسان لاءِ هڪجهڙو قيمتي ۽ هڪجهڙو عزيز هو. ان مقصد جو سڌيءَ طرح، اسان جي ڪنهن محدود ذاتي غرض سان ڪو واسطو نه هو، جنهن مان مراد پئسي، عزت ۽ طاقت جي طلب ۽ حصول هجي، پر جيڪڏهن ماڻهوءَ جي دلي خواهش کي ئي هن جو غرض چئي سگهجي ٿو، ته پوءِ اسان جي سنگت جو اهو مقصد ئي اسان جو غرض هو ۽ ان غرض جي حصول لاءِ ئي اسان گڏجي هيترو عرصو پاڻ پتوڙيو آهي. اسان جو اهو مقصد ۽ غرض هو سنڌ جي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي علم ۽ ادب جو واڌارو ۽ سڌارو.

ٻي اسان جي سنگت جي خصوصيت هيءَ سمورو عرصو ائين رهي آهي ته اسان ڪڏهن به هڪٻئي سان ڪڙو نه ٻوليو آهي. اختلاف ٿيندا رهيا، گرما گرم بحث ٿيندا رهيا، هڪٻئي کي

مچائڻ جي ڪوشش ڪندا رهياسون، پر هڪٻئي کي رنجائڻ ۽ ڏکوئڻ جي اسان ڪڏهن به نه نيت ڪئي، نه ڪوشش. اهو به فقط انهيءَ ڪري ممڪن ٿي سگهيو، جو هن سنگت مان، اسان مان ڪنهن کي ڪڏهن ذاتي فائدي وٺڻ جي سڌ دل ۾ نه آئي. اهڙيءَ بي غرض پر بامقصد سنگت جي قائم ٿيڻ ۽ هلندي رهڻ لاءِ به اسان پنهنجي قسمت جا ڪيڏا به هوند احسان مڃون ته اهي ٿورا ڇڱا. هڪ ٻيري سو پير صاحب کان مون کي ڏکاري ٿيڻ جو سبب مليو، پر ان ۾ به پير صاحب پنهنجي طبع جي فياضيءَ کان ڪم وٺندي، پاڻ اڳتي وک کڻي اهو ڏک ائين مٽائي ڇڏيو، جو ان کان پوءِ پاڻ وڌيڪ اسان جون دليون ڳنڍجي ويون. هڪڙي انگريزي شاعر چيو آهي:

"Oh! blessings on the falling our,
That all the more endears,
When we fall out with those,
We love, we embrace with tears."

["ان وڙهڻ تي رحمت هجي، جيڪو پيار کي وڌائي ٿو،
جي پنهنجن پيارن سان وڙهجي ٿو،
جن سان دليون ڳنڍيل آهن،
ته ڳوڙها ڳاڙي، ڀاڪر وجهي، تن کي پرچائڻو ئي پوي ٿو."]

ٽين پير صاحب ۽ اسان جي سنگت جي ڳالهه هيءَ آهي ته انهن ڳالهين جي سنگت نه پير محبت جي ۽ پورهئي جي سنگت آهي. جڏهن پنجويهه سال اڳ سنڌي ادبي بورڊ جي ڪم لاءِ پاڻ ۾ گڏياسون، ان کان وٺي اڄ تائين اسان هڪٻئي کي پورهيو ڪندي ڏٺو آهي. گڏجي پورهئي بابت ڳالهيون ڪيون اٿئون ۽ گڏجي پورهيو ڪيو اٿئون. پير صاحب پورهيت اديب ۽ پورهيت عالم آهي. هن وقت تائين پاڻ ڏهاڪو هزار کن صفحا لکيا اٿن. ١٩٥٥ع ڌاري جڏهن سنڌي ادبي بورڊ سنڌ جي عالمن جا فارسي مخطوطا ايڊٽ ڪرائي شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، ۽ انهن مان ڪن مخطوطن جي ايڊيٽنگ جو ڪم پير صاحب پنهنجي ذمي ڪنيو، تڏهن پير صاحب جن کي فارسي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ته ايندي هئي، پر فارسيءَ ۾ مضمون لکڻ ايترو ڪونه ايندو هون، انهيءَ ڪري پهريان ٻه يا ٽي مخطوطا جيڪي پاڻ ايڊٽ ڪيائون، تن جا مقدما پاڻ اردوءَ ۾ يا سنڌيءَ ۾ لکيائون. هڪ منزل تي اسان گڏجي ويهي فيصلو ڪيو ته فارسي مخطوطا فارسيءَ ۾ ئي پوري جا پورا ايڊٽ ٿيڻ کپن. ان کان پوءِ پير صاحب فارسيءَ جي لکڻ تي جيڪا محنت ڪئي، تنهن جو ٻيو مثال مون وٽ ڪونهي جو ڏيئي سگهان. هڪدم پاڻ ايراني سفارتخاني وارن سان لاڳاپو قائم ڪري، انهن کي پنهنجي سنگت ۾ آڻي، ۽ تائين ڪتاب، مخزنون ۽ اخبارون وٺي پڙهڻ، پنهنجون لکيتون انهن کي ڏيکارڻ، انهن سان فارسيءَ ۾ ڳالهائڻ، ايران مان فارسيءَ جا عالم اچن ته انهن سان محفلون ڪرڻ — مطلب ته ائين

ٻن-ادائي سالن جي لڳاتار پورهئي سان پير صاحب فارسيءَ جي مضمون نويسيءَ ۽ انشاپردازيءَ تي اهو عبور حاصل ڪري ورتو، جو ان ڪان پوءِ پاڻ ويهارو ڪن فارسي ڪتاب، فارسي عبارت ۾، ايتري ته ادبي ۽ علمي معيار جا ايڊٽ ڪيائون، جو ان علمي تحقيق ۽ علمي پورهئي تي ڪين ايراني علم جي دنيا پنهنجي دلين ۾ جاءِ ڏني، ۽ اهو اعزاز* ڏنو، جنهن جهڙو هنن اڄ تائين اسان جي ملڪ مان ڪنهن کي نه ڏنو.

پير صاحب ۽ اسان جي سنگت ائين پنهنجي گڏيل مقصد جي حصول لاءِ پوريءَ لگن سان پورهئي جي سنگت رهي آهي. اسين ائين پنهنجي پنهنجي پورهئي ۾ سدائين ايترا رڌل رهندا هئاسين، جو پوءِ هڪٻئي کي ڪڏهن ڪڏهن ان ڪان ساهي پٽڻ جون صلاحون ڏيڻ شروع ڪيوسين. ان جا جواب به پوءِ هڪٻئي لاءِ ٺاهي ڇڏياسين. يعني هي ته "پير صاحب، ڪهڙو ڪم هٿ ۾ اٿو؟" جواب: "ادا ڪهڙو ڪم! واندڪائي ئي واندڪائي آهي!" ۽ هوڏانهن حقيقت هيءَ هجي، جو پير صاحب سڌو ميز تان اٿي، ڇپائيءَ لاءِ مسودي جي ڪاپي تيار ڪري، ٽيلهي ۾ وجهيو، پاڻ سان کنيو آيو هوندو!

چوٿين خاصيت پير صاحب ۽ اسان جي سنگت جي هيءَ رهي آهي ته اسان پورا پنجويهه سال هڪٻئي جي سنگت ۾ رهي، هڪٻئي جي ساراهه ڪئي آهي — هن منهنجي، سون هن جي، اسان سڀني گڏجي هڪٻئي جي. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته لياقت وارا ماڻهو لازمي طرح، هڪٻئي سان نه ٺهندا آهن، بلڪ انهن جي هڪٻئي سان رقابت ۽ عداوت هوندي آهي. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته هڪٻئي جي ويجهي وڃڻ سان لائق ماڻهن کي هڪٻئي جي عيبن جي خبر پوي ٿي. تنهنڪري منجهن محبت ٽٽيو وڃي ۽ سنجهن نفرتون پيدا ٿي پون ٿيون. ٻيا وري جڏهن ڪن ٻن-ٽن لائق ماڻهن جي ڪا پڪي پختي سنگت ڏسندا آهن، ته ٺوڪبازيءَ وچان چوندا ته "ادا، اهي سڀ رڳو منهن تي هڪٻئي جي خوشامد ٿا ڪن؛ پر پٺ اهي هڪٻئي جي گلائن ۾ پورا اٿو." ڪي ننديءَ دل ۽ مختصر لياقت وارا ماڻهو وري اهڙا آهن، جو رڳو انهيءَ ڪري انهن صالح ماڻهن جي سياڻپ سنگت تي ٻيا خار کائيندا، جو هو پاڻ ان سنگت ۾ شامل ٿي نه سگهيا هوندا ۽ ان ڪان الڳ رهجي ويا هوندا. پر ڇا به هجي، ڪن گڻن ۽ ڏانَ وارن ماڻهن جون سنگتون جيتريون پڪيون ۽ پختيون هجن، جيتريون گهٽيون هجن، اوترو چڱو — انهن لاءِ، انهن جي گڻن ۽ ڏانَ لاءِ، ۽ آن سماج ۽ ملڪ لاءِ به، جنهن ۾ اهي موجود. اديبن جون، عالمن جون، فنڪارن جون، ۽ وطن دوستن جون سنگتون ۽ سياڻون جيتريون گهٽيون،

---

* ٦ مارچ، ١٩٧٤ع تي ايران سرڪار سڄيءَ دنيا مان ايران شناسيءَ جي ڏهن چوند عالمن کي طهران يونيورسٽيءَ طرفان دعوت ڏيئي گهرايو، ۽ سندن فارسي ادب جي خدمت جي اعتراف طورڪين ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري ڏني. آنهن ڏهن چوند عالمن مان سنڌ جو محقق ۽ مؤرخ جناب حسام الدين راشدي به هڪ هو.



Gul Hayat Institute

انگريزن سنڌ کي آزاديءَ کان محروم ڪري، ان کي پنهنجي آزادي پسند روايتن کان واقف ڪيو. يورپ تيسين پنهنجي جديد تاريخ جي راهه ۾ پنج بنهه اهم ۽ وڏا قدم کڻي چڪو هو، جن آن جي قومن کي سچ پچ به ته سرخاب جا پَر لڳائي ڇڏيا هئا ۽ آهي دنيا جي قومن ۾ سرخروئيءَ ۽ انهن جي سربراهيءَ لاءِ تيار هيون. آهي پنج قدم انساني ارتقا جا ڪي جهڙا تهڙا قدم به ڪونه هئا، پر واقعي اهي غير معمولي، بلڪ عصر آفرين قدم هئا-چو ته انهن سان يورپ کي، نئين سر، تاريخ جي، وقت جي، آها قوّت حاصل ٿـي چڪي هئي، جنهن سان ان جا ماڻهو يا ان جون قومون حقيقتن کي بدلائي به ۽ قائم به ڪري ٿي سگهيون ان جا اهي قدم هي هئا: سجاڳي (Renaissance, 1400-1500)، اصلاح (Reformation, 1500-1600)، صنعتي انقلاب (Industrial Revolution, 1600-1700) آمريڪا جي جنگ آزادي-١٧٧٦ع، ۽ فرينچ انقلاب-١٧٨٩ع. سجاڳيءَ جي تحريڪ، جنهن کي "ذهني انقلاب جي تحريڪ" به سڏجي ٿو، تنهن يورپي معاشري جي آڏو انساني فڪر ۽ عمل جا ٻه مسئلا حل ڪيا: پهريون مسئلو هيءُ هو ته علم، پنهنجي سرشتيءَ ۽ اوسر ۾، ارضي هو يا سماوي، ۽ چيو ويو ته علم ارضي هو-جو ڪجهه به علم سماويه ٿي چيو ويو، ان جو مُنڊ به انساني ذهن هو، ۽ 'اندرجي ٻُوجهه' (Intuition) به انسان جي اندر جي ٻُوجهه ئي هئي: ٻيو مسئلو هو ته انساني ارادي ۽ عمل ۾ مجبور هو يا مختار، ۽ چيو ويو ته مختار هو-انهن جي نوع يا دائري ۾ جا ڪجهه انسان جي مجبوري هئي، ان کان آزاد ٿيڻ جا امڪان به انساني قسم جا هئا ۽ انهن جي استعمال جو معاملو به انساني معاملو هو. سجاڳيءَ جي هن تحريڪ يورپ جي معاشري کي جا اخلاقي قوّت عطا ڪئي، سا ٻـٽي قوّت هئي ۽ آها هئي انسان شناسيءَ (Humanism) ۽ فردشناسيءَ (Individualism) جي قوّت. ان کان پوءِ، ٻيا ان سان گڏوگڏ، "اصلاح"، جنهن کي "مذهبي انقلاب" به سڏيو ويو آهي، تنهن وري يورپ جي معاشري جي آڏو صدين کان رائج انسانن جي مذهبي طرز فڪر جا ٻه مکيه مسئلا حل ڪيا: هڪڙو هو انسان ۽ خدا جي تعلق جو، ۽ چيو ويو ته آهو سڌو يا بلاواسطي هو ۽ نه اڻ سڌو يا بالواسطه؛ ۽ ٻيو هو نيابت‌الاهيه ۽ اقتدار الاهيه جي دعوائن جو، جن لاءِ چيو ويو ته آهي الڳ الڳ ڳالهيون نه هيون، پر لازم ملزوم بلڪ هم معنيٰ ڳالهيون هيون. پهرئين مسئلي جي حل جي نتيجي طور مذهب سياست کان الڳ ٿيو ۽ فرد جو واسطو خدا سان براهِ راست موجود سمجهيو ويو، ۽ ٻئي مسئلي جي حل سان "سلطانيءِ جمهور" جي ڳالهه صاف ٿي، يعني هيءَ ڳالهه ته حڪومت، جا، بهرحال، انساني ئي رهڻي هئي، ان جو اقتدار ڪنهن فرد کي يا ڪن فردن کي انسانن هٿان ئي منتقل ٿيو ٿي ۽ نه خدا کان-چو ته نيابت‌الاهيه "انسان" لاءِ يعني "انسانن" لاءِ هئي، نه ڪنهن خاص فرد يا فردن جي ٽولي لاءِ-مطلب ته بادشاهن يا آمرن جي "خدائي سَنَد" (Divine right of kings & dictators) يا "مامور من‌الله" (Appointee of God) واري دعوا ختم ٿي. ٻين لفظن ۾، مذهبي اصلاح

Gul Hayat Institute

جي تحريڪ سان يورپ جون قومون ارضيت يا دنيويت (Secularism) ۽ جمهوريت (Democracy) سان روشناس ٿيون. ”سجاڳيءَ“ ۽ ”اصلاح“ جون هي تحريڪون دراصل پادريت جي (علمي) جهالت، (قولي) منافقت ۽ (عملي) مردوديت ۽ ان جي فڪري بگاڙ ۽ ابتريءَ جي خلاف احتجاج جون تحريڪون هيون. هنن ئي مسئلن جا لڳ ڀڳ اهڙا حل يورپ جي هنن تحريڪن کان ڪيئي سوَ سال اڳ اسلام به دنيا کي پيش ڪري چڪو هو، (جنهن انساني فڪر ۽ عمل جي اصلاح يا تزڪيي جي سلسلي ۾ مذهبياتي انقلابي سلسلي جي خاتمي جو اعلان ڪيو)- ايتري قدر، جو يورپ جي انهن تحريڪن جي فڪري محرڪات جا بنياد اسلام جي آنهيءَ اصولڪيءَ ڪشاده ذهن ۽ آزادي بخش تعليم ڏانهن به منسوب ڪيا ويا آهن: ۽ دراصل اِهي حل خود مسيحي تعليم ۾ پڻ، ڪجهه واضح ۽ ڪجهه ابهامي انداز ۾، موجود ئي هئا- جيئن ”اصلاح“ جا مفڪر ۽ دانشور پنهنجي پنهنجي اهڙي موقف جا حوالا ۽ سنَدون مسيحيت جي ڪتاب مقدس يعني بائيبل مان ئي وري وري ڪڍي، پادرين ۽ پنهنجن پڏندڙن ۽ پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪندا ٿي رهيا. ۽ انگريزن جي سنڌ ۾ اچڻ وقت ته خود اسلامي پادريت (-ملائيت) جيڪا، مسيحي پادريت وانگر ئي، پوءِ جي وقت ۽ حالتن جي بگاڙ ۽ پستيءَ جي پيداوار هئي، اِنهن مسئلن جا اهي ترقي پسند حل وساري، آهي ئي آنهن تاريڪ ذهن مسيحي پادرين جا قرون وسطيٰ وارا جاهلانه، منافقانه ۽ شاطرانه حل پنهنجي پنهنجي خود ساخته فقهي تعليم مان اخذ ڪري، وقت جي اقتدارابليسيه جا همدم، هم مجلس ۽ سٿي ۽ سرسائيءَ ۾ حصيدار بنيا بيٺا رهيا، ۽، نتيجي طور، نه هو پاڻ، جيڪي پاڻ کي ”معرفت الاهيه جا امين“ سڏيندا هئا، ۽ نه سندن اهي انسان ناشناس ۽ فرعون طبع جا حاڪم جيڪي ”اقتدار الاهيه“ جا دعويدار هئا ۽ جن کي هنن ’ظل‌الله‘ ٿي سڏيو، انگريزن جي غلاميءَ کان سنڌ کي بچائي سگهيا- جو ته هو ائين ڪرڻ کان قاصر هئا. -جو ته انگريز پوئتي خود پنهنجي معاشري ۾، سندن ئي جهڙن باطل ظل الاهين ۽ عرفان الاهيه جي دعويدار منافقن ۽ اقتدار پرستن کي ڊوڙائي ڊوڙائي، ڪيرائي، زمين دوز ڪري آيا هئا. ۽ ان کان وڌيڪ، هي انگريز صنعتي انقلاب جي سائنسي قوت پيداوار ۽ اعليٰ هنر ۽ حرفت جا صاحب هئا، ۽ آمريڪا جي جنگ آزاديءَ ۽ فرينچ انقلاب جي قومي ۽ انساني حقن ۽ سماجي انصاف جي اصولن جا حامي نه، ته به واقف ضرور هئا. پوءِ جڏهن هتان جا محڪوم پنهنجن حاڪمن کي منهن ڏيڻ جهڙا ٿيا، تڏهن جڳ مشهور شيڪسپيئر جي ناٽڪ ”Tempest“ جي ڪردار، وطن ۾ بي وطن ”غلام“ (Caliban) وانگر، ڪين حاڪمن جي اها آزاديءَ ۽ انساني حقن جي ”ٻولي“ ڪم آئي، ۽ ان ۾، مدمقابل بيهي، هنن سان هو پنهنجي ”مسئلي“ جو نبيرو ڪرڻ لڳا- قومي مسئلي جو، قومي وجود، ان جي وقار ۽ ان جي زندگيءَ جي مسئلي جو. ۽ اِهو سندن بزرگن، اديبن، عالمن ۽ محققن جي لڳ ڀڳ هڪ سؤ سالن جي ڪم جو ڪرشمو هو (جن مان هن ڪتاب جي صاحب عاليجناب پير حسام الدين راشديءَ جهڙا ڪيئي محب وطن، مخلص ۽ محنت ڪش



Gul Hayat Institute

چاڪاڻ ته انَ جي قائم ٿيڻ ۽ قائم رهڻ جو مدار ئي باهمي اعتماد ۽ آزاد مرضيءَ تي آهي، لازماً سچ کي ڳڌري ڪرڻ جي عمل سان پاڻ کي ڳنڍيل رکي ٿو. محڪوم ۽ مظلوم شخص يا قوم جي دلچسپي آزاديءَ ۽ ظلم کان نجات ۾ آهي -- يعني پنهنجي ۽ خارجي دنيا جي وچ ۾ باهمي انساني مفاد جي تعلق جي قائم ٿيڻ ۽ قائم رهڻ ۾، ۽ انَ لاءِ هن جي سچي ڪوشش لازمي طرح هيءَ هوندي آهي ته مٿس حيواني (يعني زور جو، اقتداري) مفاد جيڪو قابض آهي ۽ جنهن جو قبضو ناجائز هو، چاڪاڻ ته اهو سندس مرضيءَ جي خلاف، فقط ڪوڙ ۽ ڏاڍ سان، مٿس قائم ٿيو هو ۽ قائم رهندو ٿي آيو، ۽ انَ کي هن ڪڏهن به ڪونه قبوليو هو، انَ قبضي جي سچيءَ صورتحال جو سچ ظاهر ٿئي ته جيئن دنيا ۾ اهو خوار ٿئي، اخلاقي طور ڪمزور ٿئي ۽ ائين انَ مان نجات جي جدوجهد جي ڪاميابي ممڪن ٿئي ۽ آسان بڻجي. انَ جي برعڪس زور جي قابض ۽ بالادست مفاد جي سچي ڪوشش پنهنجي وجود جي ڪوڙ کي لڪائڻ ۽ انَ کي چڪي مکي سچ جي ڏِڪ ڏيارڻ جي هوندي آهي. تاريخ نويسيءَ جا اِهي الڳ الڳ بلڪ متضاد ٻه رخ ته آهن ئي، پر انهن ٻنهي جي وچ ۾ انَ جو هڪڙو ٽيون رخ -- بي خطر، غير اهم، بي تعلق ۽ بي وقتو رخ -- به هوندو آهي، جنهن کي اوائي، تَوائي يا هوائي رخ به چئي سگهجي ٿو، ۽ انَ کي اڪثر "غيرجانبدار" رخ چئي، ڪي تاريخ جا لکندڙ ۽ انَ جا 'عالمانه' محقق ظالم مفاد ۽ مظلوم مفاد، حيواني مفاد ۽ انساني مفاد، جائز مفاد ۽ ناجائز مفاد ٻنهي جي آڏو سرخرو ۽ مقبول ٿيڻ چاهيندا آهن -- هڪڙا شعوري طور ائين ڪندا آهن ۽ ٻين جو اهو عمل غير شعوري هوندو آهي -- پر شعوري يا غير شعوري مطالعي يا تحقيق جو اِهو رخ ڦري گهري، وري به معاشري جي قائم ۽ موجود ڏاڍ ۽ ڪوڙ جي مفاد (حيواني مفاد) جي ڪم ايندو آهي ۽ ٻيو نه، ته انَ جي خلاف هلندڙ جدوجهد ۾ هيٺائي ۽ مونجهارو ته ضرور پيدا ڪندو آهي. هن سلسلي ۾ هڪڙي آمريڪي عالم، پال بارَن (Paul Baran) جي مضمون "دانشور جي سرسبزائي" جو هڪڙو حوالو تازو سنهنجي نظر مان گذريو، جيڪو البت طويل آهي، پر مطلب واضح ڪرڻ لاءِ اهو سڄي جو سڄو پيش ڪرڻ هتي مناسب ٿو سمجهان.

بارن، پنهنجي مضمون ۾ چوي ٿو: "دانشور جو دلي لڳاءُ يا هن جي سرسبزائي، لازمي طور ۽ لڳي پڳي، سچ جي تلاش جي فرض سان آهي ... پر اِنهيءَ چوڻ سان جيتوڻيڪ هُن جي بنيادي ذميداريءَ جي نشاندهي ته ضرور ٿئي ٿي، پر سچي مسئلي جي وضاحت وري به ڪانه ٿي ٿئي. چاڪاڻ ته مسئلو رڳو اِهو ناهي ته آيا، سچ ٻڌايو پيو وڃي يا نه، پر اهو به آهي ته 'موجوده حالت' ۾ سچ ڇا ۾ آهي ۽ ڪهڙيءَ شيءِ بابت اِهو ٻڌايو پيو وڃي ۽ ڪهڙيءَ شيءِ بابت اهو نه پيو ٻڌايو وڃي ... ائين سماجي، ۽، خاص طور، رياستي يا حڪومتي اقتدار جي دائري ۾ 'سچ ڇا ۾ آهي' -- اِن ڳالهه جي تلاش اڪثر اهڙين شين ۾ ۽ انَ جو اظهار اڪثر اهڙين شين بابت ڪيو وڃي ٿو، جيڪي بي وقت، بيجا ۽ غير اهم آهن، ۽ اِنهيءَ طرح اِن قسم جي سچ جو پيچو ۽ انَ جو ور ور اعلان يا هوڪو رڳو 'موجود صورتحال' جو طاقتور هٿيار بڻجي پوي ٿو. ٻئي طرف، انَ شيءِ بابت سچ ٻڌائڻ

ڪشمير جنت نظير ۾ ڪيئن پهتا آهيو؟ ۽ اِهي (۵) ڪتاب به جيڪر اسان کي سنڌ جي تاريخ متعلق ڏيو ها ته ڏاڍو سنو ٿئي ها. جواب ۾ فرمايائون ته هي هڪ حادثو هيو، تنهن جي تحت هي ڪتاب لکيو اٿم. مون کي به هڪ سيٽ ڏيڻ فرمايائون. جنهن به وقت خط لکندا هئا ته نون ڪتابن بابت مون کان ضرور پڇندا هئا ته ڪهڙا ڪتاب شايع ٿيا آهن.

پير صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ پيا به بهترين ڪم ڪيا، جن ۾ هڪ ڪم ڏاڍو اهم هو. دارالمصنفين اعظم گڙهه انڊيا جا ڪتاب پاڪستان ۾ عام طور ڪيئي ڪتب فروش شايع ڪرڻ لڳا هئا، جنهنڪري ان اداره کي ڏاڍو نقصان پهتو. سيد صباح الدين عبدالرحمان صاحب ناظم دارالمصنفين اعظم گڙهه واري ڪيئي خط پير صاحب جن ڏانهن ۽ آغا شورش ڪاشميري ايڊيٽر هفته روزه چٽان ڏانهن لکيا ته اوهان اسان جي مدد ڪريو. مون ڏانهن به سيد صباح الدين صاحب هڪ خط لکيو ۽ پنهنجي اداري جي مشڪلاتن کان آگاهه ڪيو. پير صاحب، سيد صاحب جي خط لکڻ تي جنگ اخبار ۾ آهي خط ۽ پنهنجي همدردانه تاثرات شايع ڪرايا. ان کان پوءِ آخر سرڪاري سطح تي دارالمصنفين ۽ نيشنل بوڪ فائونڊيشن اسلام آباد پاڪستان سان معاهده ڪرائي ۱۱۴ ڪتابن جو معاوضو نئشنل بوڪ فائونڊيشن کان ۱۵ لک روپين ۾ ڪرائي دارالمصنفين وارن کي ڏيارِيا. ان مدد جي ڪري هي ادارو بچي ويو ۽ اڄ وڏي ناٽ سان علمي ۽ ادبي ڪم ڪري رهيو آهي ۽ پير سائينءَ جو ڏاڍو شڪرگذار آهي، جنهن جو اظهار سيد صباح الدين عبدالرحمان صاحب پاڪستان جي اخبارن ۾ هڪ انٽرويو ۾، جيڪو اخبار جهان ڪراچي ۾ ڇپيو هو، ڪيو آهي ۽ رسالي معارف اعظم گڙهه ۾ سيد صاحب، پير صاحب جو شڪريه بجا آندو آهي.

پير صاحب کي مشاهير ۽ اهلِ علم به خراج تحسين پيش ڪري ويا آهن، جن ۾ علامه سيد سليمان ندوي مرحوم کين محقق سنڌ سڏيو آهي، جيڪو نقوش سليمان جي ديباچه ۾ درج آهي. سيد ابو ظفر ندوي مرحوم به، جنهن تاريخ سنڌ اردو ۾ لکي آهي، مقاله "سنڌ کي تاريخ کے ماخذ" مطبوعه ماهنامه رياض ڪراچي ۾ مطالعي ڪرڻ بعد فرمايو ته "پيرصاحب جهڙو محقق سنڌ ۾ موجود آهي، ان جي تاريخ لکڻ کان وڌيڪ پيو ڪير سنڌ تي لکي سگهندو ۽ سنڌ وارن کي مبارڪ هجي جو سنڌ ۾ اهڙو ماڻهو موجود آهي جو فخر جو باعث آهي" ۽ ٻين ڪيترن ئي عالمن به کيس خراج عقيدت پيش ڪيو آهي.

پير سائينءَ جو پويون ڪتاب "مير معصوم شاهه بکري" جڏهن ڇپجي بازار ۾ اچي ويو ته هڪ ڪاپي مون ڏانهن به بذريعي رجسٽري روانه فرمايائون ۽ خط به لکيائون ته ڪتاب پڙهي راءِ ڏيندا. ٿوري عرصي کان پوءِ وري پيو خط لکيائون ته منهنجو ڪتاب مير معصوم شاهه، سکر ۾ معصومي سيدن به گهرائي پڙهيو آهي يا نه؟ مون کين جواب ۾ عرض ڪيو ته پنهنجي ڏاڏي جو ذڪر، سندس اولاد ڪيئن نه پڙهيو هوندو! مان سکر ويندم ۽ اتان معلوم ڪندم. پوءِ مون سکر وڃي معلوم ڪيو. معصومي سيدن جي خاندان ۾ جيڪي به

## خادم شيخ

# ڏوٿين ڪان ڏور

پهرين اپريل ۱۹۸۲ع تي ريل گاڏي مان لهي ڳوٺ ڀهمڻ پهتم. سڄي ڳوٺ ۾ سناٽو لڳو پيو هو- ائين پئي لڳو ڄڻ ڳوٺ جي وڻن جي ٽارين به لڏڻ ڇڏيو آهي. ڪجهه ٻيڙا هاري ديري وٽ هيٺ ڪنڌ ڪيو ويٺا هئا.

گهر پهتس ته سڄي ويڙهي ۾ غم جي لهر ڇانئيل هئي. بابا ڇيو ته ريڊئي ٻڌايو آهي ته سائين حسام الدين شاهه وفات ڪري ويو! مون کان دانهن نڪري وئي، ۽ پوءِ گهر ۾ به مزو نه آيم. ٻاهر نڪري سائينءَ جي حاويليءَ ڏانهن ويس. حاويليءَ جي وڏي دروازي وٽ هيٺ پٽ تي سائينءَ جا ٻيڙا هاري تمام غمگين حالت ۾ گوڏن ۾ منهن هڻي ويٺا هئا. ان وقت سائينءَ جي ڪتاب جو نالو ياد آيو. ”هو ڏوٿي هو ڏينهن“. سائينءَ جا ڏوٿي اڄ تمام غمگين حالت ۾ روئي رهيا هئا ۽ پاڻ سائين جن هميشه لاءِ ڏوٿين ڪان ڏور ٿي چڪا هئا. لاڙڪاڻي ۾ مهراڻ بوڪ اسٽال ڪولڻ ڪان پوءِ سائينءَ جا ٽي ڪتاب پڙهڻ نصيب ٿيم، ”هو ڏوٿي هو ڏينهن“، ”سنڌي ادب“ (اردو تان ترجمو ٿيل) ۽ ”سنڌ جي تباهيءَ جا ڪارڻ“. سائينءَ جيڪو ڪجهه لکيو آهي، سو سنڌ هند ته ڇا پر دنيا تعريف ڪندي. بهرحال سائين حسام الدين شاهه راشدي تي لکڻ جي لائق ته ناهيان ڇو ته نه اديب آهيان ۽ نه ڪو شاعر، جيئن غلطي ۾ هڪ ٻه ڪهاڻي لکي اٿم سا به اڃا ڇپي ڪانه آهي. پر خوش قسمتيءَ سان سائينءَ جي ڳوٺ ڀهمڻ ۾ پيدا ٿيو آهيان ۽ سندس ڳوٺ ۾ وڏو ٿيو آهيان، جنهنڪري سائينءَ جون ڪجهه ڳالهيون لکڻ لاءِ مجبور ڪن ٿيون. علمي ۽ ادبي زندگيءَ ۾ ته سائينءَ کي دنيا ڏٺو آهي، پر زميندار روپ ۾ صرف اسان جي ڳوٺ وارن سائين جن کي ڏٺو آهي. سائين جن ان وقت زمينداري ڪئي جڏهن مان ڇائو مس هئس، پر وڏن کان ۽ ٻيڙن هارين کان سائين جن جون مثالي ڳالهيون ۽ هارين سان ڪيل ڀلايون ٻڌندو آيو هئس. خوش قسمتيءَ سان، ڪراچيءَ ۾ رهڻ کان پوءِ ڪافي عرصي کان پوءِ سائين جن ڳوٺ ڀهمڻ اچڻ جي عنايت ڪئي هئي ۽ مون سائين جن کي اڳ ڪڏهن به نه ڏٺو هو. اهڙي شخصيت، جنهنجي تعريف ڄمڻ کان جوان ٿيڻ تائين پنهنجي وڏن ۽ ٻين هارين کان ٻڌندو آيو هئس، سو ڏاڍي دل خوش هئي ته اهڙي شخصيت جو اڄ ديدار ڪرڻ سائينءَ جي حاويليءَ تي پيو وڃان. جڏهن سائينءَ جي حاويلي تي پهتم ته حيران ٿي ويس

بهرحال سائين جن جي شخصيت تي جيترو لکجي اوترو گهٽ آهي، بس شاهه سائين جو هي شعر پيو ياد اچي :

”ساڻهو نه سڀ سهڻا پکي نه سڀ هنجهه،
ڪنهن ڪنهن ساڻهوءَ منجهه اچي بوءِ بهار جي.“

سائين جن جي وفات سان جيڪو سنڌي ادب کي نقصان رسيو آهي تنهنجي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ ته ڪافي وقت کپي. بهرحال سائينءَ جي خاندان مان سائين حسين شاهه راشدي ادب ڏانهن لاڙو ڪيو آهي تنهن ۾ اسان کي ڪافي اميدون آهن.

---

سنڌ جي تاريخ گهڻو آڳاٽي زماني کان شروع ٿئي ٿي، جا حد کان وڌيڪ دلچسپ به آهي ۽ نهايت اهم به؛ مگر اها اڄ تائين ڇڙوڇڙ ۽ بنا ڪنهن ترتيب جي پيل آهي. سنڌيءَ يا ڪنهن ٻيءَ زبان ۾ ڪوبه اهڙو ڪتاب نه لکيو ويو آهي؛ جنهن کي سنڌ جي تاريخ جو شروعاتي خاڪو ڪوٺي سگهجي؛ يعني جنهن مان هن ملڪ جا تاريخي ۽ تمدني حالات، زمانيوار هڪ هنڌ معلوم ٿي سگهن. انقلابي طوفان غالباً هن خطي کان زياده، پاڪ ۽ هند جي ڪنهن به ٻئي خطي تي ڪين گذريا آهن.
قومن ۾ زندگيءَ جي جذبن ۽ ولولن کي تازي رکڻ، ۽ منجهن عملي جوش لاءِ نئين خون پيدا ڪرڻ جو سڀ کان اهم ذريعو قومي تاريخ آهي. قومي تاريخ جي ئي صفحن تي پنهنجي بزرگن جا اعليٰ ڪارناما، آئينده نسلن لاءِ هميشه واسطي زندگيءَ جو سبق بنجن ٿا. انهيءَ ئي آئيني ۾ هر قوم پنهنجي ماضيءَ کي بي نقاب ڏسي سگهي ٿي ۽ پنهنجي عروج ۽ زوال جو اسباب ۽ عوامل تي ٿڌي سيني سان غور ڪري، آئينده جا خد و خال درست ڪري سگهي ٿي. جنهن قوم وٽ پنهنجي ماضيءَ جي تاريخ اڪين آڏو نه هجي، ان لاءِ سمجهڻ گهرجي ته اها زندگيءَ جي ميدان ۾ عملي محرڪات جي هڪ نهايت ئي اهم وسيلي کان محروم آهي.

— سيد حسام الدين راشدي

[تاريخ ڪلهوڙا — از: غلام رسول مهر جي مهاڳ مان اقتباس.]

عنايت بلوچ

# چند يادگيريون

ننگر ۽ ناڙيون، پکيھ ڪٽي پند پيا،
بندر بازاريون، سڄا سامونڊين ريءَ.

هي آنهن ڏينهن جي ڳالهه آهي، جڏهن ون يونٽ ٽٽي چڪو هو ۽ مان ڪسٽم جي نوڪري ڇڏي، ١٤- جولاءِ ١٩٧٠ع تي ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ ۾ اسسٽنٽ ريجنل ڊائريڪٽر مقرر ٿيو هوس. پهرين جولاءِ ١٩٧٠ع تي سيني صوبن جي پنهنجين حڪومتن ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هو، باوجوديڪ ان جي جو جنرل يحيٰي خان جي مارشل لا اڃا ملڪ ۾ موجود هئي. سنڌ جي صوبائي حڪومت به وجود ۾ اچي چڪي هئي ۽ ڪراچي، سنڌ جي گاديءَ جي هجڻ سبب، سرڪار اِهو فيصلو ڪيو ته پهرين جولاءِ ١٩٧٠ع کان، يعني عين آن ڏينهن کان، جڏهن سنڌ حڪومت ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جي چئنل نمبر ٻي تي (جيڪا لانڍيءَ تائين به مشڪل سان ٻڌڻ ۾ ايندي هئي) روزانو اڌ ڪلاڪ سنڌي پروگرام نشر ڪيو وڃي. هتي اِهو به ياد رکڻ کپي ته ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جي جيڪا موجوده چئنل نمبر ٻي آهي، آها آن وقت چئنل نمبر پهرين هوندي هئي ۽ ١٠ ڪلووات ٽرانسميٽر جي طاقت جي هوندي هئي ۽ ان وقت جي چئنل نمبر ٻي، فقط هڪ ڪلووات ٽرانسميٽر جي هوندي هئي، جنهن کي ڪافي سالن کان وٺي سخت ڪمزور ۽ ناڪاره هئڻ سبب قطعي طور تي بند ڪيو ويو هو. اڃا به وڌيڪ وضاحت هيئن ٿي سگهي ٿي ته ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جي جيڪا چئنل نمبر پهرين، اڄڪلهه آهي، آها آهي ١٠٠ ڪلووات ٽرانسميٽرن جي ۽ موجوده چئنل نمبر ٻي آهي ١٠ ڪلووات ٽرانسميٽرن جي. پڙهندڙن کي ذهن نشين فقط اِهو ڪرائڻو آهي ته ون يونٽ جي ٽٽڻ سان سنڌ جي گاديءَ جي هنڌ ڪراچيءَ مان ۽ ان جي ريڊيو اسٽيشن تان جيڪو سنڌي پروگرامن شروع ڪرڻ جو انعام مليو هو، آهو هو آن وقت جي ١٨ ڪلاڪن جي روزانه پروگرامن مان فقط اڌ ڪلاڪ جي روزانو پروگرام جو؛ سو به اهڙي ڪمزور ترين چئنل تان، جيڪا ڪراچيءَ ۾ به پوريءَ طرح نه ٻڌبي هئي.

اهڙي وقت ۾ مان به اچي نازل ٿيس. منهنجو پيارو دوست گل حسن پناڻ، جيڪو ان وقت ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ ۾ پروگرام پروڊيوسر هو ۽ اڄڪلهه ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن ڊپارٽمينٽ

Gul Hayat Institute

کراچيءَ ۾ آفيسر آهي، مون کان اڳ ۾ ئي سنڌي پروگرامن جو ڇهتو لايون ۽ سنڌي سيڪشن ۾ ميڙو مچايون ويٺو هو. منهنجي وڃڻ سان ڪيس ته هٿي ملي ئي سهي، پر مون کي بي مدد ۽ همت افزائي ملڻ سان گڏ، جهيڙي جهٽي ڪرڻ ۾ پڻ منهنجا حوصلا بلند ٿي ويا. اڌ ڪلاڪ جي تمام محدود دائري اندر رهي ڪري بہ، اسان سنڌي پروگرامن کي ڪافي بهتر بنايو. هڪ ڏينهن، مون ان وقت جي اسٽيشن ڊائريڪٽر جناب طاهر شاهہ صاحب آڏو هڪ رٿ پيش ڪئي تہ ڇو نہ ڪراچي اسٽيشن تان هڪ 'آل سنڌ، سنڌي-آردو مشاعري، جي محفل مچائي وڃي. شاهہ صاحب ٿورو سوچڻ کان پوءِ اِها رٿ فوراً منظور ڪئي ۽ مون کي چيو تہ جلدي ان اسڪيم کي عملي جامو پهراءِ. منهنجي خوشيءَ جي حد ئي نہ رهي ڇو تہ ون يونٽ جي ١٤ سالن جي ٻوسٽ کان پوءِ هي پهريون ڀيرو هو جو ڪراچي ريڊيو اسٽيشن تان گڏيل سنڌي-آردو مشاعرو ٿيڻو هو. هي آهو دؤر هو جڏهن ڪراچيءَ ۾ گهمندي، ڪنهن کان ڪو سنڌيءَ ۾ جملو ٻڌڻ ۾ ايندو هو تہ گد گد پيا ٿيندا هئاسون. سنڌ، نئون نئون جنم ورتو هو ۽ سنڌين اڃا تازو تازو ڪراچيءَ جو رخ رکيو هو.

مشاعري جي تاريخ مقرر ٿي ويئي، هاڻي مسئلو اهو هو تہ صدارت ڪير ڪري. طاهر شاهہ صاحب (ريجنل ڊائريڪٽر) جي راءِ هئي تہ زيڊ-اي-بخاري کان صدارت ڪرائجي. طاهر شاهہ صاحب جهڙي دَبنگ ريجنل ڊائريڪٽر جي رٿ کي مان ڪير ٿيندو هوس ريڻ وارو، سو بہ ان صورت ۾ جڏهن زيڊ-اي-بخاري (مرحوم) جهڙو براڊڪاسٽنگ جو ابو ۽ هڪ باڪمال شخصيت جو نالو وچ ۾ هجي، پر تنهن هوندي بہ مون نهايت نماڻائيءَ سان طاهر شاهہ صاحب کي عرض ڪيو تہ صدارت لاءِ هڪ ٻي شخصيت بہ منهنجي ذهن ۾ آهي. شاهہ صاحب، جيڪو اڪثر ڪري فقط پنجابي ۾ ڳالهائيندو هو، پڇيو: "ڪهڙا بندا اے" وراڻيم "سائين حسام الدين راشدي". فوراً ڄڻ خوشيءَ سان ٽپ ڏنائين ۽ چيائين "يار بڙي اڇي گل ڪيتي اے- راشدي صاحب نون فوراً ڦڙلے اور منالے"

سان ٻئي ڏينهن تي ئي قبلہ سائين حسام الدين راشدي صاحب جن جي خدمت ۾ پهچي ويس ۽ سندن حضور ۾ سڄي روداد پيش ڪيم. ڪلي ڏنائون ۽ فرمايائون "اِهي گاڏڙ ساڏڙ مشاعرا مون کي بنهہ نہ وڻندا آهن، پر تنهنجي ڪري مان ضرور ايندس." تاريخ مقرر ٿي ويئي، ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ مون کي خبر پئي تہ طاهر شاهہ، سائين راشدي صاحب جن کان بيحد متاثر هو ۽ ايترو تہ قبلہ راشدي صاحب جن جو احترام ڪندو هو جو ڪيترا ڀيرا اسان جي پروگرام ميٽنگن ۾ سندن واڪاڻ مان ڍاپندو ئي نہ هو.

ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جي اسٽوڊيو نمبر ١٤ ۾ مشاعري جي محفل مچائي ويئي، سنڌي شاعرن مان مرحوم غلام محمد گرامي، مرحوم عبدالڪريم گدائي، مرحوم محمد خان غني، پروفيسر اياز قادري ۽ محمد حسن ساز شرڪت ڪئي. اردو جي نمايان شاعرن مان زيڊ-اي بخاري (مرحوم) رئيس امروهوي، حمايت علي شاعر، احسان دانش ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

"علي رضا هائوس" وجبو هو ته محفل متل هوندي هئي. ان محفل ۾ مون پارا اچاڻ ۽ سڏڙيا بہ هوندا هئا ته وري يونيورسٽين جا ناميارا ڊاڪٽر، پروفيسر، خواهہ پاهريان مدّبر ۽ مفڪر بہ موجود هوندا هئا. هرڪو پنهنجي پنهنجي چاڻ ۽ ذهني وسعت پٽاندر ونڊ وٺي ويندو هو. مايوس ۽ محروم ڪوبہ نہ موٽندو هو. سندن محفل ۾ گفتگو فلسفي ۽ تاريخ جي پيچيدگين متعلق بہ هوندي هئي ته وري ڪچهريءَ ۾ جيڪڏهن ڪنهن ڪل پوڳ جو موضوع ڇيڙيو ته مزاح جي رنگ ۾ ايترو ته رچي ويندا هئا، جو سندن ڪيفيت هڪ معصوم ٻار جهڙي ٿي ويندي هئي. وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي، پوڳ ڇرچي جي ڳالهہ ائين نہ رڳو لطف اندوز ٿيندا هئا، پر پاڻ بہ ان گفتگو ۾ شريڪ ٿي ويندا هئا. اهڙي سمي سندن انساني عظمت جو بي‌ساختہ اقرار ٿي ويندو هو، جو ته پاڻ ڪڏهن بہ ڪنهن تي پنهنجي عظمت مڙهڻ ۽ ميڙائڻ جي ڪوشش نہ ڪيائون، مگر سندن شفقت، سٺي گفتگو ۽ هر ماڻهوءَ سان ايڏي ته پيار ۽ خلوص سان ڳالهائڻ جو جنهن ۾ سندن علمي وڏماڻهپائيءَ جو ڇائي واڻي مظاهرو هرگز نہ ڪيل هوندو هو: اهڙا ۽ الائي ڪيترا گڻ سائين راشدي صاحب جن جي ذات ۾ ايترا تہ لڪل هئا، جو هرڪو سندن علمي ۽ انساني عظمت جو قائل ٿي ويندو هو:

جن اونداهيءَ ۾ لاٽ ڪئي، سي ڏيئا رات اجهامي ويا،
جن جوت جلائي جلون سان، سي تارا نيٺ وهامي ويا.

---

سنڌ ۾ طب جي فن کي پاڪ ۽ پوتر، محض خلق خدا جي خدمت جو ذريعو ڪري سمجهيو ويندو هو، ۽ ڪوبہ طبيب انهيءَ کي پنهنجي معاش جو ذريعو ڪونہ بڻائيندو هو. علاج معالجو هميشه مفت ڪري، انسان ذات ۽ غريب غربي جون دعائون حاصل ڪيون وينديون هيون. اجوڪن ڊاڪٽرن ۽ طبيبن وانگر، اسان جا اڳيان حڪيم ڪونہ هئا، جو علاج ڪندي ڪندي مريض جي مرڳو ڪل ٿي لاهي ڇڏين، يا وري سندن گذربسر ئي ڪو طب تي هجي. معاش جا ذريعا ٻيا هوندا هئا. طب محض پنهنجي ذوق جي تسڪين ۽ خلق جي ڀلي لاءِ ڪندا هئا. اهوئي سبب هو، جو سنڌ ۾ طبيب جو درجو روحاني پيشوا، يعني پير فقير جيترو هوندو هو. طبيب جي پيشوائي ۽ پذيرائي ڪرڻ هرڪو سنڌي پنهنجو اولين فرض ڪري سمجهندو هو.

—سيد حسام‌الدين راشدي

مضمون: "سنڌ ۾ يوناني طب"

(ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، ص ٢٨٧)

**ارشد انيڙ**

# تاريخ کي نئون رنگ ڏيندڙ – راشدي صاحب

سون پير صاحب جو ٻهريون ڪتاب جيڪو پڙهيو، سو هو ”هو ڏوتي هو ڏينهن“، ٻوءِ ته سندن لکڻين مان ايڏو لطف آيو جو ٻيا ڪتاب ”مير معصوم بکري“، ”سکلي نامو“، ”تذڪره اميرخاني“، ”تاريخ مظهر شاهجهاني“، ”تڪمله مقالات الشعراء“، ”ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون“ ۽ سندس ڪتابن مان تقريباً اڌ کن ڪتاب پڙهيم، جيڪي خود لکيائون يا ڪن ٻين مصنفن جا ايڊٽ ڪيائون. مون کي سندن لکڻين ۾ جيڪا ڳالهه نمايان نظر آئي سا آهي حق ۽ سچ جي طرفداري، ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ وجهڻ، روايت کي روايتي انداز ۾ قبول ڪرڻ جي بجاءِ عقل ۽ سچ جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ، روايت جي جاءِ تي تحقيق ۽ تاريخي کوجنا کي اهميت ڏيڻ.

روايت قبول ڪرڻ جي سلسلي ۾ علم حديث وارن ۽ اسماء الرجال جي ڄاڻن ”درايت“ جو اصول ايجاد ڪيو، جنهن جي معنيٰ آهي ”روايت کي عقل، فطرت ۽ تاريخي شاهدين جي ڪسوٽيءَ تي قبول ڪرڻ.“ پير صاحب جي تحقيقي ڪمن ۾ يا سندن تاريخ تي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ روايت جا مقلد ڪونه هئا، پر تاريخ جي سلسلي ۾ ”درايت“ جي اصول کي شروع کان وٺي، ڀرپور نموني ۾، هميشه نظر ۾ رکيائون.

تاريخ به انسان ئي لکندا آهن جيڪي انساني جذبات به رکندا آهن. مؤرخ کي به ڪنهن شخصيت لاءِ حقارت ۽ محبت ضرور ٿيندي آهي. تاريخ پڙهڻ کان اڳ ۾ مؤرخ جا اهي جذبا نظر ۾ رکڻ ضروري ٿين ٿا. مثلاً عبدالقادر بدايوني ”منتخب التاريخ“ ۾ ابوالفضل، فيضي ۽ سندن والد بزرگوار قاضي مبارڪ کي ابن الوقت، گمراهه، جاه پرست ۽ دين الاهي جو خالق لکيو آهي. اهي ٽيئي بزرگ ائين هئا يا نه، ان لاءِ ”عبدالقادر بدايوني“ ۽ سندن ذاتي تعلقات کي نظر ۾ رکڻ ضروري آهي، ڇو ته اهي ٽيئي ”سهيوڳي“ هئا ۽ هڪ دربار جا درٻاري هئا، هرڪو هڪٻئي جي ڪاڻ ۾ رُڏل ٿو نظر اچي. هونئن به دربار جي ڇاپي ۾ جيڪا شخصيت اڀرندي آهي، ان ۾ نفرت ۽ حقارت، ٻئي لاءِ ڪينو ۽ بغض، بهتان بازي ۽ گلاخوري، الزام تراشي ۽ ابن الوقتي، لازم هونديون آهن.

مرض هوندي به راڳ جي محفلن، ادبي جلسن، ڪتابن جي مهورتن، نمائشن، سيمينارن ۽ ڪانفرنسن ۾ پنهنجن دوستن سميت شريڪ ٿيندو هو ۽ سندن دوستن ۾ وڏيءَ عمر جا ۽ نوجوان سڀئي شامل هئا. جيڪر سندن ڪنهن دوست کي ملاقات ۾ ڪجهه ڏينهن لڳي ويندا هئا ته پاڻ ٽيليفون ڪري، ان جي خيرعافيت پڇندا هئا يا وٽس هلي ويندا هئا. سندن مهمان نوازي ته مثالي هئي. وٽن وڃبو هو ته مانيءَ کارائڻ کان سواءِ اصل نه ڇڏيندا هئا. آئي جو آٿي، پنهنجي روايتي سرڪ سان آڌرڀاءُ ڪرڻ ۽ موڪلائڻ مهل در تائين هلڻ ته سندن عادتن ۾ شمار هو. منهنجي سائين حسام الدين سان ملاقات اٽڪل ٻن سالن کان رهي، پر ان ٿوري عرصي دوران، مون کي جيڪو پيار ۽ شفقت مليو، اهو آءٌ سڄي زندگي نٿو وساري سگهان.

منهنجي پي. ايچ. ڊي جي سلسلي ۾ سائڻن منهنجي رهنمائي ۽ مدد ڪئي ۽ مون کي محمود بيگ صاحب وٽ آرڪيالاجي لائيبريري ۾ ۽ نيشنل ميوزيم ۾ گڏ وٺي هليا. سيني سان منهنجو تعارف ۽ پارت ڪيائون ۽ مون کي اتي جا ڪتاب ۽ سڪا ڏيکاريائون. سائينءَ جي معرفت مون کي ٻنهي جاين تان تمام گهڻي مدد ملي. سائين فوٽوگرافيءَ جو به ماهر هو. سندن ڪتابن ۽ مضمونن ۾ ڪم آيل سموريون تصويرون سندن ڪڍيل آهن. پاڻ هميشه بليڪ اينڊ وهائٽ فلم استعمال ڪندا هئا، مون کين ڪڏهن به فليش استعمال ڪندي نه ڏٺو. فوٽوگرافي بابت به سائين منهنجي ۽ منهنجي دوست بابر سومري جي رهنمائي ڪئي ۽ اسان کي سٺيون ڪئميرائون ۽ لينس وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪئي. پاڻ بابر سومري کي هميشه بابر ميرزا چوندا هئا. مطلب ته پير صاحب هڪ سٺي عالم ۽ اديب سان گڏوگڏ باشعور، بااخلاق ۽ کليو ذهن رکندڙ باڪردار انسان هو، جنهن سان ڪوبه شخص هڪ دفعو ملڻ بعد سڄي زندگي وساري نٿو سگهي.

سائين حسام الدين راشدي سنڌ جي تاريخ بابت تحقيقي ڪم کان سواءِ عملي طرح سان به سنڌ جي تاريخي قديم آثارن جي حفاظت ۽ سارسنڀال لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو. کيس هر وقت ان ڳالهه جو الڪو هوندو هو ته سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب، جن پراڻن آثارن ۽ قديم قبرستانن ۾ دفن آهي، اهي ڏينهون ڏينهن تباهه و برباد ٿيندا پيا وڃن، ۽ انهن جي ڪابه سارسنڀال ڪانه ٿي ٿئي. ان ڪري سنڌ جي سلجهيل ۽ دلچسپي رکندڙ ماڻهن کي اهڙين تاريخي حيثيت وارين جاين ۽ آثارن جي اهميت کان آگاهه ڪجي ۽ ضلعي سطح تي اهڙن ماڻهن جون ڪميٽيون يا سوسائٽيون ناهي، انهن آثارن جي حفاظت جا انتظام ڪيا وڃن ۽ سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ کي وري نئين سر جياري، دلچسپي رکندڙ ۽ ڄاڻو ماڻهن کي ان تي ميمبر ڪري ڪٺجي ته جيئن سنڌ جي قديم آثارن بابت مڪمل تحقيق ڪري، سنڌ جي تاريخ کي مڪمل ڪري سگهجي. سائين پنهنجي حياتيءَ جي آخري عرصي ۾، حيدرآباد ۾ اهڙي ميٽنگ پڻ سڏائي، پر اها ڪن سببن ڪري ان وقت ٿي نه سگهي.

**خان محمد پنهور**

# مون سي ڏٺا ماڻ....

پير حسام الدين راشدي ٢٠- سيپٽمبر ١٩١١ع مطابق ٢٦- رمضان ١٣٢٩هه بهمڻ تعلقي رتي ديري ضلع لاڙڪاڻي جي پيراڻي گهر ۾ جنم ورتائون. سندس ابتدائي تعليم ۽ تربيت خانگي نموني سندس وڏي ڀاءُ علي محمد راشدي سان گڏ ٿي. ٻنهي ڀائرن لاءِ خاص مڪتب کولايو ويو هو. مولوي جيتري تعليم حاصل ڪيائون، ليڪن دستاربندي ڪونه ڪيائون. وڌيڪ ڪنهن اسڪول يا مڪتب کان سواءِ ئي پڙهڻ ۽ پروڙڻ جاري رکيائون. صحافتي شوق ننڍي لاڪون هئن. سندس ڏاڏي پيرشاهه وٽ هندستان جي مختلف شهرن مان سڪيه اخبارون اينديون هيون. اڳتي هلي علي محمد شاهه بهمڻ مان الراشد جاري ڪئي ته ان سان حسام الدين شاهه به گڏ هو، بلڪ علي محمد شاهه جي آزاد طبيعت ۽ شخصيت جو حسام الدين شاهه تي گهڻو اثر پيو. اهوئي سبب آهي جو ٻئي ڀائرن کان وڌيڪ دوست رهيا آهن.

حسام الدين راشدي جي صحافتي ۽ علمي زندگي سان تعلق جو مختصر وچور هن ريت آهي: ماهوار المنار سکر ١٩٣٠ع، هفتيوار سنڌ زميندار سکر ١٩٣٠-٣٤ع، روزانه ستاره سنڌ ١٩٣٤-٣٧ع، روزانه الوحيد ڪراچي ١٩٤٠-٤٢ع، روزانه قرباني ڪراچي ١٩٤٥-٤٦ع، ٽماهي مهراڻ حيدرآباد ١٩٥٧-٥٨ع، اردو ڪراچي ١٩٦٧ع، سماهي ايران شناسي تهران ١٩٦٩ع، پارس ڪراچي ١٩٦٥ع، صلاحڪار بورڊ، ماهوار نئين زندگي ڪراچي ١٩٦٧-٧٠ع، باني ميمبر انجمن ترقي اردو ١٩٤٧ع، اردو ڪاليج ١٩٤٨ع، اردو ٽرسٽ ڪراچي ١٩٥٠ع، انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل ۽ ويسٽ ايشين اسٽڊيز ڪراچي ١٩٦٨ع، اداره يادگار غالب ١٩٦٨ع، ميمبر گورننگ باڊي، سنڌي ادبي بورڊ، اقبال اڪيڊمي، سينٽرل اردو ڊولپمينٽ بورڊ لاهور، ريسرچ سوسائٽي آف پاڪستان، پنجاب يونيورسٽي، سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي، نيشنل ميوزم صلاحڪار ڪميٽي، حاجي عبدالله هارون ڪاليج ميمبر، صلاحڪار ڪميٽي ڪراچي ريڊيو اسٽيشن ١٩٥٤-٦٠ع، تاريخي ريڪارڊس ۽ آرڪائيوز پاڪستان ١٩٦٨ع، ثقافتي سب ڪميٽي پاڪستان، نيشنل ڪميٽي، يونيسڪو جي تعاون سان ١٩٦٢ع، صلاحڪار ڪميٽي ٽيليويزن ڪارپوريشن ١٩٦٩ع، بين الاقوامي ڪانگريس ايرانالاجسٽ تهران جي صلاحڪار ڪميٽي جو مستقل ميمبر، پاڪستان تاريخ سوسائٽي، نائب صدر پاڪستان ايران ڪلچرل ايسوسيئيشن، انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل ۽ ويسٽ ايشين اسٽڊيز ڪراچي.

Gul Hayat Institute

غلام محمد لاکو

# راشدي صاحب جو علمي مان مرتبو، ادبي اثاثو ۽ اسان جون جوابداريون

سيد حسام الدين راشدي، لڪياري ساداتن ۾، پير حامد شاه جي گهر بروز اربع ٢٠ سيپٽمبر ١٩١١ع برابر ٢٦ رمضان ١٣٢٩ھ تي ڳوٺ بهمڻ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. پير محمد راشد (سندن جدامجد) سان، سائين جن جو سلسلو هن ريت ملي ٿو. سيد حسام الدين بن پير حامد شاه بن پير پير شاه، بن پير علي محمد شاه، بن پير صبغت الله شاه، بن پير محمد راشد. مختصر عربي، فارسي، سنڌي ۽ انگريزي تعليم بعد، پاڻ ويهن سالن جي ڄمار ۾ عملي ۽ علمي زندگيءَ جي ابتدا ڪيائون. شروعات ۾ صحافت ۽ ادب، گڏوگڏ سندن مشغولين ۾ شامل رهيا. ڪراچيءَ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪندي، ورهاڱي کان پوءِ باقاعدي علمي، ادبي ۽ تحقيقي ڪم ڏي راغب ٿيا. ان سان گڏ ادبي جريدن جا ايڊيٽر، ادبي ادارن جا ميمبر ۽ عهديدار توڙي متعدد علمي ۽ تعليمي ادارن جا صلاحڪار ۽ رڪن هيا. لاتعداد علمي ۽ ادبي خدمتن عيوض کين پاڪستان ۽ ايران سرڪار وٽان ڪيترائي اعزاز ۽ ايوارڊ پڻ ڏنا ويا. سندن شايع ٿيل ڪتابن جو انگ اکر چاليهن کان مٿي آهي. پاڻ اعليٰ پائي وانگر با وسائل محقق ۽ عالم هئا. راشدي صاحب طويل علالت بعد پهرين اپريل ١٩٨٢ع برابر ڇهين جمادي الثاني بروز خميس تي فوت ٿيا. کين شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي پير ۾، مڪليءَ جي تاريخي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

## (١) علمي مان مرتبو

سنڌ ۾ فارسي تاريخ ۽ تذڪره نويسي تڏهن شروع ٿي، جڏهن ٿوري دير لاءِ سومرا مات ٿي لاڙ تائين محدود ٿي ويا ۽ اتر سنڌ جي هڪ اهم علمي ۽ ثقافتي مرڪز اچ ۾ ناصرالدين قباچه حڪومت سان گڏ علمي ۽ ادبي محفلون پڻ مچايون. ان دور ۾ علي بن حامد ڪوفي ٦١٣ھ/١٢١٦ع ۾ تاريخ سنڌ جو هڪ عربي ڪتاب چچ نامه فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ محمد عوفي ٦٢٥ھ/١٢٢٧ع ۾ فارسي گو شاعرن جو تذڪرو لُبُ الالباب لکيو، جيڪو ان موضوع تي هڪ اوائلي ڪتاب شمار ٿئي ٿو. ان کان پوءِ سمن جي زوال تائين (٩٢٧ھ/١٥٢٠ع)،



Gul Hayat Institute

### (١١) ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون:

راشدي صاحب پنجاه سالن جي ادبي سفر ۾ لڳ ڀڳ ٣٠٠ مضمون ۽ مقالا سنڌيءَ ۾ لکيا. هن ڪتاب ۾ چونڊ ٤٣ مضمون ۽ مقالا ڏنا ويا آهن. ليکڪ جي حياتيءَ ۾ سندن هي آخري ڪتاب شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ هن ريت مواد ڏنل آهي.

| | |
|---|---|
| مضمون ۽ مقالا | ٽوٽل ٤٣ |
| ترڪي متن | ٢٥ صفحا |
| هڪ نقشو | ٽن ٽائون |
| تصويرون | ٽوٽل ١٧١ (ٺٽي متعلق) |

گهڻو ڪري سڀئي مضمون اهميت وارا آهن، جيڪي ته ماهي مهراڻ تان (اڪثر ڪري) ورتل آهن. ڪتاب جو پيش لفظ محمد ابراهيم جويي لکيو آهي، جنهن ۾ سندس تاريخ متعلق ڏنل نظريو قابل غور آهي. ڪتاب جو نالو شاهه عبداللطيف رح جي هن بيت تان کنيل آهي.

اڄ پڻ آنديون اوڻيهن ڪتابتون ڪي،
ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون، سڻ تون عمر سي....

غالباً سنڌيءَ ۾ مقالن ۽ مضمونن جو هي پنهنجي نوعيت جو پهريون ضخيم ڪتاب شايع ٿيو آهي. هن ڪتاب ڇاپڻ لاءِ 'انجمن تاريخ سنڌ' کي ڊائريڪٽر ڪلچر سنڌ جناب حميد آخوند جو ڀرپور سهڪار حاصل رهيو. هي ڪتاب ١٩٨١ع ۾ نروار ٿيو. هن ڪتاب جي آخر ۾، راشدي صاحب جي ڪتابن- 'مرزا عيسيٰ ترخان' ۽ 'ٺٽي جو تاريخي جغرافيہ' جو نالو به ڏنو ويو آهي. اسان ليکڪ کان آخري ملاقات (٢٨ ڊسمبر ١٩٨١ع) ۾، ان متعلق پڇا ڪئي. راشدي صاحب ٻڌايو ته، هي ٻئي ضخيم مقالا آهن، جيڪي ترتيب وار سال ١٩٦٧ع ۽ ١٩٧٣ع ۾ ڪتاب "مڪلي نامه" ۽ رسالي "مهراڻ" ۾ ڇپيا هئا.

## (ب) اردو ڪتاب

### (١٢) سنڌي ادب:

هي ڪتاب پاڪستان سرڪار جي طلب تي اردو زبان ۾ لکيو ويو. جيتوڻيڪ ڪتاب سرسري ۽ مختصر آهي، تاهم ان کي سنڌي ادب جي پهرين مڪمل تاريخ سڏينديءَ، ڪوبه وڏائي نه ٿيندو. ڪتاب جي ترتيب هن ريت آهي.

باب پهريون: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ
باب ٻيو: سنڌي ٻوليءَ جو ادب (عربن کان سومرن ۽ سمن تائين)
باب ٽيون: ارغون، ترخان ۽ مغل دؤر جو ادب
باب چوٿون: ڪلهوڙن جي دؤر جو سنڌي ادب
باب پنجون: ٽالپوري دؤر جو ادب
باب ڇهون: برطانوي دؤر جو ادب
باب ستون: موجوده پاڪستاني دؤر
باب اٺون: سنڌي شاعريءَ جون صنفون



Gul Hayat Institute

سنڌ اندر فارسي گو شاعرن تي مير علي شير قانع جو ”مقالات الشعرا“ ان سلسلي جي پنجين ڪڙي آهي، جيڪو هن صاحب ۱۱۷۴-۷۵ھ/۱۷۶۰-۶۱ع ۾ لکي پورو ڪيو. خاص سنڌ جي فارسي گو شاعرن متعلق ان کي پهريون تذڪره چئي سگهجي ٿو، جنهن ۾ ڪل ۷۱۹ شاعرن جو ذڪر ڪيل آهي. ”يد بيضا“ کان علاوه مير قانع هي ڪتاب لکندي، محمد افضل سرخوش جي ڪتاب ”ڪلمات الشعرا“ کي پڻ ماخذ طور ڪتب آندو آهي. قانع جي تذڪري ۾ ڏنل مواد کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

(۱) اهي شاعر، جيڪي سنڌي هئا يا وري سير سفر، نوڪري، واپار ۽ ٻين ڪمن سان سنڌ ۾ آيا ۽ هتي رهندي فوت ٿي ويا. ان قسم جا شاعر هاڻي سنڌ جي ادبي تاريخ جو اثاثو آهن.

(۲) اهي شاعر، جيڪي مختلف ڪمن سان سنڌ ۾ آيا ۽ وري واپس وطن پهتا يا روانا ٿي ويا.

(۳) اهي شاعر، جن جو زمانو معلوم نہ آهي.

راشدي صاحب اوائل ۾ ۳۴ تصويرن جي ناياب سيٽ سان گڏ، قانع جي سوانح ۽ ادبي اثاثي متعلق فارسيءَ ۾ مقدمو پڻ ڏنو آهي. ان کان علاوه جابجاءِ حاشيہ ۽ اضافي مواد ڏيندي هڪ تہ راشدي صاحب پنهنجي وسيع معلومات، علمي استدلال ۽ فارسي دانيءَ جو اڻ مٽ ثبوت ڇڏيو آهي، تہ ٻئي طرف ڪتاب جي افاديت پڻ ڪافي وڌيل ڏسجي ٿي. ادبي تاريخ سان گڏ، اسان جي سياسي تاريخ لاءِ پڻ هن ڪتاب کي، بنيادي ماخذ جي حيثيت حاصل آهي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ سال ۱۹۵۷ع ۾ شايع ڪيو.

(۱۸) مثنوي مظهرالآثار:

ارغوني دور ۾، سنڌ اندر پيدا ٿيل فارسي ادب ۾ هي مثنويءَ جو اوائلي نمونو آهي. هي مثنوي سيد جهانگير هاشمي سال ۹۴۰ھ/۱۵۳۳ع ۾ لکي ۽ شاه حسن ارغون جي نالي منسوب ڪئي. بعد ۾ هي شاعر حج تي ويندي مڪران ۾ ۹۴۶ھ/۱۵۳۹ع ۾ شهيد ٿي ويو. راشدي صاحب ٽن نسخن جي آڌار تي هي متن تيار ڪيو. شاعر جي ناياب تصوير پڻ ڪتاب ۾ ڏني وئي آهي. فاضل مرتب فارسيءَ ۾، ۶۲ صفحن جو نهايت ئي قيمتي مقدمو پڻ اوائل ۾ ڏنو آهي. سال ۱۹۵۷ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ هي ڪتاب ڇاپي پڌرو ڪيو.

(۱۹) تڪملہ مقالات الشعراء:

فارسي گو شاعرن جو سنڌ ۾ هي آخري تذڪرو، مخدوم ابراهيم خليل ٺٽوي ۱۳۰۷-۸ھ/۱۸۹۰ع ۾ لکيو. مير قانع جي تذڪري (جنهن جو مٿي ذڪر ٿيو آهي) ۽ هن تذڪري جي وچ ۾ جيڪي ڪتاب لکيا ويا، بهتر آهي تہ سڀ کان اول ان سلسلي کي ملائجي.

ڳولي نہ سگهيو. هن ڪتاب ڪي سنڌ جي سورهين ۽ سترهين صديءَ جو گزيٽير سڏيو ويو آهي. محترم راشدي صاحب ايڊيٽنگ سان گڏ، مٿس ١٠٠ صفحن جو، اردو زبان ۾ قيمتي مقدمو پڻ تحرير ڪيو آهي. هي ڪتاب، جنهن ڪي سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٢ع ۾ ڇپيو، تنهن جو سنڌي ترجمو پڻ ساڳئي اداري ڇاپيو آهي، جيڪو محترم نياز همايونيءَ ڪيو آهي.

(٢٥) هشت بهشت:

عطا ٺٽوي مغل دؤر ۾، سنڌ جو فارسي گو شاعر ٿي گذريو آهي. هن ڪتاب ۾ عطا جون ڪل اٺ مثنويون ڏنل آهن. عطا جي هن ذهني ڪاوش مان، مغل دؤر جي سنڌ جي سماج متعلق چڱي معلومات ملي ٿي. راشدي صاحب، جنهن هي ڪتاب ايڊٽ ڪيو، ١٥٧ صفحن تي، سنڌيءَ ۾ مفصل مقدمو لکندي، ان دور جي سنڌ جي حالتن ڪي زنده جاويد ڪري ڇڏيو آهي. خود مغلن جي باهمي جنڊا پٽ جو پڻ مجمل ذڪر، مقدمي ذريعي ڏنو ويو آهي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٦٣ع ۾ شايع ڪيو.

(٢٦) منشورالوصيت و دستورالحڪومت:

هي ڪتاب واليءِ سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙي سن ١١٦٣هه/١٧٤٩ع ۾ لکي پورو ڪيو. ميان صاحب هن وصيت نامي ذريعي، پٽن لاءِ فڪري مواد ڇڏيو آهي، جيئن هو مستقبل ۾ سنڌ ۽ خود پنهنجي حاڪميت کي تباهه ٿيڻ کان بچائين. ڪتاب جي آئيني ۾، ميان نور محمد حاڪم سان گڏ مفڪر ۽ عالم پڻ ڏسجي ٿو. راشدي صاحب ڪتاب ايڊٽ ڪندي، ٻٽيهه صفحن جو سنڌي مقدمو ڏيڻ سان گڏ، ان ۾ ڇهه تصويرون پڻ شامل ڪيون آهن. ڪتاب کي مڪمل ڪرڻ لاءِ فاضل ايڊيٽر، ٨ ضميما پڻ ان ۾ ڏنا آهن. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٦٤ع ۾ شايع ڪيو.

(٢٧) ترخان نامہ:

مغل دور اندر سنڌ تي لکيل تاريخي ڪتابن جي سلسلي جي هي آخري ڪڙي آهي. سيد مير محمد بن سيد جلال ٺٽوي هي ڪتاب سن ١٠٦٥هه/١٦٥٤ع ۾ لکي پورو ڪيو، جنهن ۾ ارغونن ۽ ترخانن تي مفصل مواد ڏنو ويو آهي. راشدي صاحب مقدمو (پيش گفتار)، فارسي زبان ۾ لکيو آهي، جنهن ۾ ان دور جي تاريخي ماخذن، ڪتاب جي افاديت ۽ اهميت سان گڏ، مٿس تنقيدي نگاهه وجهڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي وئي آهي. ان کان علاوه فاضل مرتب ارغونن، ترخانن ۽ مغلن تي ١٤ مفصل نسب نامہ پڻ ترتيب ڏنا آهن، جنهن ڪري ڪتاب جي افاديت گهڻو وڌي ويل آهي. هي ڪتاب سال ١٩٦٤ع ۾، سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو.

(٢٨) حديقة الاولياء:

سنڌي اوليائن بابت هي تذڪرو سن ١٠١٦هه/١٦٠٧ع ۾، سيد عبدالقادر ٺٽويءَ لکيو ۽ ان کي مرزا خسرو چرڪس جي نالي معنون ڪيو. راشدي صاحب سنڌيءَ ۾ ١٠٢ صفحن تي

مشتمل، هڪ مقدمو منجهس شامل ڪيو آهي، جنهن ذريعي سنڌ اندر هن موضوع تي فارسيءَ ۾ لکيل ڪل ٨٢ ڪتابن جو پتو لڳايو ويو آهي. سوانح جي موضوع تي ڪم ڪندڙن لاءِ، هي مقدمو مشعل راه آهي. ان سان گڏ سيد عبدالقادر ۽ سندس ڪتاب متعلق تنقيدي جائزو پڻ ڏيڻ جي ڪوشش ڪيل ڏسجي ٿي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٧ع ۾ ڇپي پڌرو ڪيو.

## (٢٩) تذڪره الشعراء ڪشمير:

هي تذڪرو ميرزا اصلح ١١٦١هه/١٧٤٨ع ۾ تاليف ڪيو، جنهن ۾ اورنگزيب کان محمد شاهه جي زماني تائين، ڪل ٣٠٥ فارسي گو شاعرن جو احوال ڏنو ويو آهي. هي شاعر ڪنهن نه ڪنهن ريت ڪشمير سان لاڳاپيل رهيا. هي ڪتاب اقبال اڪيڊمي ڪراچي (هاڻي لاهور) طرفان سال ١٩٦٧ع ۾، راشدي صاحب جي تصحيح ۽ حاشين سان ڇپجي پڌرو ڪيو.

## (٣٠) تذڪره شعراء ڪشمير (تڪمله) جلد اول:

سيد حسام الدين راشدي هي ڪتاب تاليف ڪندي، ان متعلق لکي ٿو ته ”هي جو چوڻ آهي ته ڏيئي سان ڏيئو روشن ٿئي ٿو! بزرگن جو هي مثل ڪهاوت نه، پر حقيقت آهي. محمد اصلح جو، تذڪره شعراء ڪشمير مرتب ڪرڻ وينس ته ان سان گڏ هڪ ٻيو مستقل ڪتاب وجود ۾ اچي ويو، جنهن جو نه گمان هو ۽ نه وري ڪنهن قسم جو ڪو ارادو. اصلح تي (تذڪره) ڪم ڪندي، ڪيئي اهڙا فارسي گو شاعر نظر آيا، جن جو ذڪر ليڪ نه ڪيو هو. خيال ٿيو ته اهڙي مواد کي آخر ۾ ضميمي طور ڏيئي ڇڏيان، ليڪن جڏهن شاعرن جو تعداد ٽن سون کان به وڌيڪ ٿي ويو، تڏهن ضميمي جو خيال ڦٽو ڪري، مستقل ڪتاب جي تياريءَ جو ارادو ڪيم. چنانچه هن وقت پڙهندڙن جي خدمت ۾ جيڪو ڪتاب حاضر آهي، ان کي هاڻي محمد اصلح جي تذڪري جو تڪمله تصور ڪرڻ گهرجي.“

ميرزا اصلح جو ڪتاب ايڊٽ ڪندي، فاضل مرتب تڪمله (هي ڪتاب) پڻ ترتيب ڏيندو ويو، چنانچه ان جو پهريون جلد سال ١٩٦٧ع ۾، ساڳئي اداري پاران ڇپجي پڌرو ڪيو ويو. هن جلد ۾ الف-ث تائين، ڪل ١٢٠ شاعرن جو ذڪر ٿيو آهي.

## (٣١) تذڪره شعراء ڪشمير (تڪمله) جلد ٻيو:

راشدي صاحب جي تاليف ڪيل تذڪره شعراء ڪشمير جو هيءُ ٻيو جلد آهي، جنهن ۾ ڪل ٥١٤ شاعرن (١٢١-١٧٤) جو احوال حرف (ص) کان حرف (غ) ڏنو ويو آهي. هن جلد ۾ مرزا صائب جي ڪل ٣٧ خطي ديوانن جو پتو ڏنو ويو آهي، جيڪي يا ته شاعر جي هٿ جا لکيل آهن يا وري سندس شاگرد عارف تبريزي انهن کي ترتيب ڏنو آهي. راشدي صاحب جي دعوا آهي ته صائب جو شايد ئي ڪو خطي ديوان، هتي ذڪر ٿيڻ کان اوجهل رهيو هجي.

### (۴۰) مثنوي مهر و ماهه:

هيءَ مثنوي سلاطين دور جي مشهور شاعر حامد بن فضل الله جمالي دهلوي (وفات ۹۴۲ ھ/ ۱۵۳۵ع) جي آهي. سندس ٻيا ڪتاب هن ريت آهن: سير العارفين (تذڪره)، مثنوي مراة المعاني ۽ ديوان جمالي. هن گهڻو سير سفر ڪيو، جڏهن تبريز پهتو تڏهن ڪيس گهر، مرشد ۽ وطن جي ياد ڏاڍو ستايو. اهل تبريز جي چوڻ تي هن سن ۹۰۵/۱۴۹۹ع ۾ عصار تبريزيءَ جي ”مثنوي مهرو مشتري“ جي طرز تي، ”مثنوي مهرو ماهه“ لکي پوري ڪئي. راشدي صاحب جي ايڊيٽنگ ۽ مقدمي سان، هيءَ مثنوي سال ۱۹۷۴ع ۾ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف پرشين اسٽڊيز سينٽر اسلام آباد پاران شايع ٿي.

### (۴۱) رياض العارفين (جلد اول):

هي تذڪرو آفتاب راءِ لکنوي جو آهي. ليڪن ۽ ڪتاب متعلق اسان جي ڄاڻ محدود آهي. ’تذڪره مجمع الشعراء جهانگيرشاهي‘ (ملاقاطعي - وفات ۱۰۲۴ھ) جي فاضل مرتب جناب ڊاڪٽر سليم اختر، رياض العارفين جي راشدي واري ڇاپي جي رفر ڪيو آهي. سال ۱۹۷۶ع ۾، مٿين اداري پاران هي ڪتاب ڇاپيو ويو. (۱)

### (۴۲) رياض العارفين (جلد دوم):

راشدي صاحب هڪ ملاقات ۾ ٻڌايو ته ٻيو جلد ڇاپي هيٺ هو، جو مذڪوره ادارو ايران جي نئين سرڪار بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو، پوءِ ڪٿي هي تذڪرو شايع ٿيو يا نه، ان جي خبر خاوند کي!

*　　　*　　　*

”ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون“ ۾ وڌيڪ ٻن فارسي ڪتابن، ”حالات فيضي“ ۽ ”محمد صادق مينا“ جو ذڪر پڻ ٿيو آهي. راشدي صاحب کان روبرو معلوم ڪيو ويو، ته خبر پيئي ته هي ٻئي مقالا آهن.

مٿي ذڪر ڪيل ڇاپي ذخيري کان علاوه هي ڪتاب پڻ، عمر جي آخري حصي ۾ محترم راشدي صاحب جي نگرانيءَ هيٺ تيار ٿي رهيا هئا يا وري ترتيب هيٺ هئا.

(۱) مثنوي مختارنامه از مير قانع، تصنيف ۱۱۹۴ھ/۱۷۸۰ع.

(۲) ختم السلوڪ (مثنوي)، از مير قانع، تصنيف ۱۱۰۹ھ/۱۶۸۵ع.

(۳) تاريخي قطعات (جن جو ذڪر (۱۱) نمبر تي آيل آهي) از مير قانع.

---

(۱) ”رياض العارفين“ جو هڪ قلمي نسخو، انجمن ترقيءَ اردو ڪراچيءَ جي ذخيري ۾ (صفحا ۵۶۲) موجود آهي (ڏسو، مخطوطات انجمن فارسي و عربي ص ۸۲، مرتب سيد سرفراز علي رضوي).

تڏهن اوچتو، مون ڪيس پنهنجي سامهون بيٺل ڏٺو، وڪ ڪن پرڀرو. مون لڳن ۾ سيڻاٽو محسوس ڪيو. ان ڪان اڳ جو مان پاڻ سنڀالي وٺان، ۽ وري لاپرواهيءَ وارو انداز اختيار ڪري وٺان، هن منهن تي مرڪ آڻيندي چيو، "جيڪڏهن منهنجو اندازو غلط نه آهي، ته پوءِ تون اروڙ جو مست آهين."

"ڇا!" مون تعجب وچان هن ڏانهن ڏٺو.

"ڇا تون امر جليل نه آهين!" هن پڇيو.

مصنوعي فخر وچان چيم، "ها، مان امر جليل آهيان."

هن رسالي "روح رهاڻ" جي اپريل ۱۹۶۵ع واري پرچي ۾ منهنجي ڪهاڻي "اروڙ جو مست" پڙهي هئي. "روح رهاڻ" رسالو انهن ڏينهن ۾ سنڌي ترقي پسند تخليقي ادب جو نمائنده ۽ مثالي رسالو هوندو هو.

"تنهنجي ڪهاڻي پڙهندي مون سوچيو هو ته، تون پاڻ پنهنجي ڪهاڻيءَ جي مرڪزي ڪردار جهڙو هوندين." سندس چهري تي مرڪ هئي. هن پيار ۽ پاٻوهه مان مون ڏانهن ڏسندي چيو، "اڙي بابا! تون ته هوبهو 'اروڙ جو مست' آهين!"

مون لاپرواهيءَ سان چيو، "مان تخليق ڪار آهيان. مان ڪردار خلقيندو آهيان. تنهنڪري مان پنهنجن خلقيل ڪردارن جهڙو لڳندو آهيان. ساڳي طرح، منهنجا ڪردار مون جهڙا محسوس ٿيندا آهن. ان ۾ ڪابه اچرج جهڙي يا غير معمولي ڳالهه نه آهي. جيڪڏهن توهان ڪاميو، هيمنگوي ۽ دوستوسڪي پڙهيو آهي، ته پوءِ توهان سندن تخليقن ۾ سندن موجودگيءَ کي ضرور محسوس ڪيو هوندو."

هو ڪجهه ڪجهه وائڙو ٿي ويو. مان ظاهر ظهور گستاخ ٿي رهيو هوس. نهايت ڪٺوري لهجي ۾ چيم، "اسين خالق جو عڪس سندس تخليق ۾ ڏسي سگهندا آهيون. اهڙي طرح سموري تخليق ۾ پنهنجي تخليق ڪار جو عڪس موجود هوندو آهي. اهو تخليقي ادب ۽ تخليقي عمل جو اصول آهي."

هن دلڪش مرڪ منهن تي آڻيندي چيو، "اڙي بابا! تون ته ڏاڍو ڪو ڪاوڙيل باغي آهين؟"

مان ساهه ڪٺ ۾ سوڙهه محسوس ڪري رهيو هوس. خاموش رهيس. هن چيو، "ڪنهن ڏينهن پاڻ گڏجي ويهنداسين، ۽ تنهنجين ڪهاڻين جي باري ۾ ڳالهائينداسين. مون روح رهاڻ، نئين زندگي ۽ ڪونج ۾ تنهنجيون ڪهاڻيون پڙهيون آهن."

اوچتو، منهنجي وجود ۾ پرندڙ جبل خاموش ٿي ويو. ڪروڌ ۽ انتشار جي جاءِ خاموشيءَ والاري ورتي. "ته ڇا"!، مون سوچيو، "هن منهنجون ڪهاڻيون پڙهيون آهن!" مون محسوس ڪيو ته، منهنجي سموري ڪروڌ جو بنياد هڪ دبيل ۽ دفن ٿيل خواهش تي بيٺل هو، ته هو مون کي پڙهي، مون کي سمجهي ۽ ادب ۾ منهنجي موجودگيءَ کي محسوس ڪري.



Gul Hayat Institute

اڻ سڌي طرح مون سندس ادبي شخصيت جي عظمت کي قبول ڪري ورتو هو، جيڪڏهن ائين نہ هجي ها، تہ مان جيڪر ڪيس نظرانداز ڪري ڇڏيان ها، پر نہ. مان ڪيس نظرانداز ڪري نہ سگهيس. منهنجي خواهش هئي تہ هو منهنجيون ڪهاڻيون پڙهي ۽ ڪهاڻين ڪي قبول ڪري.

منهنجي خشڪ چپن تي مرڪ تري آئي.

پنهنجو هٿ مون ڏانهن وڌائيندي چيائين، "مان حسام الدين آهيان، بابا."

مون سندس هٿ، ادب ۽ احترام وچان، پنهي هٿن ۾ جهلي ورتو.

تڏهن سنڌ متعلق سياسي، سماجي، تهذيبي ۽ ثقافتي مواد هٿ ڪري پڙهڻ ۽ پرائڻ لاءِ منهنجي سفر جي ابتدا ٿي هئي. هن منهنجي وجود ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ قديم آثارن لاءِ جذبو جاڳائي وڌو.

پير صاحب سان ملڻ ۽ سندن قربت ۾ ويهڻ جي سعادت مون کي تمام گهٽ نصيب ٿي. هڪ دفعي چرچو ڪندي چيو هئائون، "اڙي بابا! تنهنجي لکڻ جو انداز ڏاڍو خطرناڪ آهي. ملان توکي آرام سان ويهڻ نہ ڏيندا." اها ڳالهہ ١٩٦٠ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ جي آهي- شايد ١٩٦٩ع جي آهي. گذريل ٻارهن سالن مون ذهني تڪليفن ۾ گذاريا آهن. آرام سان ويهڻ ۽ آرام سان زندگي گذارڻ وارا لفظ مون لاءِ معنيٰ وڃائي ويٺا آهن. مختلف طريقن سان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش، مسلسل ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ مان ليکڪ نہ، بلڪ رهزن آهيان يا جادوگر آهيان ۽ سنڌ جي نوجوان نسل کي گمراهہ ڪري رهيو آهيان ۽ معاشري کي بدڪار ڪري رهيو آهيان.

پير صاحب سان منهنجي ملاقات گهڻو ڪري ايلفنسٽن اسٽريٽ تي ٿيندي هئي. هميشہ گفتگوءَ جي شروعات کلندي ۽ مزاح سان ڪندا هئا. ايلفيءَ تي چڪر ڪاٽيندي ڏسي، چوندا هئا، "اڙي بابا! تون اجا تائين ٻاهر آهين ڇا!"

"ٻاهر! ڇا مان ٻاهر!"

"جيل مان."

"ڇو سائين! مون کو ڏاڍو هنيو آهي ڇا؟"

"اڙي بابا!" پير صاحب جن کلي چوندا هئا، "فلاڻي رسالي ۾ تنهنجي فلاڻي ڪهاڻي پرائي زال پڇائڻ واري ڏوهہ کان بہ وڌيڪ خطرناڪ آهي."

۽ پوءِ پير صاحب جن دل کولي ٽهڪ ڏيندا هئا.

پير صاحب جن روايتن کان باغي تخليقي اديبن جا گهاٽا دوست ٿي پيا. اسين هڪ ٻئي لاءِ اتساهہ جو سبب ٿي پياسين. پير صاحب جن تاريخ ۾ تحقيق جو ڪم جاري رکيو، پر وسيع نصب العين سان- نئين نسل کي پنهنجي شاندار ماضيءَ ۾ سرزد غلطين کان آگاهہ ڪرڻ جي

عرصي تائين ڪتاب ”هو ڏوٿي هو ڏينهن“ لازمي طرح ڪتاب ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ جي ڀاڃي ۾ پڙهيو ويندو. پر، تنقيدي نگاهه رکڻ وارا، هن ڪتاب کي پير صاحب جي ادبي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو ڪارنامو تسليم ڪندا. (جيتوڻيڪ منهنجي پنهنجي راءِ ۾ پير صاحب جو غيرمعمولي ڪارنامو مڪلي نامي تي سندن ڪامينٽري آهي). بهرحال، ڪتاب ”هو ڏوٿي، هو ڏينهن“ پير صاحب جي ذاتي تجربن ۽ مشاهدن جو ڪتاب آهي. پير صاحب هن ڪتاب ۾ پنهنجي طرفان ۽ پنهنجي باري ۾ نهايت ڪشاده دليءَ سان ڳالهايو آهي، ۽ صاف گوئيءَ کان ڪم ورتو آهي. تنهنڪري ڪتاب سان اختلاف رکڻ جي باوجود، هيءُ ڪتاب پڙهيو ۽ سانڍيو ويندو. لفظن جي چونڊ، تشبيهون، محاورا، استعارا ۽ جملن جي جوڙجڪ نهايت دلڪش، ۽ معنيٰ ۽ مفهوم کي عام رواجي معنيٰ ۽ مفهوم کان وڌيڪ گهرو ۽ معنيٰ خيز ڪندڙ آهي.

منهنجي لاءِ پير صاحب جن سنڌ جا آرنالڊ ٽوائن بي آهن. سندن ڪتاب ”هو ڏوٿي، هو ڏينهن“ پڙهندي مون محسوس ڪيو ته پير صاحب جن کي تخليقي ادب لاءِ بي پناهه ذات مليل هئي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته ڪتاب ۾ پير صاحب پنهنجيون يادگيريون قلمبند ڪيون آهن، ۽ نهايت واضح ۽ چٽي نموني لفظن ۾ پنهنجي دؤر جي اهم ماڻهن، دوستن، دشمنن، حادثن ۽ واقعن جي تصويرڪشي ڪئي آهي. پر، سندن لکڻ جي اسٽائيل مان تخليقي ادب ليئا پائيندو رهي ٿو. جيڪڏهن وڌاءُ نه سمجهيو وڃي ته مان چوندس ته هن ڪتاب ۾ پير صاحب جن مئلن کي زنده ڪري، جيئرن جي وچ ۾ آڻي ويهاريو آهي.

تشبيهن، استعارن ۽ محاورن جي ڳالهه هلي آهي، ته مان هرمن ميلوول جي ڪتاب مابي ڊڪ جي حوالي سان پير صاحب جو ذڪر ڪندس. گهڻو اڳ مون هرمن ميلوول (Herman Melville) جو ناول مابي ڊڪ (Moby Dick) پڙهيو هو. وهيل مڇيءَ جي اڇاڻ ۽ چمڪ جي باري ۾ هرمن ميلوول جا لاڳيتا اٺ صفحا پڙهي مان حيران ٿي ويو هوس. مون هميشه انهن اٺن صفحن کي ادب جو لازوال ورثو سمجهيو ۽ قبول ڪيو آهي. اهي اٺ صفحا ايترائي موهيندڙ ۽ دل تي اثر ڪندڙ آهن، ۽ ايتروئي غيرمعمولي آهن جيترو چارلس ڊڪنس جي ناول ”ٽيل آف ٽو سٽيز“ جي شروعات يا ڪرشن چندر جي ناول ”غدار“ جي پڇاڙي. پير صاحب جو ڪتاب ڪردارنگاريءَ سان ٽمٽار آهي. جن ماڻهن جو پير صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو آهي، سي ڪيئن هئا، ڪهڙا هئا ۽ سچ پچ اهڙا هئا، جهڙي نموني پير صاحب جن ڪين چٽيو آهي، ان باري ۾ مان ڪجهه به چئي نٿو سگهان. پر جهڙي انداز ۽ پيرائي ۾ پير صاحب جن سندن ذڪر ڪيو آهي ۽ منظر چٽيو آهي، هو سڀئي ساهه جي آواز ۽ دل جي ڌڙڪڻ سميت اسان آڏو اچي بيهي رهيا آهن. مون اصل ۾ هرمن ميلوول جي حوالي سان پير صاحب جو ذڪر پئي ڪيو. هرمن ميلوول وهيل مڇيءَ جي اڇاڻ ۽ چمڪ جي وضاحت لاءِ سڄا سمورا اٺ حيرت انگيز صفحا لکيا آهن. پير صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ قمبر جي هڪ طوائف جو تذڪرو ڪيو آهي. سندس

نالو هاج هو. سندس سونهن ۽ سوڀيا، انگ ۽ انگل، ناز ۽ نخرن، چاره گري ۽ جادوگريءَ بابت پير صاحب سڄا سمورا سورهن صفحا لکيا آهن. اعتبار ڪرڻ لاءِ سندن ڪتاب جا صفحا ٦٥ کان ١١٢ پڙهڻ ضروري آهن.

مون تحمل سان هن ڪتاب تي تنقيدون ۽ تنقيدي رايا پڙها آهن. منهنجو مضمون انهن تنقيدن لاءِ نه ته جواب آهي ۽ نه ئي ڪتاب جي بچاءَ ۾ لکيو ويو آهي. هيءُ ڪتاب مون ڪي ان ڪري وڻيو آهي، جو هن ڪتاب ۾ اهڙن ڪردارن جو ذڪر به آيو آهي، جن بابت اڻسڌي طرح، يا سڌي طرح سنڌي تخليقي ادب ۾ بيشمار ڪهاڻيون لکيون ويون آهن هن ڪتاب ۾ هڪ اهڙي ڪردار جو نالو رمون مڪراني آهي. پير صاحب جن پنهنجي ڪتاب جي صفحن ٢٧٨ ۽ ٢٧٩ تي رمون مڪرانيءَ کي جيئرو ڪري ڇڏيو آهي. هو هوبهو اسان جي جديد ڪهاڻيءَ جي باغي، سرڪش، ظاهري طرح سخت پر دل جي ڪومل ڪردارن جهڙو آهي.

پير صاحب جن هي ڪتاب، پهرين دل جي دوري کان پوءِ، ١٩٦٠ع ۾ لکيو هو. هيءُ پهاڙ جيڏو ڪتاب پير صاحب جن فقط ڇهن مهينن ۾ لکيو، (دل يقين ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي!) مان سمجهان ٿو، ته ڪتاب جا ڪجهه حصا پير صاحب جن پنهنجي هٿ اکرين لکيا آهن، ڪجهه حصا زباني طرح بيان ڪندي لکرايا آهن، ۽ ڪجهه حصا ٽيپ رڪارڊر تي ٽيپ ڪيا آهن، جن کي بعد ۾ ڪاغذن تي آتاريو ويو آهي. اهي منهنجا انومان آهن. ان باري ۾ مان پڪ سان ڪجهه به چئي نٿو سگهان. مون محسوس ڪيو آهي ته ڪجهه هنڌن تي لکيل ٻوليءَ بدران ڳالهايل (Spoken Language) استعمال ڪئي ويئي آهي. مثال طور، صفحي ٥٨ تي 'جذبات' بدران 'جذباتن' استعمال ڪيو ويو آهي. ساڳي طرح ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ 'ڪاڏنهن' صفحي ١١١ تي استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪو اصل ۾ 'ڪيڏانهن' هئڻ گهرجي. صفحي ١٢١ تي ڳالهه ٻولهه وارو لفظ 'مسالو' آيل آهي، جيڪو صحيح صورت ۾ 'مصالحو' هئڻ گهرجي. ان قسم جون معمولي غلطيون ڪتاب ۾ اڪيچار آهن، جيڪي سولائيءَ سان پروف پڙهندي، يا مسودو نظر مان ڪڍندي دور ٿي سگهيون ٿي.

هيءُ هڪ عظيم دانشور جو اهم ڪتاب آهي، جنهن کي پنهنجي وطن، وطن جي مٽيءَ ۽ وطن جي ماڻهن سان محبت هئي. هن ڪتاب مان ڪجهه تيز لفظ (مثال لاءِ ڏسو صفحو ٢٤١) سولائيءَ سان ڪڍي سگهجن ها. هن ڪتاب جو مسودو اسان جي دور جي وڏي عالم ۽ دانشور سائين محمد ابراهيم جويي نظر مان ڪڍيو هو.

ڪتاب پڙهندي مون اڪثر، تاريخن ۽ سنن بابت مونجهارو محسوس ڪيو آهي. ڪتاب ۾ واقعن، حادثن ۽ ماڻهن جو ذڪر باريڪ بينيءَ ۽ وضاحت سان ڪيو ويو آهي. پر، ڪتاب ۾ اڪثر (۽ گهٽ ڪري) واقعن ۽ حادثن جي سنن، يا جنهن دور جي اهم ماڻهن جو ذڪر آيو آهي، ان دؤر جي سن يا سال کان آگاهه نه ڪيو ويو آهي. ذري گهٽ سمورا احوال، ڳالهيون ۽ باب مبهم نموني شروع ٿين ٿا. مثال طور ”هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي

مرزا ظفرالحسن

# پير صاحب جون ڳالهيون، منهنجون يادون

منهنجي ۽ پير حسام الدين راشدي مرحوم جي ملاقات سرحد وٽ ٿي، زمين جي نه عمر جي سرحد وٽ. هو ٻنهه پوڙهو ڪونه ٿيو هو ۽ منهنجي آڌ وَهي پوريءَ طرح شروع نه ٿي هئي ته اسين هڪٻئي سان ملياسون. اسان ٻنهين ۾ زبردست شوخي ۽ تيزي هئي، گهٽ ۾ گهٽ ٻنهنجي اڪيلائيءَ ۾ ائين ٿي محسوس ٿيو، تنهنڪري ايترو جلدي اسين هڪٻئي جي ويجهو آياسون. مون کي آخري وقت تائين ان ڳالهه تي حيرت هئي ته پير صاحب منهنجي باري ۾ اڳوات ڇاڻ ڪان سواءِ ڪهڙيءَ طرح مون کي پنهنجي ويجهو اچڻ ڏنو. هڪڙو زمانو ته اهڙو به اچي ويو جو آءٌ سندس رات جو چڙ نشو ٿي ويس. جيڪڏهن ڪنهن رات نه ويندو هوس ته ٻئي ڏينهن ڏاڍو ناراض ٿيندو هو. هڪ ڀيري ته مون ڪانئس پڇيو ته اوهان کي منهنجي اها عادت ڇو پئي آهي جڏهن ته اوهان جي ۽ منهنجي ڏيٺ ويٺ ڪا پراڻي به ڪانهي ۽ نه وري خانداني. چوڻ لڳو تون ته مداري آهين، بس تنهنجين حرڪتن ۽ ڪرتبن چريو ڪري ڇڏيو آهي، جيڪڏهن مداريءَ جو لفظ نه وڻئي ته تون جادوگر آهين اسان تي ڪو جادو ڪيو هونديئي.

پير صاحب سان منهنجي پهرين گڏجاڻي سواءِ ڪنهن سوچ ويچار جي ۽ ڏنڌي جي باري ۾ ٿي هئي، آءٌ 'اداره يادگار غالب' جا تفصيل سمجهائڻ ۽ غالب پينسل سندن خدمت ۾ پيش ڪري ڪا رقم چڙائڻ جي لاءِ سندن گهر ويو هوس. پير صاحب منهنجي پروپيگنڊا ٻڌي ۽ سواءِ ڪنهن حجت جي هڪ سؤ روپين جو چيڪ ڏئي هڪ پينسل خريد ڪئي. جڏهن آءٌ سندن ٿورا مڃي وڃڻ لڳس ته چوڻ لڳو ته رات ڏهين وڳين پيهر اچجو ته تفصيل سان ڳالهه ٻولهه ڪنداسون. عبدالرؤف عروج کي جيڪو مون کي پير صاحب جي گهر وٺي ويو هو، تاڪيد سان چيائين ته اج رات مرزا صاحب کي ضرور وٺي اچجانءِ. پوءِ اها روزاني عادت ٿي پئي. رات جو ڏهين وڳي ويندو هوس ۽ ڪو ٻارهين هڪ وڳي واپس ورندو هوس. پير صاحب جي محفل ۾ اسين ٽي هوندا هئاسون: پير صاحب، عروج ۽ آءٌ، نه ڪنهن چوٿين کي گهرايو ويندو هو، نه اچڻ جي اجازت هوندي هئي ۽ نه ڪنهن کي محفل جي لڳڻ جي خبر پوندي هئي.

بدرالدين آچڻ

# پير حسام الدين شاهه راشدي مرحوم

منهنجي پهرين ملاقات پير صاحب جن سان سندن جمشيد روڊ واري بنگلي تي ٿي هئي، پاڻ ٽن ڏينهن ۾ اچا اتي رهندا هئا. ڪاليج ڪان نڪري رهيا هئاسين ته پنهنجي دوست ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ ڪان پڇڻ تي معلوم ٿيو ته هو صاحب پير حسام الدين صاحب جن ڏي وڃي رهيو آهي، چاڪاڻ ته ڪيس ياد ڪيو هئائون. جيئن پير صاحب جو ان وقت تائين فقط نالو ٻُڌو هوم؛ دل سٽ ڏني ته جيڪر روبرو ملي ديدار ڪريان. ڊاڪٽر صاحب سان گڏجي پير صاحب جن وٽ حاضر ٿياسين. تعارف ڪرائيندي ڊاڪٽر صاحب ڪين ٻڌايو ته مان به سندن چاهڻ وارن مان آهيان ته ڏاڍو خيال سان همت افزائي ڪيائون ۽ شڪارپور جي چند وڏين هستين سان پنهنجي گذاريل گهڙين جو ذڪر ڪيائون. پير صاحب جن مطالعي جي اهميت تي زور ڏيندي نصيحت ڪئي ته جيڪڏهن پاڻ کي ڪامياب استاد بڻائڻو اٿئي ته محنت ۽ محبت سان مطالعو ڪر. درمحمد ڏانهن اشارو ڪندي چيائون ته ”هن دوستن جي صحبت ۾ رهي ڪري جيڪڏهن اثر نٿو قبول ڪرين ته پوءِ مون وٽ وري نه اچجانءِ.“ ان سخت تنبيهه پٺيان جيڪا نصيحت لڪل هئي ان جو احساس مون کي اڄ ٿي رهيو آهي. مون سندن ڏسيل رستي تي هلڻ شروع ڪيو. آخر هڪ ڏينهن ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سچل جو ڏينهن ملهايو پئي ويو، جنهن جي صدارت پير صاحب جن ڪرڻ وارا هئا. ڊاڪٽر نوازعلي شوق جي دعوت تي مون پنهنجو پهريون مقالو انگريزي ۾ پڙهيو. عنوان هوس ”سچل ۽ ملتان ۾ هڪ جهڙايون.“ خاص مهمانن ۾ مسٽر حمايت علي شاعر، ڊاڪٽر ترمذي، وائيس چانسيلر، ميڊم ڊاڪٽر حميده کهڙو ۽ پير حسام الدين شاهه راشدي جن هئا. چانهه جي وقفي دوران پير صاحب سان ڪچهري ٿي ۽ ڊاڪٽر درمحمد، پير صاحب جن کي ٻڌايو ته هي دوست اهو آهي، جنهن کي توهان نصيحت ڪئي هئي ۽ ان جو نتيجو توهان اڄ پاڻ ڏٺو. پوءِ ته پير صاحب جن ڏاڍا خوش ٿيا ۽ سڏ ڪري پرسان ويهاري وڏيڪ محبت ۽ شفقت سان ڳالهائڻ لڳا. بس پوءِ ته ڪراچيءَ جي جنهن به فنڪشن ۾ پير صاحب اچن ته اسان سندن قرب حاصل ڪري سعادت ۽ شفقت جا ٻول ٻڌڻ لاءِ بيتا هوندا هئاسين.

سکر ٿو وڃان، اتان واپس اچي اوهان کي ڪتاب ڏيندس. پير صاحب چيو ته مولانا زندگي تي ڪو ڀروسو نه آهي، ڪتاب ڏئي وڃو ها ته چڱو. مولانا وفائي چيو ته اسان کي سنڌ لاءِ گهڻو علمي ۽ ادبي ڪم ڪرڻو آهي، اجان نه مرنداسين، ڪم پورو ڪري پوءِ مرنداسون. مولانا وفائي اتان موڪلائي روانو ٿي ويو. صبحاڻي تي خبر آئي ته مولانا وفائي سکر پهچندي ئي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. اها آهي دنيا جي بيوفائي! پير صاحب، مولانا وفائيءَ تي هڪ مضمون لکيو، جنهن ۾ ان ملاقات جو خاص طرح بيان ڪيو ويو آهي.

ڪراچيءَ ۾ رهڻ وارن پندرهن - سورهن سالن ۾ مرحوم راشدي صاحب سان گهڻو اٿڻ ويهڻ ٿيندو هو. بيت الضياء جمشيد روڊ، جيڪو پير صاحب جو اڳوڻو دولت خانو هو، اتي به اڪثر وڃڻ ٿيندو هو. ڪيس ڪنهن ڪتاب جي ضرورت ٿيندي هئي ته آئون هٿ ڪري ڏيندو هوس. پير صاحب مهمان نواز ته هڪ هئا. ٻاهريان ڪي اديب مهمان هوندا هئا يا شهر جي ڪن اديبن جي دعوت ڪندا هئا ته مون کي ضرور شريڪ فرمائيندا هئا. هڪ ڀيري ڊاڪٽر ڪرنل خواجه عبدالرشيد پير صاحب وٽ آيو. مان به اڳ ئي ويٺو هوس. ڪرنل کان لنڊن جي هڪ دوست تصوف جي ڪن ڪتابن بابت معلومات گهري هئي. ڊاڪٽر ڪرنل پير صاحب کان اها معلومات وٺڻ ۽ سندن دعوت کائڻ آيو هو. پير صاحب ڪرنل کي مون ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته تصوف تي مولانا کان وڌيڪ توکي ڪوبه معلومات نه ڏيندو. ڪرنل مون ڏانهن نهارڻ لڳو. مون کيس ساري معلومات پيش ڪئي. وڌيڪ تعارف تي معلوم ٿيو ته ڪرنل عبدالرشيد، مون وانگر امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو شاگرد هو، ۽ انهن جي حڪم سان فوج ۾ ملازمت اختيار ڪئي هئائين. هن تعارف کان پوءِ هو مون کي جناح اسپتال وٺي ويو ۽ پنهنجي ذاتي لائبرري ڏيکاريائين، جا علمي ۽ ادبي ڪتابن سان مالامال هئي. اهو سڀ پير صاحب جي علم دوستيءَ جو نتيجو هو.

پير صاحب تي ان دؤر ۾ به دل جو عارضو ٿيو هو، جو پاڻ فلپائينس به هليا ويا هئا. ڪجهه سال ائين پري رهياسين، واپسيءَ کان پوءِ وري اهي مجلسون شروع ٿي ويون. هڪ ڀيري فرمايائون ته مخدوم محمد جعفر بوبڪائي جو ڪتاب "المتانة في مرمة الخزانة" فقه حنفيءَ جو وڏو سرمايو آهي. ان جو قديم قلمي نسخو سن ۱۱۲۸ھ جو مون وٽ موجود آهي، اوهان ان تي تحقيق ڪريو ته اوهان کي ڏيان. مون خوشيءَ سان هائو ڪئي، پاڻ اهو قيمتي نسخو مون کي عنايت ڪيائون. ٻه نسخا ٻيا مون دارالهديٰ ٺيڙهي ۽ پير جهنڊي مان به حاصل ڪيا، پر پير صاحب واري نسخي کي بنياد قرار ڏيڻو پيو، ڇو ته اهو قديمي ۽ صحيح نسخو هو. ۱۱۸ صفحن جو، ڪتاب تي مون عربي مقدمو لکيو ۽ حاشيي تي سنڌي عالمن جون تحقيقون لکيون. پير صاحب منهنجي هن ڪم کان ڏاڍو خوش ٿيو. پاڻ جيتوڻيڪ عربي نه ڄاڻندا هئا، پر ڪين تحقيق جو اهڙو تجربو هو، جو ڏسڻ سان ئي تحقيق جو انداز ڄاڻي ويندا هئا.

Gul Hayat Institute

HUSSAMUDDIN RASHDI

ALI RAZA HOUSE.
60 AL-HUMRA SOCIETY
KARACHI-0816

۹/۲

مخدومي

سومرو صاحب السلام عليڪم

اڄ ١٢ تاريخ جو اپريل ١٣ تاريخ

هالا نئين ڏاڍي وصيت جو حال ٩٢ ...

جو درست - جيڪي لدهاڻا الطبع ذڪر

ڪيو - انهن لاءِ ٿورائتو آهيان

ڪتاب - لدهاڻا سنڌ سان

دارن جي هٿ جي تعريف ڪئي آهي.

بس - ... ملفوظات ... ٻنهي

جو ... منگرو ... ٻيو ٻنهي ... ...

پاڻ جو ... ... ... ...

... ... ... ... ... ...

دسيو ... ... ... ...

... ... ... ... ...

... ... ... ... ...

... مشغول ... العيو جو ...

شايع ... ... العيو ؟

... ١٢ تاريخ

حسام الدين

60- Al-Hamza Soc.
Karachi 0816
14/12

محترم مولانا صاحب

ما ته هغه ستاسو لیکلی [illegible] اوس هغه [illegible]

لیکلی [illegible] جواب [illegible]

جواب [illegible] لیکلی [illegible]

[illegible] لیکلی [illegible]

[illegible] جواب. امید ده [illegible]

[illegible]

والسلام

[illegible]

Gul Hayat Institute

سنڌي مسلمان امير هو. صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جو پهريون تاريخ نويس غالباً مير علي شير قانع هو ۽ سندس "تاريخ تحفة الڪرام" کي سنڌ جي مڙني اوائلي تاريخي ماخذن ۾ سڀ کان وڌيڪ معتبر ۽ مستند ڪتاب ڪوني سگهجي ٿو. پر اهي ۽ سنڌ جي تاريخ جا ٻيا اهڙا قديمي ڪتاب، قيام پاڪستان تائين گهڻي ڀاڱي قلمي نسخن جي صورت ۾ موجود هئا. علمي ذوق رکندڙ ڪن ورلي ماڻهن انهن کي ڏٺو هو، ورنه اڪثر ماڻهن انهن جا رڳو نالا ٻڌا هئا.

سن ١٩٥٦ع جي اوائل ۾ حڪومت پاڪستان سنڌي ادبي بورڊ کي مالي امداد ڏيڻ آماده ڪيو ته سنڌ جي تاريخ جي متي ذڪر ٿيل ڪتابن تي ڪوجنا ڪئي وڃي ۽ سنڌ جي اڳوڻن عالمن ۽ فاضلن جا لکيل ٻيا اهڙا ڪتاب، جيڪي پڻ زماني جي دست برد کان محفوظ رهي سگهيا هجن، تن کي ڳولي محفوظ ڪجي ۽ بعد ۾ شايع ڪجي. قومي تاريخ ۽ ادبيات جي تعمير نو واري انهيءَ تجويز جو محرڪ، سنڌ جو قابل فخر فرزند، پير حسام الدين راشدي هو ۽ انهيءَ ڪارخير ۾ سندس ٻيا ساٿي هئا: مرحوم ممتاز حسن، تڏهوڪو مالي سيڪريٽري حڪومت پاڪستان، محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ جناب محمدابراهيم جويو.

انهيءَ زماني تائين مرحوم و مغفور مولوي دين محمد وفائي، مولوي نورمحمد نظاماڻي، شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ ۽ شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي سنڌ جي تاريخ تي عالمانه انداز ۾ تحقيق جو آغاز ڪيو هو. پر تاريخ جي عام طالب علمن جو تڪيو ڪلام اهوئي هوندو هو ته "تحفة الڪرام جي صاحب هيئن لکيو آهي" ۽ "لب تاريخ سنڌ واري" هوئن لکيو آهي. ڪن انگريز عملدارن مثلاً جيمس پرنس، لينگلي، هينري پاٽنجر ۽ رچرڊ برٽن سنڌ جي تاريخ جو مطالعو ڪيو هو ۽ ڪي قابل توجهه ڪتاب پڻ لکيا هئا، پر انهن تحريرن ۾ ڪين پنهنجو مخصوص سامراجي مفاد مدنظر هوندو هو. صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جي تاريخ تي ڪوجنا ١٩٥٦ع کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ شروع ڪئي ۽ سنڌ جي عالمن مان محترم پير حسام الدين راشدي، محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، جناب محمدابراهيم جويي ۽ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي انهيءَ علمي جستجو ۾ پيش رفت ڪئي. سون کي ورهين جا ورهيه انهن عالمن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو آهي، ان ڪري مان ان حقيقت جو چشم ديد گواهه آهيان ته هو ڪيئن پورهيتن وانگر پهرن جا پهر پگهر جو پورهيو ڪندا هئا. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ قديم علمي ۽ تهذيبي مرڪزن جا دورا ڪندا هئا ۽ انهن ۾ خانگي ڪتبخانن جو معائنو ڪندا هئا. سندن ڪوشش وسيلي ئي سنڌ جي لائق ۽ فائق اڳوڻن عالمن جا صديون اڳ لکيل تاريخي اهميت جا تقريباً ٽي-چار سؤ قلمي ڪتاب ضايع ٿيڻ کان بچي ويا ۽ انهيءَ ذخيري مان اڄا فقط ٽيهارو کن ڪتاب ئي عربي ۽ فارسيءَ ۾ شايع ٿيا ته انگلنڊ، جرمني، فرانس، روس، آمريڪا، ايران، افغانستان، عراق، انڊونيشيا، مليشيا ۽ هندستان جي علمي مرڪزن مان انهن عالمن ۽ سنڌي ادبي بورڊ ڏانهن مبارڪون اچڻ لڳيون.

۽ اڪثر اوقات نماز جي مصلي تي هوندي هئي، تنهن ڪي پيغام موڪليوسين، جنهن ٻيءِ سڳوريءِ اسان جي حق ۾ دعاءِ خير گهري.

هڪ-ٻين ٻجي سنجهند تائين پنڌُ سي پنڌُ، هلي هلي، جڏهن پڳهر ۾ شل تي وياسين، پيرن ۾ لڦون پئجي ويون ۽ ٽنگن جي ڏسڙ ۽ مٽي نڪ جي ناسن ۾ ساهه کي گهٽڻ لڳي، تڏهن وڃي پير صاحب ڪم بند ڪرڻ تي مجبور ٿيو.

ان ڏينهن، مون پنهنجي اکين سان، پير صاحب مرحوم کي جنهن عشق ۽ عقيدت سان ٽنگن جي مٽيءَ ۾ سنڌ جي تاريخ جا ذرڙا ڳوليندي ڏٺو، تيئن وري ٻئي ڪنهن عالم کي ڪونه ڏٺو.

واپسيءَ تي مڪليءَ واري ريسٽ هائوس ۾ جڏهن اسان سان هر هڪ مٽيءَ جا تهه ڪپڙن تان چنڊيا ۽ اهڙا ئي مٽيءَ جا ٻيا ڇاپڙ غسل ڪري بدن تان ڌوئي لاٿا، تڏهن وڃي سڃاڻڻ جهڙا ٿياسين. گهران آندل ماني کائي، ڪجهه دير آرام ڪيوسين. غالباً، ان کان پوءِ وري پير صاحب کي مڪليءَ جي قبرستان ۾ گهمڻ ۽ خاص طرح مخدوم محمد هاشم واري پاسي کان تاريخي قبرن جون تصويرون ڪيڻ جو ارادو هو. پر ڪيس منيلا جي ڊاڪٽرن جون هدايتون ۽ نصيحتون ياد اچي ويون، سو اهو ڪم وري ٻئي موقعي لاءِ ملتوي ڪري، پوئتي موٽيو. سج لٿي ڌاري اسان ڪراچي اچي پهتاسين.

ننڍي هوندي ٻڌندا هئاسين ته مڪليءَ تي سوا لک پير پوريل آهن. تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿيو ته مڪليءَ تي پيرن سان گڏ سنڌ جا مير، امير ۽ مشاهير به موجود آهن. قبرستان ۾ گهڙي ڪم ڪرڻ ڪا سولي ڳالهه ڪانهي. انسان جي روح تي هڪ قسم جو بار پوي ٿو. ان ڪري جن ماڻهن پير صاحب جو ڪتاب "مڪلي نامو" پڙهيو هوندو، فقط اهي ئي ان ڳالهه جو اندازو لڳائي سگهندا، ته پير صاحب مڪليءَ ۾ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي مقبرن ۾ سنڌ جي تاريخ جا منتشر اوراق گڏ ڪرڻ ۾ ڪيڏو نه ڪشالو ڪيو هوندو!

سنڌ پنهنجي جغرافيائي صورتحال موجب برصغير جو حصو هئڻ جي باوجود قديم زماني کان وٺي تاريخي سببن ڪري شمال مغربي ملڪن سان وڌيڪ لاڳاپيل رهي آهي. خصوصاً عربن جي فتح ۽ اسلام جي اچڻ کان پوءِ سنڌ جو سينٽرل ايشيا سان تمام گهرو گهاٽو تعلق رهيو آهي. جيڪڏهن غور سان ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته اسان کي دين اسلام بيشڪ عربستان مان مليو، پر اسلامي ڪلچر سينٽرل ايشيا مان مليو. ان ڪري اسان جي رهڻي ڪهڻي، اٿيءَ ويهيءَ، کاڌي خوراڪ، رسم، رواج، زبان، ادب، هنر ۽ ڪيترين ئي ڪاريگرين تي سينٽرل ايشيا جي ڪلچر جي گهري ڇاپ آهي. غالباً اهو ئي سبب هو، جو سڄي زندگي سنڌ جي تاريخ جو طالب علم رهڻ سببان پير صاحب سنڌ جي تاريخ جا پيرا کڻندي، وڃي سينٽرل ايشيا ۾ پهتو. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي نسب نامن، تاريخ ۽ تذڪري جو مطالعو ڪيائين ۽ ان ۾ ايڏي ته مهارت حاصل ڪيائين جو ايران جي اڳوڻي حڪومت ملڪ جو سڀ کان اعليٰ اعزاز

"نشان سپاس، درجه اول" ڏنو. ان ريت پير صاحب ايران، افغانستان ۽ سنڌ جي قديم تعلقات تي تاريخي کوجنا جو ڪم پڻ ڪيو.

ابن خلدون پنهنجي تاريخ جي مقدمي ۾ هڪ هنڌ چتاءُ ڏنو آهي ته تاريخ نويس جو ڪم فقط اهو ڪونهي ته هو اڳوڻن زمانن جي قومن ۽ انهن جي حالتن جي تاريخ مرتب ڪري، پر پنهنجي زماني جي حالتن جي پڻ انهن سان ڀيٽا ڪري ۽ نتيجا اخذ ڪري، ڇو ته وقت جي گذرڻ سان حالتون به بدلبيون رهن ٿيون. چنانچه پير صاحب سنڌ جي فاتح ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جا تاريخي احوال گڏ ڪرڻ ۽ انهن کي قلمبند ڪرڻ بعد پنهنجا تاريخي نتيجا اخذ ڪيا. تاريخ جو طالب علم جڏهن به پير صاحب جي ڪتابن جو توجهه سان مطالعو ڪندو، تڏهن پير صاحب جو مشاهدو ۽ تاريخ جو تجزيو سندس اڳيان ايندو. کيس صاف نظر ايندو ته جيڪڏهن سنڌ جي ڪنهن بااثر امير يا حاڪم ظالمانه طور طريقا اختيار ڪيا آهن ته سندس اعمالنامو تيار ڪرڻ وقت رکيو ان ڳالهه ڪري چشم پوشي ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي ته "هو سنڌي آهي، ان ڪري کيس مڙئي معاف آهي." ساڳيءَ ريت، پير صاحب سنڌ جي ارغون، ترخان ۽ مغل فاتحن کي بہ اخلاق جي معيار تي پرکيو آهي ۽ محض مسلمان هجڻ سببان لطان ۽ ظل سبحاني جا خطاب ڪونہ ڏنا آهن، پر اچي کي اڇو ۽ ڪاري کي ڪارو، ظالم، جابر ۽ غاصب قرار ڏنو آهي. چنانچہ، پير صاحب جي تاريخ نويسيءَ جي هڪ امتيازي خصوصيت اها آهي ته هن سنڌي قوميت جو بنياد فراهم ڪيو آهي. سنڌ جي تاريخ جو ان طريقي سان تشريح ڪرڻ سببان هو ڪجهه وقت ڪن حلقن جي عتاب جو نشانو بہ بڻيو، پر جتي کيس انهن حلقن جي عداوت برداشت ڪرڻي پيئي، اتي ساڳين سببن ڪري کيس ٻين حلقن جي تائيد، حمايت ۽ مقبوليت بہ حاصل ٿي. خاص طرح سان سنڌي تعليم يافته نوجوان سندس سوچ، تحرير ۽ تاريخي واقعن جي تعبير جا شيدائي ٿي پيا. اهڙيءَ ريت، پير صاحب پنهنجي تحقيق وسيلي هڪ ته سنڌ جي تاريخ جي ڪيترن ئي لڪل بابن کي روشنيءَ ۾ آندو ۽ ٻيو ته ابن خلدون جي اصول موجب، تاريخ مان نتيجا اخذ ڪري، پنهنجي فڪر کي متحرڪ قوت ۽ پنهنجيءَ شخصيت کي سنڌ سان محبت جي علامت بڻائي ڇڏيو. بيشڪ، هڪ عالم ۽ مؤرخ جي حيثيت ۾ اهو پير صاحب جو وڏو ڪمال هو!

مخدوم بلال رحمت الله عليہ سنڌ جو هاڪارو عالم ۽ اهل الله هو. سنڌ جي باڪمال شاعرن کيس سڪ سان ڳايو آهي. صديون گذرڻ کان پوءِ بہ اجا تائين سوين هزارين ماڻهو سندس ابدي آرام گاهه تي حاضري ڏيڻ ويندا آهن. اهڙو الله جو نيڪ ٻانهو بہ غاصبن ۽ حاسدن جي نظر جو نشانو ٿيو. جڏهن ارغونن جي مخالفت ڪيائين، تڏهن سندس مخالفن، مذهب جي آڙ وٺي، کيس گهاڻي ۾ پيڙائي شهيد ڪيو. حسد انساني فطرت آهي ۽ وڏو عذاب آهي. قرآن ڪريم ۾ انسان کي سيکاريو ويو آهي ته پنهنجي رب کان دعا گهر ته توکي حاسد جي حسد کان بچائي. پير صاحب جي حاسدن مٿس دين جي دشمنيءَ جو الزام هنيو، پر جيڪي کيس

محمد امين بلوچ

# ....نہ وايون وڻجارن جون

سنڌ جو عظيم مورخ، تاريخدان، عالم ۽ اديب جناب پير حسام الدين راشدي صاحب پهرين اپريل ١٩٨٢ع تي اسان کان جُدا ٿي ويا. اهو ڏينهن سنڌ لاءِ هڪ عظيم سانحي طور ياد ڪيو ويندو. پير صاحب هڪ عظيم شخصيت جو مالڪ هو. ڳالهائڻ وقت سندس پياري وڻندڙ ۽ گنڀير آواز مان سنڌ جي تاريخ جي عظمت ظاهر ٿيندي هئي. هو هڪ وڏو تاريخدان هو ۽ خاص ڪري سنڌ جي تاريخ ۽ علم و ادب تي سندن مطالعو تمام وسيع هو. اها سنڌواسين جي وڏي خوش قسمتي هئي، جو پير صاحب سنڌ جي تاريخ ۽ علم و ادب تي سنڌ جي تاريخدانن، عالمن ۽ اديبن کان علاوه، مغربي ۽ مشرقي عالمن جيڪي ڪجهه لکيو، آنهن جو مطالعو ڪيو ۽ آهي ضخيم ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جهڙي اداري کان شايع ڪرايا. سنڌي ادبي بورڊ جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ پير صاحب جن جي تحقيقي ڪشالن جو باضابطه دؤر شروع ٿئي ٿو.

پير صاحب جن شروع کان وٺي ڪافي سالن تائين مُسلسل سنڌي ادبي بورڊ جا ميمبر پڻ رهيا هئا، سندن ۽ ٻين ساٿين جي نيڪ مشورن سان بهترين علمي، ادبي ۽ تاريخي ڪتاب شايع ڪرڻ ڪري هي ادارو سڄي دنيا ۾ مشهور ٿي ويو.

آءٌ سال ١٩٥٨ع کان وٺي هن اداري سان وابسته آهيان. ان وقت سنڌي ادبي بورڊ جي مرڪزي آفيس ڪراچي ۾ هوندي هئي ۽ بورڊ جون ڪاروباري ميٽنگون پڻ ڪراچيءَ ۾ ٿينديون هيون. ان وقت بورڊ جو سيڪريٽري جناب محمد ابراهيم جويو هو، جنهن صاحب جي دلچسپي، محنت ۽ ڪوشش سان پير صاحب جن جا لکيل ۽ ايڊٽ ڪيل ايڏا وڏا ۽ ضخيم ڪتاب شايع ٿيڻ لڳا هئا. جيئن تہ آنهن مان گهڻا ڪتاب اصل فارسي زبان ۾ هئا، ان ڪري بورڊ جي فيصلي مطابق فارسي زبان ۾ شايع ٿيا، مگر سنڌ جي ماڻهن جي اڪثريت جي تقاضا اها هئي تہ آهي سنڌي زبان ۾ ترجمو ٿي شايع ٿين، جيئن عام ماڻهو بہ انهن ڪتابن کي پڙهي ۽ سمجهي سگهي ۽ آنهن مان فائدو حاصل ڪري سگهي. ان لحاظ سان بورڊ انهن مان ڪن مکيہ ڪتابن جا ترجما پڻ ڪرايا ۽ آنهن مان هڪ ڪتاب "تاريخ مظهر شاهجهاني" سنڌيءَ ۾ شايع ٿيو، جو وڏيءَ مقبوليت سبب هٿو هٿ ختم ٿي ويو.

خوش ڪرڻ لاءِ چوندو هوس، سائين اهو به ڇپائيءَ جي ’آخري مرحلي‘ ۾ آهي. اهو ’آخري مرحلي‘ وارو لفظ ٻڌي پاڻ ڏاڍا ٺهڪ ڏيندا هئا ۽ پوءِ ته خوش طبعي لاءِ اڪثر اهو سوال ڪندا رهندا هئا. اڪثر ته پاڻ ئي پنهنجي سوال جو جواب ڏيئي ڇڏيندا هئا. مثلاً پڇندا هئا: ”فلاڻو ڪتاب ڪهڙي مرحلي ۾ آهي؟“ ”آخري مرحلي ۾ آهي، ائين نه؟“ پاڻ، ان ”آخري مرحلي“ جو لفظ ٻڌي تمام گهڻي لطافت محسوس ڪندا هئا، جنهن ڪري سندس طبيعت جي سموري ڪيفيت نمايان ٿي ويندي هئي.

پير صاحب محبتي ميزبان هئا. جيڪڏهن ڪو ساڻن ملڻ ويندو هو ته ان جي آجيان ڪليءَ دل سان ڪندا هئا ۽ جڏهن ڪو مهمان موڪلائيندس ته پاڻ ڪين گيٽ تائين خدا حافظ چوڻ لاءِ ايندا هئا ۽ جيڪڏهن مهمان ڪي سواري ساڻ نه هوندي ته پاڻ پنهنجي گاڏي ڪيس آڇيندا هئا. ماني ڪارائڻ کان سواءِ مهمان کي اصل نه ڇڏيندا هئا ۽ ڪين ان ۾ دلي خوشي ٿيندي هئي ته ساڻن مهمان، دوست احباب ۽ عقيدت مند گڏجي هڪ ئي دسترخوان تي ماني کائين.

پير صاحب عالمن، دانشورن، مفڪرن، مؤرخن، استادن، شاگردن، فنڪارن، قومي ڪارڪنن پرنٽرن، پبلشرن ۽ اهلِ علم و قلم سان گڏ پورهيت جو به قدر ڪندا هئا، ڇاڪاڻ جو پاڻ نهايت زنده دل انسان هئا ۽ ’انسانيت‘ سان ڪين پيار هو.

پير صاحب مردم شناس هو، ان ڪري ڪوڙي ناٽ ٻاٽ رکندڙ هلڪي طبع واري ماڻهوءَ کي پسند نه ڪندا هئا.

جڏهن ”مير محمد معصوم بکري“ ڪتاب جو سرورق ڇپائڻ ڪراچي ويس ته پاڻ زوري مون کي پاڻ وٽ ”علي رضا هائوس“ ۾ مهمان ڪري رهايائون. آهي پير سائينءَ جون ڪچهريون، نڪتا، گفتگو جو لب و لهجه اڄ ڪنن ۾ گونجي رهيا آهن- اهي تاثرات جيڪي پنهنجي حلقي جي افرادن لاءِ ڏنا هئائون اهي اڄ به دل سان لڳي رهيا آهن ۽ اهي تاثر جڻ ته پير صاحب جون ڪيل پيشنگويون صحيح ثابت ٿيون آهن.

پير صاحب سچ کي گهڻو پسند ڪندو هو ۽ ڪيس پنهنجي ديس سنڌ ۽ ان جي ماڻهن، تهذيب ۽ تمدن سان پڻ عشق هو، جيڪو سندن تحريرن ۽ تقريرن مان واضح آهي.

هي هڪ سچو سنڌ جو سپوت هو جنهن سنڌ جي ڪنهن به غدار تي پرده پوشي نه ڪئي آهي، بلڪ ان کي قوم جي اڳيان اصلي حالت ۾ ظاهر ڪيو اٿس- پير صاحب خوش لباس، خوش خوراڪ ۽ هميشه تروتازه نظر ايندا هئا- ڪين هر قسم جو لباس ٺهڪي ايندو هو- پوءِ اهو ديسي هجي يا پرديسي.

پير صاحب جن جڏهن ڪنهن تي مهربان ٿيندا هئا ته ان کي ڪو تحفو يا سوکڙي ڏيندا هئا. جيئن سندن ڪتاب ”هو ڏوٽي هو ڏينهن“ مڪمل ٿيو ته پاڻ هن ناچيز کي شيفرڊ پين جو سيٽ ڏيندي چيائون ته ”ميان صاحب جهڙو ڪتاب ڇپيو اٿوَ، تهڙو تحفو ڏيانوَ ٿو!“

نفيس احمد شيخ ”ناشاد“

# منهنجو محسن ــ راشدي صاحب

پير حسام الدين راشدي صاحب جن ممتاز عالم هجڻ سان گڏ عظيم انسان پڻ هئا. ’علمي عظمت‘ بيشڪ تمام وڏي ڳالهه آهي، پر ’انساني عظمت‘ ان کان به وڌيڪ ڳوري ڳالهه آهي. علمي ڪمال سان شخصي خوبين ۽ خاصيتن جي فضيلت شامل ٿي وڃي ته اها انسان کي اتانهين رتبي تي رسائي ڇڏي ٿي. بلاشبهه پير صاحب اهڙي ئي اعليٰ شان جو صاحب هو. هن مضمون ۾ آءٌ سندس علمي بلندين جي قطع نظر، فقط سندس انهن چند شخصي خوبين جي حوالي سان پنهنجا تاثرات پيش ڪندس، جن مون کي متاثر ڪيو ۽ دل لوازيءَ جا اڻ ميٽ نشان منهنجي دل تي نقش ڪري ڇڏيا. انهن خاصيتن سان علمي ڪم جي ڀرپور قدرداني ۽ ڏکين ڏينهن ۾ واهر وسيلي ٿيڻ ۾ ثابت قدمي نمايان آهن.

* * *

پير صاحب سان پهرين ملاقات ۽ تعارف جو شرف مون کي ١٩٦٤ع جي اوائل ۾ حاصل ٿيو. مون کي بورڊ ۾، مهراڻ رسالي جي آفيس ۾ تذهوڪي ايڊيٽر گرامي صاحب وٽ، سندس نائب جي حيثيت ۾ ملازمت ملي هئي. ٻه ٽي مهينا مس گذريا هئا ته بورڊ جي هڪ ميٽنگ ۾ شرڪت ڪرڻ پوءِ، پير صاحب، گرامي صاحب سان ملڻ لاءِ مهراڻ آفيس ۾ آيا. ان وقت بورڊ جون آفيسون سول لائينس جي بنگلي نمبر ٣ ۾ هونديون هيون. ادب سان دلچسپي سبب، پير صاحب جي هاڪاري نالي کان ته مون کي ننڍپڻ کان ئي واقفيت هئي، پر هي پهريون پيرو هو، جو پير صاحب کي روبرو ڏٺم ۽ ساڻس ملاقات جو موقعو مليو هو. گرامي صاحب، پير صاحب سان منهنجو تعارف ڪرائيندي، ٻڌائي رهيو هو ته ”... هي نينگر ادب جو شائق، صلاحيتمند نوجوان آهي. اکر تمام سٺا اٿس، شعر و شاعريءَ سان گهڻو شوق اٿس، ٿر جي مشهور عالم ۽ نامور استاد، تاريخ ريگستان جي مصنف استاد رائچند جو فرزند آهي...“ منهنجي حيرت جي انتها نه رهي، جڏهن پير صاحب منهنجي ان تعارف تي نه صرف متوجهه ٿيا، پر ان سان گڏ انتهائي پنهنجائپ ۽ قرب مان، مون کي پنهنجي ڀيٽ تان سڏي، پنهنجي ڀر ۾ ويهاري، نهايت دلچسپيءَ ۽ پيار مان، مون سان ڪافي گفتگو ڪيائون! منهنجي والد بابت مون کان ڪيترائي سوال پڇيائون، ڇو ته ان جي ساڻس ڪڏهن به ملاقات نه ٿيل هئي.

”جناب ناشاد جي شڪريه ادائي فرض ٿو سمجهان، جنهن دلچسپي وٺي، پاڻ هرتو محنت سان انڊيڪس ناهي، ڪتاب ۾ شامل ڪئي...“

* * *

پير صاحب پنهنجن دوستن ۽ لاڳاپي وارن جي خوشي ۽ خوشنودي، بهتري ۽ مشڪلڪشائيءَ جو خاص خيال رکندا هئا. ”ننڍن ۽ غريب دوستن“ جي دل وٺڻ وڏي حوصلي جو ڪم آهي. امير ۽ غريب جي تخصيص ۽ تفريق کان سواءِ، هر واسطي واري ماڻهوءَ تي دل نوازيءَ جي هڪ جيتري پالوت ڪرڻ، ڪن ٿورڙن اعليٰ ظرف انسانن جو شيوو هوندو آهي. پير صاحب انهن بلند ڪردار انسانن مان هو، ۽ پنهنجي عظمت جا اڻميٽ نشان ڇڏيا اٿس. منهنجي حيثيت، وٽس هڪ غريب نيازمند جي هئي، جنهن مان ڪيس ڪڏهن به ڪنهن فائدي جي توقع لڳي ٿي سگهي. ان هوندي به، پير صاحب کي پنهنجي هن غريب عقيدتڪيش جي مسئلن سان گهري دلچسپي رهي. ڪن ذاتي پريشانين دوران، پير صاحب جنهن انتهائي پنهنجائپ، شفقت ۽ ڪريميءَ سان مون کي جيڪي حوصلا ڏيارايا ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ جيڪا ذهني تربيت ڪئي، تن وسيلي منهنجون مشڪلون مون کان وسري ويون. سندن پاڄهه جا روح پرور نشان اڄ به منهنجيءَ دل تي ڪُتل آهن.

١٩٧٧ع ۾، روس کان سنڌ واپسيءَ کان پوءِ، مون کي سائن وڏيڪ ويجهڙائي نصيب ٿي. ان کان پوءِ جڏهن به ڪراچي وڃڻ ٿيندو هو، ته سندس خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جي سعادت ضرور حاصل ڪندو هوس. مون کي حيرت ٿيندي هئي ته ايڏو گهڻ ڪمو ۽ وقت جو ايڏو پابند انسان، مون جهڙي هڪ ننڍي ۽ رسمي عقيدت ڪيش کي ڪچهرين لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ وقت ڏيڻ لڳو. پاڻ ڪڏهن به بيزار نه ٿيندا هئا ۽ اطلاع ٿيندي ئي فورا سڏيندا هئا. حيدرآباد جي علمي ۽ ادبي سرگرمين جا حال احوال ۽ نون سنڌي ڪتابن جي اشاعت جي پڇا، سندس لازمي ۽ پسنديده سوال هوندا هئا. پاڻ سان گڏ ماني ته ضرور کارائيندا هئا، پر موڪلائڻ مهل، موڻ کي ياد ناهي ته ڪڏهن مون کي ٽيڪسي يا رڪشا جي تلاش رهي هوندي! پاڻ هميشه پنهنجي موٽر فراهم ڪندا هئا، جنهن وسيلي منزل مقصود تي جلدي ۽ آسانيءَ سان رَسي سگهبو هو. ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ هر ملاقات دوران ماني کارائڻ ۽ ان کان پوءِ واپسيءَ وقت پابنديءَ سان سواريءَ جو بندوبست ڪرڻ، پيڻي حوصلي جو ڪم آهي. پير صاحب بيشڪ نهايت مهربان ۽ وڏي ظرف وارا انسان هئا.

١٩٨٠ع ۾ جڏهن منهنجي شادي ٿي، تڏهن مون وٽ خرچ لاءِ پئسا پورا ڪونه هئا. منجهي پيو هوس. مون انتهائي حُجت مان، ڪِلندي، چيو: ”سائين! منهنجي ’شادي فنڊ‘ ۾ ڪيترا ٿا پئسا داخل ڪيو؟“ مُرڪندڙ چهري سان فورا ورائيائين: ”مان تي جيڪا به فرمائش رکندين، سا پوري ڪندس.“ مون فرمائش ڪئي ۽ پير صاحب اوڏيءَ مهل ئي پوري ڪئي!

# اڪادمي ادبيات پاڪستان

بنگلو نمبر ٣٦، گلي نمبر ٤٨

ايف ٨/٤، اسلام آباد

## اڪادمي ادبي انعامات ١٤٠٢ هجري

اڪادمي ادبيات پاڪستان ٣-آڪٽوبر ١٩٨١ع کان ١٨-آڪٽوبر ١٩٨٢ع (١٤٠٢ هجري) جي دوران انگريزي، اردو، سنڌي، بلوچي، پشتو، پنجابي ۽ سرائڪي ۾ شايع ٿيل ادبي تنقيد، تحقيق، ناول، افساني، انشائيه، طنز و مزاح ۽ شاعريءَ جي بهترين ڪتابن تي ادبي انعام ڏيندي.

اڪادمي پنهنجن ذريعن سان انهن ڪتابن متعلق، جيڪي ان دوران شايع ٿيا آهن، معلومات گڏ ڪري رهي آهي، تاهم اديبن، شاعرن، نقادن، محققن ۽ پڙهندڙن کي پڻ درخواست ڪجي ٿي ته اهي مٿين عرصي ۾ شايع ٿيل ڪتابن جا نالا ۽ ڇپائيندڙن يا وڪرو ڪندڙن جي ائڊريسن ڪان فوري طور تي اڪادمي کي ڄاڻ ڏين. ان طرح اڪاديءَ جي فهرست وڌيڪ معتبر ٿي سگهندي.

هي انعام طبعزاد ڪتابن لاءِ آهن. ترجما ۽ ايڊٽ ڪيل ڪتاب انعامن جي هن پروگرام ۾ شامل نه آهن.

Gul Hayat Institute

خالد اقبال ياسر

ڊپٽي ڊائريڪٽر/ايڊيٽر

١٩-جنوري ١٩٨٣ع

پي.آءِ.ڊي اسلام آباد: ٢٩/٣٦١٣

7. Tezkira-e-Riazul Aarfin by Aftab Rai

8. Mathnavi Zeeba Nigar by Razai Thatavi

**S I N D H I:**

9. Talpuran ji Tareekh

10. Risala-e-Pir Ali Gohar 'Asghar'

11. Rashdi Khandar aeen Sandun Ilmi aeen Adabi Khidmatoo

12. Sadaat-e-Poorani Hiravi

Gul Hayat Institute

36. Sadi Ali Raees (1972)
(Printed in Quarterly "Mehran")

37. Thatta jo Tarikhee Jughrafiyo (1973)
(Printed in Quarterly "Mehran")

38. Takira-e-Mashahir-e-Sind, Maulvi Wafai (1974)

39. Hoo Dothee Hoo Deenhan ( )

40. Goth Wannan Joon Galehiyoon
(a collection of articles on history, culture & literature printed in various magazines) (1981)

41. Mir Masoom Bakhri (1979)

ARTICLES ON HISTORY & LITERATURE:

| | |
|---|---|
| Sindhi | 300 |
| Urdu | 20 |
| Persian | 5 |

BOOKS (Under print & preparation)

PERSIAN:

- Tuhfatul Kiram by Qani Thatavi (Part II & III of Vol.III)
- Mathnavi Mihr-o-Mah by Atta Thatavi
- Naoras Bahar (Maketab Tarikhi)
- Inshah-e-Utared (Makatib Tarikhi) (Kalhora Period)
- Tarikh-e-Rasheedi by Mirza Haider Doughlat
- Ashaar-e-Farsi bar Katbahae Goristan-e-Makli

Gul Hayat Institute

VICE PRESIDENT OF:

Pakistan Iran Cultural Association, Karachi (1960-1969)

Institute of Central & West Asian Studies, Karachi. (since 1968)

PRESIDENT OF:

Pak-Soviet Friendship Association, Karachi ( )

CHAIRMAN OF:

Advisory Council, National Museum, Karachi (1974-1980)

Microfilming Committee for the National Archives of Pakistan. (1974-1979)

ASSOCIATION WITH UNIVERSITIES:

Member, Senate, Sind University, Hyderabad

Member, Academic Council, Sind University, Hyderabad. (1959-1963)

Member, Syndicate, Sind University, Hyderabad. (1963-1967)

Expert, Committee for Appointment of Readers Professors in Sind, Sind University, Hyderabad. (since 1963)

Member, Academic Council, University of Karachi. (1958-1972)

Expert, Board of Studies in Sindhi & Urdu University of Karachi, Karachi. (since 1963)

BOOKS PRINTED

(Written, Edited, Compiled)

Gul Hayat Institute

PERSIAN:

1. Mathnavi Chanesar Namah by Idraki Beglar (1956)

2. Maqalat-u-Shuara by Qani Thatavi (1957)

3. Mathnavi Mazhar-ul-Asrar by Shah Jehangir Hashmi. (1957)

4. Takmila-e-Maqalat-u-Shuara by Khalil Thatavi (1958)

5. Qasaid wa Mathnaviyat by Qani Thatavi (1961)

6. Mathnaviyat-e-Hasht Bahisht by Atta Thatavi (1963)

7. Tarikh Mazhar-e-Shah Jahani by Yusuf Meerak (1964)

8. Manshoor-ul-Wasiyat by Mian Noor Muhammad (1964)

9. Tarikh-e-Tarkhan Namah of Mir Muhammad Thatavi (1965)

10. Tazkira-e-Hadiqatul Auliya by Abdul Qadir Thatavi. (1967)

11. Tazkira-e-Shuara-e-Kashmir by Mirza Muhammad Aslah. (1967)

12. Tazkira-e-Shuara-e-Kashmir, Volume I (1967)

13. Tazkira-e-Shuara-e-Kashmir, Volume II (1967)

14. Tazkira-e-Shuara-e-Kashmir, Volume III (1967)

15. Halat-e-Faizi Fayazi (1967)

Gul Hayat Institute

16. Mohammad Sadik Meena (Quarterly PARS, Karachi) (1967)

17. Tazkira-e-Rozat-u-Salatean by Fakhri Hiravi (1968)

18. Tazkira-e-Jawahir-ul-Ajaib by Fakhri Hiravi (1968)

19. Divan Fakhri Hiravi (1968)

20. Divan Beram Khan (1968)

21. Tazkira-e-Shuara-e-Kashmir, Volume IV (1969)

22. Tuhfatul Kiram by Mir Ali Sher Qani Thatavi Vol III, Part-I. (1971)

23. Mathnavi Mihr-o-Mah by Jamali Dehlavi (1974)

24. Tazkira-e-Mashaikh-e-Siwistan (Printed in Quarterly MEHRAN, Hyderabad) (1974)

U R D U:

25. Maolana Muhib Ali Sindhi (1947)

26. Sindhi Adab 195[illegible]

27. Haft Maqalah (1968)

28. Dood-e-Chiragh-e-Mehfil (1968)

29. Mirza Ghazi Tarkhan aor Uski Bazm-e-Adab (1970)

S I N D H I:

30 Islami Kutubkhana (1930)

31. Mehran Joon Maojoon (1955)

Gul Hayat Institute

32. Tazkira-e-Ameer Khani (1961)

33. Makli Namah by Qani with 800 pages of Historical notes (1967)

34. Mak Bhina Rabel (1965)

35. Mirza Issa Khan Tarkhan (1967)

# اميرخاني قبرستان مڪلي

مڪليءَ جي قبرستان ۾ اميرخاني سادات جو هي قبرستان تمام زبون حالت ۾ آهي، عمارتن جي ساخت ۽ بچيل آثارن مان معلوم ٿئي ٿو ته هن جو ماضي عاليشان داخلي ۽ شاندار هيو، هن وقت سواءِ چند قبرن جي ٻيون سڀ ڀڄي ڀري ويون آهن، مزارن جا ٿلها ۽ برج ڪري پيا آهن، قبرستان جون چوديواريون زياده تر زمين دوز ٿي چڪيون آهن، زمانن جي بيرحميءَ هٿان جيڪي بچيل آهن جو صحيح نقشو اکين اڳيان اچي ٿو. جهڙالي شهر ٺٽو مشهور ۾ ... جيئن ايراني پٿرا مونجهه ۽ پٿرا مشاهدي مستقل آهن، هن جا ڪم ڏيدار آهن. شاهجهان ۽ اڪبر جا چيني ۽ مقبرا ان موجود آهن، جو ۽ طرز نسبت مستقل آهن، معلومات الآثار جو مصنف ۽ ان جي محو خواب آهن، جي ٿي ته آهن بزرگن جي چوڌاري عمده غلاف، ڪلازمي ۽ روشني اصل ۾ جاهو نما نظاري اچ نه ڪو به عجب آهي، جو ڪيئي آهن جي قبرن کي هڪ نظر ڏسڻ سان اسان کي شاندار عظمت ماضي جي هڪ رفتار ٿي آهي، جڏهن ته ڪي وقت پهچڻ تي ... ڪي قبرون ۽ عمارتون موجود آهن، هي سياسي ۽ قبرستان جي سياحي ڪهاڻي به ٻڌائي ٿو يا نه؟

پير حسام الدين راشدي جا هٿ اکر

Gul Hayat Institute